

A B C
CERTIFIED
بِھراٹ
۲/۱۹۹۶ء

مَوْتُ الْعَالِمِ مَوْتُ الْعَالَمِ

هڪ عالم جو موت ساري جڳ جو موت آهي.

( الحديث )



# ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي

جنم

١ جنوري ١٩٣٠ع

وفات

١١ فيبروري ١٩٩٦ع

# مهراڻ

[سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي ادبي ۽ تحقيقي دستاويز]

جلد ۴۵] اپريل -جون ۱۹۹۶ع [نمبر ۲

نگران
حسين شاهه راشدي

ايڊيٽر
نفيس احمد شيخ

سب ايڊيٽر
طارق عالم

سهڪاري ڪارڪن
رفيق جمالي

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

سنڌي ادبي بورڊ
ڄامشورو سنڌ

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# مهراڻ


## سنڌي ادبي بورڊ

### ڄامشورو سنڌ

(Regd. No. NS-20)

The "MEHRAN', Quarterly
Vol:45,No.2, Year:1996
(Established in 1955)


An age old leading journal of scholarship in Sindhi Language, acknowledged in all literary circles of Pakistan.

Published by SINDHI ADABI BOARD for the development and promotion of Sindhi Literature.

Contemporary Creative Literature, History, Civilization, Education, Music, Folklore, Archaeology, Numismatics, Lexicography and General Culture of Sindh are the main topics of material usually published in this periodical.

**Besides translations of World literature are also presented.**

Correspondence about publication be addressed to:


Editor:
"Mehran" Quarterly
Sindhi Adabi Board,
Jamshoro (Post Code: 76070)
Via: Hyderabad, Sindh, Pakistan
Telephone:(0221) 771276-771300

For Subscription please contact:
**Manager Book Stall**
Sindhi Adabi Board
Tilak Incline
Hyderabad, Sindh, Pakistan.
Telephone:(0221) 615179


<u>**ٽائيٽل فوٽو**</u>

**اياز راشدي**


مواد موڪلڻ لاءِ
ايڊيٽر
"مهراڻ" ٽماهي
سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، سنڌ
(پوسٽ ڪوڊ ٧٦٠٧٠)
فون نمبر: ٧٧١٢٧٦

خريداريءَ لاءِ لکپڙهه
مئنيجر بڪ اسٽال
سنڌي ادبي بورڊ، تلڪ چاڙهي،
حيدرآباد، سنڌ
فون نمبر: ٦١٥١٧٩



ساليانو چندو: ٠٠-١٥٠ رپيا

في پرچو: ٠٠-٤٠ رپيا

(نوٽ: خريدارن کي ٻاهرين ملڪن ڏانهن موڪلڻ لاءِ ساليانو چندو سؤ رپيا)

Printed and Published by Nafees Ahmed Shaikh
at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, JAMSHORO, Sindh.
(Composing Supervised by Aijaz Ali Jafri and printing supervised by Syed Sikander Ali Shah)

# گذارش

## سنڌ جي تاريخي ورثي جي سار سنڀال

سنڌ جي قديم تهذيبي آثارن ۽ تاريخي نوعيت جي ثقافتي مرڪزن جي بربادي۽ جون خبرون، هاڻي تہ اخبارن جو هڪ مستقل موضوع بنجي چڪيون آهن. سڄي۽ سنڌ جي علمي ۽ ادبي، ثقافتي ۽ تعليمي، صحافتي ۽ تحقيقي حلقن وٽان اها رڙ لاڳيتو ٻُڌڻ ۾ ايندي رهي ٿي تہ سنڌ جا قديم آثار ڀُڄري ۽ ڀُري رهيا آهن، پر انهن جي مرامت ۽ سار سنڀال لاء ڪوبہ ڌيان ڪونہ ٿو ڏنو وڃي. ادبي حلقن گهڻتي پٺي ظاهر ڪئي آهي تہ اگر انهن جي نگهداشت جو بندوبست نہ ڪيو ويو تہ سنڌ جا اهي عظيم الشان تاريخي ماڳ ۽ ثقافتي آثار هڪ ڏينهن پٽر پٽ ٿي ويندا ۽ انهن جي اهميت جا داستان فقط ڪتابن جي ورقن تائين وڃي باقي رهندا.

ادبي حلقن ۽ سُڄاڻ سماجي ادارن جي اها ڳڻتي بجا طور تي واجبي ۽ جائز آهي، ڇو تہ سنڌ جا قديم آثار، بدقسمتي۽ سان تيزي۽ سان تباهہ ٿي رهيا آهن. انهن کي بربادي۽ کان بچائڻ لاء ڪوبہ بندوبست ڪونہ آهي. انهي۽ موضوع تي، هن مُلڪ ۾ ڪوبہ آواز ٻُڌڻ وارو ڪونہ آهي. قديم آثارن کي بچائڻ وارو ڪاتو "محڪمه آثار قديمہ" هڪ زماني کان وٺي، پنهنجن ڪنن ۾ ڄڻ تہ ڪپهہ وجهي ڇُڪو آهي، جنهن وٽ صدا جي سُڻڻ جو ڪو سوال ئي ڪونہ ٿو پيدا ٿئي. عظيم الشان سنڌ جي شاندار ماضي۽ جي روشن نشانن جي عنوان کي ڄڻ ٻُڌڻ لائق ئي ڪونہ ٿو سمجهيو وڃي، تہ هي۽ بہ ڪا ماجرا ۽ موضوع آهي!

سڄي دنيا مان هزارين سياح "موهن جي دڙي" جي عظمت کي ڏسڻ لاء اچن ٿا. ان طرح مڪلي۽ جي تاريخي قبرستان تي بہ پرڏيهين جي اچ وڃ، ان جي اهميت جي علامت آهي. سنڌ جي انهن ٻنهي وڏن تهذيبي مرڪزن جي حالت نهايت ڳڻتي جوڳي آهي. هڪ طرف "موهن جي دڙي" جا آثار مناسب ڌيان کان وانجهيل هجڻ ڪري تڪڙا تباهہ ٿي رهيا آهن تہ ٻئي طرف مڪلي۽ جا مقبرا ۽ ماڳ مڪان مرامت کان محروم رهڻ ڪري ميسارجي رهيا آهن. مڪلي۽ جو نَڪُ، ڄام نظام الدين سمي جو آخري آرامگاهہ -- جو اڏاوت جي فن جي لحاظ کان بہ هڪ نهايت منفرد اهميت جو حامل آهي -- برباد ٿي رهيو آهي تہ سنڌ جي محافظ دولہ دريا خان شهيد جي مرقد جي پٿرن مان مٽي ڀيئي ڇٽي! سمورا آثار نڌڻڪائي جي حالت ۾ ڏينهون ڏينهن زوال پذير آهن، بلڪ انهن مان گهڻا تہ مڪمل طرح مِٽجي بہ چڪا آهن. محڪمه آثار قديمہ جي ڪوتاهين تي مڪلي۽ جو تاريخي قبرستان خاص طرح سان ماتم ڪري رهيو آهي.

فقط موهن جي دڙي ۽ مڪلي۽ جو معاملو ڪونهي. ڀنڀور جا پاڻ هجن يا برهمڻ آباد / منصوره جو ماڳ هجي، قلعو رني ڪوٽ جو هجي يا حيدرآباد ۽ عمرڪوٽ جو هجي، دڙو ڪاهو۽ جو هجي يا ڪوٽڏجي۽ جا آثار هجن، مقبرا ڪلهوڙن جا هُجن يا قُبا ميرن جا هجن، سنڌ جي هرهڪ ضلعي ۾ جتي جتي بہ تاريخي آثار ۽ تهذيبي مرڪز آهن، اهي سڀ جا سڀ محڪمه آثار قديمہ جي غفلت ۽ بيڌياني۽ جي ڪري برباد ٿي رهيا آهن. نہ انهن جي خاطر خواهہ مرامت جو انتظام آهي ۽ نہ وري سار سنڀال جو ڪو بندوبست. سنڌ جي شاندار ماضي۽ سان محڪمي جي ان مجرمانہ سلوڪ کي ڪنهن بہ طرح نظرانداز ڪري نٿو سگهجي.

سنڌ ۾، خاص ڪري نئين ٽهي۽ ۾ هن وقت جاڳرتا جي جا لهر ايري آهي، ان ۾ ماضي۽ کي محفوظ ڪرڻ لاء

جتن هڪ اهم نقطو آهي. اهو هڪ سجاڳ ۽ ساجهه وند سماج جو شعار آهي ۽ اسان جي نوجوان ليکڪن ۽ دانشورن کي جس هجي جو انهن عظيم ۽ روشن سنڌ جي ثقافتي ۽ تهذيبي ورثي کي سنڀالڻ لاءِ ڏيان ڏنو آهي ۽ ان ڏس ۾ مسلسل پُڪاري رهيا آهن.

سنڌ جي علم دوست ۽ ادب نواز وزير اعليٰ جناب سيد عبدالله شاهه صاحب کي اسان جي استدعا آهي تہ هُو صاحب ان ڏس ۾ خاص توجهه ڏيئي، وزيراعظم پاڪستان محترمہ بينظير ڀُٽو صاحبہ ۽ ٻين اختياري وارن سان رابطو پيدا ڪري سنڌ جي تهذيب کي سنڀالڻ لاءِ ڪا اهڙي جامع رٿا جوڙائي، جنهن سان انهن سڀني شڪايتن جو ازالو ٿي سگهي. ان ڏس ۾ سنڌ سرڪار جو ثقافت ۽ سياحت کاتو بہ ڪارآمد ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو، جنهن سان بہ صلاح مشورو بيحد ضروري آهي.

## مانوارن ليکڪن ڏانهن

سنڌ جي مانوارن ليکڪن ۽ دانشورن هميشه وانگر ڀال ڀلائيندي هن ڀيري بہ اسان کي پنهنجي علمي سهڪار سان نوازيو آهي، ان لاءِ اسان سندن ٿورائتا آهيون. اسان کي اميد آهي تہ سنڌي ادب جي خدمت جي نيڪ جذبي کي نباهيندي، اهي آئنده بہ پنهنجا ادبي اخلاص جاري رکندا ۽ مهراڻ کي مچائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪندا رهندا.

ان طرح هتي اهو ذڪر ڪرڻ بہ موزون آهي تہ بورڊ جي مانواري چيئرمن سينيٽر حسين شاهه راشدي صاحب طرفان ١- اپريل ١٩٩٦ع کان وٺي بورڊ جي سيڪريٽريءَ طور ذميواريون نباهڻ لاءِ اضافي فرض ادائي منهنجي حوالي ڪئي ويئي. ڪم جي گهڻائي سبب تاريخ ١٣ جون کان مهراڻ جي سب ايڊيٽر ۽ منهنجي عزيز ڀاءُ، طارق عالم، مهراڻ جي سڄي ڪم ڪار کي جنهن محنت ۽ جاکوڙ سان منهن ڏنو آهي، ان لاءِ مان سندس ٿورائتو آهيان. هي پرچو، ادي طارق عالم جي جفاڪشي جو نشان آهي.

-- ن . ا. ش

## ★ شاعري

شيخ اياز ٩
شمشيرالحيدري ١٠
تاج بلوچ/واجد ١١
راشد مورائي/آثم ناٿن شاهي/سميع بلوچ/ادل سومرو ١٢
راهي چنا/مير محمد پيرزادو/وسيم سومرو/ احمد سولنگي ١٣
مولا بخش چانڊيو/زوار نقوي/محسن عباسي/منظر راڄپر ١٤
ايوب کوسو/عبدالحميد آس ٻرُ/نصير ڪنڀر ١٥
نظر محمد ٻڙدي/مهرخادم/اقبال رند/حبدار سولنگي ١٦
اديب انقلابي/پُشپا ولڀ/گوري ولڀ/مصطفيٰ ارباب ١٧
سرور نواز ٻگهيو/بادل/غلام مصطفيٰ "گدا" کوسو/ روشن ظفر راهو ١٨
اسحاق سميجو ١٩
علي دوست عاجز/بخشل باغي/عطا قاضي/ جاڙو خان خطائي ٽيپو ٢٠

## ★ مقالا

١. سنڌ جي سرحدن جي مقرري ـ ايم. ايڇ. پنهور، مترجم: غلام محمد لاکو ٢٣
٢. پير حسام الدين راشدي جون ادبي ۽ تحقيقي خواهشون ـ محمد پنهل ڏهر ٣٢
٣. مخدوم محمد اسماعيل رحه پريان لوئي ـ ڊاڪٽر نواز علي شوق ٤٦
٤. فارسي ڪتابن جا سنڌي ترجما ـ ڊاڪٽر محمد ادريس السندي ٥٣

## ★ ڪهاڻيون

١. انوري ـ انيس انصاري ٧٧
٢. ڪجهه ٻچيل باداميون ـ فاروق سولنگي ٨٦
٣. ڪاوڙيل ماٺوءَ جي ڳالهه ـ لياقت رضوي ٩١
٤. اندر ڦٽ فراق جا ـ سيد ماڪن شاهه رضوي ٩٣
٥. سُڪيءَ تي سمنڊ ـ عزيز ڪنگراڻي ١٤٧
٦. گلابي ڇوڪري، آلو وهاڻو ـ فياض چند ڪليري ١٥٥
٧. صبح جي دريءَ تي رکيل خواب ـ مراد قريشي ١٥٨
٨. هڪ اُداس خواب جي پڇاڙي ـ فيروز ١٦٣
٩. شهر ۾ آواره ـ آصف فرخي، سنڌيڪار: رضيه طارق ١٦٦

# ★ ڪالم


•- تبصرا — مذهب جو فلسفو (ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو) ١٧١

— ٻول اسان جي ٻارن جا (جاويد سوز هالائي)

•- سر جهمار صدين جا — نصير مرزا ١٧٥

•- اڇاتل شهر جو نقشو (رپورٽ) — تنوير جوڻيجو ١٨٥

•- مثالي شخص/مثالي عالم — انيس انصاري ١٨٩

•- هو جي هتا هت — بابر منير قاضي ١٩٢

•- ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جي وفات تي عالمن ۽ علم دوستن جا موڪليل ويچار ١٩٥

•- مها راڻي ڦوٽي زرداري جي موت تي تعزيتي نوٽ — يعقوب علي زرداري ٢٠١






# شاعري

شاهہ جي بيتن ۽ واين جي اسلوب بيان ۾ وڏي وسعت آهي، جنهن ۾ عام سنڌي ٻولي جي مختلف محاورن سان گڏ علمي لفظن ۽ ادبي عبارتن توڙي تصوف ۽ طريقت جي اصطلاحن ۽ ڪناين جي آميزش جو معياري مثال موجود آهي. شاهہ صاحب سنڌ جي سيني ڀاڱن - وچولي، لاڙ، اتر، ٿر، ڪوهستان، درياهي ڪڇي، ساموندي ڪناري ۽ ڪاري - توڙي سنڌ کان ٻاهر لس ٻيلي ۽ ڪڇ طرف ويو، ۽ اتي جي عام ماڻهن سان گهڻو وقت گذاريائين. انهيءَ ڪري انهن سيني ڀاڱن جا لفظ، اصطلاح ۽ محاورا سندس ذهن نشين ٿيا. ٻئي طرف قرآن شريف، مولانا رومي جي مثنوي ۽ مبين شاهہ ڪريم جي بيان العارفين جا درس ۽ دؤر ٻُڌائين ۽ پڻ ٻين وڏي ڄاڻ وارن عالمن ۽ درويشن سان صحبتون ڪيائين، جنهنڪري قرآن شريف جون آيتون، علمي ادبي الفاظ ۽ عبارتون ۽ طريقيت جا اصطلاح ۽ اشارا سندس فهم ۽ فڪر جا جُز بڻيا. ان کان سواءِ پنهنجي دؤر جي وڏي سالڪ شاعر مبين شاهہ عنات توڙي اڳين عارف شاعرن (مبين شاهہ ڪريم، قاضي قادن ۽ ٻين) جي ڪلام جي ڪيس پوري ڄاڻ هئي، جنهنڪري اعليٰ سنڌي شاعري، جي روايت توڙي ان شاعري جي ٻولي ۽ عبارت کان باخبر هو. انهيءَ ڪري، ٻوليءَ جي لحاظ کان، شاهہ جي بيتن ۽ واين ۾ سمايل بالغانہ فڪر جو 'بياني انداز' هڪ وڏي معيار وارو آهي، جنهن ۾ سندس پنهنجي مادري ٻوليءَ جي تر ۽ بر ۾ وڏا رنگ ڀريل آهن. معنويت جي لحاظ سان شاهہ جي ڪلام جي ٻولي ڇڻ 'سنڌي ٻوليءَ جي اندروني فطري مزاج' سان هم ڪنار آهي؛ وسعت جي لحاظ سان شاهہ جي ڪلام جي ٻولي ساڳئي وقت عوامي توڙي علمي ٻولي آهي؛ ۽ عام مقبوليت جي لحاظ سان اها اڻپڙهيلن توڙي پڙهيلن، سيني جي آهي ۽ سيني لاءِ آهي.

-ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# شيخ اياز

(نوٽ: هينئين وائين جي گهاڙيتي ۾ نوان تجربا ڪيا ويا آهن.)

(۱)

هت ۾ جهڻ جو وڻو ٻوٻو، هي ٻڪايل ٻارڙو-
هي ٻڪايل ٻارڙو-
ٿو وڃي پيرو ڪٽي، جنهن ۾ تترڙو ڪارڙو،
هي ٻڪايل ٻارڙو-
پنڌ ۾ لاهي مٽي ٿان، هو مڇين جو ڪارڙو،
هي ٻڪايل ٻارڙو-
ٿو ڳراهڪ لاءِ واجهائي، پيو ويچارڙو،
هي ٻڪايل ٻارڙو-

(۲)

سج ۾ مڇيءَ ڇلر- ڪيترو چمڪن پيا!
هي اڏيءَ تي ڪير ٿو ٻيرا ٿڻي ڪنهن کي خبر!
ڪيستائين ٿا وڃن هي جُڳ جُڳانتر جا چڪر؟
ڪيستائين موت ۾ ماڻهو وڃي ٿو پاڻي پر؟
ڇانءِ ٻي ڪنهن هنڌ آهن پونءِ وانگر جال جر؟
ڇا ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي مڇيءَ ڇلر،
ايترو چمڪن پيا؟

(۳)

مان نہ هوندس، شاعري تو وٽ ڇڏيندس.
شاعري تو وٽ ڇڏيندس.
ڪنهن ڪتيءَ جي شاخ تي، جنهن وقت آکيرو اڏيندس.
شاعري تو وٽ ڇڏيندس.
گيت ڳائيندينءَ جڏهن منهن جا، تہ تو وٽ آنءُ هوندس.
شاعري تو وٽ ڇڏيندس.
اوڙڪون ٿي رات پر، رابيل مان توکي سڏيندس،
شاعري تو وٽ ڇڏيندس.
رات جي راڻي جڏهن ٽڙندي، تڏهن هٻڪار ڏيندس.
شاعري تو وٽ ڇڏيندس.
آنءُ تنهن جي زندگي هان، موت ۾ ڪيئن منهن مٽيندس.
شاعري تو وٽ ڇڏيندس.
آنءُ ايندس!
آنءُ ايندس!

(۴)

تون نہ ايندين، تون نہ ايندين، جيئري منهن جي نہ ايندين!

تون نہ ٿيندين، تون نہ ٿيندين، ڏک ۾ ڪو ڏڍ ڏيندين!
تون نہ نيندين، تون نہ نيندين، تون تہ منهن جي ننڊ نيندين!
مان چوان ٿو روز مان لکندس، پيو جي تون سڏيندين!
ڇئن منهن جو تون تہ آهين، ڇئن منهن جو ڪيئن ڪسيندين!
نيٺ ايندين!
نيٺ ايندين!

(۵)

شعر منهنجا آسمانن مان اچن ٿا-

ڪيئن چوان ڪهڙن جهانن مان اچن ٿا-
جيئن پکي منڇر مٿان ڏوران لهن ٿا-
يا شفق جا جيئن پاڇا هيٺ لهرن ۾ لڏن ٿا-
ڇڻ ڏکڻ جي واءَ ۾ رابيل وانگر هو ٽڙن ٿا -
ڪيتري خوشبو ڇڏي آسمانن ڏي ورن ٿا-
جن جهانن مان اچن ٿا،
تن جهانن ڏي ورن ٿا-

(٦)

تون تہ پوري ننڊ ۾ آن، آنءُ تنهن جو خواب آهيان-
آنءُ خوشبو ۾ ٽڙان ٿو، رنگ جو سيلاب آهيان.
آنءُ تنهن جو خواب آهيان-

مان پرندا، مان اڏارون، جت لهان تالاب آهيان-
آنءُ تنهن جو خواب آهيان.

ڪيترو ويجهو رهي توکان، پري بيتاب آهيان-
آنءُ تنهن جو خواب آهيان.

تون صراحي آنهہ مون لئہ معان شرابِ ناب آهيان-
آنءُ تنهن جو خواب آهيان.

بحر! تو ۾ ٿي وڃان ٿو، آب ۾ مهتاب آهيان-
آنءُ تنهن جو خواب آهيان.

راشد مورائي

## غزل

ختم شام جو هي پهر ڪيئن ٿو ٿئي،
خبر هوندي هُو بي خبر ڪيئن ٿو ٿئي.
ڪُلهي غير جي تي رکي ٻانهن پُڇيئين
تہ "خوش آهين؟ اڄ ڪلهہ گذر ڪيئن ٿو ٿئي؟"
پيڪل آهہ گاڏي، ڦٽل آهہ رستو،
هِنن حالتن ۾ سفر ڪيئن ٿو ٿئي.
چڙهي تون بہ ڪوني تي ڏِس هِي تماشو،
ڪُهڻ منهن جي لئہ گڏ شهر ڪيئن ٿو ٿئي.
حقيقت نہ سمجهيم سو حيران آهيان،
هِي معصوم، دل جو پٿر ڪيئن ٿو ٿئي.
نہ عاشق ٿئين ۽ نڪا سمجهہ آيئي!
"عطر جهڙو ڪنهن جو پگهر ڪيئن ٿو ٿئي."
ڏِسيِ ڪنهن کي رئندو پريشانُ آهيان،
تہ بوندن مان راشد بحر ڪيئن ٿو ٿئي.

*

آثم ناتن شاهي

## غزل

ڪي ڪي سپنا، ساپيائُن ڪاڻ سُهڻا هوندا آهن،
توڙي جو، هُو سَچُ ڪڏهن بہ نہ ٿيڻا هوندا آهن.
عُذر- بهانا ڪونہ گهڙيندا آهن اهڙا ماڻهو،
جيڪي ڪنهن وٽ رات خوشيءَ سان رهڻا هوندا آهن.
تُنهنجي سُندرتا تي، سَرتي! گيت لکان ٿو جيڪي،
تُنهنجي عضون ۾ سي پاتل ڳهڻا هوندا آهن.
مول-مَتو ڪوجَهن بہ سوالن جو هوندو ئي ناهي،
مجبورن تِن جا بہ جواب تہ ڏِيڻا هوندا آهن.
ٺهڪن ڏيندي، سُڏڪن ايندي، يا هِڏڪيءَ ۾: آثم!
لڙڪ تہ ڪيئن پيي وَهندا، جيڪي وَهڻا هوندا آهن.
اڪ- ٽٽڙي جا دُوهَر ٿوري دير خلا ۾ پَٽڪي،
آخر موٽي پاتالن ۾ دَهڻا هوندا آهن!

سميع بلوچ

## غزل

آب اکين مان هاريو هوندئي،
ڪيڏو مون کي ساريو هوندئي،
آئي هوندئي جيڪا هِڏڪي،
منهنجو نانءُ اُچاريو هوندئي-
دَرَ جي هَر هَر کڙڪي تي،
نيڻ ڪٽي تہ نهاريو هوندئي-
منهنجي يادن کي او جاني،
آرس پيچندي ٿاريو هوندئي،

ادل سومرو

## غزل

بادلَ جي دلداريءَ تي،
ٿري سُمهي پيو واريءَ تي.

ڪين رهيو ويساهُ وٽن کي،
طوفانن جي ياريءَ تي.

ذهن تي آ مايا جو پاڇو،
ڪاوڙ سرمائيداريءَ تي.

واهُر بدران بيان ڇپيا هِن،
ليڪڪ جي بيماريءَ تي.

اندرَ ۾ اوگهڙ جي اوندهہ،
فخر آ پرديداريءَ تي.

ڏاڍو ٿيو افسوس آ مون کي،
سوچَ تنهنجي درٻاريءَ تي.

پنَ سمورا ٻَڪڻ لڳا،
ڪوئل ويٺي ٿاريءَ تي.

لهَر وئي ڳڙڪائي اُن کي،
گيتُ لکيم جو واريءَ تي.

راهي چنا

## غزل

اسين پنهنجي ادراڪ جا پاڇا،
پنهنجي هٺ نفرت جا سڪا،

پهچي ڪيئن ڪُوڪَ ڪَپر ڏي،
نڙيءَ ۾ قاتل ورهين جا واڪا،

پنهنجي رستي روڪ او سائين،
رهزن پاڻ ڪان اڳ ۾ پهتا،

هي پريم نگر جا منڙا ماڻهو،
ڏس پاپ نگر ۾ پهچي ڦاٿا،

ادب، ٻولي، قوم جون ڳالهيون،
شعر پڳڙن مُٺ جئن سستا

هي ڪير هتان لنگهيو آهي،
ماڻهو ماڻهو سڀ رستا،

توتان سڀ ڪجهه گهوري ڇڏيو،
دلگير نه ٿي او ذرتي ماتا.

*

مير محمد پيرزادو

## غزل

شام، جهيٽي راڳٽي جڻ ڳائجي،
پره ويلي ماڪ ڳائي مانجهه آ!

سانت، يڪتاري سندي تَندُ تائجي،
شام، جهِيٽي راڳٽي جڻ ڳائجي!

سُرَ سندي سرهاڻ، لَئه سان لائجي،
سانت ۾ سرايت ٿي جا پانئجي،

جڻ ته جهرٽي سا وڄائي جهانجهه آ،
پره ويلي ماڪ ڳائي مانجهه آ!

وسيم سومرو

## ٽيڪوٽا

• مهراڻ جيان ڇُلندين،
تون منهنجي سوچن ۾، چانڊاڻ جيان ڇُلندين.
• جا ڪُوڪ اُڏي آهي،
ڪيئن ڏار چوان اُن کان، جا لام لڏي آهي.
• آڪاس ٻُڏي ويو آ،
جڻ ٺهڪ- پکي ٻنجي، هر ڪنڌُ اُڏي ويو آ.
• هُو ياڳ- پٽون منهنجون،
ٿيون واريءَ تي اُڏرن، ٿِي سُونهنَ- سِٽون مُنهنجون.
• آ جيونُ رقص جيان،
جي سورجَ جيئن ڏسين، آ جَرَ جي عڪس جيان.
• جڻ جهرڻ جيئن آهين،
مان اونداهي آهيان، تون ڪرڻ جيئن آهين.
ٿي سپنو موت اجان،
ڪا مڌ حياتيءَ جي، تون مون ۾ اوت اجان.
• ڪا چوڻي ٿي آئي،
هيءَ تنهنجي ساروٽي، جڻ هولي ٿي آئي.

احمد سولنگي

## غزل

لهرون، پکي، ڪنارا، ساحل ويچار ۾ هِن،
نيرا اٿاهه ساگر تنهنجي نهار ۾ هِن.
ڪي زلف سرڪشيءَ ۾ زنجير ٿي پون ٿا،
ڪيئي سنگين گهيرا ٻانهن جي هار ۾ هِن.
موسم جون مهربانيون هُرنديون رهيون هَوا ۾،
گهر جون گليون اوهان لئه مَهڪيون بهار ۾ هِن.
ڏي جهول ۾ گلابي، انمول گل اسان کي،
توئي گلاب پوکيا، پنهنجي خمار ۾ هِن.
ڪنهن چنڊ جي تمنا پاڳل ڪيو اسان کي،
ڪي رات جا ستارا پنهنجي پچار ۾ هِن.

### مولا بخش چانديو

## هائيڪا

*

اڄ خاموشيءَ ۾
چنڊ روئي پيو مون سان
راڪا پوشيءَ ۾

*

سارو ڏينهن ڪَڙهي
سُر مٿي سانجهه اچي پٿي
سوني ٽشت چڙهي

*

مِلون اُت مونٽي
جُزيل جِت جَبل جي
چانديءَ مان چوٽي

*

برسي جيارين
سارنگ توکي سِڪَ مان
سانگيڙا سارين

*

ڪيڏو ڪيپُ خِريب
پياري تنهنجي پيار جون
راهون پُر فريب

*

مارِ نَہ پاهيڙي
آڙي نيري سمنڊ جي
آهي ساهيڙي

*

پنهنجا سارِ نہ تون
پنڇي نيري سمنڊ جا
ماري مار نہ تون

*

### زوار نقوي

## نثري نظم

تنهنجي مٽي جا وار،
منهنجي هٿن جي آڱرين ۾،
ائين وکريا پيا هِن،
جيئن،
زندگي جي ڪينواس تي،
رابيل جا گل ٽڙي پون!

### محسن عباسي

## غزل

هتان ماڳ ڊاهي ٿو ٻئي پاسي ٺاهي،
سَفرَ جو ثمر اڄ سڄڻ ٿو سنياهي!

نصيبن ۾ لِکيل اڳي اُونڌ هئي پر،
وڃڻ وارو ويتر ٿو ڳُٺتين ۾ ڳاهي.

چِڪايا چَري چاهہ ۾ چاڪَ چِت جا،
پَريان وَس پُنهل جي تہ چاهي نہ چاهي!

سڙيءَ کي سريون سِڪ ۾ سُورن جون سُوٽون،
اڃا چئو تہ سِر جو چڏيون سانگو لاهي!

مُٺي ماڳَ مڪليءَ تي ويٺي اڏي پر،
ڇپر ڇڏيو ڇوريءَ جو ڇانئي تہ ڇاهي؟

ننگر ۾ ڪا نانگي، گهَنگهر ويٺي گماري،
نماڻيءَ سان نينهن جو ڪو ناتو نباهي.

مناسب نہ "محسن". جنڌيءَ سان جُدايون
ڪري قرب ڪنهن ڏينهن اچو ڪرهو ڪاهي.

*

### منظر راڄپر

## وائي

ايڏي تائيءَ،
ڪنهن کي ڳولين ٿي؟
گهُوري گهريءَ سوچ مان،
اُڀ سرمائيءَ ۾،
ڪنهن کي ڳولين ٿي؟
تڪي پنهنجي ڳوٺ جي،
هر نم سائيءَ ۾،
ڪنهن کي ڳولين ٿي؟
ڪولي رسالو شاهہ جو،
هر هڪ وائيءَ ۾،
ڪنهن کي ڳولين ٿي؟

نظر محمد بڙدي

## غزل

شام آهي رتل رنگ ۾،
سج ٻه آ ٻڏل رنگ ۾.
اڄ مليا اوپرن وانگيان،
خواب پنهنجا رنل رنگ ۾.
مينهن سان شل هجي آ گميل،
پونء ٽر جي پنل رنگ ۾.
زندگي ٿي گهري آجپو،
آدميء کان ڏنل رنگ ۾.
سونهن ۽ سچ جي ميڙ سان،
ڏات آني غزل رنگ ۾.

*

مهر خادم

## "هائيڪا"

گهوري تڪيائين،
هيڏي هوڏي ڏسي پوء،
انبڙي پٽيائين

*

بلب ٻري ٿو
پوپٽ تيز اڏرندو
اوڏهن وڃي ٿو

*

هيء ٻه ڪاني ڇانوَ
ڪجيء هيٺان ويهي ڪري
نڪري ويس دانهن

*

هيون مينهن ڪٺيون
هوا جي جهوٽي لڳڻ سان
وڻ مان جي ڪريون

*

ڪنن تي پڙلاءُ
اُٺي ٻيهي ٻڌائين
ڪونجن جو ڪرلاءُ

*

سامهون آئي پٺي
ڏسي مرڪي ڇميائين
ڪٺي پار ڪي.

اقبال رند

## گيت

هر خواب کان آ ڳانجهڙيون،
تنهنجون اکيون نيرانجهڙيون،
تنهنجون اکيون نيرانجهڙيون.
ايندا ڳلن تي ڳاڙٿا ،
ٽيڻديون لڄاريون لانجهڙيون،
تنهنجون اکيون نيرانجهڙيون.
ڄاتو نہ مون هو، موهہ جون،
ٽيڻديون ڳليون ميرانجهڙيون،
تنهنجون اکيون نيرانجهڙيون.
پٺيچي وٺين ووڙي لهن،
سُر، ٿي وڃن ٽيون سانجهڙيون،
تنهنجون اکيون نيرانجهڙيون.

*

حبدار سولنگي

## غزل

جُهڳي، جُهڳي اُداس آ،
نظر، گهٽي اُداس آ.

امُن اُڏي هليو ويو،
اچو پکي اُداس آ.

اوهان بنا بهار ۾،
ڪلي تڙي، اُداس آ.

ڪنوار پرٽجي وني،
هوا- سکي، اُداس آ.

ڪوي ٿو مونجهہ ۾ رهي.
الشہ مِٽي اُداس آ؟

هليو ونين، تہ ڳوٺ پي،
سچي پچي اُداس آ.

"اديب" انقلابي

## غزل

حسن آ انتخاب شاعر جو،
خيال آهي عقاب شاعر جو.
شاعري وچ خدارا اچ موتي،
مود آهي خراب شاعر جو.
ان کان بهتر اجا ڇا قسمت جو،
چمڪندو آفتاب شاعر جو؟
باغ جي بئنچ تي، حسينا کي،
هٿ ۾ هو ڪتاب شاعر جو!
گيت ڪاڳر تي جڏهن آ لکندو،
ڪنهن ڏنو اضطراب شاعر جو؟
روح بي تاب ۽ تشي تو پيو،
جگر، جيرو، ڪباب شاعر جو!
هڪڙو شاعر نہ پر، پڙهندڙ بي،
پوڳيندو آ عذاب شاعر جو!
امن عالم ۾ تي پوي رانج،
ساڀ تي شل خواب شاعر جو.

*

پُشپا ولڀ

## ڪِچن ۾ رکيل تئي جهڙو روپ

محبت جي آرسي
جنهن ۾ منهن ڏسي سگهبو آهي
ڏسي خوش ٿبو آهي
پڇبو آهي:
مون جهڙو حسين ڪٿي ڏٺو اٿيئي؟
مون جهڙو خوش ڪٿي ڏٺو اٿيئي؟
سو ڪچن (Kitchen) ۾
سٺي گئس پنيان رکيل
تئي جهڙو ٿي ويو آهي
دونهين ۽ سٽي ۾ ڪارانجي ويو آهي!

گوڙي ولڀ

## سيما

آس نراس جي
ٿياس تي لٽڪيل
ميلاپ ۽ وڇوڙي
جي وچ ۾
آهيان مان
اها ڪهڙي سيما آهي
جنهن مونکي
وچ تي ئي روڪي
رکيو آهي.

*

مصطفيٰ ارباب

## هڪ ڪهاڻي

اُها ڇوڪري
جيڪا ننڍي هوندي
مون سان گڏ کيڏندي هئي
هاڻي ستين ماڙ تي
هڪ فليٽ ۾ رهي ٿي
۽ آئون گرائونڊ فلور تي
آئون مٿي نٿو چڙهي سگهان
۽ هُوءَ
هيٺ لهڻ جي سگهہ نٿي رکي
خواب
فاصلن کي ختم نٿا ڪن
۽ آئون هڪ ڪهاڻي لکان ٿو
جنهن ۾ اسين ٻئي
گڏ ويهي چانهہ پيئون ٿا
۽ محبت جون ڳالهيون ڪندا رهون ٿا
هڪ ڪهاڻي
هڪ ملاقات ڪرائي سگهي ٿي
سُياڻي آئون
وري هڪ ڪهاڻي لکندس.

# مقالا

"....... فارسي ۽ عربي اکر گهٽي ۾ گهٽا ڪتب آڻڻ علم جي نه، بلڪ جهالت ۽ پنهنجي زبان کان اڻڄاڻائي جي نشاني آهي. آءٌ ١٩٢٨ع کان ١٩٣٧ع تائين پنهنجن اخبارن ۾، مولانا ابوالڪلام آزاد ۽ ظفر علي خان جي پوئواريءَ ۾ فارسي ۽ عربيءَ جا وڏڦڙا وسائيندو رهيس. ليڪن اڄ جڏهن اهي مضمون پڙهان ٿو ته نه ڇڙو غلطي محسوس ڪريان ٿو، پر شرم ۾ ڪِل به اچي ٿي.

آسان ۽ نج زبان لکڻ نهايت ڏکيو ڪم آهي. غالب، سر سيد ۽ مولوي عبدالحق اردو کي تمام سليس لکيو ۽ خاص طرز پيدا ڪئي. سنڌيءَ ۾ گربخشاڻي، ڄيٺمل، لالچند، پروفيسر شاهاڻي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، مولانا وفائي ۽ دائودپوٽي مرحوم، سليس، روان ۽ صاف سنڌي لکي آهي. اڄ به اوهين اُهي لکڻيون پڙهو، ڇڻ لذت پيئي ايندي.

ڳالهائيندڙن ۾ آءٌ علامه قاضي صاحب جي سنڌي جو قائل آهيان، جڏهن ساڻن ڳالهائبو هو ته جواب ۾ ڪو به لفظ ڌارين زبان جو ڪونه ڪتب آڻيندا هئا.

شهرن ۾ رهي رهي ۽ ڌارين سان اٿي ويهي اسان ماڻهن جي زبان خراب ٿي ويئي آهي، سچ پڇو ته اسان کان پنهنجي زبان وسري ويئي آهي، اڳتي هلي جنهن جا نتيجا ڏاڍا ڏکوئيندڙ نڪرندا. سنڌي زبان جي صورت بدلجي ويندي ۽ اهو هاڃو اسين پنهنجو پاڻ سان ڪري رهيا آهيون: جنهن لاءِ آءٌ هن وقت گهڻي ۾ گهڻو جوابدار سنڌي اخبارن کي سمجهان ٿو، ڇاڪاڻ ته اخبارنويسن جو پنهنجي زبان ۾ مطالعو گهرو ڪونه آهي. اردو اخبارون پڙهن ٿا. جڏهن لکڻ ويهن ٿا تڏهن اهائي زبان استعمال ڪن ٿا، جيڪا هنن صبح جو اردو اخبارن ۾ ڏٺي آهي. تڙ تڪڙ ۾ اهي ئي عنوان ۽ اهي ئي لفظ سنڌن دماغ سوچي ٿو.

سنڌي زبان جهڙي شاهوڪار زبان ۾ هروڀرو ڌارين ٻولين جا لفظ آڻڻ آپگهات ڪرڻو آهي. اهو غلط آهي، ناجائز آهي، گناهه آهي ۽ آخر ۾ اهو سلسلو لکندڙن لاءِ ۽ خود ٻوليءَ لاءِ به گهاتڪ ٿيندو.

- سيد حسام الدين راشدي
(١٩٧١ع)

ايم. ايچ. پنهور

مترجم: غلام محمد لاکو

# سنڌ جي سرحدن جي مقرري

## (۱۸۴۳ع - ۱۹۴۷ع)

[ڪنهن به خطي جي سرحدن جي ڄاڻ، جاگرافيائي تاريخ جو هڪ اهم پهلو هجي ٿو. ان ريت سرحدي حد بندين جي مطالعي کان سواءِ خود تاريخ جو اڀياس به اڻ پورو رهجي وڃي ٿو. سنڌ جي سرحدن جي مقرريءَ بابت، جناب ايم. ايچ. پنهور صاحب جو هي تحقيقي مقالو رسالي "سنڌالاجيڪل اسٽڊيز" جي سال ۱۹۸۹ع جي اونهاري واري پرچي ۾ ڇپيو آهي. ان جو ترجمو سنڌي پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو].

ابتدا ۾ جڏهن ته ڪي به نقشا نه هئا، ماپڻ ڪرڻ جا اوزار به نه هئا، ۽ نه وري سرحدن کي سروار ڪري پٿر هڻيا هئا. تڏهن سنڌ جي سرحدن تي هميشه جهيڙا ٿيندا رهندا هئا. ان نوعيت جا مامرا طاقت جي زور تي نبيريا ويندا هئا. اوڻيهين صديءَ جي شروع ۾ بهاول پور جي حاڪمن ۽ راجستان جي راجائن جو سنڌ جي ٽالپر حاڪمن سان، سرحدي تڪرار هلندڙ هو. راجستان ۽ بهاول پور جي رياستن، ترتيب وار سال ۱۸۱۵ع ۽ سال ۱۸۲۰ع ۾ برطانوي بالادستي قبول ڪئي هئي. انگريزن کي مذڪوره سرحدي تڪرار جي ڀرپور ڄاڻ هئي. جنهن کي ڀاڻ جلد کان جلد نبيرڻ گهريائون ٿي. ڪين اهڙو موقعو ۱۸۴۳ع ۾ سنڌ جي فتح ڪرڻ سان ملي ويو؛ چو ته هاڻي انگريز فيصلي ڪن پوزيشن ۾ اچي ويا هئا. انهن هي مسئلو هن ريت حل ڪيو.

### بهاول پور ۽ راجستان جي سرحد:

مير علي مراد جي حدن مان بهاول پور جي حاڪم کي ڀنگ ٻاڙه ۽ سبزل ڪوٽ ڏنا ويا؛ جڏهن ته جيسلمير جي راجا کي شاهه ڳڙه ۽ گوٽاڙو ڏنا ويا. ان کان علاوه اباوڙي تعلقي مان: فتح پور، دولت پور ۽ ڪنب، پڻ بهاول پور جي رياست ڏي منتقل ڪيا ويا. ايچ. ٽي. لئمبرڪ پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ به دلچسپ نقشا ڏنا آهن، جي سال ۱۸۳۹ع ۽ سال ۱۸۴۵ع جي سرحدن جي نشاندهي ڪن ٿا. پر اصل ۾ هي نقشا سال ۱۹۳۲ع جي هڪ نقشي ۾ ٿوري تبديليءَ سان تيار ڪيا ويا آهن. لئمبرڪ هي نقشا "سر چارلس نيپئر اينڊ سنڌ" نالي ڪتاب ۾ ڏنا آهن. هي ڪتاب آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس ۱۹۵۲ع ۾ شايع ڪيو هو. ٻنهي نقشن جا عنوان هن ريت رکيا ويا آهن:

(1) Upper Sindh, Kachhi and parts adjoining in 1839.

(2) Sind in 1845.

سنڌ جي اوڀارئين سرحد ۱۸۴۵ع ۾ مقرر ٿي، پر مفصل نقشا ۱۸۶۲ع ۽ ۱۸۷۴ع ڌاري موجود ڪيا ويا.

### ٿرپارڪر ضلعي سان راجستان جي سرحد ۽ بلوچستان سان حدبندي:

بمبئي فوج جي ڪنارٽر ماسٽر شعبي جي ليفٽيننٽ ڪرنل نيل ڪيمپ بيل جو تيار ڪيل سنڌ جو نقشو سال ۱۸۵ع ۾ شايع ڪيو ويو. هي نقشو "54 x "60 (انچ) سائيز جو هو ۽ هڪ ميل لاءِ اٺن انچن جي ماپ تي مشتمل هو. ان جي هڪ ڪاپي انڊيا آفيس (I.O.NO. LV) لئبرريءَ ۾ موجود آهي، هي نقشو ڀهريون پيرو آر. هيوز ٿامس جي ڪتاب: "ميمائرز آن سنڌ" ۾ شامل ڪيو ويو. مذڪوره ڪتاب سال ۱۸۵۵ع ۾ بمبئيءَ مان ٻن جلدن ۾ ڇپيو هو. ڪتاب جو سال ۱۹۷۹ع ۾ ڪراچيءَ مان به هڪ ڇاپو نڪتو آهي، ليڪن ان ۾ هي نقشو شامل ڪونهي. نقشو اڻ

جتو آهي. مون وڏي ايمانداريءَ سان ان کي نئون ڪري، هرهڪ چيز کي پنهنجي جاءِ تي رکي، جاگرافيائي ماڳن جي نالن کي اصلي هجي (Spellings) سان نروار ڪيو آهي (هي نقشو پنهور صاحب وٽ موجود آهي). هن نقشي ۾ سنڌ جي سرحدن جي مقرريءَ بابت ڪي مکيه ڳالهيون هي آهن:

* رڻ ڪڇ واري سرحد ڪيپٽن اليگزينڊر برنس جي ڪيل سروي موجب (١٨٢٥ع کان ١٨٢٨ع تائين) ڏيکاريل آهي. جنهن کي ١٨٢٩ع ۾ نقشي جي شڪل ۾ آندو ويو هو. ليڪن ڪنارٽر ماسٽر هن سرحد جي منظوري نه ڏني هئي. باڙمير ضلعي سان سنڌ جي اوڀارين سرحد، ڏکڻ ۾ ننگر پارڪر تعلقي جي هالا ڳوٺ ۽ باڙميڙ جي ڳوٺ گواربو ڪريوبي خيرپور ضلعي سان موجوده سانگهڙ ضلعي جي ڳوٺ ڪوملالائور تائين اتر ۾، تڏهوڪي مير علي مراد جي




**From:-**

**Charles Napier and Sindh by Lambrick.**




From:-
Charles Napier and Sindh by Lambrick.



From:- John Jacob of Jacobabad.

کي ماپجي ٿو، تڏهن ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ اها حقيقي ماپن بجاءِ، زور زبردستيءَ سان طئہ ڪئي وئي هئي. ٿي سگهي ٿو تہ سرحد مقرر ڪئي وئي هجي، پر نقشا درست ماپ ذريعي نہ ٺاهيا ويا هجن.

انگريزن شڪارپور ۽ جيڪب آباد (خان ڳڙهہ) جا علائقہ سال ۱۸۳۹ع ۾ والاريا هئا، جڏهن انڊس آرمي افغانستان ڏي رواني ٿي هئي. هي قبضو سال ۱۸۴۳ع تائين جاري رهيو، جڏهن سنڌ کي بہ فتح ڪري گورنر جنرل جي حوالي ڪيو ويو.

جان جيڪب سال ۱۸۴۸ع ۾ سرحد کي مقرر ڪيو ۽ سنڌ هارس چيڪ پوسٽون: شهدادپور، ڳڙهي خيرو جمالي، روجهاڻ، دل مراد، ڳڙهي حسن، تنگواڻي، ڪمري ۽ ڪنڌ ڪوٽ ۾ مقرر ڪيون ويون، جن جو انتظام جان جيڪب وٽ خان ڳڙهہ (جيڪب آباد) ۾ هو. هي چيڪ پوسٽون بروچن تي نگاه رکڻ لاءِ قائم ٿيون، جي سنڌ جي ڳوٺن تي حملا ڪندا رهندا هئا. لئمبرڪ جي ڪتاب (جان جيڪب آف جيڪب آباد) ذريعي تصديق ٿئي ٿي تہ، هي پوسٽون سرحد کان ڪجهہ ميل پري هيون. خان قلات يا بروچ قبيلن سان ناهہ ڪرڻ کان سواءِ هي سرحد زوريءَ مقرر ڪئي وئي هئي. ان جو مقصد آباد ڳوٺن جو تحفظ ڪرڻ هو ۽ هي ڪم مناسب طرح سان ٿي ويو. مٿي ذڪر ڪيل جايون يا ماڳ لئمبرڪ هڪ نقشي ۾ ڏيکاريا آهن. هن نقشي جو عنوان هن ريت آهي:

Upper Sindh, Kachhi and adjoinig Countries 1839-1858.

هي نقشو "جان جيڪب آف جيڪب آباد" ۾ ڏنل آهي، بهرحال استعمال ڪيل نقشو گهٽو پوءِ جي دور جو لڳي ٿو ۽ بلڪل انهن نقشن جهڙو لڳي ٿو، جيڪي ويهين صديءَ جو شروع ۾ ڪتب ايندا هئا (۱).

## ڪڇ سان سرحد:

سال ۱۸۵۱ع ۾ بمبئي فوج جي ڪنارٽر ماسٽر جنرل "20x13" (انچ) جي ڇهن ڪاغذن (Sheets) تي، حيدرآباد ضلعي جو هڪ نقشو جاري ڪيو، جنهن ۾ هڪ انچ برابر بہ ميل ڏيکاريل آهن. هي اصل ۾ مختلف رستن جي ماپن بابت، چيف انجنير جي ماپ تي مشتمل هڪ نقشو هو. هن ۾ رڻ ڪڇ سان سنڌ جي ڏاکڻين سرحد ڏيکاريل آهي ۾ معتبر ڪانهي. ٽالپرن جي دور ۾ "سنڌڙي، ڪڇ سان سنڌ جو هڪ سرحدي شهر هو. اهو ۱۸۱۹ع جي زلزلي سبب رڻ ڪڇ جي پاڻيءَ ۾ غرق ٿي ويو. سرحد نقشي ۾ سنڌڙيءَ جي اتر کان ڪجهہ ميلن جي مفاصلي تي ڏيکاريل آهي، جا ٽالپرن جي دور ۾ ڪسٽم چيڪ پوسٽ هئي.

ڪجهہ بيٽ جهڙوڪر: بيار بيٽ، باواري بيٽ، گاٺيندا بيٽ، ڪنجر ڪوٽ ۽ ڪي ٻيا ننڍڙا بيٽ، ٿرپارڪر جي ڪليڪٽر جي ضابطي ۾ هئا، اهو سال ۱۹۴۷ع تائين ڏنارن کان پنچري وٺندو ٿي آيو. نقشي ۾ ڏيکاريل سرحد سال ۱۸۲۹ع ۾ اليگزينڊر برنس چڪي هئي، جڏهن پاڻ ڪڇ ۾ اسسٽنٽ ڪنارٽر ماسٽر طور ڪم ڪري رهيو هو. اليگزينڊر برنس جو هي نقشو انڊيا آفيس (MS.India Office NO.LV111.16) لئبرريءَ ۾ موجود آهي. ان جي ماپ "22"X29 آهي ۽ هڪ انچ برابر ٻن ميلن جي نمائندگي ڪري ٿو.

## سنڌ ڊئريڪٽريءَ موجب سرحدون:

جارج بياس جي " سنڌ ڊئريڪٽري" سال ۱۸۶۲ع ۾، بمبئي گزيٽ پريس مان ڇپري ٿي هئي، جنهن ۾ سنڌ جو هڪ نقشو بہ هو. چند خاصيتون هي آهن:

---

(۱) ايچ. ٽي. ليمبرڪ: "جان جيڪب آف جيڪب آباد" ص ص ۱۵۷- ۱۵۸.
هي نقشو ڪتاب جي پٺين ڇاپي ۾ بہ آهي، جو آڪسفورڊ يونيورسٽي ۱۹۷۵ع ۾ ڇپيو آهي.




**Sindh in 1883**

According to Hand Book of the Punjab, Western Rajputana, Kashmir and Upper Sindh by Eastwick

* راجستان جي رياستن سان اوڀارين سرحد ساڳي آهي، جيئن برطانوي نندي ڪنڌ بابت پونين سيپني نقشن ۾ ڏسجي ٿي. هي سرحد ١٨٤٥ع جي آخر ڏاري هميشه لاءِ طئه ڪئي وئي هئي.

* رياست بهاول پور سان سرحد جي ماپ ٿي هوندي. پر درست طرح سان نقشو نه نهيو، يا جي نقشو نهيو به هو ته سروي موجب نه نهيو هو. بهاول پور سان درست حد بندي، سال ١٨٧٠ع کان پوءِ وارن نقشن ۾ ڏسجي ٿي.

* سنڌ ۽ پنجاب جون حدون جيئن ان وقت هيون، هڪ ٽڪنڊو ڏيکارين ٿيون. ان جا ٽئي طرف ويهه ويهه ميل هئا ۽ ٽوٽل پکيڙ ٢٠٠ ميل همر چورس ڏسجي ٿي. هي ٽڪنڊو ان وقت سنڌ ۾ هو ۽ هاڻي پنجاب ۾ آهي، ان ايراضيءَ جون حدون نشن "سوري لڪ" جي حدن ۾ اچي وڃن ٿيون، جيڪا وڃي سنڌونديءَ ۾ چوڙ ڪري ٿي. موجوده سنڌ جي سرحد تي بينل نشان (منارو)، پنجاب سان سنڌ جي اولاهين سرحد ناهي ٿو. هي ٽڪنڊي ايراضي ايسٽوڪ موجب، سال ١٨٨٣ع تائين سنڌ ۾ شامل هئي (١). ان جو مطلب ته هي ايراضي هن سال کان پوءِ پنجاب ۾ شامل ڪئي وئي. ايٽڪن جي سنڌ صوبي جي گزيٽير موجب، جيڪا سال ١٩٠٧ع ۾ ڇپي هئي، هي ٽڪنڊو سنڌ جي حصي ۾ ڏيکاريل ڪرنهي.

* رڻ ڪڇ سان ڏاکڻين سرحد توڙي رحمڪي بازار تائين ننگر پارڪر تعلقي جي اوڀارين سرحد، ١٨٢٩ع جي الگزينڊر برنس جي سروي تي مدار رکي ٿي. نقشي ۾ سرحد ڏيکاريل آهي پر بمبئي فوج جي ڪنارٽر ماسٽر جنرل ان جي تصديق نه ڪئي هئي.

* هن نقشي ۾ ڏيکاريل سنڌ جي ساحلي ڪناري جو مدار ٽي. جي. ڪارلس جي ڪيل سروي تي آهي (٢). هن ڏس ۾ هندستاني بحريه جي ليفٽيننٽ اي. ايمر. گريو جي نقشي جو به خيال نه ڪيو ويو آهي، جنهن سنڌونديءَ جي چوڙ واري اوڀارين شاخ جو چارٽ سال ٥٦ - ١٨٥٥ع ۾ ناهيو هو. هن چارٽ ۾ هڪ انچ برابر هڪ ميل هو ۽ اهو "26"X39 (انچ) پکيڙ جو هو (MS. India Office No. U.V.A).

* بلوچستان سان سنڌ جي اترين سرحد مقرر ٿيل آهي ۽ بلڪل موجوده حد بنديءَ وانگر آهي، جنهن ۾ ننڍڙي ٽڪندي جي پنجاب واري ايراضي ڪانهي، جنهن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي.

* سنڌ جي اتر اولهه واري سرحد دل مراد خان کان ستاويهه ڊگريون اتر طرف (27°N) مقرر ٿيل ڪونهي، ۽ اها هڪ سڌي ليڪ ذريعي ڏيکاريل آهي. جيتوڻيڪ هي سرحد بمبئي فوج جي ڪنارٽر ماسٽر جنرل جي ڪيپٽن ميڪڊونالڊ ۽ ڊاڪٽر ليلور جي ماپيل آهي، جن ١٨٦٠ع جي اونهاري جي سڄي موسم ڏاڙهيارو ۽ ڪٽي جي قبر وارين چوٽين تي گذاري هئي.

## ١٨٧٦ع جي گزيٽير موجب سرحدون:

هيوز جو سنڌ گزيٽير ١٨٧٤ع ۾ نڪتو ۽ وري ١٨٧٦ع ۾ جاري ٿيو. ان ۾ هندستاني سروير جنرل جي جاري ڪيل سنڌ جي نقشي کي به شامل ڪيو ويو هو. هي نقشو مٿي ذڪر ڪيل مختلف ماپن جهڙوڪر ڊاڪٽر ليلور ۽ ڪيپٽن ميڪڊونالڊ (١٨٦٠ع)؛ اي. ايمر. گريو (٥٦- ١٨٥٥ع) ۽ ٻين جي ڪيل سروي کي سامهون رکي ناهيو ويو آهي. ١٨٧٤ع کان ڪري ١٨٨٠ع تائين هي نقشا جاري ٿيا، جي سنڌ جون سرحدون ڏيکارين ٿا.

---

(١) دي هينڊبڪ آف دي پنجاب، ويسٽرن راجپوتانا، ڪشمير اينڊ اپر سنڌ، جان مري لنڊن سال ١٨٨٣ع.

(٢) T.G. Carless: " memoir to accompany the survey of Delta of the Indus", Royal Goog. Soc. Vol. V11 (1837) p.p. 328- 366, and vol. v111 (1838), p.p. 459- 500.

محمد پنهل ڏهر

# پير حسام الدين راشدي جون ادبي ۽ تحقيقي خواهشون

دنيا ۾ ڪنهن انسان کي زندگي گذارڻ لاءِ ڪانه ڪا خواهش ضرور هوندي آهي، جنهن جي پورائي لاءِ هو پنهنجي سڄي زندگي ڪوشش ۾ گذاري ڇڏيندو آهي. اهڙيءَ طرح سائين حسام الدين راشدي کي به خواهشون هيون، جن مان ڪافي خواهشن کي هن زندگيءَ ۾ ئي تڪميل تي پهچائي ڇڏيو ۽ ڪجهه خواهشون سندس حياتيءَ جي وفا نه ڪرڻ ڪري سندس دل ۾ رهجي ويون. سائين حسام الدين راشدي جون اِهي خواهشون دنيا يا مال گڏ ڪرڻ جون نه هيون، پر سائينءَ جون اهي خواهشون خالص علمي اثاثي کي اونده مان ڪڍي ڪتابي روشنيءَ ۾ آڻڻ لاءِ هيون. پير صاحب جون اِهي خواهشون ڪي لڪل نه آهن، بلڪه سائين پنهنجن انهن رهيل خواهشن کي پوري ڪرڻ لاءِ اسان کي پنهنجن لکيل ڪتابن، مقالن، مضمونن ۽ تقريرن ۾ تاڪيد سان حڪم ڏنو آهي.

هونءَ ته بيا به ڪيترائي عالم ٿي گذريا آهن، جن جاکوڙ ڪري ڪيترائي ناياب علمي ۽ ادبي شهپارا منظر عام تي آندا آهن، ليڪن پير حسام الدين راشدي جو انداز نرالو آهي. سائين جنهن به تحقيق جو ڪم هٿ ۾ ڪنيو آهي ته ان جو ڪوبه ظاهري پهلو نه ڇڏيو اٿس. انهيءَ مضمون يا مقالي جي تياري وقت سائين پنهنجي موضوع سان واسطو رکندڙ سڀني ماڳن ۽ ملڪن جو سير سفر ڪري، انهن سان تعلق رکندڙ ماڻهن سان مليو ۽ انهن کان سموري معلومات حاصل ڪيائين. پنهنجي ڪتابن يا مقالن سان تعلق رکندڙ ماڳن. مڪانن ۽ مقبرن جا فوٽو ۽ نقشا به تيار ڪيائين. انهن مقالن ۽ ڪتابن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جا شجرا تيار ڪيائين ۽ انهن سان تعلق رکندڙ سوين قلمي خواه ڇپيل ڪتابن جي مطالعي ڪرڻ لاءِ دور دراز ماڳن ۽ ملڪن جي ڪتب خانن کي وڃي ڏٺائين. اهو سڀ ڪجهه نهي لاءِ ڪيائين ته متان انهيءَ ڪتاب يا مقالي جو ڪو پهلو رهجي وڃي. ها، سائينءَ جي ڪنهن ڪتاب يا مضمون وغيره جو ڪو پهلو اڃان رهيل به ٿي سگهي ٿو، جنهن جي نشاندهي هاڻي يا ايندڙ وقت ۾ ڪو صاحب علم ڪري، مگر منهنجي چوڻ جو مقصد صرف اهو آهي ته سائين ڪنهن به پنهنجي ڪتاب يا مقالي جو ڪوبه پهلو ڄاڻي ٻُجهي نه ڇڏيو آهي. سائين کي اگر پنهنجي ڪنهن مقالي کي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ به اها خبر پيئي ته سندس انهيءَ مقالي جو ڪو پهلو رهجي ويو آهي ته پوءِ به انهيءَ رهيل پهلو جي پورائي لاءِ ڪيس جتي به وڃڻو پوندو هو. اوڏانهن ضرور سفر ڪندو هو. پوءِ توڙي ڪيس ملڪ اندر يا ٻاهر ڇو نه وڃڻو پويس. ليڪن انهيءَ ڪم کي مڪمل ڪرڻ لاءِ ضرور ويندو، پوءِ توڙي اهو ڪم ٿورو رهيل هجي يا گهڻو. توڙي صرف هڪ تصوير وٺڻي هجي يا ڪنهن ڪتبي لکڻ لاءِ يا ڪنهن لکيل شعر کي لکڻ لاءِ هجي يا ڪنهن ڇپيل ڪتاب يا ڪنهن قلمي نسخي مان ٿوري معلومات وٺڻ وغيره ڇو نه هجي. اهڙن مثالن سان سائينءَ جي سڄي زندگي پريل نظر ايندي. صرف چند مثالن لاءِ اسان کي سائينءَ جا لکيل ڪتاب "ٺٽي جي آڳاٽي جاگرافي"، تذڪره امير خاني" ۽ "مير معصوم بکري" ڏسڻ گهرجن."(١)

راقم الحروف جو سائين حسام الدين مرحوم سان ڪوبه تعلق نه رهيو آهي. ۽ نه وري زندگيءَ ۾ سائينءَ جي زيارت به نصيب ٿي. صرف ادبي ميدان ۾ تاريخ سان دلچسپيءَ جي حوالي سان غائبانا محبت آهي. پير صاحب جي تقريباً سڀني ڪتابن جو مطالعو چاهه سان ڪيو. اٿم، انهن ڪتابن جي مطالعي مان پير صاحب جي چند خواهشن متعلق ڄاڻ ملي، جيڪي هن پنهنجي لکيل، ايڊٽ ڪيل ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن جي مهاڳن، مقدمن ۽ تعارفن وغيره ۾

ظاهر ڪيون آهن، انهن رهيل خواهشن کي پوري ڪرڻ لاءِ ئي هي مقالو لکيو ويو آهي. اميد ته سنڌ جا اديب، محقق ۽ مؤرخ اُهي ادبي ادارا، جن سان پير صاحب جو ڪجهه وقت تعلق رهيو آهي. سي پير صاحب جي هيٺ ڄاڻايل خواهشن جي پوئيواري لاءِ پاڻ پتوڙيندا.

١. "مثنويات وقصائد قانع" جي تعارف ۾ پير صاحب لکي ٿو ته "مير علي شير قانع ٺٽوي جي منظوم ذخيري منجهان جيڪي تصنيفون اڍائي صدين جي گردابن ۽ گردش ڪان پاڻ بچائي جهالت، بي علمي ۽ ڪور ذوقي جي جهلن ۽ جهولن، طوفان ۽ ترڪتازن کان پار پئجي صحيح سالم ۽ امانت با سلامت اسان وٽ پهتيون آهن سي هي آهن. (١) مثنوي قضا و قدر (٢) مثنوي قصاب نامه (٣) مثنوي محبت نامه (۴) مثنوي مختار نامه (٥) مثنوي ختم السلوڪ (٦) ڪجهه نعتون، منقبت، ترجيع بند، مسدس ۽ قصائد جيڪي مڪلي نامه واري بياض ۾ محفوظ رهجي ويا آهن. (٧) اُنهن ڪانسواءِ سنڌس اُهي منتشر اشعار ۽ غزل، ڪجهه تاريخون ۽ رباعيون، جيڪي سنڌس نثري تصنيفن يا بياضن ۾ موجود آهن اِهي منظوم ذخيري مان مختارنامو، رزميه نظم آهي ۽ ختم السلوڪ تصوف تي هڪ جامع مثنوي آهي. اِهي بيئي مستقل ڪتاب آهن، جن کي شايع ڪرڻ جو ارادو آهي. اهڙيءَ طرح مير قانع مرحوم جي منتشر شعرن، غزلن، رباعين يا تاريخي قطعات جو جيڪو غير مسلسل ۽ پکڙيل اثاثو آهي، ان کي پڻ خدا توفيق ڏني ته سندس سيني ڪتابن مان چونڊي ۽ ترتيب ڏيئي ڇاپيو ويندو" (٢)

٢. پير صاحب ڪتاب "منشورالوصيت ودستورالحڪومت" جي تعارف ۾ لکي ٿو ته "ڪلهوڙن جي تاريخي مواد جو هي پهريون مجموعو سمجهڻ کپي، ليڪن اِنهي عهد متعلق اڃان ڪيترا اهم ماخذ منتشر آهن، جن مان ڪي دستياب ٿيا آهن ۽ ڪن جو اڃان تائين پتو پئجي ڪونه سگهيو آهي. مهيا ٿيل ڪتابن مان هينيان ڪتاب فوري توجهه جي لائق آهن. اميد ته سنڌي ادبي بورڊ انهي ڪتابن جي اشاعت لاءِ ضرور اهتمام ڪندو. (١) قصيده بمدح عبدالنبي از، اُميد علي شاهه شائق (منجهس ميان عبدالنبي جي دؤر متعلق اهم معلومات موجود آهي) (٢) نامه نغز، هي باغ علي خائق جي مثنوي آهي، جنهن جو اقتباس هن ڪتاب ۾ ڏنو ويوآهي. (انهي ڪتاب جا غير ضروري اشعار ڪاٽي تاريخي لحاظ سان مطلب جي شعرن جو انتخاب ڪري شايع ڪرڻ کپي) حاشيه تي فوٽ نوٽ.

(٣) گلدستهء نورس بهار، از منشي عبدالرؤف سيوستاني. (ڪلهوڙن جي سرڪاري خطن جو نهايت اهم مجموعو جنهن کي ڪلهوڙن جي خاص منشي ميان عبدالرؤف گڏ ڪيو.) (۴) گلدسته هميشه بهار، ڪلهوڙن جي دور جي خطن جو هي ٻيو نادر مجموعو ساڳئي ميان عبدالرؤف جو گڏ ڪيل آهي. (٥) انشاءِ عطارد از شيوڪ رام عطارد. (هن مجموعي ۾ ميان غلام شاهه، ميان سرفراز ۽ مير بجار جي دور جا اهم ۽ نهايت قيمتي خط آهن) (٦) اسناد ۽ فرامين (ڪلهوڙن جي جاري ڪيل پروانن ۽ سندن فرمانن جي جمع آوري ۽ تصويرن ۽ وضاحتي حاشين سان انهن جي اشاعت.) (٧) مڪاتيب اننڊرام مخلص، از اننڊرام مخلص (انهن خطن مان ڪلهوڙن جي تاريخ ۾ مولانا غلام رسول مهر جزوي ڪم ورتو آهي، جنهن ڪري ضرورت آهي ته انهن جو پورو متن شايع ڪيو وڃي.[٣]
(مڪاتيب اننڊرام مخلص پهريون دفعو ١٨٥٢ع ۾ دهلي جي شمس المطابع مان ڇپيو هو، هاڻ ناياب آهي.)

٣. پير صاحب، "تذڪره مشاهير سنڌ" جلد پهريون جي مهاڳ ۾ لکي ٿو ته هنن صفحن ۾ مسودي جي پهرئين ڪاپي پهرئين جلد جي نالي سان شايع ڪئي وڃي ٿي، اڃان چار ڪاپيون باقي آهن، جن ۾ ٣۴٨ سوانح موجود آهن. اها خبر فقط خاوند کي آهي ته انهي رهيل مواد جي شايع ڪرڻ جي سعادت منهنجي زندگي نصيب ڪندي يا نه! بهرحال جيئن رب ڪريم گهريو تيئن ئي ٿيندو." (۴)

۴. هڪ مقالي "شاهہ تي تحقيق" ۾ پير صاحب لکيو آهي تہ "مون ڏنو آهي تہ ٻارهين صدي هجري ۾ شاهہ عبداللطيف کان سواءِ ٻيا بہ ڪيترائي شاعر هئا جن جو ڪلام پڻ اعليٰ درجي جو آهي. اهو جديد اصول آهي تہ ڪنهن شاعر جي صحيح تجزيي لاءِ ان جي معاصر شاعر جي ڪلام جو مطالعو ڪيو وڃي. (۱) جنهن لاءِ ضروري آهي تہ انهن همعصر شاعرن جا ديوان گڏ ڪيا وڃن، اُن مان اُن مسئلي جي خبر پوندي تہ شاهہ صاحب انهن شاعرن مان منهن موڙي پنهنجي شاعري ۾ ڪهڙيون نيون راهون ورتيون. (۲) شاهہ عبداللطيف ۽ سندس خاندان جي صحيح سوانح مرتب ڪئي وڃي، سندس استاد ڪير هو. سندس اُٿڻي ويهڻي ڪيئن، ڪهڙي هئي.... تنهنڪري انهي تي بہ تحقيق ڪريو ۽ ڪتاب لکو. (۳) شاهہ عبداللطيف جي دؤر جي سياسي ۽ تمدني تاريخ تي مواد گڏ ڪري مفصل نموني تي لکجي، پوءِ اسان کي معلوم ٿيندو تہ ڪهڙا محرڪات هئا جن جي بنياد تي شاهہ اهو شعر جوڙيو. (۴) انهي موضوع تي تحقيق ڪئي وڃي تہ شاهہ جي زماني ۾ سنڌ ۾ تصوف جون ڪهڙيون ڪهڙيون جديد تحريڪون هيون. انهي مان آساني سان اندازو لڳائي سگهنداسين تہ انهي تحريڪن ۾ شاهہ ڪهڙو حصو ورتو. (۵) شاهہ جي رسالي جو قيمتي ايڊيشن شايع ڪرائجي جو رڳو محققن لاءِ هجي." (۵)

۵. پير صاحب پنهنجي هڪ ٻئي مقالي "نئين سنڌ جا اهم مسئلا ۽ معاملا ۾ لکيو آهي تہ "جيڪي بہ سنڌ جا فنڪار ٿي گذريا آهن، انهن جون تصويرون ۽ انهن جا حالات شايع ڪرڻ گهرجن" (٦)

٦. مڪلي نامہ جي مقدمي ۾ پير صاحب لکي ٿو تہ "هن دفعي اجان بہ ڪئي آثار حاشين لکڻ کان رهجي ويا آهن. باوجود هر ممڪن ڪوشش جي بہ راقم انهن کي ڏسي ڪونہ سگهيو. تنهنڪري نہ جاءِ وقوع جو ڏس پتو پيو نہ صورت حال جو مشاهدو ٿي سگهيو. تنهنڪري مجبوراً (۱) ارض پاڪ مصلي (۲) چاهہ محاذي محراب عيد گاهہ (۳) غار هائي جبل مشرق رويہ زمين ميڪرا (۴) پير غيب (۵) تالاب اگهور (نزديڪ طغرل آباد) ۽ (٦) ملاداؤد درس، مسجد وتالاب." (۷)

۷. راشدي صاحب پنهنجي مقالي "سنڌي جي تاريخ جا ماخذ" ۾ هڪ تاريخي ۽ قلمي ڪتاب "جغرافيہ سنڌ" متعلق لکي ٿو تہ "هن ڪتاب جو صحيح نالو معلوم ٿي ڪونہ سگهيو آهي، برادرم مڪرم مولائي شيدائي تازو مون کي اطلاع ڏنو (الوحيد جي ذريعي) تہ اهو ڪتاب ميان نور محمد جي فرزند ميان عطر خان ٻارهن جلدن ۾ تصنيف ڪرايو. اهي ٻارهن ئي جلد گويا سنڌ جي تاريخ لاءِ اڪٽ ۽ عظيم الشان سرمايو آهن. تاريخ سنڌ جي سلسلي ۾ خدا ڪري جو هي ڪتاب ملي وڃي ۽ ان کي شايع ڪري سگهجي. ان ڪتاب جو نالو نگران سنڌ' چيو وڃي ٿو." (۸)

۸. پير صاحب پنهنجي مقالي "سنڌ جا تاريخي ۽ سياسي خط" ۾ سنڌ جي تاريخ سان ڳانڍاپيل خطن جي ڪن مجموعن جهڙوڪ (۱) گلدستہ نورس بهار از شيخ عبدالرؤف سيوهاڻي (۲) خلاصۃ المڪتوبات، از ميان هارون ۽ منشي عبدالرؤف (۳) انشاءِ نورالحق مشتاقي، از نور الحق مشتاقي سيوهاڻي (۴) انشاءِ عطارد، ازمنشي شيوڪ رام عطارد (۵) مجموعہ مڪاتيب دانشگاهہ سنڌ (٦) مجموعہ رقعات دانشگاهہ سنڌ. (۷) گلدستہ باغبان، از ميان قاضي حافظ محمد نصرپوري (۸) انشاءِ ابري جلد اول، از ابراهيم سيوهاڻي (۹) انشاءِ ابري جلد دوم (۱۰) منهاج الشعور، از ابراهيم ابري سيوهاڻي (۱۱) تاريخي انشاءَ (۱۲) انشاءِ خبرت، از سلطاني مل خبرت (۱۳) انشاءِ منشي محمد سعيد (۱۴) رقعات امام الدين، از مام الدين هالائي (۱۵) انشاءَ (۱٦) مجموعہ شاهي اسناد وفرامين (۱۷) مجموعہ اسناد وفرامين (۱۸) مڪتوبات قانع، از مير علي شير قانع (۱۹) مڪتوبات مير عظيم الدين ٺٽوي (۲۰)



تهران ۾ ايران شناسيءَ جي بين الاقوامي ڪانگريس جي موقعي تي دنيا جي مختلف ملڪن جا عالم ۽ تاريخدان، سنڌ جي سپوت پير حسام الدين راشديءَ جي ڪنهن نقطي کي وڏي غور سان ٻڌي رهيا آهن.

مڪتوبات مير نصير خان ٽالپر. جو ذڪر ڪيو آهي.

انهي مقالي ۾ پير صاحب مڪاتيب جي پهرئين مجموعيَ متعلق لکي ٿو ته "هن ڪتاب جا ٻه نسخا منهنجي ڪتب خاني ۾ موجود آهن، جن کي آڏو رکي مون هن ڪتاب جو متن تيار ڪيو آهي ۽ انتظار ۾ آهي ته تاريخي حاشين ۽ چٽاڻن سان انهي کي ڇاپيو وڃي." اڳتي هلي پير صاحب وري لکي ٿو ته "زنده قومون پنهنجي تاريخي اثاثي ۽ تهذيبي ورثي کي سيني سان سانديون ٿيون. ڪاش اسان وٽ به هن قومي سرمائي جي بچاءَ جو احساس سجاڳ ٿئي ۽ اسين به هوش ۾ اچون ۽ تاريخي خطن جا قدم بقدم اهڙا مجموعا گڏ ڪرڻ ۽ ڇاپڻ شروع ڪريون، جنهن ذريعي اسان جي تاريخ جون گم ٿيل ڪڙيون ملي وڃن ۽ دلچسپ اندروني معاملا ۽ مسئلا معلوم ٿين، جن جو اڄ تائين اسان کي علم نه ٿي سگهيو آهي." (٩)

٩. پير حسام الدين راشدي، پنهنجي ايڊٽ ڪيل تذڪري "تذڪرهء مشايخ سيوستان" جي شروعات ۾ لکي ٿو ته هي تذڪرو ٽن قسطن ۾ شروع ڪري رهيو آهيان. (١) فارسي متن (٢) فارسي متن جو سنڌي ترجمو (٣) حاشيه، مقبرن جو احوال، نقشا ۽ تصويرون." (١٠) انهي تذڪري جو فارسي متن پير صاحب مهراڻ نمبر ١٩٧٤/٣ع ۾ شايع ڪرايو ۽ انهي متن جو سنڌي ترجمو نياز همايوني ڪيو، جيڪو مهراڻ نمبر ٣-١٩٧٩/٤ع ۾ شايع ٿيو. ليڪن انهي تذڪري جو ٽيون مرحلو يعني "حاشيه، مقبرن جو احوال، نقشا ۽ تصويرون" اڃان تائين مڪمل نه ٿيو آهي.

١٠. ڪتاب "هشت بهشت" جي شروعات ۾ پير صاحب لکي ٿو ته" ٺٽي جي مشهور ۽ باڪمال فارسي شاعر، مُلا عبدالحڪيم عطا جي ديوان جو هڪ نهايت نا قص ۽ زبون نسخو اڄ کان تقريبن اٺ سال کن اڳ اسان کي ٺٽي جي پراڻن ذخيرن جي اُٿل پٿل ڪندي مليو، متن جا زياده تر شعر انهيءَ حد تائين ضايع ٿيل ۽ وچ مان ٽڪيل هئا جو انهن جو پڙهڻ، لفظن ۽ اکرن جو پروڙڻ هڪ ڪٺن ڪشالي جو ڪم هو. اهو نسخو مرتب ڪرڻ لاءِ سيد محمد مطيع الله راشد برهانپوري جي حوالي ڪيو ويو. راشد برهانپوري مهينن جي مشقت بعد جيڪو ڪلام مرتب ڪري ڏنو، سو انهي خطي ديوان جي اڌ کان به ڪي قدر گهٽ صحيح سالم وڃي بيٺو. (ديوان جو اهو حصو سنڌي ادبي بورڊ ١٩٥٦ع ۾ شايع ڪيو.) نسخي جي باقي حصي جا اڌوگابرا شعر جن جا اڌ ڪيل ۽ جتان ڪٿان ضروري لفظ ٽڪيل جيڪي پيچڻ لائق نٿي ٿي سگهيا، سي بورڊ جي ڪتب خاني ۾ محفوظ ڪيا ويا تاڪ جڏهن قسمت جاڳي، نصيب کلن، سنڌ سونهاري جي علمي ماضي جا مد فن خزانا هٿ لڳن، انهي جون ڪنجيون ملن، ڪلفن تان ڪٽ لهي ۽ اُهي کلن، لڪل راز پاڻ ئي آشڪار ٿين ۽ منجهان ديوان عطا جو ڪو ٻيو نسخو هٿ چڙهي. ان وقت نه چڙو اڻ چيپيل اوراقن جا خال پرجن بلڪ ڇاپيل حصي جي ڪيترن نا مڪمل شعرن جي پڻ تصيح ڪري مڪمل ديوان کي دوبارو ڇپائجي. ١٩٦٠ع ۾ آءٌ منيلا منجهه هيس جو سنڌي ادبي بورڊ جي سابق ۽ لائق سيڪريٽري محمد ابراهيم جوئي صاحب اطلاع ڏنو ته عطا جي سلسلي ۾ ٻه ٻيا نادر نسخا به هٿ لڳا آهن يعني عطا جي مدحيه ۽ نعتيه قصيدن جو هڪ مڪمل ۽ ضخيم ديوان ۽ ٻيو هشت بهشت جي نالي سان عطا جون اٺ مثنويون (١١) (عطا جون هٿ آيل اٺ عدد مثنويون" هشت بهشت جي نالي سان پير صاحب ايڊٽ ڪيون آهن. اهو ڪتاب ١٩٦٣ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ شايع ڪيو آهي.)

١١. تاريخ مظهر شاهجهاني فارسي (از ميرڪ يوسف) جو ٻيو ۽ آخري حصو جيڪو سنڌي تاريخ سان

وابستہ آهي، سو پير حسام الدين ايڊٽ ڪيو آهي. اهو حصو ١٩٦٢ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيل آهي. (هن ڪتاب جي انهي حصي جو سنڌي ترجمو بہ سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپجي چڪو آهي ۽ انگريزي ترجمو ڊاڪٽر سليم الاينڊسولائيزيشن اسلام آباد طرفان شايع ٿيو آهي.) پير حسام الدين راشدي، تاريخ مظهر شاهجهاني جي انهي پاڱي جي مقدمي ۾ لکي ٿو تہ "پهر جب کبهي اِس کتاب کا دوسرا ايڈيشن تيار کيا جائے تو ان تمام باتون کا خيال رکهنا از بس لازمي هے تاکہ اُس کا دوسرا ايڈيشن زياده جامع اور مکمل بن جائے، بلکہ اس وقت ضرورت اِس بات کي بهي هے کہ قسم اول بهي اِس کے ساتهہ شامل کردي جائے، جو بجاء خود نظام حکمراني کے کتابيات کي ايک اهم کڑي هے." (١٢)

١٢. مقالات الشعراءِ (از مير علي شير قانع) ايڊٽ ڪرڻ وقت پير صاحب جي خواهش هئي تہ نہ مٿس تعليقات بہ لکيا وڃن. ليڪن اهو ڪم ڪنهن ٻئي موقعي تي ڪرڻ جي صلاح سبب ڇڏي ڏنائون. انهي سلسلي ۾ مقالات الشعراءِ جي "آغاز" ۾ لکي ٿو تہ "در ابتداء اراده داشتم کہ معلومات مزيدي را راجع باحوال شعراءِ و وقائع تاريخي بصورت تعليقات در آخراين کتاب فراهم آورم. ولي چون ضخامت کتاب پيشتر گرديد، بران شدم کہ قسمت تعليقات را دريک جلد علحده بياورم، کہ انشاءَ الله بعد از طبع اين جلد بزودي بنظر دانشمندان خواهد رسيد". (١٣) انهي ڪري پير صاحب مقالات الشعراءَ جي ڪيترن ئي صفحن جي حاشين کي لکندو ويو آهي تہ "رجوع کنيد تعليقات"، ڏسو مقالات الشعراءَ جا صفحا ٢٥، ٩٣، ١٠٧، ١٦٩، ١٧٦، ٢٤١، ٢٧٩، ٢٨٠، ٢٨٢، ٢٨٣، ٢٨٤، ٣٥٧، ٣٦٢، ٣٧٣، ٣٩١، ٤٢١، ٤٤٥، ٤٤٨، ٤٧٥، ٤٨٧، ٤٨٩، ٦٥٩، ٦٩٧، ٧٠٠، ٧٤٠، ٧٥٥، ٧٧٨، ٧٩٢، ٨٠٣، ٨٣٥، ٨٣٦، ٨٣٧، ٨٤٢، ٨٧٥، ۽ ٨٧٧ وغيره. افسوس جو تعليقات وارو اِهو ڪم بہ پير صاحب حياتي جي وفا نہ ڪرڻ سبب نہ ڪري سگهيو.

پير صاحب هڪ انٽرويو ۾ فرمايو آهي تہ "ٽن چئن سالن کان وٺي منهنجي ذهن تي ٽي ڪم آهن، خدا موقعو ڏنو تہ انهن کي پورو ڪندس. هڪڙو ڪتاب آهي 'تاريخ رشيدي'. منهنجي هڪڙي مرحوم دوست جي فرمائش آهي تہ اهوڪتاب مان ايڊٽ ڪريان ۽ شايع ڪيان. خدا توفيق ڏني، منهنجو اهو هڪڙو فرض آهي جيڪو ادا ڪرڻو آهي. ڪم اڄان شروع ڪونہ ٿيو آهي. هن ڪتاب جا پنج ڏهہ نسخا جيڪي دنيا جي مختلف هنڌن تي هئا سي سڀ گڏ ڪري رکيا اٿم ۽ انهي کي فقط تصيح ڪري متن تيار ڪرڻو آهي ۽ اهو ڪم اڄان تائين ان ڪري شروع ڪري نہ سگهيو آهيان جو محنت تمام گهڻي آهي ۽ اها طاقت مان پاڻ ۾ نٿو سمجهان، مون نہ ڪيو تہ انشاءَ الله ڪو ٻيو ڪندو ۽ بهرحال اهو ڪم منهنجي ذهن ۾ آهي.

"ٻيو ڪم آهي 'پوراني سادات'، ٺٽي جا پوراني سادات سنڌ جو تمام وڏو علمي خاندان هيو. 'نصرت نامہ ترخان' ان خاندان جي هڪ فرد لکيو آهي. ان سڄي خاندان جو تفصيلي احوال مون گڏ ڪيو آهي ارادو اٿم تہ خدا توفيق ڏني تہ اهو ڪتاب جيئن، مير معصوم جو لکيو اٿم، لکي پورو ڪيان. ڇاڪاڻ تہ اهو منتشر آهي ۽ تمام قيمتي مواد آهي جو جيڪڏهن گڏ ٿي وڃي تہ سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم باب مڪمل ٿي وڃي. ان خاندان جي علمي اهميت اها آهي جو ان جو واسطو سنٽرل ايشيا، خراسان ۽ هرات سان آهي. ٽئين ڪتاب لاءِ ارادو آهي تہ سنڌ جي ادبي تاريخ لکان." (١٤)

پير صاحب جون اهڙيون خواهشون جيڪي هن وقت بوقت ملاقات دوران چند اهل قلم حضرات سان پنهنجي ظاهر

ڪيون آهن، سي هيٺ ڏجن ٿيون.

١. جناب محمد ابراهيم جويو لکي ٿو تہ "... پير سائين سان وڏيڪ ڪم جون ڳالهيون ٿيون، ڪين فارسي جي رهيل سنڌ جي ماخذات جي ايڊيٽنگ ۽ اشاعت جو خيال هو. ڇٽي پنجاهہ سال عمر جا پيا هجن تہ بہ هوند ڪم پورو نہ ٿئي. سنڌي ادب جي مفصل تاريخ لکڻ جو خيال هون ۽ هو ڏوٽي هو ڏينهن جي طرز تي خاص طرح پنهنجي سائنڻ ماءُ جي يادگيرين لکڻ جو ڏاڍو شوق هون ۽ مون کي پڪ آهي تہ سندن ڇڏيل ڪاغذن ۾ ضرور انهن تجويزن تي سندن ڪي ابتدائي يا ڪجهہ قدر وڏيڪ نوٽ موجود هوندا." (١٥)

٢. ڊاڪٽر رياض الاسلام لکي ٿو تہ "... پير صاحب جي غير مڪمل ڪمن مان غالباً سڀ کان اهم ڪم مرزا حيدر دوغلت جي شهره آفاق تاريخ رشيدي جي ايڊيٽنگ جو ڪم هو. اها رٿا سندس زندگي جي وڏين آرزوئن جي هئي ۽ ١٩٨١ع جي پڇاڙي تائين پاڻ ان فڪر ۾ هئا تہ ڪنهن طرح اهو ڪم پورو ٿي وڃي. جنوري ١٩٨٢ع ۾ جڏهن پاڻ لنڊن روانا ٿيڻ وارا هئا، تڏهن شايد اچڻ واري واقعي جو مٿس القا ٿي چڪو هو، ڇاڪاڻ جو روانگي کان اڳ تاريخ رشيدي جي سمورن روٽو گرافن ۽ صاف ڪيل نقلن جو ڪريٽ منهنجي ۽ پروفيسر محمود الحسن صديقي جي حوالي ڪري ويا."

٣. ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي لکي ٿو تہ "... پير صاحب جي دلي خواهش هئي تہ تحفةالڪرام جي فارسي متن کي نئين سر سنواري سڌاري شايع ڪيو وڃي. اهو اهم ڪم هٿ ۾ ڪيائين. ان جو پهريون حصو حاشين سان سينگاري شايع ڪيائين. افسوس جو ان جا باقي رهيل بہ حصا شايع نہ ٿي سگهيا. سنڌي ادبي بورڊ کي جڳائي تہ جيڪڏهن پير صاحب اهي ٻئي حصا بہ مڪمل ڪري ويو آهي تہ اهي هٿ ڪري شايع ڪري، ڇاڪاڻ تہ هي حصو بہ سنڌي ادبي بورڊ ڇپايو آهي..."

۴. سيد صباح الدين عبدالرحمان لکي ٿو تہ "... پير حسام الدين راشدي وٽ ڇپجڻ لاءِ تاريخ رشيدي مرزا حيدر دوغلت، تاريخ فرامين سلاسل تيموريان ۽ سلسلہ نورجهان بيگم زن جهانگير بادشاهہ تيار هيون."

٥. ڊاڪٽر محمد ايوب قادري لکي ٿو تہ "..... پير صاحب برصغير جي اولين تاريخ 'تاج المآثر' (نظامي) جي اردو ترجمي لاءِ خواهشمند هئا. پروفيسر عبدالمجيد صديقي سان ڳالهہ ٻولهہ ٿي هئي، مگر افسوس جو اهو منصوبو عمل ۾ اچي نہ سگهيو. جوامع الحڪايات راز عوفي، اردو ترجمو اختر شيرواني جي سليس ۽ شگفتہ سنڌي ترجمي جو ذمو محترم پير حسام الدين راشدي ڪنيو..."

٦. غلام مصطفيٰ پيو لکي ٿو تہ "...هڪ دفعي آغا صاحب بدرالدين دراني وٽ پير حسام الدين صاحب ڳڙهي ياسين آيا. مان بہ وٽن روزانو ويندو هيس. رات جو وقت هو، پير صاحب سان سندن ڪمري ۾ وينو هيس. مان ڪائنس پڇيو تہ. سائين جن جي آئنده پروگرام ۾ ڪهڙا ڪتاب لکڻ جو ارادو آهي. جواب ۾ هڪڙي چوپڙي ڪيسي مان ڪڍياؤن ۽ کولي ڪتابن جا نالا پڙهڻ شروع ڪياؤن، جن ۾ ٽيتاليهہ (٤٣) ڪتابن جا نالا هئا، جن مان ڪافي ڪتاب پوءِ ڇپجي آيا ۽ باقي رهجي ويل آهن، جن مان ڪجهہ نالا محفوظ آهن. (١) ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دؤر جي ادبي تاريخ، (٢) ٺٽي جي سياسي تاريخ، (٣) ارغون ترخانن ۽ مغلن جي دؤر جي تاريخ (۴) سرمد شهيد، (٥) سيوهڻ جي تاريخ. انهن بابت پاڻ ٻڌاياؤن تہ مان انهن تي گهڻو ڪم ڪيو آهي. پاڻ فرمائيندا هئا تہ منهنجي ڪتابن ۾ مڪلي نامہ ۽ تاريخ ٺٽہ وڏي پائي جا ڪتاب هوندا ۽ تحفةالڪرام جي فارسي ايڊيشن کي ايڊٽ ڪرڻ ۽ ان جا وڏيڪ بہ حصا پيا بہ حواشي سان مرتب ڪندس، جو انهن جي پڙهڻ کان پوءِ سنڌ جي ماڻهن کي ڪنهن بہ ٻئي ڪتاب

جي ضرورت نہ رهندي. مگر تاريخ نثر، سيوهڻ جي تاريخ ۽ تحفة الڪرام جا بقيہ بہ حصا رهجي وين. سرمد شهيد ۽ مير معصوم شاهہ تي پنجاهہ ورهيہ تحقيق ڪندا رهيا. ٽيون ڪتاب مير ڪي سادات، جيڪي پراڻي سکر ۾ رهن ٿا جو تذڪرو تاريخ بہ ڪمپليٽ ڪري ڇڏي اٿاؤن، اُن تي ڪو ٿورو ڪم رهيل هوندو، جو اُميد تہ سندن پاءُ علي محمد راشدي يا پاڻثبو محترم حسين شاهہ راشدي جن بقيہ رهيل ڪم پورو ڪري شايع ڪرائيندا. اُن سان گڏ سنڌ جي انسائيڪلو پيڊيا بابت ڏاڍو خيال هين تہ اهو ڪم مان ڪيان، جن لاءِ ماڻهن ۽ ڪافي سرمائي جي ضرورت پوندي. جيڪڏهن اهي ٻئي ماڻهون ۽ سرمايو ميسر ٿئي تہ مان ان ڪم ڪي ٻن سالن اندر پورو ڪري ڇڏيان، مگر اها بہ سندن آرزو پوري ڪانہ ٿي. پير صاحب مون ڪي چيو تہ مان مير معصوم بکري تي ٻيو جلد بہ لکي رهيو آهيان. تون سکر وڃي ڪري سندن خاندان ۾ ڪنهن لکئي پڙهئي ماڻهوءَ سان ملي، مون سان رابطو قائم ڪراءِ تہ مان ڪانئس مير معصوم بابت ڪجهہ زباني احوال وٺندس"..."

٧. جناب غلام محمد لاکو لکي ٿو تہ "...راشدي صاحب هڪ ملاقات دوران مون ڪي ٻڌايو تہ ڪتاب 'ميرزا غازي بيگ ترخان اور اس کي بزم ادب' تهران مان فارسي زبان ۾ نروار ٿيئو هو، ليڪن گمان غالب آهي تہ ايران ۾ بعد جي حالتن سبب اهو اچي نہ سگهيو. آخري ملاقات ٢٨ ڊسمبر ١٩٨١ع ۾ راشدي صاحب مون ڪي هن ڪتاب جي سنڌي ترجمي لاءِ پڻ حڪم ڪيو. افسوس جو سندن اوچتي وفات سبب هي ڪم پڻ التوا ۾ رهجي ويو. پير حسام الدين راشدي صاحب، مير قانع جي مفصل سوانح لکڻ جو پڻ اشارو ڏنو آهي، افسوس جو هي ڪم پڻ وقت جي وهڪري ۾ لڙهي ويو ۽ منظر تي اچي نہ سگهيو. راشدي صاحب هڪ ملاقات ۾ ٻڌايو تہ 'تذڪره رياض العارفين جلد دوم' (از، آفتاب راءِ لکنوي) ڇپائيءَ هيٺ هو، جو مذڪوره ادارو پاڪستان انسٽي ٽيوٽ آف پرشن اسٽڊيز اسلام آباد' ايران جي نئين سرڪار بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو، پوءِ ڪٿي هي تذڪرو شايع ٿيو يا نہ، ان جي خبر خاوند کي... جناب غلام محمد لاکي مٿي بيان ڪيل سڀني انهن ڪتابن ڪانسواءِ، چند هينئين ٻين ڪتابن جي مسودن بابت بہ آگاهہ ڪيو آهي، جيڪي پير حسام الدين راشدي صاحب شايع ڪرائڻ لاءِ ايڊٽ ڪيا هئا: معيار سالڪان طريقت (از مير علي شير قانع)، مثنوي زيبا نگار (از، ملا ضيائي ٺٽوي)، ٽالپرن جي تاريخ، راشدي خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون، پير علي گوهر شاهہ اصغر جو ڪلام، تذڪره پوراني سادات، تاريخ ادبيات سنڌ (ادبيات جي تاريخ، براؤن جي طرز تي)، مڪلي جي مقبرن تي تاريخي فارسي شعر، واقعات ڪشمير (حوالو، تڪمله ڪشمير جلد ۴. صفحو ١٠)، تعليقات مقلات (غالباً ان طرز تي پوءِ ڪشمير جو تڪمله تيار ٿيو.)" (١٦)

مٿين سڀني حوالن جي روشني ۾ اسان کي پير حسام الدين راشدي جون هينيون خواهشون نظر اچن ٿيون:

(١) مثنوي مختار نامہ، از مير علي شير قانع، (٢) مثنوي ختم السلوڪ، از مير علي شير قانع، (٣) مير علي شير قانع جا منتشر شعر، غزل، رباعيون ۽ تاريخي قطعات (اهي سڀ مير علي شير جي مختلف قلمي بياض ۽ ڪتابن ۾ ٽڙيل پکڙيل آهن، انهن کي گڏ ڪري ڪتابي صورت ڏيڻ) (٤) قصيده بمدح عبدالنبي از امير علي شاهہ شائق، (٥) نامہ نغز از، باغ علي خانف، (٦) گلدستہ نورس بهار ڪلهوڙا دؤر جي حاڪمن جا خط) از منشي عبدالرؤف سيوستاني، (٧) گلدستہ هميشه بهار از، منشي عبدالرؤف سيوستاني، (٨) انشاءِ عطارد از، شيوڪرام عطارد، (٩) اسناد ۽ فرامين (ڪلهوڙا حاڪمن جا جاري ڪيل پروانہ، سندون ۽ فرمان وغيره.) (١٠) مشاهير سنڌ جلد ٻيون ۽ ٽيون از، مولانا دين محمد وفائي، (١١) شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي همعصر شاعرن جي ڪلام جا ديوان شايع ڪرائڻ، (١٢) شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ۽ سندس خاندان جي مڪمل سوانح حيات، (١٣) شاهہ



پير صاحب ۽ ڊاڪٽر اينمري شمل، سنڌ جي قديم قلمي نسخن جو معائنو ڪري رهيا آهن. نواب نور احمد خان لغاري ٻہ ساڻن گڏ آهي.



سائين حسام الدين راشدي صاحب، موهن جي دڙي جو معائنو ڪندي (١٩٥١ع)

عبداللطيف ڀٽائي دؤر جي سياسي ۽ تمدني تاريخ، (١۴) شاهه عبداللطيف جي دؤر ۾ تصوف جون تحريڪون ۽ انهن ۾ شاهه جو حصو، (١۵) شاهه صاحب جي رسالي متعلق تحقيقي ايڊيشن، (١٦) سنڌ جا فنڪار ۽ انهن جو احوال، (١٧) سنڌ جي فارسي ماخذات جي ايڊيٽنگ ۽ اشاعت، (١٨) سنڌي ادب جي مفصل تاريخ، (١٩) پير صاحب جي والده محترمه جون يادگيريون، (٢٠) تاريخ رشيدي از، ميرزا حيدر دوغلت، (٢١) تحفة الڪرام جا باقي رهيل ڀاڱا (انهن جي ايڊيٽنگ) (٢٢) تاريخ فرامين سلاسل تيموريان، (٢٣) سلسله نورجهان بيگم زن جهانگير بادشاهه، (٢۴) تاج الماٿر از، نظامي، (٢۵) جامع الحڪايات، (٢٦) ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دؤر جي ادبي تاريخ، (٢٧) ٺٽي جي سياسي تاريخ، (٢٨) ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي تاريخ، (٢٩) سرمد شهيد، (٣٠) سيوهڻ جي تاريخ، (٣١) تذڪره مير ڪي سادات، (٣٢) سنڌ جي انسائيڪلو پيڊيا، (٣٣) مير معصوم شاهه بکري جلد ٻيون، (٣۴) مرزا غازي بيگ ترخان اور اس ڪي بزم ادب، جو سنڌي ترجمو، (٣۵) مير علي شير قانع جي مفصل سوانح، (٣٦) تذڪره رياض العارفين جلد دوم، (٣٧) مثنوي معيار سالڪان طريقت از، علي شير قانع، (٣٨) مثنوي زيبانگار از مُلاضيائي ٺٽوي، (٣٩) ٽالپرن جي تاريخ، (۴٠) راشدي خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون، (۴١) پير علي گوهر شاهه اصغر جو ڪلام، (۴٢) تذڪره پوراني سادات، (۴٣) تاريخ ادبيات سنڌ (ادبيات جي تاريخ براؤن جي طرز تي)، (۴۴) مڪلي جي مقبرن تي لکيل تاريخي فارسي شعر، (۴۵) واقعات ڪشمير، (۴٦) تعليقات ڪشمير، (۴٧) سنڌ ۾ اردو، (۴٨) تذڪره مشائخ سيوستان (هن تذڪري ۾ آيل اولياء ڪرام جي مقبرن جو احوال لکڻ ۽ انهن جون تصويرون ۽ نقشا ناهي شايع ڪرائڻ)، (۴٩) خلاصة المڪتوبات، (۵٠) انشاء نورالحق مشتاقي، (۵١) انشاء ابري جلد اول و دوم، (۵٢) مجموعه مڪاتيب دانشگاهه سنڌ، (۵٣) مجموعه رقعات دانشگاهه سنڌ، (۵۴) گلدسته باغبان، (۵۵) منهاج الشعور، (۵٦) تاريخي انشاء، (۵٧) انشاء خبرت، (۵٨) انشاء محمد سعيد، (۵٩) رقعات امام الدين، (٦٠) انشاء (٦١) مڪتوبات قانع، (٦٢) مڪتوبات مير عظيم الدين ٺٽوي، (٦٣) مڪتوبات مير نصير خان ٽالپر، (٦۴) مڪاتيب انندرام مخلص، (٦۵) مدحيه ۽ نعتيه ديوان عطا ٺٽوي، (٦٦) تاريخ مظهر شاهجهاني حصه اول از، ميرڪ يوسف، (٦٧) تعليقات مقالات الشعراء، (٦٨) مڪلي نامه جي ٻني ايڊيشن ۾ مڪلي جي تاريخي آثارن ارض پاڪ مصلي، چاهه محاذي محراب عيد گاهه، غير هائي جبل مشرق روبه زمين ميڪرا، پير غيب، تالاب اڌهور نزديڪ طفرل آباد ۽ ملا داؤد درس مسجد و تالاب جو تعين ڪرڻ ۽ سندس محل وقوع ۽ انهن جي موجوده حالت ۽ احوال لکڻ ۽ انهن جون تصويرون ڪيئي ۽ نقشا ناهي ڏيڻ گهرجي.

هاڻي اسان پير صاحب جي مٿين خواهشن جي ٺوري وضاحت ڪنداسين. نمبر هڪ کان اناهٺ (٦٨) تائين سڀ ڪتاب اُهي آهن. جن جو پير صاحب کي ايڊٽ ڪرڻ، ترجمو ڪرڻ يا مرتب ڪري ڇپائڻ جو خيال هو، ليڪن زندگي وفانه ڪيس، جنهنڪري انهن ڪتابن جا صرف نالا ئي پير صاحب جي خواهشن ۾ رهجي ويا آهن. ڇاڪاڻ ته انهن ڪتابن مان ڪن ڪتابن جو مواد ڇڙوڇڙ ٿيو پيو آهي. جيڪو چونڊي گڏ ڪرڻو پوندو. ڪن ڪتابن کي ايڊٽ ڪرڻو پوندو ۽ معلوماتي حواشين سان سينگارڻو پوندو، چند ڪتابن جو سنڌي ۽ اردو ۾ ترجمو ڪرڻو پوندو وغيره. انهي ڪم ڪرڻ لاءِ ڪنهن هڪ فرد يا اداري جو وس پڄي نه سگهندو. تنهنڪري انهن ڪتابن کي مرتب ڪرڻ ۽ ترجمو ڪرڻ وغيره لاءِ انهن ادارن ۽ فردن کي سامهون اچڻ گهرجي. جيڪي سائينءَ جي زندگي ۾ ڪنهن نه ڪنهن طرح سان ساڻس منسلڪ رهيا. اِهو انهي لاءِ چوان ٿو جو انهن ڪتابن مان ڪن ڪتابن جو صرف نالوئي آهي. ٻيو مواد ڪجهه ڪونه لکيو اٿن، تنهنڪري اهو ڪم صرف اهي ئي ماڻهو سر انجام ڏيئي سگهن ٿا جن جو هميشه واسطو پير صاحب

سان رهيو هجي. ڪن ڪتابن لاءِ تہ صرف پير صاحب ٿورو مواد گڏ ڪيو يا لکيو تہ پاڻ هميشہ لاءِ اسان کان موڪلائي ويا ۽ اهو ٿورو مواد بہ پير صاحب وٽ ٿي رهجي ويو، تنهنڪري انهن ماڻهن کي اڳتي اچڻ گهرجي جن وٽ يا جن کي پير صاحب جي انهي لکيل مواد بابت ڪجهہ ڄاڻ آهي، اُهي ماڻهو انهيءَ مواد کي هٿ ڪري وڌيڪ مواد انهي ۾ مواد جي روشني ۾ تيار ڪري انهي نالي واري ڪتاب کي مرتب ڪن.

انهي سڄي ڪم تي هڪ سرسري نگاهہ وجهي اسان رايو ڏينداسين تہ مٿي ڄاڻايل ڪتابن مان نمبر هڪ کان وٺي نو تائين، ويهہ کان پنجويهہ تائين، سٺيهہ کان اٺيهہ تائين، اٺيتاليهہ ۽ پنجاهہ کان اناهٺ تائين، اهي سڀ ڪتاب صرف ايڊٽ ڪري ۽ معلوماتي حاشين سان سينگاري شايع ڪرائڻ گهرجن. ڇٽيهون (٣٦) ڪتاب "تذڪره رياض العارفين جلد دوم" (از. آفتاب راءِ لکنوي) اسلام آباد مان ڇپجي چڪو آهي.

"مثنوي نامہ نغز" جو هڪ قلمي نسخو سنڌ ۾، ۽ ٻيو نسخو سنڌي ادبي بورڊ جي لئبرريءَ ۾ موجود آهي، تنهنڪري سنڌي ادبي بورڊ جي منتظمين کي گهرجي تہ اهو قلمي نسخو ڪنهن ڄاڻو عالم کان ايڊٽ ڪرائي شايع ڪرائين.

"گلدستہ نورس بهارِ جا بہ قلمي نسخا پير صاحب جي ذاتي لئبرريءَ ۾ موجود هئا. اُن متعلق پير صاحب لکي ٿو تہ "هن ڪتاب جا بہ نسخا منهنجي ڪتب خاني ۾ موجود آهن، جن کي آڏو رکي مون هن ڪتاب جو متن تيار ڪيو آهي ۽ انتظار ۾ آهيان تاريخي حاشين ۽ چٽاڻن سان ان کي ڇاپيو وڃي..." اِنهي کان علاوه انشاءِ عطارد، خلاصة المڪتوبات، انشاءِ ابري جلد اول ودوم، منهاج الشعور، انشاءِ خبرت، انشاءِ، مڪاتيب انندرام مخلص ۽ تاريخ مظهر شاهجاني حصہ اول جا قلمي نسخا پڻ پير صاحب جي لئبريريءَ ۾ موجود هئا. اُنهي کان علاوه "تاريخ فرامين سلاسل تيموريان" ، "سلسلہ نورجهان بيگم زن جهانگير بادشاهہ" ۽ "سنڌ ۾ اردو" جا مسودا پڻ پير صاحب تيار ڪري ڇڏيا هئا، تنهنڪري مٿيان قلمي نسخا توڙي مسودا پير صاحب جي خاندان وٽان هٿ ڪري انهن کي مرتب ڪري شايع ڪيو وڃي.

مجموعہ مڪاتيب دانشگاهہ سنڌ، مجموعہ رقعات دانشگاهہ سنڌ، مڪتوبات قانع، مڪتوبات مير عظيم الدين ٺٽوي ۽ اسناد و فرامين جا قلمي نسخا سنڌي ادبي بورڊ جي ۽ سنڌيونيورسٽي جي لئبرريءَ ۾ موجود آهن. 'اسناد و فرامين' جو هڪ ٻيو نسخو پير صاحب جي لئبرريءَ ۾ پڻ هو. اهي سڀ نسخا هٿ ڪري. ايڊٽ ڪري شايع ڪرايا وڃن.غلام محمد لاکي صاحب جي چوڻ مطابق راشدي صاحب جي آخري عمر واري حصي ۾ هيٺيان سڀ ڪتاب تيار ٿي رهيا هئا يا ترتيب هيٺ هئا: مثنوي مختارنامہ، مثنوي ختم السلوڪ، مير علي شير قانع جا منتشر شعر، غزل رباعيون ۽ تاريخي قطعات، تحفتالڪرامّ جا بقايا رهيل بہ ڀاڱا، ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي تاريخ، مثنوي معيار سالڪان طريقت، مثنوي زيبا نگار، ٽالپرن جي تاريخ، راشدي خاندان جون علمي ۽ ادبي خدمتون، تذڪره پوراني سادات، تاريخ اديبات سنڌ، مڪلي جي مقبرن تي لکيل تاريخي فارسي شعر، واقعات ڪشمير ۽ تعليقات ڪشمير" انهيءَ کان علاوه پير صاحب سنڌي ادب جي مفصل تاريخ، ارغونن مغلن ۽ ترخانن جي دؤر جي ادبي تاريخ، ٺٽي جي سياسي تاريخ، سرمد شهيد، سيوهڻ جي تاريخ، سنڌ جي انسائيڪلو پيڊيا، مير معصوم بکري جلد ٻيون، ۽ مير قانع جي مفصل سوانح حيات لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ مواد ضرور لکيو هوندو يا گڏ ڪيو هوندو. تنهنڪري انهن سڀني ڪتابن کي لکڻ يا مڪمل ڪرڻ لاءِ انهن عالمن ۽ محققن کي اڳتي اچڻ گهرجي، جن کي پير صاحب جي انهي لکيل مواد متعلق ڄاڻ هجي تہ جيئن انهي مواد جي روشنيءَ ۾ ٻيو مواد گڏ ڪري، انهن کي مرتب ڪرائي شايع ڪرائي

سگهجي. تحفة الڪرام جي بقايا رهيل ٻن ڀاڱن کي ايڊٽ ڪري حواشي سان سينگاري شايع ڪرڻ گهرجي. "مير قانع جي مفصل سوانح حيات" تي راقم پڻ تحقيق ڪري رهيو آهي.

تازو معلوم ٿيو آهي تہ "تذڪره پوراني سادات" جو سمورو سهيڙيل مواد ممتاز مرزا جي حوالي ڪيو ويو آهي تہ جيئن هو اُن کي ايڊٽ ڪري تنهنڪري ممتاز مرزا کي گهرجي تہ پير صاحب جي خواهش جي تڪميل لاءِ انهيءَ ڪتاب کي جلد ايڊٽ ڪري ۽ ڇپائي. هي بہ معلوم ٿيو آهي تہ مير علي شير قانع جي مثنوي "معيار سالڪان طريقت" جناب خضر عباسي نوشاهي پي ايچ ڊي جي ٿيسز لاءِ ايڊٽ ڪري رهيو آهي.

عطا ٺٽوي جي "نعتيہ ۽ مدحيہ" شاعرن جي ديوان جو قلمي نسخو بہ سنڌي ادبي بورڊ جي لئبرريءَ ۾ موجود آهي، اِهو نسخو بہ ڪنهن ڄاڻو کان ايڊٽ ڪرائي جلد شايع ڪرايو وڃي ۽ "مقالات الشعراءِ" تي تعليقات بہ ڪنهن ڄاڻو عالم کان لکايا وڃن ۽ شايع ڪرائجن.

قصيده بمدح عبدالنبي، نامہ نغز، گلدستہ نورس بهار، گلدستہ هميشه بهار، انشاءِ عطارد ۽ اسناد وفرامين، سنڌي ادبي بورڊ کي شايع ڪرڻ گهرجن، ڇاڪاڻ تہ انهن کي شايع ڪرڻ لاءِ خود پير صاحب بہ سنڌي ادبي بورڊ کي اپيل ڪئي آهي تہ "مهيا ٿيل ڪتابن مان هينيان ڪتاب (يعني مذڪوره ڪتاب) فوري توجہ جي لائق آهن. اميد تہ سنڌي ادبي بورڊ انهن جي اشاعت لاءِ ضرور اهتمام ڪندو". (١٧)

انشاءِ نورالحق مشتاقي، گلدستہ باغبان، تاريخي انشاءِ، انشاءِ مُنشي محمد سعيد، رقعات امام الدين ۽ مڪتوبات مير نصير خان ٽالپر جا قلمي نسخا سنڌ يونيورسٽي جي لئبرريءَ ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي لئبرريءَ ۾ محفوظ آهن. انهن ڪتابن جا اِهي نسخا هٿ ڪري، ايڊٽ ڪري انهن کي حاشين سان سينگاري شايع ڪرايو وڃي. ڪتاب "نگيران سِنڌ" جو قلمي نسخو ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي ذاتي ڪتبخاني لاڙڪاڻي ۾ پيل آهي. انهيءَ ڪتاب کي بہ ايڊٽ ڪري شايع ڪيو وڃي

"پير صاحب جي والده محترمہ جي يادگيرين" ۽ راشدي خاندان جي علمي ۽ ادبي خدمتون" لکڻ لاءِ جناب حسين شاهہ راشديءَ کي چيو وڃي، ڇاڪاڻ تہ پاڻ انهي گهراڻي جا فرد آهن "پير علي گوهر شاهہ اصغر جو ڪلام، مفتي محمد رحيم سڪندري. ايڊٽ ڪري، جمعيت علماءِ سڪندريہ درگاهہ شريف پير ڳوٺ مان شايع ڪيو آهي. انهيءَ جو ٻيو مستند ۽ مڪمل ايڊيشن پروفيسر شيخ محمد فاضل ترتيب ڏيئي رهيو آهي.

"جامع الحڪايات"، "تاج المأثر"، "مرزا غازي بيگ ترخان اور اس کي بزم ادب" جو سنڌي ۽ اردو ترجمو ڪيو وڃي ۽ شايع ڪيو وڃي. "تاريخ رشيدي"، ڊاڪٽر سليم اختر ايڊٽ ڪيو آهي ۽ انسٽيٽيوٽ آف سينٽرل اينڊ ويسٽ ايشين اسٽڊيز ڪراچي طرفان شايع ٿيڻ وارو آهي. مٿين ڪتابن مان "مرزا غازي بيگ ترخان اور اس کي بزم ادب" جو سنڌي ۽ فارسي ۾ ترجمو ڪرايو وڃي. "مشاهير سنڌ جلد ٻيون ۽ ٽيون" ١٩٨٥ع ۽ ١٩٨٦ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿي چڪو آهي. "شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي همعصر شاعرن جي ديوانن کي مرتب ڪرڻ ۽ اشاعت" لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جون خدمتون حاصل ڪيون وڃن. شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رح ۽ سندس خاندان جي مڪمل سوانح حيات ۽ شاهہ جي رسالي جي تحقيقي ايڊيشن لاءِ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تحسين جوڳو ڪم ڪيو آهي. تازو ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز طرفان ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي مرتب ڪيل شاهہ جي رسالي جا چار جلد شايع ٿي چڪا آهن. اُنهي جي شروع ۾ شاهہ صاحب ۽ سندس خاندان جي مفصل سوانح ڏني ويئي آهي؛ هي تحقيقي ايڊيشن جو پڻ پورائو ڪري ٿو. اميد تہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب شاهہ جي رسالي جا رهيل حصا پڻ جلد

ايڊٽ ڪري شايع ڪرائيندو.

"شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي دؤر جي سياسي ۽ تمدني تاريخ" ۽ "شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي دؤر ۾ تصوف جون تحريڪون ۽ انهن ۾ شاهه جو حصو" ڪتاب، تاريخ جي ڪنهن ڄاڻو عالم کان لکايا وڃن. ڪتاب "سنڌ جا فنڪار ۽ انهن جو احوال" تي ڪجهه ڪم ممتاز مرزا ڪيو آهي. هن چند سنڌي فنڪارن جو احوال "وساريان نه وسرن" نالي ڪتاب ۾ ڏنو آهي. اهو ڪتاب پڻ تازو سال ١٩٨٨ع ۾ ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز طرفان شايع ٿيو آهي. اُميد آهي ته مذڪوره ادارو انهيءَ ڏس ۾ اڃان جوڳا قدم کڻندو ته جيئن ﷺ جي سڀني فنڪارن جو احوال جلد لکجي ۽ ڇپجي سگهي.

پير صاحب جي خواهشن جي تڪميل لاءِ چند اهل قلم حضرات جا رايا ۽ مشورا هيٺ ڏجن ٿا.

محمد ابراهيم جويو صاحب "... مون کي پڪ آهي ته پير صاحب جي ڇڏيل ڪاغذن ۾ ضرور انهن تجويزن تي سندن ڪي ابتدائي يا ڪي قدر وڌيڪ نوٽ موجود هوندا. انهن کي نوٽ ڪري ڪم از ڪم فارسي ماخذات ۽ سنڌ جي ادبي تاريخ تي ۽ پڻ ان سان گڏيا ان سڀ ڪا علاوه به خود سندن ادبي سوانح عمري تي ڪم ٿي سگهي ٿو. جيڪو خاص علمي ۽ ادبي ادارن جو اولين فرض آهي..."

ڊاڪٽر غلام علي الانا "...هاڻي اسان سڀني جو فرض آهي ته انهن کي سميٽيون. انهن کي سنڀاليون ۽ نئين نسل جي اطلاع ۽ اڀياس لاءِ انهن کي هڪ هنڌ گڏ ڪريون. اهوئي سندس سرمايو آهي. جنهن تي اسين هڪ زنده قوم وانگر ناز ڪري سگهون ٿا. هر هڪ جو فرض آهي ته سندن ٻاريل مشعل کي اجهامڻ نه ڏيون. پير صاحب جي گنريل سال سچل واري ادبي ڪانفرنس ۾ ڪيل تقرير ۽ ان ۾ ڏنل پيغام هيئنش سان هنڌائڻ جهڙو آهي. اسان کي سندن اهم پيغام سامهون رکي اڳتي وڌڻو آهي. سندن طرفان ڏسيل مقصد ۽ منزل تي پهچڻ جي ڪوشش کي جاري رکڻو آهي. ٻر ائين ڪرڻ جي بدران فقط به لفظ واڪاڻ جا ڳالهائڻ کان پوءِ سڄو سال خاموش ويهي رهڻ سان پير صاحب جي ڏنل پيغام جي پوئيواري نه ٿي سگهندي، پر ان جي بدران سندن مشن کي جاري رکڻ گهرجي. پير حسام الدين راشدي يادگار ڪائونسل يا اڪيڊمي ناهي اهو ڪم ان جي حوالي ڪريون ته جيئن هر ڪم ڪنهن رٿا ۽ ترتيب سان ٿي سگهي..."

ڊاڪٽر رياض الاسلام "...هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته هڪ اهڙو ادارو قائم ڪيو وڃي جيڪو پير صاحب جي علمي مشن کي جاري رکي. ٻين ڪمن سان گڏ انهن ڪتابن کي پورو ڪري ڇپائي جيڪي پاڻ اڻ مڪمل حالت ۾ ڇڏي ويا آهن. سندن اُهي ڪتاب پڻ ٻيهر شايع ڪري جيڪي هاڻي ناياب ٿي ويا آهن ۽ سندن مضمونن کي گڏ ڪري مجموعن جي شڪل ۾ شايع ڪري. پير صاحب پنهنجي زندگي ۾ بيشمار لکندڙن، اديبن ۽ شاعرن جي همت افزائي ۽ واهر ڪئي. هاڻي اهو انهن ماڻهن جو فرض آهي ته هو پير صاحب جي عظيم علمي مشن کي جاري رکڻ ۾ سيد حسين شاهه راشدي جو هٿ ونڊائين، جنهن صاحب انهي ڪم جو بار پنهنجي مٿي تي کنيو آهي..."

جناب ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي "... پير صاحب سنڌي مقالن کانسواءِ بي شمار اردو ۽ فارسي مقلا به لکيا، جيڪي اردو ۽ فارسي جي نامور رسالن ۾ شايع ٿي چڪا آهن، ضرورت آهي ته اهي مقالا به ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا وڃن"..."

جناب خادم شيخ "... سائين جي وفات سان جيڪو سنڌي ادب کي نقصان رسيو آهي تنهن جي ڪوٽ پوري ڪرڻ لاءِ ته ڪافي وقت کپي. بهرحال سائينءَ جي خاندان مان سائين حسين شاهه راشدي ادب ڏانهن لاڙو ڪيو آهي،



نئشنل ميوزيم ڪراچيءَ جي بورڊ آف گورنرس جي اجلاس جو هڪ منظر: ساڄي کان ايس. اي. نقوي، ...... ڊاڪٽر ايف. اي. خان، سائين حسام الدين راشدي، ممتاز حسن ۽ ڊاڪٽر اشتياق حسين قريشي.



پير صاحب، سنڌي ادبي بورڊ ۾ پرڏيهي عالمن ۽ دانشورن کي، بورڊ جي ڪتابن ۽ رسالن جو تعارف ڏيئي رهيو آهي.

تنهن ۾ اسان کي ڪافي اميدون آهن. "...."

جناب غلام محمد لاکو: "... پير حسام الدين راشدي جي علمي ۽ ادبي مان مرتبي، بحيثيت هڪ محقق ۽ مؤرخ جي ڇڏيل ڪار گذاري، اسان جي حوالي ڪيل ادبي اثاثي، تاريخ نويسي لاءِ ڏنل نظريي، هڪ دانشور، ڏاهي، پُر خلوص، پروقار، محب وطن ۽ همت ڀريئي بزرگ توڙي همتائيندڙ انسان جي حيثيت ادبي لاڳاپن ۽ ايليٽ وانگر سندن ادبي ۽ علمي وسيلن جي صحيح پروڙ لاءِ ضروري آهي ته جلد کان جلد سندن صحيح ۽ مڪمل سوانح مرتب ڪجي. بيشڪ هي هڪ اهم ۽ ضروري ڪم آهي، جيڪو ڪرڻ بہ گھرجي، ٻي صورت ۾ اسان وٽ هاٿي تہ فخر لائق ٻي ڪابہ ڳالهہ نہ بچي آهي. سنڌ جو مايہ ناز اديب، محقق، دانشور مؤرخ ۽ عالم محترم پير حسام الدين راشدي صاحب جيتوڻيڪ هاڻي هن دنيا ۾ نہ رهيو آهي ليڪن سندن ڇڏيل ادبي اثاثو، علم ۽ ادب لاءِ ڪيل خدمتون ۽ تازو توانو فن ۽ فڪر اسان وٽ رهندي دنيا تائين موجود رهندا. اسان سڀ جيڪي سندس عقيد تمند، پوئلڳ ۽ شاگرد سڏايون ٿا ۽ سندس لاڳاپي تي فخر محسوس ڪريون ٿا تن جو ۽ انهن سڀني ادارن جو جيڪي سندن سرپرستي ۾ وڌيا ۽ ويجهيا. مڙني جو فرض آهي تہ پاڻ جيڪي ڪم اڌورو ڇڏي ويا آهن. تن جو پورائو ڪريون. ان ڏس ۾ ڪم ڪرڻ لاءِ ڪنهن حد تائين هيٺيون ڳالهيون ڌيان ۾ رکڻ ضروري آهن. راشدي صاحب سنڌ جي ادبي تاريخ جي اها قابل فخر هستي آهي جنهن جون علمي ادبي خدمتون لافاني يادگار ۽ اڻ مٽ آهن مناسب آهي تہ سندن جامع ۽ مڪمل سوانح جلدي لکجي ۽ ڇپائجي تہ جيئن آئنده نسلن جي رهبري ٿئي. سردست ان ڏس ۾ سندن مختصر سوانح ئي ترتيب ڏجي، تڏهن بہ بهتر ٿيندو. افسوس جو هيل تائين ڪنهن بہ عالم يا اديب جي ڪا سوانح نہ لکي ويئي آهي (٢) راشدي صاحب جي ذاتي ڪتب خاني ۾ سنڌ تي جيڪي فارسي مخطوطا هئا تن جو مفصل ڪيٽلاگ تيار ڪري شايع ڪجي تہ جيئن ريسرچ ڪندڙن جي رهبري ٿي سگهي. سندن حياتيءَ ۾ اهڙو ڪيٽالاگ ڊاڪٽر روشن آرا بيگم تيار ڪيو هو جيڪو غالباً ڇپجي نہ سگهيو آهي. هن ڪم ڪرڻ لاءِ اسان کي پنجاب يونيورسٽي پاران مختلف عالمن جي مخطوطن تي تيار ڪيل فهرست تان رهنمائي وٺڻ گهرجي (٣) راشدي صاحب جا جيڪي تيار ۽ اڻ ڇپيل ڪتاب باقي آهن تن جي ڇپائيءَ جو بندوبست جلد از جلد ڪرڻ گهرجي (٤) اهي ڪتاب جيڪي اسان جي هن عالم وٽ ترتيب ۽ تياري هيٺ هئا ليڪن زندگيءَ جي بي وفائي جي ڪري انهن جو ڪم اڌورو رهجي ويو. جلد از جلد مختلف عالمن جي حوالي ڪري قابل اشاعت بنايا وڃن تہ جيئن سندن رهيل ڪم جي پورائي ٿي سگهي (٥) مناسب تہ ائين آهي تہ هنن سڀني ڪمن جي پورائي لاءِ "راشدي اڪيڊمي" ٺاهجي، جتي نہ رڳو سندن لئبرري محفوظ ڪجي بلڪ سندن ذاتي استعمال جي شين کي پڻ محفوظ ڪيو وڃي (٦) هنن سڀني ڳالهين جي پورائي لاءِ راشدي صاحب جي ياڻي محترم حسين شاهہ راشديءَ کي پڻ سرگرم ٿيڻ گهرجي". (١٨)

آخر ۾ راقم الحروف پير صاحب جي انهن خواهشن جي تڪميل لاءِ پنهنجي راءِن جو اظهار هن طرح ڪري ٿو تہ "جن اخبارن ۽ رسالن وغيره ۾ پير صاحب ڪم ڪيو. انهن جا ايڊيٽر ٿي رهيا يا انهن سان ڪنهن بہ قسم جو تعلق هُين تہ انهن سڀني اخبارن توڙي رسالن مان پير صاحب جا علمي ادبي ۽ سياسي مقالا ۽ مضمون، ايڊيٽوريل، شاعري ۽ افسانا وغيره گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ شايع ڪيا وڃن. پير صاحب جون اهي تحريرون ۽ تقريرون بہ گڏ ڪري شايع ڪيون وڃن جيڪي هن وقت بوقت ادبي جلسن ميٽنگن، مختلف ڪتابن جي رونمائي وارين تقريبن وغيره جي دوران ڪيون هيون. انهن فارسي، سنڌي ۽ اردو ڪتابن جا مهاڳ، تعارف مقدمہ ۽ پيش لفظ بہ گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻي شايع ڪيا وڃن جيڪي پير صاحب جا لکيل آهن. پير صاحب جا مختلف مقالا، اردو ۽ فارسي

مختلف رسالن مان هٿ ڪري ۽ انهن جو سنڌي ترجمو ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻي شايع ڪرايا وڃن. پير صاحب جي نالي تي هڪ اڪيڊمي يا لئبريري قائم ڪئي وڃي. پير صاحب جا مختلف عالمن ڏانهن لکيل خط ۽ مختلف عالمن جا سندس ڏانهن لکيل خط پڻ گڏ ڪري ڪتابي صورت ۾ شايع ڪرايا وڃن.

پير صاحب متعلق ببليوگرافي لکائي وڃي جنهن ۾ پير صاحب بابت سندس وفات کان اڳ جو ادبي سوانحي ۽ سياسي مواد وغيره ڇاپايو وڃي ۽ وفات کانپوءِ سندن متعلق غير ملڪي ۽ ملڪي ماڻهن جا وفات تي موڪليل تعزيتي پيغامات، اخبارن جا ايڊيٽوريل ۽ ريڊيو ۽ ٽي وي تان نشر ٿيل پيغامات ۽ ٻيو مواد ڇاپايو وڃي. پير صاحب جي سنڌي ۾ سؤ مقالن مان رهيل بقايا مقالن کي به گڏ ڪري ڪتاب "ٻالهيون ڳوٺ وڻن جون" وانگر هڪ ٻئي جدا ڪتاب ۾ شايع ڪيا وڃن. انهي سلسلي ۾ جناب غلام محمد لاکي جي ڪوشش تحسين جوڳي آهي جو هن پير صاحب جي چند تاريخي مقالن کي هڪ هنڌ سهيڙي "ٻالهيون منهنجي سنڌ جون" نالي مجموعو تيار ڪيو آهي. جيڪو سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپيو آهي.

پير صاحب جي ناياب افسانن، ناولن ۽ ٻين ادبي تاريخي، سوانحي ۽ سياسي ڪتابن کي ٻيهر جلد از جلد شايع ڪرايو وڃي. پير صاحب جي ٽي وي ۽ ريڊيو تان نشر ڪيل تقريرن کي ڪيسٽن ذريعي عام ڪيو وڃي ۽ انهن تقريرن کي مرتب ڪري ڪتابي صورت ۾ آڻي شايع ڪرايو وڃي.

اهي ڪتاب جلد شايع ڪرائڻ گهرجن جيڪي پير صاحب وفات کان اڳ مڪمل ته ڪري ويو مگر شايع نه ٿيا ۽ انهن ڪتابن کي به جلد مڪمل ڪرائي شايع ڪيو وڃي جيڪي پير صاحب وفات کان اڳ ۾ لکي رهيو هو. مگر سندس وفات سبب مڪمل ٿي نه سگهيا. پير صاحب جي مڪمل سوانح عمري تيار ڪري جلد شايع ڪئي وڃي. راشدي صاحب جي ذاتي ڪتب خاني ۾ موجود فارسي مخطوطن جو ڪيٽلاگ تيار ڪرايو وڃي.

پير صاحب جي مذڪوره خواهشن ۽ پير صاحب متعلق مٿي ڄاڻايل ڪمن جي تڪميل لاءِ انهن ادارن ۽ ماڻهن کي خاص طور تي اڳتي وڌڻ گهرجي جن جو پير صاحب سان تعلق رهيو آهي. اهڙن ادارن مان انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ سنڌي ادبي بورڊ به آهن. انهن ٻنهي ادارن کي گهرجي ته پير صاحب جي خواهشن کي پوري ڪرڻ لاءِ خاص طور تي پير صاحب جي خاندان مان جناب حسين شاهه راشدي جون خدمتون حاصل ڪن. ڇاڪاڻ ته انهن ٻنهي ادارن تي پير صاحب جا ڪيترائي احسان آهن. پير صاحب جي دور انديشي، گهري اڀياس ۽ اعليٰ سوچ جو هڪ مثال هي به آهي ته سندس رٿ تي آڪٽوبر ۱۹۶۴ع ۾ سنڌ اڪيڊمي جو نالو "انسٽي ٽيوٽ آف سنڌالاجي" رکيو ويو. پير صاحب هن اداري جو ۱۹۶۲ع ۾ باني ميمبر پڻ رهيو آهي.

سنڌي ادبي بورڊ تي به پير صاحب جا گهڻائي احسان آهن، ڇاڪاڻ ته هن اداري جي معرفت پير صاحب گهڻي کان گهڻا تاريخي ڪتاب تيار ڪري شايع ڪرايا. پير صاحب جي انهن معلومات افزا تاريخي ۽ ادبي خزاني جي ڪري ئي سنڌي ادبي بورڊ جو نالو ملڪ توڙي ٻاهر روشن ٿيو آهي. پير صاحب کي هر وقت انهيءَ اداري جي ترقيءَ جو اونو هوندو هو. تنهنڪري ئي هڪ هنڌ لکيو اٿن ته "... هن وقت سنڌ ۾ تاريخ جو ڪم سنڌي ادبي بورڊ ڪري رهيو آهي ۽ انهي اداري سنڌ کي ٻاهرين ملڪن سان ڪافي روشناس ڪرايو آهي ۽ گهڻو ڪري بنيادي ڪتاب شايع ڪري چڪو آهي، ليڪن ان جي ساليانې گرانٽ ڪافي نه آهي. انهيءَ اداري کي پڻ نئين سر قومي پيماني تي تشڪيل ڪجي ۽ رقمون مهيا ڪجن." (۱۹)



تهران يونيورسٽيءَ پاران، پير صاحب کي ڊاڪٽريٽ جي اعزازي ڊگري ڏيڻ واري تقريب جو هڪ منظر.



پير صاحب پنهنجي پوٽي علي رضا سان گڏ.

# حوالا


١. پير حسام‌الدين راشدي، "ڳالهيون ڳوٺ وٺن جون" ، صفحو ٤٣. ڇاپو پهريون ١٩٨١ع. انجمن تاريخ سنڌ ڪراچي (ڪتاب، "تذڪره امير خاني" ١٩٦١ع ۾ ۽ "مير معصوم بکري" ١٩٧٩ع ۾ "سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپيا آهن.)
٢. مير علي شير قانع "مثنويات وقصائد قانع" (مرتب: پير حسام‌الدين راشدي) صفحو ١ ۽ ٢ تعارف. ڇاپو پهريون ١٩٦١ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
٣. ميان نور محمد ڪلهوڙو، "منشورالوصيت ودستورالحڪومت" (مرتب: پير حسام‌الدين راشدي) صفحو ٢٩ ۽ ٣٠ ڇاپو پهريون ١٩٦٤ع. سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
٤. مولانا دين محمد وفائي، "تذڪره مشاهير سنڌ جلد پهريون" (مرتب، پير حسام‌الدين راشدي) صفحو ١٥ مهاڳ، ڇاپو پهريون ١٩٧٤ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
٥. ڳالهيون ڳوٺ وٺن جون، صفحو ٨٤٢_٨٤٣
٦. ساڳيو ڪتاب، صفحو ٨٣٧.
٧. مير علي شير قانع، "مڪلي نامہ" (مرتب، پير حسام‌الدين راشدي) صفحو ٣٧ مقدمو، ڇاپو پهريون ١٩٦٧ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
٨. ٽي ماهي "مهراڻ" ١٩٥٥/١ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. ڳالهيون ڳوٺ وٺن جون، صفحو ٧٤٥ _ناز سنائي (مرتب) "سنڌي تاريخ جا ماخذ" ، صفحو ٣٧ ۽ ٣٨ ڇاپو پهريون ١٩٨٩ع "سنڌي تحقيقي بورڊ" حيدرآباد.
٩. ٽي ماهي "مهراڻ" ، ١٩٨٧/١ع، صفحو ٨٢ کان ٩٠، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد. "سنڌ جي تاريخ جا ماخذ" ، صفحو ٧٣ کان ٨٣.
١٠. ٽي ماهي "مهراڻ" ، ٣ ، ١٩٧٤/٤ع، صفحو ٢٠٢ ، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
١١. ملا عبدالحڪيم عطا ٺٽوي، "هشت بهشت" (مرتب، پير حسام‌الدين راشدي) صفحو ٠١_٠٣ مقدمو، ڇاپو پهريو ١٩٦٣ع، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
١٢. ميرڪ يوسف، "تاريخ مظهر شاهجهاني" (ايڊٽ، پير حسام‌الدين راشدي) صفحو ٧٣ مقدمو ڇاپو پهريون ١٩٦٢ع. سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
١٣. مير علي شير قانع، "مقالات الشعراء" (ايڊٽ، پير حسام‌الدين راشدي) ڇاپو پهريون ١٩٥٧ع سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد.
١٤. پير حسام‌الدين راشدي "ڳالهيون منهنجي سنڌ جون" (مرتب، غلام محمد لاکو) صفحو ٢٨٣_٢٨٤. ڇاپو پهريون ١٩٩٢ع سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
١٥. ٽي ماهي "مهراڻ" (مقالا نمبر) ١٩٨٤/٤ع. صفحو ٢٦_٢٦١ سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو.
١٦. ٽي ماهي "مهراڻ" (پير حسام‌الدين راشدي نمبر) ١٩٨٣/١ع، صفحو ٧٦ . ٧٧ . ١١٠ . ١٢٦ . ١٥٨ . ١٦٢ . ٢٠١ کان ٢٠٤ . ٢٣٥ . ٢٣٩ . ٢٤٦ ۽ ٢٤٧ ، سنڌي ادبي بورڊ
١٧. "منشورالحڪومت و دستورالحڪومت" ، صفحو ٢٩ . ٣٠.
١٨. ٽي ماهي "مهراڻ" (پير حسام‌الدين راشدي نمبر) ١٩٨٣/٠١ع، صفحو ٦٢ . ٦٣ . ٦٤ . ٧٦ . ٧٧ . ١٢١ . ١٢٢ . ٢٠٨ . ٢٢١ . ٢٢٧ . ٢٤٧ ۽ ٢٤٨.
١٩. "ڳالهيون ڳوٺ وٺن جون" ، صفحو ٨٣٨.


☆

داڪٽر نواز علي شوق

# مخدوم محمد اسماعيل رحہ پريان لوئي

سنڌ صُوفي سڳورن ۽ الله جي پيارن بزرگن ۽ اوليائن جي سر زمين آهي. هر وستي ۽ واهڻ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن بزرگ جي مزار يا خانقاهہ ضرور نظر ايندي. خيرن ڀري خيرپور ۾ بہ ڪيترائي خير ۽ برڪت وارا الله جا پيارا آرامي آهن. انهن مان هڪ مخدوم محمد اسماعيل آهي.

سندن اصل نالو اسماعيل آهي، پر عشق رسول سبب سندن لقب "عبدالرسول" هو. پاڻ ذات جا جوڻيجا هئا ۽ ڏوڪري تعلقي جي هڪ ڳوٺ ميين جي ڪاهي جا وينل هئا. سندن ننڍپڻ جو ڪو احوال ڪونہ ٿو ملي. پير حُسام‌الدين راشدي مرحوم "حديقة الاوليا" جي مقدمي ۾ "حالات مخدوم محمد اسماعيل پريان لوئي" نالي هڪ قلمي ڪتاب جو ذڪر ڪيو آهي، اُهو ڪنهن جي ملڪيت هو؟ هينئر ڪنهن وٽ آهي، ان بابت ڪا ڄاڻ ڪانہ ٿي ملي.

بهرحال. جيستائين اهو قلمي ڪتاب هٿ اچي، تيستائين ٻين ماخذن جي مدد سان هيءُ مقالو لکيو اٿم، جيڪو اجا اڻ پُورو آهي.

مخدوم صاحب پنهنجي ڳوٺ مان لڏي "پرالي" آيو ۽ اتان جي بُزرگ سيد حاجي جمال شاهہ (١) جو مُريد ٿيو. مخدوم صاحب ڪهڙي سن ۾ پرالي آيا؟ ۽ سندن لڏڻ جو ڪهڙو سبب هو؟ اهو پڻ معلوم نہ آهي. بهرحال، مخدوم اسماعيل رحہ هميشه لاءِ خيرپور جي ڀاڳ ڀرئي شهر "پرالي" جو ٿي ويو. ان شهر کي سندن مريدن ۽ عقيدت مندن مُرشد جي محبت ۽ عقيدت ۾ "پِريان لوءِ" سڏيو، جيڪو وري اڄ بگڙجي "پريالو" ٿي ويو آهي.

مخدوم صاحب نقشبندي مسلڪ جو پوئلڳ هو. سندن طريقت جو سلسلو حضرت امام رباني شيخ احمد سرهنديءَ سان ملي ٿو. جيئن هيٺين شعرن مان ظاهر آهي:

از مجّدد ــ ثاني فيض عالمگير شد،
وز جنابِ شان جهانرا برڪت و تاثير شد.
شيخ آدم گشت از فيض مجّدد ڪامياب،
شيخ سعدالله ازُو گشتہ منّور مسّطلاب،
زوست ايوبِ ولي و هم جمال الله شاه.
زُوست مخدوم "برالو" را بقا مانندِ ماه.
زُوشده راشد خليفہ از فيوضش بهرمند،
در طريقہ عاليہ حضرت جنابِ نقشبند.

آخري شعر ۾ حضرت محمد راشد روضي ڌڻي رحہ جن جو ذڪر آهي. جنهن ۾ ڄاڻايل آهي تہ پير صاحب کي مخدوم صاحب کان فيض مليو. ملفوظات روضي ڌڻي رحہ ۾ آيو آهي تہ: هيڪر پاڻ روضي ڌڻي رحہ روهڙي شريف مان ٿي موٽيا هئا ۽ حضرت مخدوم صاحب محمد اسماعيل قدس سره جي زيارت لاءِ پريان لوءِ شريف تشريف فرما ٿيا. جيستائين حضرت مخدوم صاحب قدس سره جي روضي منور ۾ آيا، تيستائين ٻيا فقير اڳي اچي روضي مطهره ۾

(١) مخدوم صاحب جي مُرشد سيد حاجي جمال الله شاهہ جي مزار پريان لوءِ ۾ آهي.

گھڻي عزت ڪندو هو. اڪثر وٽن ويندو رهندو هو ۽ هميشه مخدوم محمديءَ جي پنيان هلندو هو، تونڙيجو مخدوم صاحب کين عرض ڪندا هئا تہ توهان بزرگ آهيو، اڳ ۾ ٿي هلو. پر مخدوم صاحب کين جواب ۾ فرمائيندا هو تہ "اي محبوب! مخدوم سهڻا! اوهان جي پيشانيءَ ۾ اسم اعظم ٻَڪي ٿو ۽ الاهي نُور روشن آهي، تنهن ڪري اسان کي تاب ۽ طاقت نہ آهي جو اوهان کي پُٺي ڏيون. (١)

مخدوم اسماعيل ۽ مخدوم احمدي خدائي جي پاڻ ۾ ڏاڍي پريت هئي. دونهين وارو پير سيد ابراهيم شاهہ جيڪو پنهنجي دور جو وڏو عالم ۽ بُزرگ هو، سو سندن گهرو دوست هو. ابراهيم شاهہ جا وڏا ملتان جا وينل هئا. مجيد شاهہ نالي هڪ سيد سڳورو سير سفر ڪندو، سيوهڻ مان ٿيندو اچي خيرپور پهتو. انهيءَ سفر ۾ سندن پُٽ موتڻ شاهہ بہ گڏ هو. مجيد شاهہ جي وفات کان پوءِ موتڻ شاهہ اچي ٻيرلوءِ ۾ رهيو. سيد ابراهيم شاهہ انهيءَ موتڻ شاهہ جو فرزند هو.

پريان لوءِ ۾ نقوي ساداتن جي هڪ درگاهہ آهي، جنهن جو باني صالح شاهہ سواني هو. سيد صالح شاهہ جو فرزند سيد قائم علي شاهہ (٢) مخدوم اسماعيل رحہ جو تمام پيارو دوست هو. مخدوم صاحب خطاطيءَ جي فن جو ماهر هو ۽ شاهہ صاحب بہ سندن صحبت ۾ هن فن ۾ معارت حاصل ڪئي هئي. پنهي گڏجي هڪ قرآن پاڪ لکيو. هر هڪ پندرهن پندرهن پارا لکيا. اهو قرآن مجيد سيد سڳوري جي پوين وٽ موجود آهي. مولانا دين محمد وفائي مرحوم تذڪره مشاهير سنڌ ۾ لکيو آهي تہ: "هُو خوشخط بہ هڪ ني هو. معقول ۽ منقول جا سمورا درسي ڪتاب پنهنجي قلم سان لکي پنهنجي ڪُتبخاني ۾ جمع ڪيا هُئائين." (٣)

هر وقت عشق رسول ۾ محو هوندا هئا. "خزانة المعرفت" ۾ آهي تہ ؟هڪ ڀيري خليفةالله رضي الله تعاليٰ عنه مسجد شريف ۾ مثنويءَ مان وعظ ٿي فرمايو. انهيءَ دوران هڪڙو نقل بيان فرمايائون تہ هڪ ڏينهن حضرت مخدوم صاحب پريان لوئي قدس سرة العزيز طالبن ۽ مُريدن جي جماعت سان ٻاهر آيا، هڪڙي ڇوڪري سنڌي ڏوهيڙو چيو:

پنهنجي پرينءَ تي چگو چوسو

"چوسو" فارسيءَ ۾ اهڙي ڪپڙي کي چوندا آهن، جيڪو رنگريزن وٽ رڱبو آهي، ڳاڙهي اچي ڪاري رنگ ۾ رڱيل هوندو آهي، حضرت مخدوم سائين اهو ٻڌڻ شرط وجد جي حالت ۾ اچي ويا. جيئن تہ وات ۾ هڪ وڏو واهہ آيو. مخدوم سائين انهيءَ مان ٿپوءَ ڏيئي ٻيءَ پير وجي بيٺا. حضرت مخدوم صاحب جڏهن هوش ۾ آيا فرمايائون خدا جا طالبو! ڇوڪري جي ڳالهہ توهان کي ڪا سمجهہ ۾ آئي، ڪهڙو نہ چڱو چيائين:

عرض ڪيائون: "اسان جي سمجهہ ۾ ڪجهہ بہ نہ آيو". مخدوم صاحب فرمايو "هُن چيو پنهنجي پرينءَ تي چگو چَوَ سو. يعني منهنجي پرينءَ تي چگو ڪلمو چَو، منهنجي دوست مان مراد حضرت نبيءَ ڪريم صلي الله عليه

(١) تذڪره مخاديم ڪُهڙا قلمي (سنڌي ترجمو) ص ١٣٥ مترجم: غلام احمد.

(٢) سيد قائم علي شاهہ جو ڏاڏو سيد بهاؤالدين شاهہ اُچ کان لڏي اچي روهڙيءَ ۾ رهيو. روهڙيءَ ۾ حاجن شاهہ واري درگاهہ سندن قائم ڪيل آهي. کين چار پُٽ هئا، جيڪي مختلف شهرن ۾ وڃي ويٺا. صالح شاهہ پرالي ۾ آيو. هو پنهنجي دور جو وڏو بزرگ هو. ميان نور محمد ڪلهوڙو سندس خدمت ۾ حاضر ٿيو هو، کيس جاگير جي آڇ ڪيائين، پر درويش جيئن تہ لاطمع هو. تنهن ڪري انڪار ڪيائين. سنڌي زبان جو سٺو شاعر هو، پر سندس ڪلام اڻ لڀ آهي. (ڏسو ڊاڪٽر حامي جو ڪتاب "خيرپور جي ميرن جو ادب، سياست ۽ ثقافت ۾ حصو" ص - ٤١٣ سنڌالاجي سنہ ١٩٩٤ع.)

(٣) تذڪره مشاهير سنڌ (جلد ٽيون) ص - ١ سنڌي ادبي بورڊ سنہ ١٩٨٦.

ٽلهہ: الحـــــمـدلله اوهـين کـهـو، صـلـوات ۾ راضـي رهــو
اوهـين جـاءِ جـنّـت ۾ لـهـو، صَـلّـوا عـلـيــه وسـلـم
١- فــرزنـد عــبــدالله جــو، رهـبــر شــرع جـي راهـہ جــو
هــو دادلــو درگـــاهـہ جـــو، صَـلّـوا عــلـيـــه وسـلـم
٢- ڏينهن آخرت جو ڏرتني، چاڙهيو اچي ڏيئي همٿي
يا ربّ هـبـلـي اُمـــتـي، صَـلّـوا عــلـيـــه وسـلـم
٣- لـوچـي لـهــو قــرآنؐ ۾ فــتـــاح جـي فــرمـــان ۾
سـمـجـهـي ڏسـو دل جـان ۾، صَـلّـوا عـلـيــه وسـلـم
٤- "اسماعيل" جي دل خوش ڪريو، آهي اوهان جو آسرو
ڪـلـمـو مُـحـمّـد تـي پڙهـو، صَـلّـوا عـلـيــه وسـلـم (٢)

آخر ۾ سندن فارسي ڪلام جو نمونو پيش ڪجي ٿو.

حـمـد است زاتِ پـاڪ را- آن مـانـع افـلاڪ را،
در ڪُنہ اُو ادراڪ را - نـي فـهـم بـاشـدني خـبـر.
از حـمـد اُو هـر نـعـمـتـي - از شُـڪـر اُو هـر لـذتـي،
در هـر امـورِ بـرڪـتـي - افـزون شـور دل در صـدر،
طُور است سينۂ عاشقان - سير است صدرِ عار فان،
نُور است قلبِ سـالـڪـان - از پر تـوِ آن مـقـتـدر،
نعتِ نـبـي آخـر زمـان- از بـحـرِ خـون دان حـرزجـان،
بـاشـد تـرا امـن و امـان - از بـيـم تـن روز حـشـر.
آن احـمـدِ خـيـرالـوريٰ - آن سـرورِ هـر دو سـرا،
سـردار عـالـم مـا وريٰ - نُوالـهُـديٰ خـيـر الـبـشـر.
مـعـراَج سُوي آسـمـان - سـيـرش بسُـوي لا مـڪـان
بـر بـسـتـر آمـد آن زمـان - ايـن يـڪ عـجـائـب رانـگـر
درشب اشـارت ڪـرد چـون - جـانِ عُـدو زان گـشـت خُـون
اعـزاز ديـن گـشـتـہ فـزون - انـگـشـت را سُـوي قـمـر.

مخدوم صاحب جون ڪيتريون ئي ڪرامتون مشهور آهن مولانا دين محمد وفائي تذڪره مشاهير سنڌ ۾ سندن ڇهہ ڪرامتون ڏنيون آهن. جيئن تہ اهي اڳ ۾ ڪتاب ۾ ڇپيل آهن، تنهن ڪري انهن کي ڇڏي، هتي "تذڪره مخاديم کهڙا" مان هڪ ڪرامت نقل ڪري ڏني وڃي ٿي:

هڪ دفعي حضرت مخدوم اسماعيل رحہ جن حضرت مخدوم احمدي خدائي رحہ جن وٽ کُهڙين آيل هئا. مخدوم احمد خدائي جن رات جو ڪافي دير تائين ڪچهريءَ بعد، حضرت مخدوم اسماعيل جن جي خدمت ۾ پنهنجي صاحبزادن هرهڪ مخدوم زاده محمد عاقل ۽ صاحبزادو حضرت پير ميان محمد راشد لکياري جن (جيڪي اجا طالب علم هئا ۽ مخدوم احمديءَ جي مدرسي ۾ پڙهندا هئا) کي سُمهاري، پاڻ حويليءَ اندر وڃي آرامي ٿيا.

---

(١) مولود: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ص - ٣٧، سنڌي ادبي بورڊ ١٩٦١ع.

داڪٽر محمد ادريس السندي

# فارسي ڪتابن جا سنڌي ترجما

[نوٽ: ٽماهي "مهراڻ" ٣- ١٩٩٥ع واري پرچي ۾ محترم غلام محمد لاکي جو هڪ مقالو "فارسي ڪتابن جا سنڌي ترجما" جي عنوان سان نظر مان گذريو، جنهن ۾ لاکي صاحب استدراڪ ۽ تلاقيءَ طور سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ٿيل ٨٢ اهڙن ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪي اردوءَ جي مشهور اديب اختر راهيءَ ڪان سندس ڪتاب "ترجمہ هاي متون فارسي به زبانهائي پاڪستاني" ، ۾ ذڪر ڪرڻ ڪان رهجي ويا آهن. راهي صاحب صرف ٣٦ ڪتابن جو ذڪر ڪيو آهي. اهڙي طرح ٽوٽل ڪتاب ١١٨ ٿيا. لاکي صاحب لکيو آهي ته. "خاطري آهي ته اجا گهڻو مواد هن مطالعي ۾ نہ اچي سگهيو هوندو. اميد ته ڪو جاڪوڙي جوان، هن عنوان تي قلم کڻي وڌيڪ ڪتابن جو اپياس پيش ڪندو." انڪري مان استدراڪ طور فارسي مان سنڌي ۾ ترجمو ٿيل اهڙن ڪتابن جو ذڪر ڪري رهيو آهيان، جيڪي ٻنهي صاحبن کان رهجي ويا آهن. مان ڪو جاڪوڙي جوان ته ڪونه آهيان. البت پنهنجي "قاسمه لائبرري" اندر، مٿين ڪتابن کان وڌيڪ جيڪي بہ ڪتاب ملي سگهيا يا انهن جي معلومات ٿي سگهي انهن جو ذڪر ڪندس. مون کي يقين آهي ته اهڙو مواد اجان بہ هوندو، پر انهن جي هٿ ڪرڻ لاءِ سنڌ جا مختلف ڪتبخانا ڏسڻا پوندا. هيٺ پيش ڪيل اڪثر ڪتاب "قاسميہ لائبرري" ۾ موجود آهن، پر جيڪي موجود نہ آهن، انهن جي چٽائي حواشي ۾ ڪيل آهي. ڪتابن پيش ڪرڻ جو طريقو اهوئي راهي صاحب ۽ لاکي صاحب وارو آهي. تاري جو نشان اصلي فارسي ڪتاب لاءِ ۽ سيريل نمبر ترجمن لاءِ استعمال ٿيل آهي. م. ١.]

### ★ آغاز فارسي

هيءَ ڪتاب هاءِ اسڪولن جي مختلف درجن ۾، فارسي نصاب طور پڙهايو ويندو هو. ڪتاب ٣ ڀاڱن تي مشتمل آهي. پهريون ڀاڱو هاءِ اسڪول جي چوٿين درجي لاءِ، ٻيو ڀاڱو پنجين درجي لاءِ، ٽيون ڀاڱو هاءِ اسڪول جي ڇهين لاءِ مقرر هو.

**(١) ڪنجي دي بگنرس پرشين - ڪتاب - ١** (Key To The Beginners Persian Book-1):

تاليف: محمد بخش واصف هيءَ ڪتاب، آغاز فارسي -١ جي مڪمل شرح ۽ گائيڊ آهي. جنهن ۾ آغاز فارسيءَ جي ڏکين لفظن جي تشريح ۽ فارسي متن جو سنڌي ترجمو ڏنل آهي. ٽيون دفعو ١٩٥٧ع ۾ آر ايچ احمد حيدرآباد طرفان شايع ٿيو (١)

**(٢) ڪنجي دي بگنرس پرشين ڪتاب -٢:**

تاليف: محمد بخش واصف- مٿين ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي جي تشريح ۽ ترجمي تي مشتمل آهي. ٽيون دفعو ١٩٥٧ع ۾ ساڳئي اداره طرفان شايع ٿيو.

**(٣) ڪنجي دي بگنرس پرشين ڪتاب -٣:**

تاليف غلام محمد گرامي- مٿئين ڪتاب جي ٽئين حصي جي تشريح ۽ ترجمي تي مشتمل آهي. ٽيون دفعو ١٩٥٧ع ۾ ساڳئي اداره طرفان شايع ٿيو.

**(٤) ڪي ٽو دي بگنرس پرشين بوڪ - ٣:**

آغاز فارسي جي ٽئين ڀاڱي جي گائيڊ آهي، ١٩٤٥ ۾ شايع ٿيو. مؤلف لکيل نہ آهي.

### ★ ابتدائي سلوڪ

تاليف حضرت خواجہ محمد حسن جان سرهندي (م ١٣٦٥هہ)- هن رسالي ۾ سلوڪ ۽ تصوف جا ابتدائي

مرحلا ٻڌايا ويا آهن، جيڪي سالڪ لاءِ ضروري آهن.

**(٥) ترجمو:**

از علي نواز حاجن خان جتوئي نقشبندي- هيءَ ترجمو ١٤٠٦هه ۾ سنّد قمرالزمان شاهه لطيف آباد حيدرآباد، ڇپرائي تقسيم ڪيو.

**(٦) ترجمو:**

از مولانا نظر محمد سومرو- ديهات، ڪنڊيارو (م: ١٣٤٥هه) (٢).

## ★ اجتهادو تقليد

از: رضا رضواني، هن ڪتاب ۾ شيعه فڪر مطابق، اجتهاد ۽ تقليد تي بحث ڪيو ويو آهي.

**(٧) ترجمو:**

از: اسد رضا، هيءَ ترجمو جامعه تعليمات اسلامي، پاڪستان، ڪراچي طرفان ڇپجي شايع ٿيو.

## ★ اخلاق محسني

ملا حسين بن علي واعظ ڪاشفي (م: ٩١٠هه) جو اخلاقيات جي موضوع تي جوڙيل تمام بهترين ڪتاب آهي. فارسي ٻوليءَ ۾ علم الاخلاق تي لکيل ٽن مشهور ڪتابن مان هڪ آهي. ٻيا ٻه ڪتاب هي آهن: ١- اخلاق جلالي ٢- اخلاق ناصري. (٣).

**(٨) ترجمو:**

از محمد صديق مسافر (م:١٩٦١ع) ٻن ڀاڱن ۾ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد طرفان شايع ٿيو -پهريون ڀاڱو ١٩٤٣ع ۽ ٻيو ڀاڱو١٩٤٧ع ۾)- اهوئي ترجمو ٻيو دفعو ١٩٥٧ع ۾ آر. ايچ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد طرفان شايع ٿيو.

**(٩) ترجمو:**

از: نبي بخش قاضي ۽ علينواز از جتوئي - اخلاق محسني جي پهرين ٢٠ بابن جي ترجمي تي مشتمل آهي. آزاد بوڪ ڊيپو حيدرآباد طرفان ١٩٥٧ع ۾ شايع ٿيو.

**(١٠) نيڪ اخلاق:**

از آخوند حاجي فقير محمد عاجز (م: ١٩١٨ع)- اخلاق محسني جو هيءَ ترجمو، آخوند موصوف ١٣٣٥هه ۾ ڪيو هو (٤).

## ★ ارشاد رحيميه در طريق حضرات نقشبنديه

حضرت شاه عبدالرحيم دهلوي (م:١١٣١هه) شاهه ولي الله جي اولاد جي جوڙيل هن ڪتاب ۾ نقشبندي سلوڪ جو اهو خاڪو بيان ڪيو ويو، جيڪو مجدد الف ثانيءَ کان اڳ رائج هو.

**(١١) رحيمي رحمت ۽ نقشبندي نسبت:**

مترجم: پروفيسر علينواز جتوئي- هيءَ ترجمو ١٩٨٣ع ۾ سنڌ سڌار علمي اداره، ٽنڊي ولي محمد حيدرآباد طرفان شايع ٿيو.

## ★ ارشاد الصرف:

مولانا خدا بخش صاحب جو- فارسي ٻوليءَ ۾، عربي صرف لاءِ جوڙيل هيءَ ڪتاب، عربي مدرسن جي نصاب ۾ اڄ به داخل آهي.

**(١٢) مال الصرف:**

از مولانا شبير احمد پٽو، الرا- پريالو، خيرپور ميرس- ١٣٩٧هه ۾ جوڙيل هيءَ ڪتاب ارشاد الصرف جي

ترجمہ ۽ تشريح تي مشتمل آهي. پهريون دفعو ١٣٩٨هہ ۾ ۽ ٻيو دفعو ١٤٠٧هہ ۾ خود مترجم شايع ڪيو.

**(١٣) هداية الصرف (سنڌي ۾ ترجمو ٿيل عربي قوانين):**

از مولوي عبدالقادر چوهاڻ- ارشاد الصرف ترجمہ ۽ تشريح تي مشتمل آهي، خود مترجم شايع ڪيو.

## ★ ارمغان فارسي

نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي فارسي ڪورس طور پڙهايو ويندو هو.

**(١٤) شرح ارمغان فارسي:**

از گل حسن لغاري ۽ قاضي غلام محمد قريشي - هيءَ شرح، عالمگير پبلشنگ هائوس حيدرآباد طرفان شايع ٿي هئي.

## ★ انوار سهيلي

از ملا حسين بن علي واعظ ڪاشفي (مر: ٩١٠هہ)

**(١٥) گلزار چنبيلي ترجمہ انوار سهيلي، پاڱو پهريون:**

مترجمہ: احمد خان آصف مصراڻي ۽ محمد خان ٻبر- پهريون دفعو ١٩٥٦ع ۾ آر. ايچ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد طرفان شايع ٿيو. جيڪو انوار سهيلي جي پهرئين ٣ بابن جي سنڌي ترجمہ تي مشتمل آهي (٥).

## ★ بهار دانش

از عنايت الله ڪنبوه لاهوري (مر: ١٠٨٢هہ)

**(١٦) مهرور بانو:**

از محمد صديق مسافر (مر: ١٩٦١ع) بهار دانش فارسي جي هڪ ڀاڱي جو هيءَ ترجمو، مسافر صاحب جي محنت جو نتيجو آهي (٦).

## ★البينات الواضحات في حكم اعطاءالصدقات الي لشرفاء السادات

از مفتي ابراهيم بن محمد هاشم ڳڙهي ياسين (مر: ١٩٦٤ع)- هن فارسي رسالي ۾ مفتي صاحب فقهي دليلن جي روشنيءَ ۾ هيءُ ڳالهہ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ: سادات بني هاشم کي زڪواة ڏيڻ جائز آهي.

**(١٧) ڀالات البينات:**

ترجمہ: از سيد علي اصغر شاهہ- البينات الوضحاة جو هيءَ ترجمو، شاهہ صاحب ١٩٨٤ع ۾ لکيو جيڪو سيد خادم حسين شاهہ بخاري شايع ڪيو.

## ★ پس چہ بايد ڪرد اي اقوام مشرق

هيءَ فارسي مثنوي، علامہ اقبال جي آخري تصنيف آهي، جنهن جو مقصد هي آهي تہ مشرق جي مسلمانن کي اهڙي طاقت جي مقابلي لاءِ سجاڳ ڪيو وڃي، جيڪا سندن زندگي جي هر شعبي کي پائمال ڪري رهي هئي.

**(١٨) ڇا ڪجي پوءِ اي اقوامِ مشرق:**

از لطف الله بدوي- مٿئين مثنوي جو هيءَ منظوم سنڌي ترجمہ ١٩٧٥ع ۾ اقبال اڪيڊمي طرفان شايع ٿيو.

## ★ پند نامہ

از شيخ فريد الدين عطار (مر: ٦٢٧ هہ) - اخلاق و ادب بابت شيخ عطار جو هيءَ هڪ بهترين مثنوي آهي، جيڪا برصغير جي مدرسن جي نصاب ۾ داخل آهي.

**(١٩) غنچہءِ هدايت:**

از عبدالهادي سرهيہ لاڙڪاڻو، پند نامي جي نثري ترجمي ۽ سمجهاڻين تي مشتمل آهي، جيڪو پهريون دفعو

۱۹۷۱ع ۾ هادي پبليڪشن لاڙڪاڻ طرفان شايع ٿيو.

**(۲۰) پند نامو سنڌي منظوم:**

ازراقم الحروف محمد ادريس سومرو، پند نامي جو منظوم سنڌي ترجمو آهي، جيڪو ساڳئي بحر (رمل) ۾ چيل آهي. اڃا ڇپيو نہ آهي (۷).

### ★ تاريخ پاٽ

پاٽائي صديقي بزرگن مان ڪنهن بزرگ، "پاٽ پراڻي" جي تاريخ فارسي ۾ مرتب ڪئي هئي. جيڪا اڃا اڻ ڇپيل آهي.

**(۲۱) پاٽ پراڻي جي اڳوڻي تاريخ اصل فارسي تان ترجمو ٿيل:**

مترجم محمد روشن صديقي پاٽائي (م: ۱۹۴۲ع) طالب العلم مدرسہ السلامہ دارالفيض سونو جتوئي. هي ڪتاب مٿي ڄاڻايل ڪتاب جو سنڌي ترجمو آهي جيڪو ۱۳۵۶هہ ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو.

### ★ تحفةالمجربات:

طب ۾ لکيل هيءُ ڪتاب دراصل فارسي ٻوليءَ ۾ لکيل آهي، مؤلف معلوم نہ ٿي سگهيو.

**(۲۲) ترجمو:**

از حامد بن حسن وينل پيچ ڪڇ. هيءُ ترجمو جهوني سنڌيءَ ۾ ٿيل آهي (۸)

**(۲۳) ترجمو:**

از محمد يوسف ابڙو نصرپوري، مٿئين ڪتاب جو سليس سنڌي ترجمو آهي، جيڪو پهريون دفعو ۱۹۵۳ع ۾ آر. ايچ. احمد برادرس حيدرآباد طرفان شايع ٿيو.

### ★ تفسير خواب

مؤلف معلوم نہ ٿي سگهيو.

**(۲۴) ترجمو:**

محمد مقيم نالي هڪ عالم ان ڪتاب جو سنڌي ترجمو ڪيو هو، جنهن جو ذڪر ڊاڪٽر بلوچ ڪيو آهي (۹).

### ★ توني تبرا

از مؤسسہ دار راهِ حق - قم، ايران، هن ڪتاب ۾ شيعن جي بنيادي اصولن جو ذڪر ٿيل آهي (۱۰).

**(۲۵) ترجمو:**

از نبي بخش دانش - جنهن کي ۱۴۱۲هہ ۾ اصغريہ پبليڪيشنز سنڌ طرفان شايع ڪيو ويو.

### ★ جذب القلوب الي ديارالمحبوب

از شيخ عبدالحق محدث دهلوي (م: ۱۰۵۲هہ) هيءُ ڪتاب مدينہ پاڪ جي تاريخ ۽ جاگرافيءَ بابت لکيل آهي، جنهن جي تاليف ۾ مؤلف موصوف خلاصتالوفا للسمودي ۽ ٻين ڪتابن کان مدد ورتي آهي.

**(۲٦) احياء القلوب سنڌي ترجمو جذب القلوب:**

از واعظ الاسلام مولانا حافظ محمد هاشم قادري - جنهن کي ۱۹۳۹ع ۾ مولوي محمد قاسم عربي مدرسہ قادريہ، نئون ڳوٺ، رُڪ ضلع سکر، ڇپرائي شايع ڪيو.

### ★ حيات صِبغةالله شاه ايراني رح

تصنيف: رابعہ زمان ام الفقراءِ امي جان صاحبہ - هيءُ ڪتاب حضرت پير ايرانيءَ جي سوانحي حالات بابت سندس ننڍي ڀيڻ امي جان صاحبہ فارسي ٻوليءَ ۾ لکيو هو.

**(٢٧) ترجمو:**

از الاستاذ غلام مصطفيٰ دادوي - هيءُ ترجمو پهريون دفعو آگسٽ ١٩٩٥ع ۾ درگاه عاليہ مصطفائيہ شادي شهيد، خيرپور طرفان شايع ٿيو.

**★ حيرةالفقه**

از علامہ احمد بن حميد بن شهاب - حيرةالفقه، جڳ مشهور ڪتاب آهي، جيڪو فقہ جي عجيب و غريب ۽ نادر مسئلن تي سوال و جواب جي شڪل ۾ ترتيب ڏنل آهي ۽ اصل فارسيءَ ۾ آهي (١١).

**(٢٨) حيرةالفقہ سنڌي (مفيد المسلمين):**

مترجم: حاجي محمد سمون - حاجي صاحب هيءُ ترجمو ١٢٩١هہ ۾ قاضي نور محمد متوطّن پورپندر جي اشاري تي تيار ڪيو هو، جيڪو پهريون دفعو بمبئي ۾ ڇپيو هو. پوءِ هيمنداس تاجر ڪتب، سکر طرفان وري شايع ٿيو.

**(٢٩) فقہ جا عجيب مسئلا سوالن جوابن سميت:**

از جناب شمس العماء مرزا قليچ بيگ صاحب - حيرةالفقہ جو هيءُ ترجمو مرزا صاحب ١٩٢٧ع ۾ تيار ڪيو هو. ٻيو دفعو ١٩٦٤ع ۾ حڪيم عبدالحق حڪيم نورالحق سکر، طرفان شايع ٿيو.

**(٣٠) ترجمو:**

از نامعلوم، هيءُ ترجمو ڪرائون ڪان بہ ننڍي سائيز ۾ هريسنگهہ اينڊ سنز سکر طرفان شايع ٿيو هو. مترجم معلوم نہ ٿي سگهيو.

**★ ختم نبوّت**

مؤلف: شهيد مرتضيٰ مطهري- هن ڪتاب ۾ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وسلم جي ختم نبوت جي فلسفي ۽ حقيقت کي پڌرو ڪيو ويو آهي.

**(٣١) ترجمو:**

از غلام عباس سريوال- هيءُ ترجمو ١٩٨٥ع ۾ خانہ فرهنگ جمهوري اسلامي ايران حيدرآباد طرفان شايع ٿيو.

خطبہ فارسي حضرت مخدوم محمد اسماعيل پريالوئي:

هيءُ خطبو، مخدوم محمد اسماعيل (م: ١١٧۴هہ) ڏانهن منسوب آهي، جيڪو فارسي نظم ۾ جوڙيل آهي. خطبي جو ابتدائي هڪ بند هيٺ ڏجي ٿو

حمد است ذات پاک را- آن صانع افلاک را

درکنے او ادراک را، نافهم باشد نا خبر

**(٣٢) شيخ سنڌي خطبہ فارسي مخدوم اسماعيل:**

از مولانا شبير احمد پٺو- هيءُ ڪتاب مخدوم صاحب جي متئين خطبي جي ترجمي ۽ مڪمل تشريح تي مشتمل آهي. ١٩٩٠ع ۾ تيار ٿيو. ۽ مڪتبہ سعيديہ ڳوٺ الرا، پريالو، خيرپور طرفان شايع ٿيو.

**★ خلاصتہ الانبياء فارسي**

مؤلف معلوم نہ ٿي سگهيو.

**(٣٣) قصص الانبياء:**

از مولوي عبدالرحمٰن معلم العربي مسلم هاءِ اسڪول، حيدرآباد- هيءُ ڪتاب خلاصة النبياء جو سنڌي ترجمو آهي، جنهن ۾ معارج النبوة ۽ تاريخ حبيب السير کان بہ مدد ورتل آهي (١٢). پهريون دفعو ١٩٦٢ع ۾ آر. ايچ احمد

طرفان شايع ٿيو.

### ★ خلاصة الفقه

هيءُ ڪتاب اصل فارسيءَ ۾ لکيل آهي، جيڪو نماز جي مسائل تي مشتمل آهي. مؤلف معلوم نہ ٿي سگهيو.

### (٣٤) خلاصة الفقہ (سراج الاسلام):

مترجم: حاجي محمد سمون - متئين ڪتاب جو ترجمو ۽ خلاصو آهي جيڪو ١٣٤٦هہ ۾ هيمنداس تاجر ڪتب سکر طرفان شايع ٿيو. ياد رهي تہ هيءُ ڪتاب قديم زماني کان سنڌ وارن ۾ رائج آهي.

### ★ دليل الايمان يا ارشادالطالبين

مخدوم غلام رسول صديقي جو، فارسيءَ ۾ لکيل هيءُ ڪتاب، تصّوف ۽ ذڪر افڪار جي بيان تي مشتمل آهي.

### (٣٥) رهبر طريقت:

از مخدوم غلام حيدر صديقي هالائي (مر: ١٩٥٣ع)- هيءُ ڪتاب دليل الايمان جي سنڌي ترجمي تي مشتمل آهي. ان جو هڪ قلمي نسخو ، اسانجي قاسميہ لائبرري ۾ موجود آهي.

### ★ ديوان آشڪار

از حضرت سچل سرمست (مر: ١٢٤٢هہ - ١٨٣٩ع)- ديوان آشڪار، سچل سائين جي فارسي ڪلام تي مشتمل آهي.

### (٣٦) ترجمو:

از قاضي علي اڪبر درازي (مر: ١٩٨١- ١٤٠٢هہ) - قاضي صاحب، ديوان آشڪار جو اردو ۽ سنڌي ترجمو ڪيو هو. ٻئي ترجما محڪمہ اوقاف سنڌ جي حوالي ڪيل هئا. جن مان اردو تہ سندس وفات کان هڪ مهينو پوءِ شايع ٿيو. پر سنڌي ترجمو ان وقت شايع نہ ٿي سگهيو. (١٣)

### ★ رسالهءِ قاضي قطب

قاضي قطب نالي هڪ عالم، فارسيءَ ۾ هيءُ رسالو نماز جي مسئلن بابت لکيو هو. جيڪو ڪافي وقت مدرسن جي نصاب ۾ شامل رهيو ۽ هاڻي بہ پنج ڪتابي فارسي ۾ ٻين ڪتابن (ڪريما، نام حق، محمود نامو، پند نامو) سان گڏ شايع ٿيندو رهي ٿو.

### (٣٧) رسالو قاضي نور محمد (نماز فرائض سنڌي):

مؤلفہ قاضي نور محمد قريشي بن آخوند محمد حسن قريشي سانوٽي هالا پراڻا- جنهن رسالہ قاضي قطب جي ترجمي سان ٻيا مسئلا بہ ملائي هيءُ رسالو تيار ڪيو ۽ ١٨٩١ع ۾ شايع ڪيو.

### ★ الرسالة الغفاريہ في اثبات الوجدوالجذبةالاضطراربية

مؤلف: مولانا مولوي محمد صالح صاحب، ڳوٺ آگاٿي ماهوتا، لاڙڪاڻہ - هن رسالي ۾ وَجد ۽ جذبي جي جواز کي ثابت ڪيو ويو آهي، جيڪو غير اختياري طور پڙرو ٿئي.

### (٣٨) ترجمو:

از مؤلف موصوف، ساڳئي ئي رسالي جي هيٺان سنڌي ترجمو ۽ تشريح بہ ڪئي وئي آهي. فارسي ۽ سنڌي تي مشتمل هي رسالو، مطبع عثماني، پيم پوره، ڪراچي ۾ ڇپيو.

### ★ زادالآخره

از علامہ مولا بخش صديقي بهاري- هن ڪتاب ۾ ميت بابت اسلامي احڪام درج آهن.

**(٣٩) توشہء آخرت:**

فقير رضا محمد مگرٽي کنډياروي ١٩٦٣ع ۾ هيءَ ترجمو ڪيو. همدرد پريس ميرپور خاص ۾ ڇپيو. ترجمو خود مترجم شايع ڪيو.

## ★ زينت القاري

از مؤلف نا معلوم- هيءَ ڪتاب قرائت ۽ تجويد جي فن ۾ لکيل آهي.

**(٤٠) ترجمو:**

از مسڪين محمد صديق گلاب خان ٽنڊو باگائي. (م: ١٩٦١ع)- هيءَ ترجمو، منشي پوکرداس تاجر ڪتب شڪارپور طرفان شايع ٿيو.

## ★ سرور المحزون في ترجمة نورالعيون

از شاه ولي دهلوي (م:١١٧٦هه)- هيءَ ڪتاب در حقيقت علامہ ابوالفتح محمد بن محمد المعروف بہ سيد الناس جي عربي ڪتاب نورالعيون في تلخصين سير الامين المامون جي ترجمي ۽ واڌارن تي مشتمل آهي.

**(٤١) اسانجو پيارو رسول:**

مترجم: عبدالرحمان جتوئي ۽ عبدالجبار عبد - مٿئين ڪتاب جو هيءَ ترجمو ١٩٩٤ع ۾ سنڌي ساهت سوسائٽي شڪارپور/ لاڙڪاڻہ طرفان شايع ٿيو.

## ★ سڪندر نامہ

از نظامي گنجوي (م: ٥٩٨ هه)، فارسيءَ جي مشهور مثنوي آهي جنهن جي ٻن سنڌي ترجمن جو ذڪر لاکي صاحب ڪيو آهي. هت وڌيڪ ٻن ترجمن جو ذڪر ڪجي ٿو.

**(٤٢) ترجمہ منظوم**

از غلام محمد نظامائي، پير جهنڊي جي ڳوٺ وارو- ڪتاب جي آخر ۾ مترجم موصوف ترجمي جو سال بيان ڪندي چوي ٿو:

آهي هاڻ هجرت سنڌو صاف سن - ٻارنهن سؤ نوي سال ڪي ٿا لکن

هيءَ ترجمو مطبع جليل اڪليل ڪراچيءَ ۾ ڇپيو، اشاعت جو سال ١٨٨٩ع آهي (١٤).

**(٤٣) ترجمو منظوم:**

از گل محمد رند- ان ترجمي جو ذڪر سيد علامہ مرتضيٰ شاهہ نئوي (م: ١٣٢٣هه) پنهنجي مترجم سڪندر نامي ۾ ڪيو آهي (١٥)- شاهہ صاحب لکي ٿو تہ-

اڳي هن ڪان هڪڙو ڏنم سو ڪتاب: غلام محمد ڪيو باشتاب

ٻيو گل محمد جو عمدو مثال: ڏنم سي ٻئي تن جو وہ وہ خيال (١٦).

## ★ سيرت الامام حضرت موسيٰ ڪاظم

هيءَ ڪتاب اداره اصول دين، قم- ايران طرفان شايع ٿيو، جنهن ۾ امام موسيٰ ڪاظم جي سوانح ڏنل آهي.

**(٤٤) ترجمو:**

از شاه محمد ڪچي رٽائرڊ ڊيپوٽي ڊائريڪٽر ايجوڪيشن، حيدرآباد- هيءَ ترجمو، خراسان اسلامڪ ريسرچ سينٽر ڪراچي طرفان ١٤٠٢هه ۾ شايع ٿيو.

## ★ شاڪر نامہ

فارسي ٻوليءَ جي مشهور مثنوي آهي، جيڪا ڪنهن وقت مدرسن ۾ پڙهائي ويندي هئي.

**(۴۵) ترجمو:**

از دين محمد آخوند سانوٽي، وينل هالا پراڻا- هيءَ ترجمو، مطبع فيض سبحاني ڪوٽڙي ۾ ڇپيو.

### ★ طب اڪبري

از حڪيم محمد اڪبر ارزاني (م :۱۱۳۰هه) - علم طب ۾ جوڙيل هيءَ ڪتاب جاوداني شهرت حاصل ڪري چڪو آهي.

**(۴۶) جلال المظهر في ترجمه طب اڪبر:**

از سيد حسين علي شاهه، ميرپور بٺورو ضلع ڪراچي- طب اڪبر جو هيءَ سليس سنڌي ترجمو ٻن ضخيم جلدن ۾ ۱۳۴۸هه ۾ هريسنگهه سنس ڪتبخانه سکر طرفان ڇپيو.

**(۴۷) تحفة الحڪماء:**

از مولانا عبدالله بنگديرائي (م ۱۳۵۰هه) - طب اڪبر جي سنڌي ترجمي تحفة الحڪماء نالي طب اڪبر جو ذڪر مولانا دين محمد وفائي هنن لفظن ۾ ڪيو آهي: تحفة الحڪماء نالي طب اڪبر فارسيءَ جو سنڌي ترجمو ڪري ڇپرايائين، جو هن وقت سنڌ جي طبيبن لاءِ ڏاڍو ڪارآمد ثابت ٿيو آهي (۱۷).

### ★ صراط الطالبين

مؤلف حضرت پير ياسين شاهه جاين وارو (۱۲۵۴هه)، هيءَ ڪتاب تصوف ۽ سلوڪ جي اهم ڳالهين تي مشتمل آهي.

**(۴۸) ترجمو:**

از حاجي هدايت الله شاهه (م :۱۳۳۲هه) هيءَ ترجمو مظهر العجائب پريس، ٺٽاه ۾ ڇپيو (۱۸).

### ★ علاج المساڪين:

از حڪيم صادق علي خان دهلوي.

**(۴۹) طب علاج المساڪين**

مترجم: حڪيم حسين علي شاهه- هيءَ ترجمه هريسنگهه سکر طرفان شايع ٿيو (۱۹).

### ★ عين الفقر

از شاهه سلطان باهو قدس سر (م: ۱۱۰۲هه).

**(۵۰) جانِ سالڪ:**

مترجم: آخوند فقير محمد عاجز (م: ۱۹۱۸ع- ۱۳۳۶هه)، عين الفقر جو هيءَ ترجمو آخوند موصوف ۱۳۲۳هه ۾ تيار ڪيو هو (۲۰).

### ★ فالنامه فارسي

مؤلف نامعلوم.

**(۵۱) ترجمو:**

مثنين ڪتاب (فالنامه) جو منظوم سنڌي ترجمو ٿيو هو. جنهن جو ذڪر ڊاڪٽرنبي بخش بلوچ صاحب ڪيو آهي (۲۱).

### ★ فتح الرحمن في ترجمة القران و تفسيره

از حضرت شاهه ولي الله دهلوي (م: ۱۱۷۶هه) -شاهه صاحب قرآني تعليم کي عام ڪرڻ لاءِ قرآن جو فارسي ۾ ترجمو ڪيو هو ۽ حاشيي تي مختصر نوٽ پڻ لکيا هئا، جن جو نالو فتح الرحمن رکيو هئائين.

**(٥٢) ترجمہ حواشي فتح الرحمن:**

از مولانا غلا مصطفيٰ قاسمي- فتح الرحمن جي حواشي ۽ مقدمي جو ترجمو مولانہ غلام مصطفيٰ قاسمي کيو جيکو مولانا محمد مدني (مر :١٣٩٩هہ- ١٩٧٨ع) جي ترجمہ قرآن جي حاشين تي ٩٥٣ع ۾ ڇپيو. باقي رهيو فتح الرحمن ترجمہ فارسي، قرآن جو سنڌي ترجمو، سو اڄڪلهہ علامہ قاسمي صاحب جن انهيءَ عظيم ڪم کي نباهي رهيا آهن.

**★ فلسفہ شهادت**

از شهيد مرتضيٰ مطهرّي (مر: ١٩٧٩ع)- هن ڪتاب ۾ شهادت جو فلسفو، شهيد جو رتبو ۽ شهادت جي حقيقت بيان ٿيل آهي.

**(٥٣) مري ٿين نہ مات:**

مترجمہ: زهير حسين حيدري، ننڊو شهر، بدين- هيءُ ڪتاب جامعہ تعليمات اسلامي ڪراچي طرفان ڇپيو.

**★ الفوزالکبير في اصول التفسير**

مؤلف: حضرت شاه ولي الله (مر: ١١٧٦هہ) -اصول تفسير ۾ لکيل هيءُ مشهور ڪتاب، اصل فارسيءَ ۾ آهي. جيتوڻيڪ اڄڪلهہ مدارس ۾ الفوز الکبير عربي پڙهايو ويندو آهي.

**(٥٤) ترجمو:**

از خالد ٽالپر- هن ترجمي جو مسودو سنڌ الاجي ۾ موجود آهي.

**★ قصہ چهار درويش**

چهار درويش مشهور داستان آهي، جيڪو اصل فارسي ۾ لکيو ويو هو. جنهن تان اردو ۽ ٻين ٻولين ۾ ترجما ڪيا ويا. ان قصي جا سنڌي ترجما بہ ڪافي آهن، جن مان ڪي تہ سڌو سنئون فارسي تان ترجمو ڪيل آهن ۽ ڪي اردوءَ تان. اصل فارسيءَ جو مؤلف ڪير هو؟ ان بابت يقين سان ڪجهہ بہ نٿو چئي سگهجي. پروفيسر لطف الله بدوي لکي ٿو تہ: بهرحال فارسي زبان ۾ "چار درويش" جا چار نسخا ملن ٿا، جن جي مصنفن جا نالا آهن: محمد علي، انجب، محمد عوض زرين ۽ صفي. چار درويش جي هڪ مثنوي بہ آهي (٢٢)

**(٥٥) ترجمو:**

از عيسيٰ پٽ موسيٰ- هيءُ سنڌي ترجمو ٦٢- ١٢٦٣هہ دوران تيار ٿيو، جيڪو مير امن دهلوي جي اردو ترجمي (باغ بهار) تان ورتل آهي ۽ اهو اردو ترجمو اصل فارسي تان ٿيل آهي (٢٣).

**(٥٦) ترجمو: (چار درويش)**

از امام بخش خادم (مر: ١٩١٨ع) - هيءُ ترجمو بہ مير امن دهلوي جي ترجمي تان ورتل آهي، جيڪو پهريون دفعو ١٨٩٥ع ۾ پوڪرداس شڪارپور طرفان شايع ٿيو. ٻيو دفعو ١٩٦٠ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ، طرفان شايع ٿيو.

**(٥٧) ترجمو: (چار درويش)**

از قاضي صابر مصطفيٰ- هيءُ ڪتاب محمد يوسف اينڊ برادرس حيدرآباد طرفان شايع ٿيو (٢٤).

**(٥٨) ترجمو: (اصل وڏو قصو چار درويش)**

از گل محمد آزاد، صوفي- هيءُ ترجمو سڌو فارسيءَ تان تيار ڪيل آهي. ستون دفعو ١٩٦٥ع ۾ آر. ايچ احمد ينڊ برادرس حيدرآباد طرفان شايع ٿيو.

**(٥٩) ترجمو: (اصل وڏو قصو باتصوير چار درويش)**

از نذير حسين پٽي، هيءُ ترجمو، صداقت بڪ ڊپو، شاهي بازار حيدرآباد طرفان شايع ٿيو.

### (٦٠) ترجمو: (اصل وڏو قصو چار درويش)

هيءُ ترجمو: مولوي محمد عظيم اينڊ سنز، شڪارپور طرفان شايع ٿيو. مؤلف/ مترجم لکيل نہ آهي.

## ★ ڪريما

از شيخ مصلح الدين سعدي شيرازي (م: ٦٩١هہ)- اخلاق و آداب ۾ لکيل هيءُ مثنوي صدين کان عربي مدرسن جي نصاب ۾ داخل آهي. اڄ بہ ننڍن وڏن، مائن مردن کي "ڪريما" جو پهريون بيت جهونگاريندي ٻڌو ويندو آهي تہ

ڪريما بہ بخشائي برحال ما- کہ هستم اسير کمند هوا

ڪريما جا دنيا جي هر سٽريل ٻوليءَ ۾ ترجما ٿي چڪا آهن، ڪجهہ سنڌي ترجمن جو ذڪر اختر راهي صاحب ۽ ڪجهہ ترجمن جو تذڪرو لاکي صاحب ڪيو آهي (٢٥). باقي ترجما هن ريت آهن

### (٦١) ڪريما مترجم سنڌي:

از دين محمد سانوٽي وينل هالا پراڻا- ڪريما جو سنڌي نثر ۾ ڪيل ترجمو ١٣١٢هہ ۾ صبح فيض سبحاني، ڪوٽڙي ۾ ڇپيو، انجو ٻيو ڇاپو ٿورڙي تبديليءَ سان ١٣١٣هہ ۾ ساڳئي مطبع ۾ ڇپيو.

### (٦٢) ڪريما فارسي سنڌي معني سان:

از در محمد جمالي مسڪون لقمان خير پور- ڪريما جو هيءُ منظوم ترجمو ١٩١٤ع ۾ مسٽر شولداس،ٿانورداس تاجر ڪتب، شڪارپور ڇپايو، ۽ ٿورڙي تبديليءَ سان اهوئي ترجمو "گڏيل چار ڪتاب" ۾ ناگهان فارسي ۽ شاڪر نامي فارسي سان گڏ، منشي پوڪرداس شڪارپور طرفان شايع ٿيو.

### (٦٣) ڪريما مترجم سنڌي:

از سيٺ جشن مل- هيءُ نثري ترجمو ١٣١٣هہ ۾ مطبع نامي گرامي وشن ڪراچي ۾ ڇپيو. اهوئي ترجمو بمبئي مان بہ شايع ٿيو هو.

### (٦٤) ڪريما مترجم سنڌي:

از مولوي عبدالله ڪاتب - ڪريما جو هيءُ نثري ترجمو، هيمنداس تاجر ڪتب سکر طرفان شايع ٿيو.

### (٦٥) نصيحت نامو:

از عبدالهادي سرهيو- هيءُ ڪتاب، ڪريما فارسي جي نثري ترجمي ۽ چڱي خاصي تشريح تي مشتمل آهي، پهريون دفعو ١٩٧٠ع ۾ ۽ ٻيو دفعو ١٩٧٢ع ۾ هادي پبليڪشن لاڙڪاڻي طرفان شايع ٿيو.

### (٦٦) ڪريما سنڌي:

از خليفہ ڪرم الله (٢٦)

### (٦٧) ڪريما سنڌي تضمين سان ڪريما سعدي:

از آخوند فيض محمد روهڙائي. هيءُ بيت در حقيقت ڪريما جو منظوم سنڌي ترجمو آهي. مترجم موصوف ڪريما جي هر بيت جو سنڌي ترجمو پهريائين ۽ فارسي اصلي بيت بعد ۾ ڏنو آهي. ١٣٠٥هہ ۾ جڙي تيار ٿيو(٢٧)

### (٦٨) ترجمو:

از محمد عارف سيوستاني (م: ١٣٣٤هہ)- مولانا وفائي لکيو آهي تہ سندس ڪيل ڪريما جو سنڌي ترجمو، سندس حياتيءَ ۾ ڇپجي ورهائجي ويو (٢٨).

## ★ ڪيميائي سعادت

از حجةالاسلام امام محمد بن محمد بن محمد الغزالي (م: ٥٠٥هہ). فارسي ٻوليءَ ۾ اخلاقيات ۽ تصوف تي مشهور تصنيف آهي. هن ڪتاب جو انتخابي ترجمو پروفيسر غلام حسين جلباڻيءَ ۽ مڪمل ترجمو مرزا قليچ بيگ ڪيو هو (٢٩).

### (٦٩) ترجمو:

مترجم معلوم نہ ٿي سگهيو. هريسنگهہ سکر وارن ڇپرايو هو (٣٠).

**(۷۰) الهدية الكريميّة في الاخلاق المريضية المعروف به اخلاق نامہ امام غزالي:**

از حضرت مولانا عبدالڪريم ديروي ڪيميائے سعادت جي چوند عبارتن جي سنڌي ترجمي تي مشتمل آهي. ۱۳۴۸ هہ ۾ تاليف ٿيو. ٽيون ڇاپو ۱۹۶۴ع ۾ مدرسہ عربيہ دارالقرآن ميهڙ طرفان شايع ٿيو.

**★ گلستان**

**★ بوستان** (31).

اهي ٻئي ڪتاب شيخ مصلح الدين سعدي شيرازي (مر: ۶۹۱هہ) جون لازوال تصنيفون آهن، جن جا دنيا جي تقريبا هر ٻوليءَ ۾ ترجما ٿيا آهن. گلستان نثر ۽ بوستان نظم ۾ جوڙيل آهي.

**(۷۱) گلشن بهار (گلستان سعديءَ جو ترجمو پاڱو پهريون):**

مترجم: غلام محمد محمد ابراهيم شاهواڻي (مر: ۱۹۵۰ع) -هيءُ پاڱو گلستان جي ۸ بابن مان ابتدائي ۳ بابن جو سليس ترجمو آهي. پهريون دفعو ۱۹۴۳ع ۾ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي طرفان شايع ٿيو. جنهنڪي مترجم موصوف پيهر سجعبندي، صنائع بدائع ۽ تڪبندي سان جوڙيو، جيڪو ۱۹۴۶ع ۾ شايع ٿيو.

**(۷۲) ادبي خزانو (پاڱو ٻيو)**

مترجم غلام محمد شاهواڻي (مر: ۱۹۵۰ع)- هيءُ پاڱو (انهيءَ نالي سان) گلستان جي باقي رهيل ۵ بابن جو تڪبنديءَ سان سنڌي ترجمو آهي، جيڪو ۱۹۴۸ع ۾ تيار ٿيو، ان جو ٻيو ڇاپو ۱۹۵۵ع ۾ ٽيون ڇاپو ۱۹۶۵ع ۾ آر. ايچ. احمد اينڊ برادرس حيدرآباد طرفان شايع ٿيو.

**(۷۳) حڪايات گلستان:**

مترجم مقبول احمد پٺي- ٻارڙن لاءِ نيشنل بوڪ فائونڊيشن طرفان شايع ڪيل هيءُ ڪتاب گلستان جي چوند ڪهاڻين جي ترجمي تي مشتمل آهي.

**(۷۴) گلستان سنڌي حصو پهريون** – هن ترجمي جو ذڪر ڪريما سنڌي ڇپرايل سٿولداس ٽانورداس شڪارپور ۱۹۱۴ع جي آخر ۾ ڇپايل ڪتابن جي فهرست اندر موجود آهي جنهنجي قيمت ۴ آنا ڄاڻايل آهي. مترجم معلوم نہ ٿي سگهيو.

**(۷۵) گلستان ٽيون باب سنڌي:**

مترجم معلوم نہ ٿي سگهيو. ڪتاب "مدد پناه الزائرين الحج" ڇپرايل پوڪرداس -شڪارپور جي سرورق جي اندرئين صفحي تي ڇپرايل ڪتابن جي فهرست ۾ ان جو نالو لکيل آهي.

**(۷۶) بوستا جي بهاري:**

**(۷۷) گلستان جي گلڪاري:**

شاهہ نواز جمال الدين پيرزاده، ۱۹۶۵ع ۾ بوستان جي چوند شعرن ۽ گلستان جي صرف نظمن (نثر نہ) جو منظوم سنڌي ترجمو، مٿين نالن سان جوڙي تيار ڪيو، جيڪو گڏي ڪري "سگوري سعديءَ جا سخن" جي نالي سان ۱۹۶۵ ۾ خود مؤلف شايع ڪيو.

**(۷۸) بوستان سنڌي:**

از غلام محمد صاحب ۽ جناب حضرت سيد ميان پناه علي شاه انسپيڪٽر پوليس ڊسٽرڪٽ جيڪب آباد، هيءُ ڪتاب "بوستان" جو مڪمل منظوم سنڌي ترجمو آهي ۽ بحر متقارب ۾ چيل آهي. پهريون دفعو ۱۹۰۹ع ۾ پوڪرداس شڪارپور طرفان شايع ٿيو.

**★ گنجينہ ادب فارسي**

هيءُ ڪتاب مئٽرڪ جي فارسي ڪورس لاءِ مقرر هو، جنهن جا ٻہ پاڱا آهن. نثر جو پاڱو (گلستان سعدي مان

انتخاب) ۽ نظم جو ڀاڱو (بوستان سعدي مان انتخاب).

### (۷۹) ڪليد گنجينۂ ادب:

از عبدالواحد سنڌي، هيءَ ڪتاب "گنجينہ ادب" جي ترجمي ۽ شرح تي مشتمل آهي. اداره شرڪت مصنفين ڪراچيءَ طرفان شايع ٿيو.

### ★ مالا بدمنہ

مؤلف قاضي ثناءالله پانيپتي (م: ۱۲۲۵هہ)- ايمان، طهارت ۽ ارڪان خمسہ جي بيان ۾ فارسي ٻوليءَ ۾ لکيل هيءَ ڪتاب، ڪافي مدرسن ۾ ابتدائي شاگردن کي پڙهايو ويندو آهي.

### (۸۰) ترجمو

از مولانا قاضي فتح محمد صاحب نظاماڻي (م: ۱۳۳۹هہ)- هيءَ ترجمو اڃان ڇپيو نہ آهي، قلمي صورت ۾ ٽنڊي قيصر ۾ حاجي شير محمد خان نظاماڻي جي ذاتي لائبرري ۾ موجود آهي (۳۲).

### ★ ماثر النبوه

مؤلف محدث عبدالحق دهلوي (م: ۱۰۵۲هہ).

### (۸۱) نشانِ نبّوت منظوم سنڌي:

از مولاَنا دين پٺاڻي (م: ۱۹۶۰ع) -ڳوٺ "پٽ گل محمد لغاري" جوهي، دادو، هيءَ ڪتاب مآثرالنبوة جو منظوم سنڌي ترجمو آهي، ستن حصن، ۴ جلدن ۾ وراهيل آهي (۳۳).

### ★ مائة عامل منظوم

مؤلف امير خسرو دهلوي (م: ۷۲۵ هہ)- امام عبداقادر جرجاني (م: ۴۷۱هہ)- "مائة عامل" نالي هڪ مختصر رسالو عربي ٻوليءَ ۾ تصنيف ڪيو، جنهن ۾ عربي نحو جا هڪ سؤ عامل بيان ڪيل آهن. مائة عامل کي امير خسرو دهلويءَ فارسي نظم ۾ آندو، جيڪو ۳۰ بيتن تي مشتمل آهي. اڄڪلہ عربي مدرسن جي نصاب ۾ داخل آهي.

### (۸۲) مائة عامل منظوم سنڌي.

از مولانا شبير احمد پٺو- مٿئين ڪتاب جو منظوم سنڌي ترجمو آهي، جيڪو "تيسرالنحر ترجمہ نحو مير" جي آخر ۾ شايع ٿيل آهي.

### ★ مثنوي بو علي قلندر

از شرف الدين بو علي قلندر (م: ۷۲۴هہ)- تصوف جي هن نصيحت آموز فارسي مثنوي ۾ ڪيئي روحاني راز سمايل آهن.

### (۸۳) ترجمو:

از حڪيم غلام محمد سومرو عرشي- ۱۹۷۴ ۾ سنڌ الاجي، ڄامشورو طرفان شايع ٿيو.

### ★ مثنوي تارنامہ

از حضرت سچل سرمست عبدالوهاب درازي (م: ۱۲۴۲هہ) -هن مثنويءَ ۾ طنبوري جي لوهي تار جي اصليت بيان ڪيل آهي تہ مان اصل ڇاهيس ۽ هينئر ڇا آهيان، منهنجي آواز ۾ سوز گداز آهي وغيره.

### (۸۴) ترجمو:

از قاضي علي اڪبر درازي (م: ۱۹۸۱)- مثنوي تارنامہ جو هيءُ مصرعي وار نثري ترجمو ۱۹۶۲ع ۾ شايع ٿيو

★ **مثنوي دردنامہ**

از حضرت سچل سائين عبدالوهاب درازي (مر: ١٢٤٢هہ)- هن مثنويءَ ۾ درد جي بي انتها تعريف ۽ توصيف بيان ٿيل آهي.

**(٨٥) ترجمو:**

از قاضي علي اڪبر درازي (مر: ١٩٨١ع)- "مثنوي درد نامہ" جو هيءُ نثري ترجمو ١٩٦٢ع ۾ شايع ٿيو.

★ **مثنوي ديوان خدائي**

از حضرت سچل ميان عبدالوهاب درازي (مر: ١٢٤٢هہ)- هن مثنويءَ ۾ محبوب جي حسن ۽ جمال جي تعريف، درد جون دانهون ۽ وصال لاءِ آهون بيان ٿيل آهن.

**(٨٦) ترجمو:**

از قاضي علي اڪبر درازي (مر: ١٩٨١ع) - مثنوي خدائي جو هيءُ نثري ترجمو ١٩٦٨ع ۾ شايع ٿيو.

★ **مثنوي دراز نامہ**

از حضرت سچل سرمست عبدالوهاب درازي (مر: ١٢٤٢هہ)- هن مثنويءَ ۾ معرفت جون عجيب و غريب پروليون بيان ٿيل آهن.

**(٨٧) ترجمو:**

از قاضي علي اڪبر درازي (مر: ١٩٨١ع) - مثنوي دراز نامہ جو هيءُ نثري ترجمو ١٩٦٧ع ۾ شايع ٿيو.

★ **مثنوي رهبر نامہ**

از حضرت سچل سائين عبدالوهاب درازي (مر: ١٢٢٤ هہ) - هن مثنويءَ ۾ سچل سائين عجيب ۽ انوکا مثال پيش ڪري، پاڻ کي نسبت ۽ خدا کي هست ثابت ڪيو آهي.

(٨٨) ترجمو:

از قاضي علي اڪبر درازي (مر: ١٩٨١ع)- مثنوي رهبر نامہ جو هيءُ نثري ترجمو، ١٩٦٤ع ۾ شايع ٿيو.

★ **مثنوي عشق نامہ**

از حضرت سچل ميان عبدالوهاب درازي (مر: ١٢٤٢هہ) -هن مثنويءَ ۾ عشق، محبت ۽ درد جي خاص وصف ۽ تعريف بيان ڪيل آهي.

**(٨٩) ترجمو:**

از قاضي علي اڪبر درازي (مر: ١٩٨١ع)- مثنوي عشق نامہ جو هيءُ نثري ترجمو ١٩٦٢ع ۾ شايع ٿيو.

★ **مثنوي گداز نامہ**

از حضرت سچل سرمست عبدالوهاب درازي (مر: ١٢٤٢هہ) -هن مثنويءَ ۾ "پاڻ سڃاڻڻ" جي فلسفي تي ڳالهايو ويو آهي.

**(٩٠) ترجمو:**

از قاضي علي اڪبر درازي (مر: ١٩٨١ع)- مثنوي گداز نامہ جو هيءُ نثري ترجمو ١٩٦٢ع ۾ شايع ٿيو. اهي سڀ ترجما الڳ الڳ رسالن جي شڪل ۾ خود مترجم شايع ڪيا هئا. سچل سرمستؒ جي فارسي ڪلام ۾ ديوان آشڪار ڪانسواءِ سندس ١١ مثنويون بہ شامل آهن، جن مان ستن مثنوين جو ذڪر ٿي چڪو، باقي چار مثنويون هيءُ آهن، ١- وحدت نامہ ٢- وصلت نامہ، ٣- مثنوي غزل بحر طويل ٤- ساقي نامہ- انهن چئن مان پهرين ٣ مثنوين جو اردو ترجمو، قاضي علي اڪبر درازي ڪيو هو. ساقي نامہ جو سنڌي ترجمو، عطا محمد حامي ڪيو هو. جيڪو سندس ڪتاب "نينهن جا نعرا" ۾ ٻين ڇهن مثنوين جي منظوم ترجمن سان گڏ شايع ٿيو هو (٣٤). محترم ڪريم

بخش خالد جي بيان مطابق شڪارپور جي فقير هادي بخش بہ انهن مثنوين جا ترجما ڪيا هئا، جيڪي اجان تائين ڇپجي نہ سگهيا آهن (٣٥). پر اهو تفصيل نہ لکيو اٿس تہ ڪهڙين مثنوين جو سنڌي ترجمو ڪيو هئائين.

## ★ مثنوي معنوي

تاليف و نظم: جلالدين محمد بن محمد بن حسين البلخي الرومي (م: ٦٧٢هہ)- مولانا روميءَ جي هن مشهور زمانہ مثنويءَ کي فارسي ادب ۾ ممتاز درجو حاصل آهي، جنهن ۾ تصوف جا راز ۽ رمزون، عارفانہ نڪتا، پاڪيزه گفتا، تمام سهڻي انداز ۾ سمجهايل آهن. هيءَ مثنوي بحر رمل ۾ چيل آهي ۽ ڇهن وڏن دفترن ۾ ورهايل آهي. مثنوي رومي جي هڪ سنڌي منظوم ترجمي (از دين محمد اديب فيروز شاهي) جو ذڪر اختر راهيءَ ڪيو آهي. باقي ترجما هيٺ ڏجن ٿا:

### (٩١) علمي خزانو:

از غلام محمد شاهواڻي (م: ١٩٥٠ع)- مثنوي روميءَ جي پهرئين، ٻئي ۽ ٽئين دفتر جو هيءَ نثري منتخب ترجمو، ٽن ڀاڱن ۾ آر. ايڇ احمد اينڊ برادرس حيدرآباد طرفان ڪيترائي ڀيرا شايع ٿيو (٣٦).

### (٩٢) تشبيهات رومي:

مترجم: عبدالجبار صديقي پاٽائي. مثنوي روميءَ ۾ تصوف جا ڪيترا نڪتا، قصن ڪهاڻين جي شڪل ۾، تشبيهون ڏيئي سمجهايا ويا آهن. اهڙن تشبيهن کي، خليفہ عبدالحڪيم اردو ۾ گڏ ڪيو، جيڪو ١٩٨٩ع ۾ اداره ثقافت اسلاميہ لاهور طرفان شايع ٿيو هو. هيءَ ڪتاب اُن جو سنڌي ترجمو آهي، جيڪو ١٩٩٤ع ۾ اداره پاٽ هائوس حيدرآباد طرفان شايع ٿيو.

### (٩٣) ترجمو:

از دين محمد سانوڻي هالائي. هن ترجمي جو ذڪر علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب ڪيو آهي. لکن ٿا تہ: (دين محمد سانوڻيءَ) مثنويءَ جي ڇهن دفترن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو آهي ۽ ان جي مقابلي ۾ پٺائي صاحب جو بيت بہ پيش ڪندو ويو آهي (٣٧).

### (٩٤) ترجمو:

از محمد اسماعيل عرساڻي- مثنوي رومي جو هيءُ نثري سنڌي ترجمو، ماهوار "المدينہ" پينڊو شريف جي مختلف پرچن ۾ قسطوار شايع ٿيو هو (٣٨).

### (٩٥) منظوم ترجمو:

از حڪيم سومرو غلام محمد عرشي - مثنوي جي دفتر اول جي اوائل واري حصي جو منظوم ترجمو آهي، جيڪو ماهوار نئين زندگي آڪٽوبر ١٩٨١ع ۾ شايع ٿيو هو. وڌيڪ جي خبر نہ پئجي سگهي تہ اڳتي بہ اهو ترجمو ٿيو هو يا نہ؟ (٣٩)

## ★ مثنوي يوسف زليخا

از ملا عبدالرحمن الجامي (م: ٨٩٨ هہ)- فارسي ٻوليءَ جي مشهور مثنوي جنهن جو دنيا جي ڪيترن ئي سڌريل ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ مون کي سرِ دست ٥ ترجما معلوم ٿيا آهن، جن مان هڪ جو ذڪر لاکي صاحب ڪيو آهي. (يعني سيد غلام مرتضيٰ ٺٽوي جو) باقي چار هي آهن.

### (٩٦) ترجمو منظوم:

از ميان عبدالواحد بن حاجي محمد لقمان سائل- هيءُ ترجمو سائل موصوف ١٣٠٦هہ ۾ جوڙي تيار ڪيو، جيڪو ١٣١٥ هہ ۾ مطبع عزيزي گلد ستہ محبوبي ٺٽو مير حسن علي خان ۾ ڇپيو. ترجمي جي آخر ۾ لکي ٿو تہ-

ڪيم هي. نظم نامہ فارسي تان- ڏنم جامي سنڌي تنه آرسي تان (٤٠).

**(٩٧) ترجمو منظوم:**

از غلام الله ولد ميان دائود عباسي وينل چو درو، تعلقو واره ضلع لاڙڪاڻ- ١٣١٨هہ ۾ جوڙيل هن مثنويءَ جا ٢ ڀاڱا آهن. پهرئين ڀاڱي جو نالو "يوسف زليخا" ۽ ٻئي ڀاڱي جو نالو "اخوان يوسف" آهي. مثنوي ١٣٢٨هہ ۾ ويڙهي مل ڪنڻ مل لاڙڪاڻہ طرفان شايع ٿي. هن ۾ ترتيب ملا جامي واري رکي اٿائين (٤١).

**(٩٨) پرت نامو سنڌي:**

ازابي الحسن حضرت مولانا تاج محمود امروٽي (م: ١٣٤٨هہ، ١٩٢٩ع) - يوسف زليخا جي قصي تي مشتمل هيءَ مثنوي بہ ملا جامي واري مثنويءَ تان ورتل آهي، جيئن لکي ٿو تہ: قصو يوسف زليخا نينهن وارو- بنايو اڳ هيو جامي سو سارو.

ڏنو تنهن ۾ سخن جو ڏيان سياڻي، ڪيو تنهنکي سنڌي ۾ يا رهاڻي (٤٢).

هيءَ ڪتاب ١٩٥٢ع ۾ مولوي عظيم شڪارپور طرفان شايع ٿيو، علي ڳڙه بوڪ اسٽور سکر طرفان بہ شايع ٿيو هو.

**(٩٩) ترجمو منظوم:**

از مولانا عبدالڪريم ڪماڙو ڪوراڻي بلوچ (م: ١٩٣٩ع)- هيءَ ترجمو اڃان ڇپيو نہ آهي (٤٣).

## ★ مجمع الفيوضات

از خليفہ محمود ڪڙيہ وارو (م: ١٢٦٧هہ)، هيءَ ڪتاب حضرت محمد راشد روضي ڌڻي (م: ١٢٣٣هہ) جي ملفوظات تي مشتمل آهي، ٦ حصن ۾ ورهايل آهي، پهرئين ٣ حصن جو ترجمو مولانہ مشوري صاحب ۽ پوين ٣ حصن جو ترجمو مفتي محمد رحيم سڪندري صاحب ڪيو آهي، جن جو ذڪر لاڪي صاحب بہ ڪيو آهي، پر انهيءَ ملفوظات جا بہ ترجما ٻيا بہ آهن.

**(١٠٠) ترجمو:**

عبدالقادر نالي هڪ عالم ان جو سنڌي ترجمو ڪيو هو، جيڪو ٦٣٨ صفحات تي مشتمل قلمي مخطوطي جي شڪل ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي لائبرري ۾ موجود آهي، اڃا ڇپيو نہ آهي (٤٤).

**(١٠١) جامع البرڪات ترجمہ مجمع الفيوضات:**

از قاضي فتح محمد نظاماڻي- ان ترجمي لاءِ جناب نوراحمد نظاماڻي لکي ٿو تہ: هن فقير جي والد، سندن دستخط واري سنڌي ترجمي تان ٤٧٥ نقل، ڪري رکيو آهي، باقي سنڌي ترجمي جو پتو نہ آهي (٤٥)

## ★ محبوبيتہ المحموديتہ

مؤلف: خليفہ محمود ڪڙيي وارو (م: ١٢٦٧هہ) -هن ڪتاب ۾ تصوف جا آداب و اشغال، ۽ اذڪار و افڪار قادري طريقي مطابق بيان ڪيل آهن.

(١٠٢) ترجمو:

از ميون حامد بن حسن – هيءُ ترجمو، مؤلف جي فرزند خليفہ ميان عبدالله صاحب جي حڪم تي تيار ٿيو ۽ ١٣١٢ هہ ۾ مطبع فيض سُبحاني، ڪوٽڙي ۾ ڇپيو.

## ★ مطلع العلوم و مجمع الفنون

مؤلف حڪيم منشي واجد علي خان- هيءُ ڪتاب ٻن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي. پهريون ڀاڱو "مطلع العلوم" جي نالي سان آهي، جنهن ۾ ٣٧ مختلف علمن جو ذڪر آهي ۽ ٻيو ڀاڱو "مجمع الفنون" جي نالي سان آهي، جنهن ۾ ١٣٦ فنون جو ذڪر آهي (٤٦).

**(۱۰۳) خوابنامو:**

از محمد حسن، هيڊ ماستر اسڪول ٽنڊو سومرو، ٽنڊوالهيار خان. هيءَ ڪتاب در حقيقت مٿئين ڪتاب جي ٻئي ڀاڱي يعني مجمع الفنون جي پهرئين فصل "در بيان تعمير خواب" جو مڪمل سنڌي ترجمو آهي، جنهن جي آخر ۾ ٻين فارسي ڪتابن کان مدد وٺي ڪجهه واڌارو به ڪيو ويو آهي. پوڪرداس، شڪارپور طرفان شايع ٿيو.

## ★ مفتاح الصلواة

از مخدوم فتح محمد بن عيسي جنداللہ پاٽائي برهانپوري (م: ۱۰٦۱ھ) -نماز جي مسئلن تي فارسي ٻوليءَ ۾ لکيل هيءَ ڪتاب، نهايت مقبول ۽ مشهور تصنيف آهي. هيءَ ڪتاب نماز جي مسئلن تي سنڌ جي حيثيت رکي ٿو. سنڌ ۽ هند ۾ نصابي طور تي پڙهايو ويندو هو. سنڌي ٻوليءَ ۾ ان جا ڪيترائي ترجما ۽ اختصار جوڙيا ويا، جن جو تفصيل هن ريت آهي:

**(۱۰۴) مفتاح الصلواة جو سنڌي ترجمو:**

از مخدوم محمد انور- هيءَ مفتاح الصّلوة جو پهريون سنڌي ترجمو آهي، جنهن جو ذڪر سيد علي محمد شاهه پنهنجي ڪتاب "مصلح المفتاح" ۾ ڪيو آهي (۴۷)، مخدوم انور بابت حال احوال نه ملي سگهيو.

**(۱۰۵) مصلح المفتاح يعني سيد دائري وارن جي سنڌي:**

سيد علي محمد شاهه دائري وارو (م: ۱۲۸۷ ھ)- هيءَ ڪتاب مفتاح الصلوة جي ترجمي ۽ تشريح تي مشتمل آهي. مٿئين ترجمي کي ناڪافي سمجهندي، شاهه صاحب هيءَ ڪتاب الف اشباع واري نظم ۾ جوڙيو. مصلح المفتاح پهريون دفعو ۱۳۲۴ ھ ۾ مطبع فيض سبحاني بندر ڪوٽڙي، جامع مسجد طرفان شايع ٿيو. ٻيو دفعو ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ جي تحقيق سان ۱۹۷۰ع ۾ سنڌالاجي ڄامشورو طرفان شايع ٿيو.

**(۱۰٦) مختصر مصلح المفتاح يا دائري وارن جي ننڍي سنڌي:**

از سيّد علي محمد شاهه (م: ۱۲۸۷ھ) -هيءَ ڪتاب مصلح المفتاح جو اختصار آهي، جنهن ۾ ڪتابن جي حوالن ۽ تحقيقي بحثن کي ڇڏي، صرف مسائل درج ڪيا ويا آهن. جيئن عام پڙهندڙ، سولائي سان سمجهي سگهن. هيءَ اختصار اصل ڪتاب کان اڳ ۱۳۲۲ ھ ۾ مطبع فيض سبحاني، ڪوٽڙي طرفان شايع ٿيو هو (۴۸).

**(۱۰۷) سنڌي مفتاح الصلواة:**

از مخدوم عبدالصّمد ولد حاجي محمد مقيم نورنگ پوٽو- الف اشباع جي قافيي تي مفتاح الصلواة جو هيءَ منظوم سنڌي ترجمو ۱۳۹۳ ۾ لکجي تيار ٿيو. جيڪو پهريون دفعو ۱۳۰۵ ھ ۾ مطبع ڪريمي بمبئي طرفان ڇپيو (۴۹). ٻيو دفعو ۱۳۵۵ ھ ۾ هيمنداس، سکر طرفان ڇپيو.

## ★ مڪتوبات امام رباني

مشهور ڪتاب آهي، جنهن ۾ حضرت امام رباني مجدد الف ثاني (م: ۱۰۳۴ھ) جا فارسي مڪتوبات گڏ ٿيل آهن.

**(۱۰۸) قصّ و نصيحت نامه حضرت امام رباني:**

از مولانا عبدالڪريم صاحب ديروي رح (م: ۱۳۷۳ھ) -هيءَ ڪتاب امام صاحب جي احوال زندگي (ان حصي جو نالو "حصول الشرف السرمدي في تذڪرة الشيخ السرهندي" رکيو اٿس) ۽ مڪتوبات مان چوند مڪتوبن جي سنڌي ترجمي تي مشتمل آهي. مدرسه دارلقرآن ميهڙ طرفان شايع ٿيو.

## ★ ميزان الطّب

از حڪيم محمد اڪبر ارزاني- فارسي ٻوليءَ ۾ حڪيم صاحب جي هيءَ ابتدائي تصنيف آهي، (سندس ٻي اهم تصنيف طب اڪبر آهي، جن جي ٻن سنڌي ترجمن جو ذڪر مٿي ٿي چڪو آهي)

**(١٠٩) ترجمو:**

از حڪيم آئل مل نصرپوري- هيءُ ترجمہ پهريائين، منشي پوڪرداس، شڪارپور وارن ١٩٢٨ع ۾ شايع ڪيو هو. (٥٠). ان ترجمي کي نئين سر سڌاري، مولوي محمد عظيم اينڊ سنز شڪارپور وارن ڇاپيو، ٻيون ڇاپو ١٩٨١ع ۾ شايع ٿيو.

## ★ ناگهان مسمي بقصه سلطان جمجمه

مشهور فارسي مثنوي آهي، جنهن ۾ حضرت عيسيٰ عليہ السّلام ۽ جمجمه بادشاه جو قصو آهي، جنهن جي ڏڙ ڪان ذار ٿيل سِسيءَ سان حضرت عيسيٰ عليہ السلام ڳالهايو هو.

**(١١٠) ناگهان ۽ قصو بادشاهہ جمجہ جو:**

از حاجي دين محمر آخوند سانوڻي، هيءُ نثري ترجمو ١٣١٣هہ ۾ مطبع عزيزي ٽنڊو مير حسين ٽالپر ۾ ڇپيو.

**(١١١) قصو بادشاهہ جمجمہ جو سنڌي:**

ساڳيوئي قصو، قدري تفصيل ۽ تشريح سان، ٻين ٻن ڪتابن (مجموعہ ڪافين جو سنڌي ۽ مجموعو مولودن جو سنڌي) سان گڏ ١٣١٢ هہ ۾ مطبع صفدري بمبئي ۾ ڇپيو. مترجم جو نالو لکيل نہ آهي.

## ★ نام حق

از شرف الدين بخاري، وضوء، طهارت ۽ نماز جي مسئلن تي مشتمل هيءُ مثنوي، ديني مدارس جي نصاب ۾ شامل آهي.

**(١١٢) ترجمو منظوم:**

از مولانا نور محمد ملڪ عادلپوري رح (م: ١٩٤٤ع)- نامِ حق جو منظوم سنڌي ترجمو آهي. مترجم ابتداء ۾ ڪتاب جو انتساب پنهنجي مرشد امروٽي ڏانهن ڪيو آهي. قلمي مخطوطہ مترجم جي پوٽيرن وٽ عادلپور ۾ محفوظ آهي. ان جو فوٽو راقم وٽ موجود آهي.

## ★ نحومير

مؤلف: مير سيد شريف علي بن محمد الجرجاني (م: ٨١٦هہ)- فارسي ٻوليءَ ۾ عربي نحو (گرامر، لاءِ جوڙيل). هيءُ ڪتاب برصغير جي مدارس عربيہ جي نصاب ۾ داخل آهي.

**(١١٣) تسيير النحو:**

از مولانا شبير احمد پٽو- هيءُ ڪتاب نحو مير جي سليس ترجمي تي مشتعمل آهي، ڪٿي ڪٿي وڌيڪ نحوي مسائل بہ ذڪر ڪيا ويا آهن، تہ ڪٿي ترتيب بہ مٽايل آهي. ١٩٧٩ع ۾ مڪتبہ سعديہ الرا، پريالو، خيرپور طرفان شايع ٿيو.

**(١١٤) ترجمو ۽ تشريح (القول الظهير):**

از مولانا غلام قادر ميمڻ، شيخ الحديث جامع دارالهديٰ نيڙهي- نحو مير جو سليس ترجمہ ۽ شرح آهي ۽ ڪافي واڌارا بہ ڪيل آهن. اجان تائين شايع نہ ٿيو آهي.

## ★ نل دمن فارسي مثنوي

از ملا فيضي ابوالفيض (م: ١٠٠٤هہ)- هيءُ ڪتاب دراصل سنسڪرت ۾ منظوم شڪل ۾ ڪاليداس جوڙيو هو، جنهن جو دنيا جي مختلف ٻولين ۾ ترجمو ٿي چڪو آهي. ملا فيضي انجو فارسي نظم ۾ ترجمو ڪيو هو.

**(١١٥) نل دمنتي (سنڌي مثنوي ۾):**

از رشيد احمد لاشاري (م: ١٩٧٠ع)- لاشاري صاحب نل دمنتي جي منظوم سنڌي ترجمي ڪرڻ ۾ ٻين ترجمن سان گڏ، ملا فيضي جي مثنوي "نل دمن" مان بہ استفادو ڪيو آهي (انڪري هن مضمون ۾ شامل ڪيو ويو)

هيءُ ڪتاب پهريون دفعو ١٩٥٩ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ٿيو.

★ همايون نامہ

تاليف: گلبدن بيگم بنت بابر بادشاهہ مغل (م: ١٦٠٣ع). هيءُ ڪتاب در حقيقت بيگم موصوفہ جي آپ بيتي يا آتم ڪهاڻي آهي، جنهن ۾ هن پنهنجو ننڍپڻ بابر بادشاهہ وٽ، جواني همايون جي حڪومت ۾ ۽ ڪراڙپ اڪبر بادشاه جي دور ۾ گذاري.

**(١١٦) ترجمو:**

از احمد خان آصف مصراڻي ۽ محمد خان ٻيرُ- هيءُ ترجمو پهريون دفعو ١٩٥٦ع ۾ آر. ايچ احمد اينڊ برادرس، حيدرآباد طرفان شايع ٿيو.

★ الينابيع الصافيۃ في حڪم المسائل الثمانيہ

مؤلفہ: الشيخ الفقيہ المحدث مولانا حماد الله بن محمود الهاليجوي (م: ١٣٨١هہ) - هن فارسي ڪتاب ۾ حضرت هاليجوي صاحب مختلف اٺن سوالن (جن جو تعلق اعتقاديات سان آهي) جا جواب ڏنا آهن. "الياقوت والمرجان في شرح الغات القران" (مؤلفہ حضرت هاليجوي) جي آخر ۾ شايع ٿي چڪو آهي.

**(١١٧) ترجمو:**

از حضرت مولانا عبدالصّمد هاليجوي بن حافظ محمود اسعد بن حضرت حماد الله هاليجوي- ترجمو اڃان ڇپيو نہ آهي، عنقريب شايع ٿيڻ وارو آهي.

★ امامت

از شهيد مرتضيٰ مطهري- هن ڪتاب ۾ شيعہ عقيده مطابق امامت ۽ ولايت تي بحث ڪيو ويو آهي.

**(١١٨) امامت ۽ رهبري:**

ترجمہ ۽ ترتيب حسين موسوي- اصغريہ آرگنائيزيشن سنڌ طرفان شايع ٿيو.

**وضاحتي نوٽ:** (١) راهي صاحب، پير محمد راشد روضي ڌڻي (١٢٣٤هہ) جي ملفوظات جو نالو "جامع الفيوضات" لکيو آهي. جڏهن تہ صحيح نالو "مجمع الفيوضات" آهي. (٢) لاکي صاحب "احياء علوم الدّين" ترجمہ از غلام اصغر ونڊير کي "ڪيميائي سعادت" امام غزالي جو ترجمو قرار ڏنو آهي، حالانڪ "احياء علوم الدّين" امام غزالي جي الڳ تصنيف آهي، جيڪا عربيءَ ۾ آهي. ونڊير صاحب ان جو ترجمو ڪيو هو.

(٣) لاکي صاحب "مثنوي گلشن راز" جو ترجمو "ڪشف اعجاز" از قليچ بيگ ذڪر ڪيو آهي ۽ لکيو آهي تہ وڌيڪ تفصيل نہ ملي سگهيو. ان متعلق عرض تہ منظوم ترجمو ١٩١٤ع ۾ اسٽينڊرڊ پرنٽنگ ورڪس حيدراباد مان ڇپيو هو.

## حوالا ۽ سمجهاڻيون

(١) پهريون ڀاڱو مون وٽ ڪونہ آهي. البت آر. ايچ احمد اينڊ برادرس جي "ٽائيٽلز فائيل" ۾ ان جو ٽائيٽل چسپان آهي. ياد رهي تہ آر. ايچ احمد وارا پنهنجي سمورن ڇپرايل ڪتابن جا ٽائيٽل هڪ "آلبم نما فائيل" ۾ چپسان ڪندا هئا. آر. ايچ احمد وارن جا اهڙا ٻہ فائيل هن وقت قاسميہ لائبرريءَ ۾ موجود آهن.

(٢) هن ترجمي جو ذڪر "الانوار الالحمديہ في حالات المشائخ النقشبنديۃ" (حصو پهريون) جي مقدمه (از نور احمد سومرو) ۾ آيو آهي.

(٣)اخلاق محسني جي هڪ ترجمي جو ذڪر اختر راهيءَ بہ ڪيو آهي: پر جيئن تہ انجي مترجم جو نالو نہ ٻڌايو اٿس، تنهنڪري هت تنهي ترجمن جو مترجمن سميت ذڪر ڪيو ويو آهي.

(٤) تماهي مهراڻ سوانح نمبر ٣/ ١٩٥٧٠٠٤ع.

(٥) هن ياڱي جو ذڪر لاڪي صاحب ڪونہ ڪيو آهي.

(٦) محمد صديق مسافر، "منازل مسافر مع ڪليات مسافر" دفعو اول آر. ايچ. احمد ١٩٥٥ع، ص ٤٨.

(٧) هڪ سنڌي پسند نامي جو ذڪر ڊاڪٽر ٻُٽ صاحب پنهنجي مضمون "١٨١٩ع کان وٺي ڇپيل سنڌي ڪتابن جو جائزو" مهراڻ ٣/ ١٩٩٥ ۾ ڪيو آهي، جيڪو محمد عارف جو جوڙيل آهي ۽ ١٨٩٦ع ۾ ڇپيو (هيءَ معلوم نہ ٿيو تہ: هيءُ ڪتاب پندنماء عطار جو ترجمو آهي يا ڪريما (پند نامہ سعدي) جو ترجمو آهي يا ڪو ٻيو ڪتاب آهي.

(٨) محمد يوسف ابڙو نصرپوري، پنهنجي ترجمي جي مقدمہ ۾ لکي ٿو تہ: هيءُ ڪتاب اصل فارسي ۾ هو جنهن کي حامد بن حسن وينل پچ ڪڇ جي، سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو (تحفۃالمجربات، مقدمہ)

(٩) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ "نيون ايڊيشن، پاڪستان اسٽڊي سينٽر ١٩٩٠ع ص٤١٧.

(١٠) شيعہ مسلڪ ۾ توتي يعني امامن، اهلبيتن سان محبت جو اظهار ۽ بتري يعني مخالفن کان براءت ۽ بيزاري جو اظهار اهم اصولن ۾ شامل آهي.

(١١) راقم وٽ قاسميہ لائبرري ۾ اصل فارسي وارو نسخو موجود آهي، جيڪو ١٩٣٤ع ۾ ملڪ دين لاهور طرفان ڇپيو هو.

(١٢) فهرست ڪتب آر. ايچ.احمد سال ١٩٦٣ع جي ص ١٤ تي انهيءَ قصص الانبياء لاءِ لکيل آهي تہ هيءُ فارسي ڪتاب خلاصۃ الانبياء تان ترجمو ڪيل آهي.

(١٣) قاضي علي مردان: "سوانح حيات قاضي علي اڪبر درازي" ، ماڊرن پرنٽنگ پريس شڪارپور، ١٩٨٥ع ص ٢٨٣.

(١٤) ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل، مقالو "سنڌي مثنويون قسط ٩" ماهوار نئين زندگي جون ١٩٦٠ع- غلام محمد لاکي سڪندر نامي جي ٻئي نمبر ترجمي لاءِ غلام محمد خانزئي جو نالو ڪنيو آهي، ٿي سگهي ٿو تہ هيءَ غلام محمد اهوئي هجي، پر جيئن تہ لاکي صاحب انجي وضاحت نہ لکي آهي. تنهنڪري هت تفصيل سان لکيو ويو.

(١٥) لاکي صاحب، غلام مرتضيٰ شاهہ واري ترجمي جو ذڪر ڪري ڇڏيو آهي.

(١٦) ڊاڪٽر ابراهيم خليل مقالہ "سنڌي مثنويون قسط ٩" ماهوار نئين زندگيءَ جون ١٩٦٠ع.

(١٧) مولانا دين محمد وفائي: "مشاهير سنڌ" ج-١ سنڌي ادبي بورڊ، ڇاپو ٻيو ١٩٨٥ع، ص ٢٨٨.

(١٨) امداد حسيني. سنڌ جي ديني ادب جو ڪئٽلاگ (سنڌي عالمن جي تصنيفات جو قلمي ذخيرو) سنڌالاجي ص ١٨- هن ترجمي جو نالو شايد "ارشاد الطالبين" آهي. جو تہ مولانا وفائي، هداية الله شاهہ جي تصنيفن جو ذڪر ڪندي لکي ٿو تہ: رسالو ارشاد الطالبين مصنفہ پير محمد ياسين شاهہ جو تحت اللفظ سنڌي ترجمو ڪري ڇپرايائين. ڏسو "تذڪره مشاهير" سنڌ جلد -١ ص ٢٨٣.

(١٩) هن ترجمي جو علم "جلال المظهر ترجمہ طب اڪبر" طابع هريسنگهہ جي آخر ۾ ڏنل هڪ اشتهار مان ٿيو.

(٢٠) مهراڻ سوانح نمبر ٣/ ٤- ١٩٥٧ع- ص٣٩٧.

(٢١) ڊاڪٽر بلوچ، "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" نيون ايڊيشن، ١٩٩٠ع، ص ٤١٥.

(٢٢) لطف الله بدوي، پيش لفظ "چار درويش" مترجم امام بخش خادم، سنڌي ادبي بورڊ، ١٩٦٠ع، ص ١١.

(٢٣) ڊاڪٽر بلوچ، "سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ" نيون ايڊيشن ١٩٩٠ع، ص ٤١٧. ۼ

(٢٤) ڊاڪٽر غلام علي الانا: "چيپل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي" ١٩٤٧ع کان ١٩٧٣ع تائين، ص ٤٦٨.
(٢٥) راهي صاحب ٣ ترجما ڪريما جا ڄاڻايا آهن ۽ لاکي صاحب ٤ ترجما وڌايا آهن، ٤٩ نمبر تي آيل، مولانا ڪماڙي ڏانهن منسوب ترجمو، در حقيقت علامہ عبدالرؤف وارو ترجمو ئي آهي. مولانا ڪماڙو صرف ڪاتب آهي، اهڙي طرح ٥٠ نمبر تي ڄاڻايل عبدالرؤف وارو ترجمو اهوئي آهي، جنهنکي راهي صاحب عبدالرؤف متوفي ١١٣٧هہ ڏانهن منسوب ڪيو آهي. ٥١ نمبر تي ڄاڻايل ترجمي کي سيد حسام الدين راشدي صاحب، مخدوم عبدالرؤف ڀٽيءَ ڏانهن منسوب ڪيو "سنڌي ادب" مترجم غلام محمد لاکو ص١٠٤ سو غلط آهي، ڀٽي عبدالرؤف تہ ١١٦٦هہ ۾ وفات ڪري ويو هو. جڏهن تہ هيءُ ترجمو ١١٧٨هہ ۾ ٿيو هو.
البت ٤٨ نمبر تي ڄاڻايل ترجمو (چيپل پوڪرداس شڪارپور) نئين شيءِ آهي، جنهن جي ملائڻ سان، راهي صاحب جي ذڪر ڪيل ٣ ترجمن سوڌو ڪل ٤ ترجما ٿيا.
(٢٦) هن ترجمي جو قلمي نسخو خليفہ عبدالغفور سومرو شڪارپور، جي ذاتي ڪتبخاني ۾ موجود آهي، ڏسو مقالو "شڪارپور جا ڪتبخانا" امين الله علوي، ڪتاب "شڪارپور صدين کان" چيپل شڪارپور ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي، شڪارپور، ١٩٨٨ع ،ص ٣٠٦ .
(٢٧) هن ڪريما جي قلمي نسخي جو فوٽو اسٽيٽ مونکي ڊاڪٽر حامد علي خاناڻي صاحب طرفان مليو، نسخي جو ڪاتب خود ميان فيض محمد آهي.
(٢٨) مولانا وفائي "تذڪره مشاهير سنڌ" ج-٢، طبع اول، ١٩٨٥ع، سنڌي ادبي بورڊ، ص ١٣٩.
(٢٩) پهرئين ترجمي جو ذڪر راهي صاحب ۽ ٻئي ترجمي جو ذڪر لاکي صاحب ڪيو آهي.
(٣٠) هن ترجمي جو ذڪر ڪتبخانہ هريسنگهہ سکر جي هڪ قديم فهرست ڪتب ۾ موجود آهي.
(٣١) هت ٻنهي ڪتابن جو گڏ ذڪر ڪيو ويو آهي، ڇو تہ هيٺ ايندڙ ڪي ترجما، ٻنهي ڪتابن (گلستان ۽ بوستان) جي ترجمي تي مشتمل آهن.
(٣٢) قاضي يار محمد: "سنڌيءَ ۾ فقهي تحقيق جو ارتقاء" سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو حيدرآباد، ١٩٩٢ع، ص ١٣٩
(٣٣) مسٽر الهہ بخش "مولانا حافظ دين محمد پٺاڻي" تہ ماهي الرحيم، ٢- ١٩٦٦ع، ص٢٥.
(٣٤) حامي جي ترجمن جو ذڪر لاکي صاحب ڪري ڇڏيو آهي.
(٣٥) ڪريم بخش خالد: "ڪتاب سچل سائين" پندرهين هجري مطبوعات ڪراچي، ١٩٨٣ع، ص ٢٩.
(٣٦) منهنجي سامهون جيڪي ڀاڱا موجود آهن، انهن جو تفصيل هن ريت آهي: پهريون ڀاڱو ١٩٦٥ع ۾ چوٿون دفعو، ٻيو ڀاڱو ١٩٦٥ع ۾ چوٿون دفعو، ٽئين ڀاڱي تي سال لکيل نہ آهي، البت ڇاپو ٻيو آهي.
(٣٧) علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي: "منهنجي علمي ڊائري" تہ ماهي الرحيم سنڌي: ٣- ١٩٦٦ع، ص ٥٩.
(٣٨) ڪل ٣ قسطون شايع ٿيون هو. جمادي الثاني، رجب ۽ شوال ذوالقعد ١٣٩٠هہ جي پرچن ۾، ماهوار "المدينہ" جي بند ٿي وڃڻ ڪري اهو سلسلو بہ بند ٿي ويو.
(٣٩) مثنوي رومي سان سنڌي عالمن جو تعلق ۽ لاڳاپو تمام پراڻو آهي، مخدوم محمد معين ٺٽويءَ بہ مثنوي رومي جو شرح لکيو هو، جنهن جو ذڪر، حضرت امروٽي جي استاد مولانا عبدالقادر پنهوار واري جي بياض الطائف العلوم" ۾ ملي ٿو.
(٤٠) ميان عبدالواحد سائل "يوسف زليخا سنڌي" مطبع عزيزي گلدستہ محبوبي ١٣١٥هہ ص-٢٧١.
(٤١) ڊاڪٽر ابراهيم خليل: "مقالو" سنڌي مثنويون قسط ١٢ ماهوار نئين زندگي مئي، ١٩٦١ع.
(٤٢) حضرت امروٽي، "پريت نامو سنڌي" مولوي عظيم شڪارپور، ص ١٩.

(۴۳) ماهوار شريعت سکر، سوانح نمبر طبع ۱۴۰۱هه ص ۲٦۰- منهنجي خيال ۾ هيءَ ترجمو مولانا عبدالڪريم ڪُماڙي جي پنهنجي تصنيف نہ هوندو. صرف ڪتابت مولانا عبدالڪريم ڪماڙي جي هوندي ۽ ترجمو هوني امروٽي جو هوندو - والله اعلم بالصواب.

(۴۴) امداد حسيني "سنڌ جي ديني ادب جو ڪئٽلاگ،" سنڌ الاجي. ۱۹۷۱ع.

(۴۵) جناب نور احمد نظاماڻي "مقالو" خليفو محمود نظاماڻي ڪڙيي وارو، "تہ ماهي الرحيم ۱- ٦٦ع ص ۷۴. هن ترجمي جو ذڪر راهي صاحب ڪيو آهي. پر جيئن تہ اهو اجمالي هو، تنهنڪري ڇجهہ تفصيل سان، ترجمي جي نالي سميت لکيو ويو.

(۴٦) بهترين ڪتاب آهي، منشي نولڪشور هندوستان طرفان شايع ٿيو هو. تازو پشاور ۾ شايع ٿيو آهي.

(۴۷) سيد علي محمد شاهہ: "مصلح المفتاح" تحقيق ڊاڪٽر بلوچ، سنڌ الاجي ۱۹۷ع، ص ۴ ۽ ۵.

(۴۸) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: "مقدمہ مصلح المفتاح" سنڌالاجي،"س۱۹۷۰ع ص ۳۲.

(۴۹)حوالو ساڳيو ۳۴.

(۵۰) منشي پوڪرداس وارن جي فهرست ڪتب ڇپرايل ۱۹۲۸ع ۾ ان جو نالو ملي ٿو.

## هڪ يادگار لمحو



شيخ اياز ۽ محمد خان مجيدي، هڪ ادبي گڏجاڻي ۾ ياڪر پائيندي.

# ڪهاڻيون

"…. مان مجان ٿو ته اهڙا ليکڪ به هوندا آهن، جيڪي هميشه هر حڪومت جو ساٿ ڏيندا آهن. اُهي پئسن، انعامن، عهدن ۽ وقتي شهرت کي ئي ادب جو معراج سمجهندا آهن، ۽ اُهي پڙهندڙن جي آڏو اچڻ بدران حاڪمن جون حاضريون ڀريندا آهن. پر هنن جون به ڪي مجبوريون هنن کان اهڙا ڪم ڪرائينديون هونديون. پر، هر دؤر ۾ اهڙن ليکڪن جي کوٽ به نه رهي آهي، جن سچ کي نه ڇڏيو، پنهنجن اصولن کي نه ڇڏيون. جن کي وقتي شهرت ۽ پئسي کان وڌيڪ پنهنجا ماڻهو، پنهنجو ادب، پنهنجي ٻولي، پنهنجا اصول ۽ سچ وڻندو رهيو آهي. هر ليکڪ هٿڪڙين ۽ جيلن کان ڊڄي، قلم نه ڦٽو ڪندو ۽ نه ئي قلم وڪڻندو ڇو ته اهڙو وقت به ايندو جڏهن نه هن لاءِ جيل هوندا، نه حڪومتون ۽ نه ئي انعام اڪرام ۽ عهدا. ڇو ته هڪ ڏينهن دنيا ۾ هو نه، فقط هن جي قلم مان نڪتل لکڻيون رهنديون. گهڻن کي رڳو پنهنجي 'اڄ' سان ئي پيار آهي. هنن جي لاءِ سڀ ڪجهه اڄ ئي آهي، پر ڪن ليکڪن کي پنهنجي 'اڄ' کان وڌيڪ "سُپاڻي" سان پيار آهي. ۽ مان به چاهيان ٿو ته منهنجو شمار 'پوين' ۾ ٿئي، ڇو ته سُپاڻي کي 'دائمي حيثيت' حاصل آهي ……."

طارق اشرف

("هٿين هٿ ڪڙول")

**انيس انصاري**

# انوري

ايم اي جناح روڊ تي هوڻ ڪري هن وقت ڪافي رش لڳل هوندي هئي پر اڄ ڪجهه مڙني سرس پئي نظر آئي. سعيد منزل وٽ مون کي بہ ان سيلاب جو حصو بڻجڻو هو. مون گاڏيءَ جي رفتار گهٽ ڪئي. منهنجي نظر موڙ تي بيٺل هڪ ويهہ ويهہ عمر واري ڇوڪريءَ تي وڃي پيئي جا ٻانهن ۾ موتيي جا گجرا ۽ مٿي تي ساڳي قسم جي گلن جي لڙهي سجائي ڪنهن جي اوسيئڙي ۾ بيٺي هئي. منهنجو ان قسم جي عورتن سان واسطو پنجي ڇڪو هو ان ڪري مان گاڏي ان جي ڀرسان وڃي روڪي ۽ ڀرواري سيٽ جو دروازو کولي ڇڏيم. هوءَ اچي ان تي ويٺي. مان هڪ متاڇري نگاهہ مٿس وڌي. ڇوڪري وچولي قد ۽ سنهي بدن جي هئي. چپ ڀريل ۽ اکيون وڏيون هيس. بدن تي گهٽ قيمت واري ڪاٽن جو وڳو پهريل هيس. البت جنهن چيز منهنجو ڌيان پاڻ ڏانهن ڇڪايو سو هو سندس بي ترتيبو ميڪ اپ. ڪم قيمت لپ اسٽڪ جو استعمال ۽ سستي قسم جو پرفيوم.

اندازو لڳايم تہ انتهائي مجبوري هن الهڙ ڇوڪري کي ان ڀاهہ ۾ ڌڪي رهي هئي.

رمپا پلازا وٽان لنگهندي خيال آيو تہ فرج ۾ کائڻ لاءِ موجود ڪونہ هيو. نمائش ڪان موڙ ڪاٽيندي سرن ايڪسليٽر کي دٻايو. الڪرم اسڪوائر وٽ گاڏي ڌري ڪرڻ لڳم تہ ڇوڪريءَ آهستگي سان چيو، "گاڏي هتان ڪڍي هلو. "کائڻ لاءِ ڪجهہ وٺڻو آهي." چيائين، "اڳتي هلي وٺجو"

عائشہ منزل واٽر پمپ انچولي سهراب ڳوٺ پٺيان ڇڏيندو ويس گاڏي جعفر پلازا جي پٺيان پنهنجي بنگلي جي گيٽ وٽ اچي بيهاريم، بزر جي آواز تي چاچي احمد اچي گيٽ کولي، ڇوڪريءَ کي مون سان گڏ ڏسي سندس چهري تي بيزاريءَ جو احساس چٽو نظر اچڻ لڳو.

گاڏي اچي گيراج وٽ بيهاريم. چاچي احمد دروازو کوليو، گاڏي پارڪ ڪري، ڇوڪريءَ کي سان وٺي ڪمري جو دروازو کولي بجلي جي بٽڻ کي زور ڏنم. چئني ديوارن تي بہ بہ گهٽ پاور وارا بلب ڪمري کي خوشگوار روشني ڏئي رهيا هئا. قيمتي قالين، بيش بها فرنيچر ۽ مهانگا پردا ڏسي ڇوڪري حيران ٿي ويئي. اهڙي گهر ۾ شايد پهريون دفعو سندس قدم پهتو هو.

ڇوڪريءَ کي ڊرائنگ روم ۾ ويهاري مان غسل خاني ۾ گهڙي ويم. هٿ منهن ڌوئي لٽا تبديل ڪري ڪمري ۾ پهتم ڏٺم تہ ڇوڪري اڃا حيرانيءَ مان هر چيز کي ڏسي رهي هئي. مان فرج مان ڪيڪ، آئيس ڪريم جو ڊٻو ۽ ڪجهہ ٻيون چيزون ڪڍي ٽيبل تي اچي رکيون. ڪيڪ مان وڏو ٽڪرو ڪٽي ڪجهہ نمڪين شين سان پليٽ ۾ وجهي اڳيان رکيومانس. ان بعد آئيس ڪريم پيالي ۾ وجهي اڳيان رکندي چيومانس، "هن وقت گهر ۾ هي ڪجهہ موجود هيو. الڪرم وٽان ڪجهہ وٺڻ جو نہ ڏنئہ"

مون سندس نالو پڇيو.

"فوزيہ" هن جواب ڏنو.

"هن نموني ڀريائين ڪڏهن ڪنهن سان وئي آهين؟" مون پڇيس.

ڪنڌ ڌوڻي انڪار ڪيائين.

استعمال ٿيل گلاس، پليٽون، آئيس ڪريم ڪپ وغيره سنڪ ۾ رکي بچيل ڪيڪ آئيس ڪريم وغيره فرج ۾

رکيم. فوزيہ کي ڪِڍ اچڻ جو اشارو ڪري پنهنجي بيڊ روم ۾ گهري ويم، هوءَ ڊنل هرڻي وانگر منهنجي پٺيان اچڻ لڳي. بيڊ روم ۾ بہ هوءَ هر چيز کي حيرانيءَ سان ڏسڻ لڳي. مان اچي پلنگ تي ويٺم ۽ فوزيہ کي پر ۾ رکيل ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چيم، "فوزيہ" مون ڪيس پاڻ ڏي توجہ ڏياريو. چيومانس، "سامهون ڪمري ۾ بستر وڇايو پيو اٿي. وڃي سمهي رهو، صبح جنهن هنڌ چونديءَ اتي ڇڏي ايندوسانءِ."

"پر صاحب! امان جي علاج..." سندس آواز پرجي آيو.

"سڀ ڪجهہ ٿي پوندو، تون بي فڪري ٿي وڃي سمهہ. ڪمري سان گڏ غسل خانو بہ اٿي. هٿ منهن ڌوئين تہ صابڻ ۽ ٽوال پڻ اتي پيو آهي."

لاڳيتي ڪمري مان ڀريائين ڪجهہ سسڪين جو آواز پئي آيو جڻ فوزيہ روئي رهي هئي بعد ۾ اتان هلڪا ڪونگهرا ٻڌڻ ۾ اچڻ لڳا. پتو نہ آهي الائي ڪهڙي وقت مون کي ننڊ آئي.

صبح جو سوير دروازي تي هلڪو ڪڙڪو ٿيو. در کوليم تہ چاچو احمد بيٺو هو. دستور مطابق ڊبل روٽي، آنا ۽ کير سندس هٿ ۾ هئا جي ان وڃي بورچي خاني ۾ رکيا. غسل خاني مان فارغ ٿي. آفيس جا ڪپڙا بدلائي بورچي خاني ۾ آيم. سلائيس گرم ڪري، آمليٽ ٺاهي چانهہ لاءِ پاڻي رکيم.. فوزيہ واري دروازي تي هلڪو ڪڙڪو ڪري چيم ناشتو تيار آهي. ويهڻ واري ڪمري ۾ هليا اچو."

مان ڪاڏي جو سامان ٽيبل تي ٺاهي رکيو تہ فوزيہ بہ اچي پهتي. ٻنهي گڏجي ناشتو ڪيو. چانهہ پيئڻ بعد مون هڪ وڏي ڊبل روٽي، چانهہ جو ڊبو، پائوڊر کير، کنڊ جي ٿيلهي ۽ ڪجهہ آنا هڪ شاپنگ بيگ ۾ وڌا ۽ سيف مان هڪ سئو رپين جا ڏهہ نوٽ هڪ لفافي ۾ وجهي فوزيہ جي روبرو سندس پرس ۾ وڌم ٽيلي ڪارڊ ڏيندي ان جي ڪم آڻڻ جو طريقو ٻڌايومانس. ڪيس پنهنجي آفيس جو ڊائريڪٽري ۾ نہ لکيل نمبر ڏيندي چيومانس تہ ضرورت وقت ان ٽيليفون تي مون سان رابطو رکي.

گيٽ وٽ پهچندي چاچي احمد اها افسوس ڀري نظر مون تي وڌي جا هو هميشہ ڪنهن ڇوڪريءَ کي مون سان گڏ ڏسي وجهندو هو.

ان ڏينهن شهر ۾ گڙ ٻڙ جا آثار گهٽ هئا. انڪري شاهراه تان گاڏي آڻيندي جڏهن پل وٽ پهتم تہ فوزيہ پاڪستان ڪواٽرس ڏانهن هلڻ لاءِ چيو. ان جي پٺيان موسيٰ ڪالوني ۾ پهچڻ بعد فوزيہ هڪ اجاڙ هنڌ تي گاڏي روڪڻ لاءِ چيو لهڻ وقت مون ڪيس شاپنگ بيگ ڏني، بنا پوئتي نهارڻ جي هو هڪ سنهي گهٽيءَ ۾ گهري ويئي.مان اڄ خوشگوار موڊ ۾ هيس. ڪنهن جي مجبوريءَ مان فائدو نہ وٺڻ ڪري منهنجو ضمير اڄ مطمئن هيو. آفيس ۾ نعيم اسٽئبلشمينٽ ڪلارڪ کي گهرائي پڇيم تہ فرم منهنجو عورت جي ڏانو جي ڪا خالي جڳهہ هئي. هن ٻڌايو تہ پيڪر جي هڪ جاءِ خالي هئي. پيڪر جي پگهار هڪ هزار ماهانہ هئي البت يارهين وڳي چانهہ ۽ ٻي وڳي لنچ ڪين فرم جي طرف کان ملندي هئي.

مٿين ڳالهہ کي ٻہ مهينا گذري ويا. هڪ ڏينهن آفيس ۾ اچي ويٺس مس تہ منهنجي خاص فون جي گهنٽي وڄڻ لڳي، ٻئي طرف کان فوزيہ هئي. هوءَ مون سان ملڻ چاهي پئي. مان ڪيس آفيس جو پتو ڏنو، اٽڪل ٻن ڪلاڪن بعد رسيپشنسٽ مونکي انٽر ڪام تي ٻڌايو تہ ڪا مس فوزيہ مون سان ملڻ گهري پئي، مون ڪيس آفيس ۾ گهرايو. هوءَ اڄ ڪجهہ زياده ماڻائتن ڪپڙن ۾ هئي ۽ ٻي جا ميڪ اپ ثقيل بہ ڪونہ هيس. ڏٺم تہ ڏاڍو پريشان هئي. ٻڌايائين تہ سندس والده ڏاڍي بيمار هئي ۽ وٽس علاج لاءِ پيسا ڪونہ هيا. پڇيومانس تہ نوڪري ڪندي، چيائين تہ هوءَ زياده پڙهيل ڪانہ هئي. ڪم جي نوعيت ٻڌي هن نوڪري ڪرڻ جي هامي ڀري.

پنڃي ڏينهن تي انوري اڃي نٿين ڪوارٽر ۾ وينئي. فرم جي ڊاڪٽر سندس والده جي چڪاس ۽ انويسٽيگيشن ڪري سندس علاج شروع ڪيو. منهنجي چوڻ تي ميس مئنيجر انوري جي لنچ پيڪ ۾ ٻه وڏيڪ سلائيس ۽ هڪ اپاريل پٽاٽو دستوري حبزن سان گڏ رکندو هو. لنچ پيڪ ٻنهي ماءُ ۽ ڌيءُ لاءِ ڪافي هو.

هفتي بعد دستوري رائونڊ تي پيڪنگ سيڪشن ۾ مون انوريءَ کي سفيد قميص، سفيد سلوار ۽ سفيد دوپٽي ۾ ڪم ڪندي ڏٺو. هوءَ ٻين کان علحده ۽ ممتاز پئي نظر آئي.

ٻن مهينن تائين نہ مان پيڪنگ سيڪشن ۾ ويم ۽ نہ انوري مون وٽ آئي. ٽرانسمٽر واتان معلوم ٿيو تہ آفيس اسٽاف ۾ مون بابت راءِ زني هاڻي شروع واري ڪانہ هئي. هڪ ڏينهن آفيس ۾ وينو هيس تہ پيڪنگ سيڪشن جي انچارج ريحانہ مون سان ملڻ جي اجازت گهري. هن اچڻ سان مون کي شڪايت جو ڪاغذ ڏنو جنهن ۾ ان انوريءَ تي بي توجهي، ڪاهلي ۽ لنچ تي وڏيڪ وقت غير حاضر رهڻ جا الزام لڳايا هئا. سندس ئي روبرو نعيم کي گهرائي نوٽيس ٽائيپ ڪرڻ لاءِ چيو جنهن ۾ انوريءَ جي خلاف الزام ڏيڪاريل هئا ۽ ڪيس هفتي اندر سبب پيش ڪرڻو هو ۽ ڏ. هاري هئڻ جي حالت ۾ مٿس انتظامي قدم کڻڻ بابت پڻ لکيو ويو هو.

ريحانہ ۽ نعيم ڪمري مان نڪتا مس تہ ٽرانسمٽر اڃي پهتو. چيائين، "سر! هي ڪهڙو ٿا ظلم ڪيو. انوري بي ڏوهي آهي. هي سڀ حرڪت آفيس سپرنٽينڊنٽ جي آهي جو انوري جي ويجهو ٿيڻ گهري ٿو ۽ هوءَ ڪيس لفٽ نہ ٿي ڏي."

مون هٿ جي اشاري سان شمس کي وڃڻ لاءِ چيو، انٽر ڪام تي آفيس سپرينٽنڊنٽ کي چوڪيدار شهباز خان کي پاڻ ڏانهن موڪلڻ لاءِ چيم.

شهباز خان سرحد جو رهاڪو انتهائي درجي جو سچار ۽ ايماندار هو. مون ساڻس انوري جو ذڪر ڇيڙيوئي مس تہ چوڻ لڳو. "صاحب جي! هي ماڻهو دل جا ڏاڍا ڪوڙا آهن. هرهڪ انوري بيگم جي ويجهو ٿيڻ ٿو گهري. خاص طرح آفيس سپرنٽينڊنٽ. خانہ خراب! خدا ڪان بہ نہ ٿا ڊڄن. ٻہ دفعا رات جو چوڪي ڏيندي عارف صاحب کي انوزي بيگم جي در تان موٽايو آهي."

نعيم ليٽر ٽائيپ ڪري آيو، مون انوري ۽ ريحانہ کي گهرائي ڪرسي تي ويهڻ جو اشارو ڪيو. سندن ويهڻ بعد مون ريحانہ کي چيو، ريحانہ! اهو سڀ کي معلوم آهي تہ انوري بيگم ايمانداريءَ سان ڪم ڪري ٿي يانہ. مان تنهنجي شڪايت تي مٿس قدم کڻڻ گهرانٿو. اهڙو ليٽر بہ ٽائيپ ڪرايو اٿم. پر انصاف جي تقاضا اها آهي تہ مان ان سلسلي ۾ ڪجهہ تحقيقات بہ ڪريان. اوهان پنئي هتي ويهو. مان ٻنهي جي غير حاضريءَ ۾ پيڪنگ سيڪشن ۾ وڃي ٿو. انوريءَ جي ڪم بابت سندس ساٿين کان جاچ ڪريان."

ريحانہ وسي تي ويئي. چيائين، "سر! منهنجو هجڻ اتي لازمي آهي." مون ڪنڌ ڌوڻي انڪار ڪيو.

ان دوران ڏٺم تہ انوريءَ جي منهن جو رنگ هيڊو ٿي ويو هو.

ريحانہ کي چيم. "مون کي معلوم ٿيو آهي تہ عارف صاحب تنهنجي سيڪشن ۾ زياده دلچسپي ٿو وٺي. مون اهو چيو هو تہ ڪوبہ مرد منهنجي اجازت کان سواءِ ان سيڪشن ۾ نہ وڃي. مون وٽ ثابتي آهي تہ عارف صاحب ڏينهن ۾ هڪ ٻہ ڀيرا ان سيڪشن جو رائونڊ ٿو لڳائي ۽ ڪم ڪندڙ عورتن کي هدايتون ٿو ڏي. اوهان نہ ڪيس سيڪشن ۾ اچڻ کان روڪيو آهي ۽ نہ مون کي ان جو اطلاع ڏنو آهي"

ريحانہ ڏڪندي ٿرڪندي سچي ڪئي تہ انوري بيگم ايمانداريءَ سان ڪم ڪري رهي هئي ۽ ان اها شڪايت عارف صاحب جي چوڻ تي ڪئي هئي."

مون ٻنهي کي وڃڻ لاءِ چيو ۽ عارف کي گهرائي چيو، "مسٽر عارف! اوهان اچ ڪلهہ پيڪنگ سيڪشن ۾ ڪافي دلچسپي ٿا وٺو ۽ باوجود منع جي ڏينهن ۾ هڪ اڌ دفعو رائونڊ لڳايو ٿا. رات جو بہ اوهان انوريءَ جي گهر سندس والده جي خيريت معلوم ڪرڻ لاءِ سندن اجازت بنا وڃڻ چاهيو ٿا ۽ ڪجهہ دفعا چوڪيدار اوهان کي آڌيءَ رات وقت انوري جي دروازي تي ڏٺو آهي، اوهان جهڙي شائستہ ماڻهو جي منهن تي اهڙيون ڳالهيون نہ ٿيون نهن. البت مان کلي طرح اوهان کي چوان ٿو تہ اوهان يا ڪو آفيس ميمبر جيڪڏهن انوري سان شادي ڪرڻ گهرندو تہ مناسب ڏاج پنهنجي طرف کان ڏيندس."

عارف چيو، "سر! اوهان کي غلط فهمي ٿي آهي. مان وعدو ٿو ڪريان تہ اڳتي ائين نہ ٿيندو. سر! مان شادي شده آهيان ٻن ٻارن جو پيءُ مان اهڙي حرڪت ڪيئن ڪندس."

"وڃو ۽ وڃي ٻين کان پڇو. ٻن ڏينهن ۾ مون کي جواب ڏجو."

ٻن ڏينهن بعد عارف اچي ٻڌايو تہ "اسٽاف ميمبرن مان ڪافي شادي شده آهن ۽ ٻيا مڱيل. البت رئوف ڇڙو ڇانڊو آهي. پر اهو ماڻهو سنو ڪين آهي. سندس خيال آهي تہ هو شادي ڪندو جتي ڪيس ڪار ۽ بنگلو ملندو."

باوجود فرم جي ڊاڪٽر جي پوري توجہ جي انوري جي ماءُ وني پوئتي پوندي. هڪ صبح آفيس پهتس مس تہ شهباز خان اچي ٻڌايو تہ انوري بيگم جي والده گذريل رات فوت ٿي وئي آهي. فرم جي دستور موجب اڌ ڏينهن جي موڪل ڪئي ويئي. اسٽاف مرحومہ جي تڪفين ۽ تدفين ۾ شامل ٿي ويو. بعد ۾ اسٽاف جي ميمبرن جون عورتون ٻہ ٽي هفتي تائين انوريءَ جي گهر رهيون. هفتي بعد انوري ڪوارٽر ۾ اڪيلي رهجي ويئي.

هفتي کن بعد شهباز خان اچي ٻڌايو تہ انوري جي حفاظت ڪندي هو راتيون جاڳندو رهيو آهي. هڪ ٻہ دفعا تہ انوريءَ جي دانهن تي جڏهن هو "آيو آيو" ڪندو سندس در تي پهتو تہ ڪنهن ماڻهوءَ کي ڀڄندو ڏٺو هئائين. انوري کيس ٻڌايو تہ ڪو ماڻهو ٻہ ٽي دفعا سندس ديوار ٽپي گهر ۾ اچڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو هو.

ان شام جو منهنجي گاڏي انوريءَ جي ڪوارٽر وٽ اچي بيٺي. شهباز خان جي مدد سان پنهنجي مختصر مڏي گاڏيءَ ۾ وجهي چاچي احمد جي پر واري خالي ڪوارٽر ۾ اچي لٿي. چاچاي احمد ان ڪوارٽر کي اڳ ئي صاف ڪرائي ڇڏيو هو. ماڻهن جي طعنن کان بچڻ لاءِ انوري منهنجي گاڏيءَ جي بجاءِ بس يا رڪشا ۾ چڙهي آفيس اچڻ وڃڻ لڳي.

مان هن وقت تائين پنهنجي پاڻ لاءِ ڪجهہ نہ لکيو آهي. مان سنڌ جي هڪ شريف خاندان جو فرد آهيان. ان خاندان جي مجتا هنڌ سنڌ کان ٻاهر افغانستان تائين ڦهليل آهي. والد مرحوم مروج روايتون ٽوڙي پيريءَ مريديءَ کان پاسو ڪري، ڪراچيءَ ۾ هڪ ننڍي ڪارخاني جو بنياد وڌو جو هن وقت وڏي فرم جي صورت ۾ موجود آهي. مان والدين جي اڪيلي اولاد آهيان. مان ارڙهن ورهين جو ٿيس تہ هو منهنجي شاديءَ جو سوچڻ لڳا. والد صاحب مون کي فرم جي ڪم کان آگاه ڪندو ايندو هو اتفاق اهڙو ٿيو جو والد صاحب ۽ والده صاحبہ ڇهن مهينن جي عرصي اندر مختصر بيماريءَ دوران هڪ ٻئي جي پٺيان الله کي پيارا ٿيا. هي مون لاءِ وڏو ڏک هيو. پر مان پاڻ سنڀالي ورتو ۽ فرم جو ڪم پنهنجي هٿ ۾ ڪيم.

منهنجي شاديءَ جون ڳالهيون منهنجي چاچي جي ڌيءَ روشن بيبي لاءِ هلنديڙ هيون. چاچي مون کي پنهنجو ڪيو. شاديءَ جي چوٿين سال مون کي پٽ پيدا ٿيو "سيد حسن" ، شاديءَ جي پنجين سال منهنجي گرهستي زندگي ۾ تباهي آئي ٿيو هيئن تہ چاچي پنهنجو پٽ ظفر مون وٽ ڪارخاني جو ڪم سکڻ لاءِ ڇڏيو. بيبي روشن جهليو بہ پر مون مٿس اعتبار ڪري ڪيس ڪارخاني جي سياهہ سفيد جو مالڪ بڻايو. سندس بيهودگين ڪري ڪارخاني ۾ اسٽرائيڪون ۽ نافرمانيون ٿيون. ٻئي طرف ظفر جي شاهہ خرچين فرم جي باقي ساک بہ ختم ڪري ڇڏي. آخر

لاچار ٿي ظفر کي ڳوٺ اماڻي ڇڏيم. ساڳي وقت چاچي احمد هٿان پنهنجي چاچي (ظفر جي والد) کي ظفر جي حرڪتن کان آگاهہ ڪيم.

چاچو احمد منهنجي والد جي وقت کان وٽن خاص ملازم هوندو هو. هُو اسان جي لڄ مان هيو پر هيو چند سيد سپ جو پلو چاهيندڙ. مون سان خاص محبت هيس.

ظفر جي ڳوٺ پهچڻ بعد منهنجي گهريلو زندگيءَ جو زوال ٿيو. پتو نہ آهي پنهنجي والد کي مون بابت ڪهڙيون خبرون ٻڌايائين جو هن جي محبت نفرت ۾ تبديل ٿي ويئي. دستور مطابق عيدالفطر مان ڳوٺ ڪئي ۽ پنهنجا ٻار عيدالضحيٰ تائين حويلي ۾ ڇڏي آيم. عيدالضحيٰ ڳوٺ ملهائڻ ۽ ٻارن کي واپس آڻڻ لاءِ جڏهن ڳوٺ پهتس تہ حويلي جو دروازو مون لاءِ ڪونہ کليو. مون چاچي احمد کي اندر حويليءَ ۾ موڪليو. هو بہ بي مانائنو ٿي موٽي آيو. ان ڏينهن کان منهنجا ٻار حويليءَ ۾ بند آهن، جن تائين منهنجي رسائي ڪانہ آهي. البت عيدالضحيٰ تي چاچي احمد کي عيد ڳوٺ ڪرڻ جي اجازت آهي ۽ ان جي معرفت منهنجي روشن بيبي کي ان جي مون کي سال ۾ هڪ دفعو چٺي سمگل ٿي ملندي آهي. ان چٺيءَ ۾ سيد حسن جو تازو فوٽو بہ شامل هوندو هو.

گذريل سال سيد حسن جي فوٽو سان گڏ جا چٺي روشن بيبي لکي هئي ان ۾ لکيو هئائين:

سرتاج

منهنجون مجبوريون تہ معلوم اٿو. ڪوٺن ۾ ڪڙيل آهيان. اوهان پنهنجي جواني چوٽا تباهہ ڪريو. معلوم ٿيو آهي تہ اوهان هڪ بي سهارا ڇوڪريءَ کي سهارو ڏنو آهي. چڱو ڪيو اٿو. اٿين بهتر ٿيندو تہ اوهان ان سان نڪاح ڪريو. اوهان جو ۽ منهنجو وڇوڙو قيامت جو آهي.

روشن

مان چاچي احمد کي چيپيو تہ ان چو انوريءَ جي ڳالهہ اندر حويليءَ ۾ پهچائي هئي.

ڏينهن گذرندا ويا. هڪ رات جو ڏاڍو اداس هيس. اڪيلائپ هاڻي کائڻ ٻي آئي. ڪمري جو در کولي ٻاهر نڪري ويس. ڪجهہ وقت هوا خوري ڪري در بيڪڙي اچي پلنگ تي ليٽيس. پتو نہ آهي تہ الائي ڪهڙي وقت ننڊ آئي. اک مس لڳي هوندي تہ پاڻ کي جڪڙيندو محسوس ڪيم. پهريائين تہ سمجهيم خواب ٿو ڏسان پر پاسي ورائڻ تي نائيٽ ليمپ جي روشني ۾ ڏٺم تہ انوري مون سان سمهيل هئي. جاڳندو ڏسي ٻانهن ۾ جڪڙي ڇڏيائين.

شرافت جو بند ڀڄي پيو.

ٻئي ڏينهن انوري جي استعفيٰ پيش ٿي جا منظور ٿي ۽ هوءَ ڪوارٽر مان نڪري منهنجي خواب گاهہ سان لاڳيتي ڪمري ۾ داخل ٿي.

عيدالضحيٰ تي حويليءَ مان چٺي، حسن جو تازو فوٽو ۽ هڪ وڏو پئڪيٽ آيو جنهن تي لکيل هو "منهنجي سهيلي بي بي انور لاءِ "پئڪيٽ ۾ هڪ قيمتي جوڙو، سوني منڊي ۽ ڪنن جا سونا والا پيل هئا. جواب ۾ انوري چيو، "ڪيڏي عظيم آهي بيبي روشن!"

هڪ سال ٻيو بہ گذريو. هن دفعي انوري جي پئڪيٽ ۾ حسن جي تازي فوٽو سان گڏ بيبي روشن جو فوٽو بہ هيو جو سيد حسن ناني جي نگاهہ بچائي پنهنجي ڪئميرا سان ڪڍيو هو. مان فوٽو کي ڏسندو ٿي رهيس. بيبي روشن مون وٽ جڏهن هئي تہ هڪ مکڙي هئي ۽ هاڻي هڪ ٽڙيل گل. وقت هن جي حسن ۾ ڪافي اضافو آندو هو.

مان فوٽو کي سنهري فريم ۾ مڙهي پنهنجي اڳيان ٽيبل تي رکي ڇڏيو.

ٻئي سال بي بي روشن جي فوٽو کان سواءِ ٻيون سڀ چيزون حويلي مان آيون. انور لاءِ هن سال وڳي کان علاوه

چار سونيون چوڙيون پڻ هيون. مان هاڻي محسوس ڪرڻ لڳو هوس تہ انوري باوجود بيبي روشن جي محبت ۽ شفقت جي ساڻس حسد ڪرڻ لڳي هئي. مون کي سندس فوٽو کي ٽڪٽڪي ٻڌي ڏسندي ہ ٽي دفعا ٽوڪيندي چيو هيائين.

صاحب جي! هن عورت ۾ توهان ڇا ڏٺو آهي؟"

چيومانس، "پاڪيزگي، حسن، شرافت ۽ سخاوت."

هاڻي بي بي روشن جو فوٽو گم ٿيڻ لڳو. ڪڏهن اسٽور روم مان هٿ پئي آيو تہ ڪڏهن الماڙيءَ مان، ڪڏهن بورچي خاني ۾ پيو هوندو هو تہ ڪڏهن ڪباڙ خاني ۾، هڪ ڏينهن فوٽو ڪٿي بہ هٿ نہ آيو. مان رڙين سان گھر مٿي تي ڪڻي ڏنو ان ڏينهن بہ ڪلاڪ دير سان آفيس پهتم فوٽو هٿ ڪونہ آيو هو. وڃڻ وقت چئي ويس تہ جيسين فوٽو نہ مليو آهي تيسين مان گھر ۾ قدم نہ رکندس. رات جو نوين وڳي پنهنجي دوست الطاف جي گھر وينو هيس تہ ڇچا ڪندي چاچي احمد اتي اچي هٿ ڪيو. ٽيليفون تي ٻڌايائين تہ فوٽو هٿ آيو آهي، مان گھر موٽي آيم.

عيدالضحيٰ جي ٽئين ڏينهن تي آفيس مان جو موٽيم تہ چاچي احمد ٻڌايو تہ شهزادو سندس ڪمري ۾ وينو هو.

مون رڙ ڪري پڇيس، "ڪير حسن؟" هن هائو ڪئي، سيد حسن کي هو شهزادو سڏيندو هو.

مان ڊوڙندو احمد جي ڪمري ۾ گھريس تہ منهنجو سر وڃي دروازي کي لڳو. ڏک جو خيال ڇڏي ڊوڙندو وڃي حسن کي هنج ۾ کنيم. حسن بہ بابا ڪري مون کي چنبڙي پيو.

احمد کان پڇيم؛ "چاچا! شهزادي کي گھر ۾ اندر نہ وٺي وئين؟"

چيائين، "بي بي انور چيو هو تہ ٻاهر وهاريس جيستائين صاحب اچي.

مان حسن کي ساڻ ڪري گھر ۾ گھريس. احمد دستوري طرح مون کي منهنجون چيزون ڏئي پئڪيٽ وڃي انوري کي ڏنو. انوري پئڪيٽ کي ڪٿي پري اڇلايو.

مان انوري کي شڪايت ڀري لهجي ۾ چيو، تو گھر جي مالڪ کي ٻاهر ويهاري چڱو ڪم نہ ڪيو."

"گھر جو مالڪ؟"

"گھر جو مالڪ ۽ منهنجو پيارو پٽ"

بي بي روشن جي تصوير ڏانهن اشارو ڪري چيائين، "هيءَ آهي تنهنجي پياري زال؟"

"ها جان کان بہ پياري."

"ڪميني! "انوري جي رڙ گھر ۾ گونجڻ لڳي، ٺپ ڏئي اٿي تصوير ڪٿي پٽ کي هنيائين. نازڪ فريم ڇيهون ڇيهون ٿي ويو."

مان ٺپ ڏئي اٿيم ڪپي هٿ سان انوريءَ جي چوٽي پڪڙيم ۽ سڄي هٿ سان منهن تي ٽي چار زوردار چپاٽون جڙيون مانس. هو بيهوش ٿي ڪري. چاچو احمد ڊوڙندو ويو ۽ وڃي پاڻي ڪٺي آيو. ڪجهہ ڇنڊا منهن تي هنيائينس ۽ ہ چار ڍڪ پيارپائينس تہ هوءَ سرجيت ٿي.

مان احمد کي چيو تہ "هن ڪميني جو سمورو سامان ۽ ڏهہ هزار رپيا ڪيس ڏئي شهر جي ڪنهن چوڪ تي ڇڏي اچيس ۽ چئيس تہ هوءَ هن طرف وري منهن نہ ڪري."

انوري هاڻي محسوس ڪيو تہ هن ڪيتري نہ غلطي ڪئي هئي. هوءَ منهنجن پيرن کي چنبڙڻ لڳي. مون بہ لتون ٻيون بہ وهائي ڪڍيس." انوري جي ڪمري مان وڃڻ بعد مون گلوڪوس جو هڪ وڏو گلاس پي بي بي روشن جو خط کوليو جنهن ۾ لکيل هو تہ سندس والد کي ظفر جي ڪڌن ڪرتوتن جو هاڻي پتو پئجي چڪو آهي. ظفر بہ دفعا جيل

۾ بہ پيو هو پر سندس والد جي اثر رسوخ کيس بچائي وڌو. بابا شهزادي کي اوهان وٽ هڪ مهينو رهڻ جي اجازت ڏني آهي شايد مون کي بہ..." وڏيڪ ڪجھ لکيل ڪين هيو.

حسن جو منهنجو انوريءَ سان برتاءُ ڏنو هو تہ سارو وسيو ٿي ويو. مان کيس ڇاتيءَ سان ڪٺي لاتو. منهنجي خوابگاھ ۾ هڪ ننڍي پلنگ جو اضافو ٿيو منهنجي پياري پٽ حسن لاءِ.

ٻئي ڏينهن صبح جو حسن کي ساڻ ڪري گراج مان گاڏي ڪڍي گيٽ وٽ پهتم تہ احمد اتي موجود هو. پڇيومانس، "انوري کي ڪاٿي ڇڏي آئين."

چيائين، "ڪٿي بہ نہ، هوءَ ڪواٽر ۾ موجود آهي."

"ڇو؟" منهنجي رڙ بنگلي ۾ گونجڻ لڳي.

پهريون دفعو مون ڇاچي احمد سان بد زباني ڪئي. جڏهن جوش گهٽيو تہ احمد ٻانهون ٻڌي چوڻ لڳو، "مرشد! چڱن سان تہ چڱايون هرڪو ڪري، ڀلو اهو جو برن سان ڪري ڀلايون. بيبي انور نہ سامان ٿي وٺي ۽ نہ پيسا. پنهنجو پراڻو وڳو پايون ويٺي آهي. چوي ٿي تہ واقعي مان نالائق آهيان. هن ڪواٽر کي نہ ڇڏيندس. فقيرن وانگر ٽڪر ڏيندءُ تہ واھ نہ تہ بس"

مهيني گذرندي ويرم ني نہ ٿي. مان پنهنجي گاڏيءَ ۾ احمد کي شهزادي سان گڏ صبح جو ڳوٺ موڪليو ان وعدي سان تہ شام جو هو ڪنهن بہ ريت موٽي ايندو. شام جو دير سان گهر پهتم تہ احمد موجود هو. ان مون کي ٻہ چٺيون ڏنيون. هڪ بي بي روشن جي هئي ۽ ٻي هئي سندس والد جي. پهريائين بي بي روشن جي چٺي کوليم لکيل هو: سرتاج

شهزادي کان سڀ معلوم ٿي چڪو آهي. اوهان کي ائين ڪرڻ نہ گهربو هو. حسد عورت جي فطرت آهي. مون سان نفرت ڏيکاري ٿي تہ بي بي انور جي اوهان سان ڪيڏي نہ محبت آهي. کيس معاف ڪيو. ڪنڌ نہ کيس معاف؟ ڀلا مان حسد ڇونہ ٿي ڪريان؟ ان جا ٻہ سبب آهن هڪ خانداني روايت ۽ ٻي توهان جي اڪيلائي، ظفر وري وڃي جيل ۾ پيو آهي. هن دفعي ڏاڙيلن کي مدد ڏيڻ جي الزام ۾، بابا سائين ڏاڍو پريشان آهي. پوڙهو ٿي ويو آهي. ڊڪ ڊوڙ نہ ٿو ڪري سگهي. هو چاهي ٿو تہ اوهان اچي ظفر جي پيروي ڪرايو.

روشن

بي چٺي چاچي کان هئي جنهن پنهنجي ٻي جا قدم تي شرمندگي ڏيکاري هئي ۽ مون کي ڳوٺ اچڻ لاءِ لکيو هئائين.

گهر جو معاملو احمد جي ۽ آفيس جي ديک ڀال عارف جي حوالي ڪري سالن بعد ڳوٺ ڏي روانو ٿيس. ڳوٺ ۾ ڪا تبديلي ڪانہ آئي هئي سواءِ هڪ پرائيمري گرلس اسڪول. بوائز مڊل اسڪول ۽ ڊسپينسريءَ جي ٺهڻ جي، ٻنين مان لنگهندي نار وٽ خميسو ڪمدار ۽ جانو ڊکڻ نظر آيا. انهن جو اڻ سڃاتل گاڏيءَ جو رخ حويلي ڏانهن ڏنو تہ حيرانيءَ سان ڏسڻ لڳا. مان گاڏي سندن ويجهي آندي مون کي لهندي جو ڏٺائون تہ "منو سائين، منو سائين" ڪندا ڊوڙندا آيا. انهن پيرين پوڻ پي گهريو پر مان کين ڇڪي ڇاتيءَ سان لاتو. بيني پير ڪانئن ظفر جي ڪڌن ڪرتوتن جو پتو پيو. منهنجي پهچڻ کان اول حويليءَ ۾ منهنجي اچڻ جي خبر پئجي ويئي. حويلي ۾ جتان پي لنگهيم تہ آواز پئي آيا "منو سائين اچي ويو. منو سائين اچي ويو."

پهريائين چاچي سائين جي گهر ويم جو روئي مليو. چيائين، "مان توسان برو هليو آهيان، معاف ڪجانءِ"

چاچي جي اجازت سان بي بي روشن جي ڪمري ۾ گهريم. سندس حسن جمال ڏسي بيخود ٿي ويم. روئي

اڇي ملي. شهزادي پريان بيٺي تڪيو. سڏي پاڪر ۾ ڪيو مانس.

ٻن مهينن جي ڊڪ ڊوڙ بعد، جي مان ڳوٺ ۾ گذاريا، ظفر با عزت آزاد ٿيو. ان جي ٽين ڏينهن مون کي، بي بي روشن ۽ سيد حسن سان گڏ ڪراچي وڃڻ جي اجازت ملي. چاچي سوڪڙين پاڪڙين سان ڊئي چڙيو.

گيٽ اڳي ئي کليل هئي. ڪمرا صاف ۽ سٿرا هئا. ٽيبل تي بي بي روشن جو فوٽو نئين فريم ۾ لڳل رکيو هو. جنهن جي ڀرسان گلاب جو تازو گُل رکيل هيو.

صوفي تي ويهندي بي بي روشن پڇيو. منهنجي ساهيڙي ڪاٿي آهي. مون ڪيس ڪوبہ جواب نہ ڏنو. اکيون اکين سان ملائي چيائين، "ڪيس معافي نہ ملندي ڇا؟ ڪنڌؤ نہ ڪيس معاف؟"

مون ۾ حڪم جي انحرافي جي طاقت موجود ڪانہ هئي.

سادن لٽن ۾ بنا ميڪپ جي انوري ڏڪندي ڦرڪندي اندر آئي.

هيٺ قالين تي ويهڻ جي پي ڪيائين تہ بي بي روشن پاڪر پري ڪيس پاڻ سان گڏ صوفي تي ويهاريو.



ڇڏيا. ڪتاب ۽ نوٽ بوڪ ڪٽي در ڏانهن ويو ته ڊرائنگ روم جي ٽيبل تي ڪجھ باداميون ۽ اخروٽ بہ بچيا پيا هئا. وري هيڏي هوڏي ڏسي اُهي بہ سڀ مٺڙي چوندي ڪيسي ۾ وجهي ڇڏيائين. خوشي بہ ٿيس پئي تہ ڊپ بہ ورائي ويو هوس. ڄڻ تہ ٻارن لاءِ قارون جو خزانو هٿ ڪيو هئائين... تڪڙو تڪڙو ٻاهر هليو ويو... ڪافي پنڌ تائين پوئتي لونئو بہ نہ هنيائين ... ڪيتري وقت کان پوءِ ملندا ٻارن کي کائڻ لاءِ پستا بادام ۽ اخروٽ، هونءَ بہ باداميون دماغ لاءِ سٺيون آهن. حميده تہ جائي بہ ڏاڍي ذهين آهي. ليدي ڊاڪٽر ڪندوسانس. باقي ڇورو ڏاڍو نياڳو آ. "ماءُ تي ويو آ" گل حسن جو گهر اچي ويو، "اڙي حميده ڪٿي آ، حميده! ڏس مون تو لاءِ ڇا آندو آ، بابا جلدي اچ نہ هاڻي نہ تہ نياز اچي ويندءِ." ليڪن حميدہ جو ڪوبہ آواز نہ آيو، گل حسن جي زال رڌڻي ۾ ديڳڙي ڌوئي رهي هئي، اُن اتان ئي ڪاوڙ ۾ جواب ڏنو، "حميده وري ڇا! شام کان وٺي اُلٽيون ڪري ڪري ڇوڪري ساڻي ٿي پئي آ.....دست بيهنس ئي ڪونہ ٿا، اها پئي ٿئي هنڌ ۾...." ميري بلب جي جهيڻي روشنيءَ ۾ ،ڪنٽل رليءَ مٿان حميده جو ننڍڙو ڪومل هيڻو سرير پيو هو ۽ مٿان پئي هيس هڪ ميري ڇيٽ جي چادر. گل حسن جي ماءُ حميده کي وجٽو هٽي رهي هئي سيرانديءَ کان. "هان! ڇا ٿيو آ.... ڇوڪريءَ کي حميده پٽ ڏس مون ڇا آندو آ تو لاءِ .... هان هي اٿئي پستا....باداميون.... اخروٽ."پر حميده جون ٻوٽيل اکيون، اٿين ئي ٻوٽيل رهيون، گل حسن جي پستن ۽ بادامين سان ڀريل لپ، حميده جي ٻوٽيل اکين اڳيان اٿين رهجي وئي.... گل حسن سمجهيو تہ پستن بادامين جو ٻڌي حميده خوشيءَ مان اٿي ڪڙي ٿيندي پر اٿين نہ ٿيو. ڇورايل بادامين ۽ پستن جو ڀهاڙ ڀري پورا پورا ٿي پيو هو، هن پستا حميده جي پير ۾ رکي ڇڏيا. گل حسن تي وحشت طاري ٿيندي وئي. "پر ڇوڪريءَ کي ٿيو ڇا، صبح تہ نيڪ هئي." "ڇا وري ڇا ڇوريءَ ڪاڏي اچي منجهند ڪالهوڪي بچيل دال ۽ سڪل ڊبل روٽي." "او تہ فوڊ پوائزننگ – رن پوءِ ڇو کائڻ ڏنس ٻاروٽي دال ڇوڪريءَ کي." "ڪمڙا هتي ڪڪڙ ڇڏي ويو هئين جو ڪارايانس هان! ڇوريءَ کي جهليم تہ ويهہ تہ پٽاٽا تري ٿي ڏيانءِ پر...." "اندران گل حسن جي ماءُ ڳالهايو.... "ڇوڪري اسڪول کان ٿي موٽي تہ بُک بُک ڪندي ٿي اچي.... ڪنين ترسندي مانيءَ لاءِ." گل حسن حميده جي نرڙ تي هٿ رکيو. "اڙي هيءَ تہ ٻري پئي تَپَ ۾..... هن جو واٽر ليول.. هن کي پاڻي پياريو اٿو جام..." "ڇوڪريءَ کي ڏسين ٿو تہ هوش ئي ڪونهي." گل حسن حميده کي ڪنڌ کان لوڏي ٿو.:..ڳتن کان جنجهوڙيس ٿو.... حميده پٽ... حميده ....ڏس اکيون کول تہ ڊاڪٽر ڏي هلون بابا....ڏس هي مون تو لاءِ پستا بادام آندا آهن...." رڌڻي مان زالس جو آواز آيو.... "گهر ۾ ليي کائڻ لاءِ ڪونہ..... مٿان ڏيءَ لاءِ پستا بادام وٺي آيو آ....." گل حسن جون اکيون نيٽ ڇُلڪي پيون. هيڏا سارا گهر ۾ وينا آهيو ڊاڪٽر ڏي بہ ڪونہ ڪٽي وئيوس. "هاها گهر ۾ لک ڇڏي ويندو هئين جو ڪٺائي وجونس ڊاڪٽر ڏي." "چڱو هاڻي تون تہ پنهنجي اها ٻَڪَ بند ڪر. گل حسن ٻاهر نڪتو تہ مينهن جي ڪَڻ ڪَڻ وري شروع ٿي چڪي هُئي. روڊ تائين پهتو تہ برسات ڪافي تيز ٿي چڪي هئي.... مٿان اوچتو بجلي بہ بند ٿي وئي، ڪافي دير ڪانپوءِ هڪ رڪشا بينو. "سول اسپتال تڪ." "پچاس روپيہ هوگا." "يار ڪجھ تو خيال ڪرو ميري بچي بيمار هي. ڊاڪٽر ڪوبهي دينا هي، دوائي ڀي ليني هي. اچا پينتيس ليلو." "اچا بينو... يار پيٽرول ڀي مهنگاهي اوپر سي بارش...رات ڪا وقت." "حميده جو ڪو سو نڍال، نپل جسم چادر ۾ ويڙهيل گل حسن جي هنج ۾ پيو هو. رڪشا ڏامر جي ڪاري سنان پسيل روڊ تي پوندڙ مينهن ڦڙن کي چيريندو اڳتي وڌندو ٿي ويو. گل حسن ڪڏهن موٽرن جي تيز روشنين تي چمڪندڙ مينهن جي لاٽن تہ ڪڏهن حميده جي زرد چهري کي اونده ۾ تڪنيدو ٿي رهيو، هن جي اُداس من ۾ ڪيئي وسوسا ۽ اَنوُ مان اُپري رهيا هئا ، هن جي اکين مان بہ ڪوسا ڳوڙها هيٺ ڪري پيا. ڄڻ تہ پرندڙ جبل ڦاٽي پيو هو. رڪشا فُل رفتار سان پنهنجا پاڇا پوئتي ڇڏيندو اڳتي وڌندو ٿي رهيو. گل حسن حميده کي بارش کان بچائڻ لاءِ چادر کي ناهيندو رهيو.... هڪ زندگي پنهنجي جياپي لاءِ اڳتي وڌي رهي هُئي.

سيد ماڪن شاهہ رضوي

# اندر ڦٽ فراق جا

صبح ساڻ ني سج اصل اُمانڙي ڪٿي اُڀريو هو. هونئن بہ جنهن اُڀرڻي تاءُ نہ ڪيو سو لهندي ڪهڙو تاءُ ڪندو. آڪاڙ وارو مهينو صبح ساڻ ئي واءُ ڪي جڻ تہ ٻُنجو اچي ويو. آهستي آهستي سج ٻنپهرن تي پهتو تہ ڏرتي مان ٻاڦ نڪرڻ لڳي. اهڙو ڪاڙهو جو ڪانءُ جي اک پئي نڪري. چوڌاري جڻ تہ راڪاس گهُمي ويو هجي. هن ڦهري گرمي ۾ ٻلا ماني ڪنهنجي روح ڪي وڻي؟ پوءِ بہ بہ گرهہ ڳاڙهن چانورن جي ماني جا پيٽ ۾ هٽي بہ وٺا جهڻ پيئڻ ڪانپوءِ هرڪو مرد ماڻهو ٽوال ۽ وهاڻو ڪڇي وجي. ڪنهن ٻہر، ٽالهي يا وڏي واهہ جي گهاٽي وڻ هيٺ پٽنيٽل تي آرامي ٿيو. ٻہرن هيٺ ٻڌل مينهنَ جا ڦرڙا رڪي رڪي رنڀيا ٿي تہ ڪتا هٿ جيڏيون زبانون ڪڍيو سهڪيا پئي. جتي چانءُ ۽ پوسل ٿي ڏٽائون اُتي ڪريو ٿي پيا. ڪنهن ڳيري جي گهوگهو تو ڪنهن ڪنهن ويل ماٺارِ جي چادر ۾ چير وڌو ٿي نہ تہ ٻيو سڀ خير.

"توبنهن، توبنهن... منهنجا رب: گرمي آهي ڪ دوزک...؟" جيٺرو ٽانڊو پيو ٻري. ڪربلا لڳي پئي آهي" پوڙهي سليمت هٿ واري وجڻي ڦيرائيندي چيو.

"ڪاڪي: گهُٽ تہ آڳم واري آهي. ياٽيا ٿي مينهن اجهو آيو ڪي آيو" لالان ٻہر هيٺ ٻڌل ڏڳن ڪي گاهہ مُٺ ڏيئي واپس ورندي چيو.

"بس ڙي امان! انهي مينهن مان بہ اچي ڦاٿا آهيون. مٿو وجي ٿر تي وسي. هت هڪڙو ڏينهن وُٺو تہ ڏهہ ڏينهن ڪلر چڪندو، مُئي لٽ بہ نٽي ڪُپي... پروڪي ساوڻ بہ تہ ترڪي ڪريس تہ پانهن پڄايم. هيل تہ الائي ڇا ٿيندو؟" پوڙهي ڏُک اوريو.

"ڪارڙو ڪُمارڙو... ان پاڻي ڏي تہ مولا مينهڙو وسائي..." ڳوٺ جي ٻارڙن جو ولر ڪپڙي جي جهولي ڦيريندو لوڙهي جي گهٽي مان اندر گهڙيو.

"اٽي ڏسو تہ سهي، هن ٽانڊيءَ گرمي ۾ بہ هنن ٻارن جو سُک ڦٽو پيو آهي" پوڙهي پاٺمرادو پٽڪو ڪيو.

لالان لانڍي ۾ گهڙي گُندلي مان سارين جو ٻُک ڀري ٻارڙن جي جهولي ۾ وڌو ۽ نراڙ تي هٿ ڏيئي، سج جي تپش کان اکين کي بچائيندي آسمان ڏي ڏٺو، جتي اُتر ڪُنڊ ڏي جبل جيڏا ڪڪر آهستي آهستي ڇٽا ٿيندا ۽ رنگ بدلائيندا پئي ويا.

"ڏسين ڇا پئي؟ مينهن اچڻ وارو آهي، تون چانهہ ڪاڙهي وٺ تہ پوءِ لانڍي کي راڳو ڏيون، ٽمي پئي تہ رلين جا ٻہ ڏڏِ بہ پُسي ويندا." لالان جي ڏاڏي جيڏي مڙس نبو پاهران ايندي چيو. مڙس کي ڏسي لالان جي ملوک مُنهن تي نفرت جون ليڪون اُڀري پيون ۽ نراڙ ۾ گهنڊ پئجي ويس.

هو بنا جواب ڏيڻ جي. مَنهہ ۾ وجي چُلهہ ۾ ڪاٺيون وجهڻ لڳي.

نبو سانيڪي کي ڏڪ هٽيو وينو هو. مٿو مُڇون تہ ڇا پر ٻانهن جا وار بہ اڇا ٿي ويا هئس. پروڻن ۽ پنجٽن ۾ بہ ڪو ڪو اڇو وار مُرڪيو ٿي. ڏانون بہ ڀُري ويون هُئس پر ماڻس سليمت وانگر ڪهي وارو هو. جو اجان جڙد مڙد پي هليو.

"اي ابا! هي ڪاڙهو تہ ڏس. مٿان وري چانهہ؟ ڇوٽا ڪوسي پاڻي سان آندا ساڙيو؟" پوڙهي سليمت وري بہ ٻڙ

رهي. نبو ماڻس سليمت سان گڏ ٻي ڪٽ تي مُنهن سجايو وينو هو.

لالان هُن ڏي ڪوبہ ڌيان نہ ڏنو. هو دري ڪان ٻاهر وسندڙ مينهن کي ڏسڻ لڳي ٿورڙي ويرم ۾ اڱڻ جي راڳيل اڇي اُجري پٽ تي چڱو خاصو پاڻي بيهي ويو هو پاڻي ۾ ڪرندڙ ڦُڙين سان ڦوڪڻن جيئان ننڍا وڏا ڦوٽا تيزي سان نمي ڌهي پاڻي ۾ گم ٿيندا ٿي ويا.

پاڻي جي سيني تي ننڍڙو ڳاڙهو جيت "مينهن جو مامو" تکو تکو ترندو پئي. پريان ٻير هيٺ ٻڌل ڍڳا ساه ماهہ ماريو بيٺا هئا. سندن ٻُت تان پاڻي جو ڦڙيون ترڪنديون سندن ڪل پُسائينديون هيٺ وهندي ٿي ويون. منھَ ۾ ڪُڪڙ پُسيل ٻچڙن کي ڪوڙيَ ۾ ڪريو بيٺي هئي.

جيئن زندگي ۾ ساروٽيون وڏو ڌن آهن تيئن مُنڍن ۾ مينهوڳي جي مُند بہ وڏو ڌن آهي. وسندڙ مينهن ۽ ڇُپندڙ يادون بہ مينهوڳي رُت ۾ گڏجي اچيو سهڙن. ماڻهو ويني ويني الائي تہ ڪٿان ڪان ڪٿي پهچي ويندو آهي. ۽ لالان جون اکيون برابر ٻاهر وسندڙ مينهن کي ڏسي رهيون هيون، پر سندس ذهن ۾ يادن جي لهندڙ ڌڳمي جڳ الائي ڪٿان ڪان ڪٿي وڃي پهتي هئي.

هن جي تصور ۾ پنهنجو اباڻو گهر تري آيو. جتي جي مٽي ڪير جهڙي ڌرتي مٿي مينهن وسي ڌنگ ٿيندو هو تہ زمين پاڻي چوسي ويندي هُئي. باقي وڃي ڪي ڌُٻا ڌُٻا بچندا هئا. ٻئي ڏينهن اجري پُسيل ڌرتي تي ڏانجوري جا ساوا سلا جمندا هئا. ڪنبيون ٿينديون هيون. ڪچي مٽي جا ناهيل گهر، چيٽي ۽ واريءَ سان راڳيل پٽيون. سر جي پکن ۽ ٻانس جي لڙهن جون ناهيل ڇتيون. لوهہ جا وهندڙ نارا. پري ڪان ٽر جون پنل سليٽي پٽون. هاڪڙي ڊوري جي ڪپ تي ڇُمچ ساوَن ڪبڙن جا وڻ ۽ اُنهن کي پاڪر پاتي پڪڙيل گولاڙن ۽ گُرڙن جون ولهيون، جن ۾ لال رتيون ڳاڙهيون گولون ۽ ساوا گُرڙ. ماڻس سنبيرائي ۽ پڻس جمعون سدائين لالان تان وڙهندا هئا. ماڻس، پاڻس دودي جو پاسو وٺندي هئي. ۽ پڻس لالان جو طرفدار هوندو هو.

"چوري نياڳي، دين دنيا ۾ هڪڙو پاءُ اٿس، تنهن سان بہ ٿي وڙهي. ڏاڻ چڪ هٿي چوري جي هوٽي پٽي ورتي آهي. بيهہ تہ ناهيئين" ماڻس اُلر ڪندي هئي ۽ هو ڊوڙي وڃي پڻس جي جهولي ۾ لڪندي هئي. پڻس جي جهولي ۾ لڪي ڪيس اٿين لڳندو هو جڻ هو لوهي ڪوٽ ۾ محفوظ ٿي ويئي هجي.

"تون بہ پٽهين کي سمجهاءِ، منهنجي ماءُ جا وار ٿو پٽي، منهنجي ننڍڙي ماءُ جو نالو وٺندو تہ پوءِ پاڻهين ٿا چاڻو" پڻس سندس نرم نرم وارن ۾ آڱريون ڦيريندي چوندو هو.

ماءُ جو نالو رکي ڏيءَ کي سچ پچ ماءُ جو درجو ڏيئي ڇڏيو هو جُمين. امان امان چوندي زبان ڪانہ ٿڪندي هيس.

جمون پهرين تہ چوڏرين جو هاري هو. پر جڏهن سرڪار اُها پني ٿوڙي هارين ۾ ورهائي تہ هن کي بہ سندس نالي تي بلاڪ ٻني جو مليو هو. بہ جوڙا ڍڳن جا بہ مينهون هڪ ٿهاڻ الله جو ڏنو سڀ ڪي هو. عيد برات ماڻس لالان کي نئين ريشمي گربي جي سُتڻ نئون پرتيل ٽڪن وارو چولو ۽ ننيڙي نڪور اجرڪ پارائي. جڏهن مٿي ۾ تيل وجهي وارن جون بہ چوٽيون ڪري سرمون پارائي سينگاريندي هئي تہ هڪ جيڏين ۾ ايئن لڳندي هُئي جڻ تارن ۾ چنڊ يا دنيا جي ملڪن ۾ سنڌ ڌرتي. "ڪاڪي جُمين جي نينگري تہ ڏسو، هينئر ساڻ جهڙي بتي پئي ٻري."

"اي ترسو، وَهي چڙهي خير سان، باقي گهٽا سر سُجا نہ ڪري تہ منهنجو نالو لاهي ڇڏجئين"

"ٻيلي، ڪير مري، ڪير جيئي. باقي هن چوري جون ڳالهيون بہ ڳوٺ ڪندا"

هرڪو وات پنهنجي ليکي پيو هُن جي ڪانہ ڪا ڳالهہ ڪندو هو.

ڪي اچا به مڃڻ ڪان انڪار.

"هائو ڙي هائو... تڏهن سڄي ڳوٺ جا ڇورا ان هڪڙي ڇوڪريءَ پويان چريا ٿيا وتن."

"مٺا آهن ٿي لوسي سو..."

"پر سنوَت ته ڪنهن کي ڪانه ٿي ڏي. مُنهن جي اکين ۾ ايڏي حشمت آهي جو ڪو اک ڪڍي به نهاري نٿو سگهي"

اهڙي طرح هرڪو وات لالان جو ذڪر پيو ڪندو هو. ديسي دلين ته لالان جي نالي جو ورد ڪڍي شروع ڪيو هو. پر، ديسي رڳو دل کي دلاسا ڏيندا ڌتاريندا رهجي ويا. ۽ لالان ڪنهن پرديسي جي پيار ۾ ڪُسي دل هارائي ويهي رهي.

اوچتو ئي اوچتو ڪيس به خبر ڪانه پئي.

اُن ڏينهن پاڻي ڀري گهيڙ تان موٽي هئي. ماڻس جي مٽي کي وِلهيون ڏيندي ۽ تيل مکيندي اوير ٿي ويئي هيس. سڀ سرتيون اڳ پاڻي ڀري آيون هيون. ڏينهن مٽي چڙهي آيو هو، ذري گهٽ سج ڪچڙي منجهند تائين اچي پهتو هو. ٻن گهڙن جو ٻيلهڙو مٿي تي ۽ هڪ گهڙو ڪڇ تي ڀوري ٻانهن جي ٻاڪر ۾ سانڍي هو جڏهين ڳوٺ جي گاڏا وات ٽپي ته هُن کي ڏٺو هنائين. اچا ڪير جهڙا ڪپڙا، ڦٽي ڏنل وار جي هوا اُڏاري وکيري نراڙ تي پهچائي ڇڏيا هنس. ڳورو جهڙو پناڻ. اکين ۾ ته الائي ڇا هئس. لالان اهڙيون چريون ۽ مست ڪنڊڙ اکيون اڳ ڪڏهين ڪون ڏٺيون هيون.

هٿ ۾ ٿيلهو لوڏيندو پگهر ۾ شل ٿيندو هو آيو پي. هُن کي ڏسي لالان جي دل کي الائي ته ڇا ٿي ويو. جهڙو ڪر ريل گاڏي ڌڙ ڌڙ ڌڙ.

"الائي ڪير آهي؟" من ئي من ۾ سوال اُڀريس.

"اوپرو ٿو ڏسجي، پنهنجي ته وڙهيار جوئي ڪونهي." اندر ئي اندر ۾ جواب به مليو.

"مٺي جون اکيون ته ڏسو، جوهه وجهيو ڪيئن نه پيو ڏسي"

"پر مونجو ڇا وڃي پرائي پاڻي ۾" دل کي ڏڍ ڏنائين. ۽ پاسو وٺي اڳتي نڪري ويئي. پر هن کي ايئن لڳو هو ڄڻ ته هو به پويان پيو اچي. گهر وارو ور مٽيندي لوڏو هنيائين. هو برابر آيو پي جهڙوڪر سندس پيڇو ڪندو هجي.

"شت ڪو مزمان آهي" هو تڪڙو تڪڙو گهر ۾ هلي ويئي.

ماڻس مانين پچائڻ لاءِ اٽو پئي ڳوهيو، هن گهڙا لاهي رکيا. ٿوري دير ڪانپوءِ پڻس به گهر ۾ گهڙيو.

"اڄ نئون ماستر بدلي ٿي آيو آهي. سو ماني پچائجو." پڻس چيو. ۽ لالان جي اکين آڏو اُهي مست ڪنڊڙ چريون اکيون ڦري ويون.

"ويچارو پرديسي آهي. ٻري ڪان آيو آهي. آهي صفا ڇوڪراڻ مڙس، پر پلا علم. هي دودو جي به اکر پڙهي پئي ها ته ڪر ڇڱو" جُمين ماستر جي ڳالهه ڪندي دودي جي نه پڙهڻ جو ڏک اوريو.

"دودي کي نندي لاڪون مال چارايئه.... پوءِ ڌوڙ پڙهي ها" جوٽس سڄو الزام ورائي جُمين جي ڳچي ۾ وجهي ڇڏيو.

"تو چاڳلو ڪري هٿ سان ڇوري جو مٿو وڃايو نه ته ڪر..." جُمين وري زال کي ڏوهه ڏيندي چيو.

"هائو بنهه مون ڪاريو مانس، تو ته ڇوڪر جي سنڀال ۾ وسان ڪين گهٽايو هو، اڳوڻي ماستر چماڻ هنيس ته اُهو ڏينهن ڪڍي دنگ ڪيئه، ڇنه ڪهڙيون سياڻي نوڪريون ڪرٽيون اٿس. هٿ وٺي اسڪول مان اٿارييئيس. اڄ ڏوهه وري مونجو" سنيپرائي دودي جي نه پڙهڻ جي سڄي آڪاٽي ورجائي مڙس کي ياد ڏياريو.

رهي. پر اوسيئڙي جي آخري ڏنگ کان اڳ هو موٽي ٿي آيو. ۽ لالان سرنهن جي گلن جيئان پاڻ کي جهومندو ٿي محسوس ڪيو. ماستر بلاول ٿوري ئي وقت ۾ سڄي ڳوٺ وارن جي دلين ۾ جاءِ جوڙي ورتي هئي. جنهنکي ڏس اهو واڪاڻ مان ڀاڻي ئي نه پيو. ڇڻه اهڙو اشراف، اهڙو محبتي نه اڳ ٻڌوسين نه ڏٺوسين.

انهن ئي ڏينهن پٺوري وارو ميڙو لڳو. ٻين ڇورن سان گڏ دودو به ويو ميڙو گهمڻ. مٿان وري لالان جي ماءُ کي اڇو ٿو تپ جهلي. هلڪي ڪنگهه، زڪام، الٽيون ٻنهي پاسن ۾ سُور، سڄو بت پيو ڏڪيس، انڊو ڏسي ته به چوي ته مائي نمونيا ۾ ونجي ويئي آهي. اسپرو جي گورين ڪان ڳالهه چڙهي ويئي تڏهين جُمون زال کي سُئي هڻائڻ لاءِ شهر سنبريو، صبح سويرو زال کي ڍڳي گاڏي جي ٿاٺي ۾ وڇايل سوڙهه تي سمهاري مٿان ٻي سوڙهه اوڍائي ڪٺي، ڍڳن کي جوٽا هنيائين. ويندي ويندي لالان کي چوندو ويو.

"امان! اسين شام جو ورنداسين. ماستر جي ماني پچائي ڇوڪري لڪاني کي ڏجئين ته ڪٺي وجي. مٿان ويچارو پرديسي آسري ۾ بک مري. ائين چئي رڳو ڍڳن جي پُڇن ۾ هٿ وڌائين، وڄ ڙي سڄڻ اجهو شهر پهتا. هن ٽڙ تڪڙ ۾ ٻهارو ڪڍيو پاٺي پري ڪچڙي منجهند ڪان به اڳي ماني جي تياري ۾ لڳي ويئي.

"اٽي ٻوڙ ڇا جو چاڙهيان" دل ۾ سوچيائين.

"هڪڙو نه پري جو ماڙهو ٻيو صاب لوڪ، جهڙ سان ماني ٿوروئي کيندو" وري دل ۾ دال رڌڻ جو خيال آيس.

"مُني دال ٿي رڌجي، شل ڪا باهه لڳيس، اهو به ڪو ٻوڙ ٿيو؟" وري سوچيائين.

"ڪڪڙ جهلي ڏيان ڪنهنکي ته ڪُهائي ڏينَ." دل چيس.

"نه مائي نه.. مرڳو ٿيئي مشهوري، ابو چوندو اسين گهر ڪونه هناسين ته پويان ڇوري ڪڪڙ پئي ڪُهايا. ڪڪڙ جو آنو ڪٺي تريان." خيال آيس.

هو اُٿي مٿيءَ جي ٿاهيل ڪڪڙ جي کُڏي ۾ هٿ هنيائين، ڪڪڙ تازو آنو لاهي ويئي هئي. آنو ڪٺي آئي، بصر ۽ ساوَن مرچن جي سنهڙي ڪُتر ڪري، ڪوتمير (ساوا ڌاڻا) جا ٻه ٽي پن وجهي. هن نبار گيهه ۾ آنو تري چيني جي ٿالهين ۾ ڍڪي رکيو. ۽ پوءِ ويئي ماني پچائڻ. اندران ٻاهران مکڻ جو مک ڏيئي، هُن سنهڙا اُقراٽا پچائڻ شروع ڪيا.

اوچتو اڳيان ڪڪڙ پويان ٻانگو، ڊوڙندا آيا. ڪڪڙ ڪنڊن ۾ گهٽيئي لڪڻ جي ڪوشش ڪئي، پر ٻانگو چڙهي ويس، لاچار ڪڪڙ به نخرا ڪٺي ڇڏيا.

"مٺي کي حيا به ڪونه ٿو ٿيئي." دل ئي دل ۾ ڦڪي به ٿي ته منهن تي مرڪ به تري آيس.

"ويچاري ڪڪڙ ڪيترو ڀڳي، ڪيترو لڪي، پر اصل نه ڇُٽي" ڪڪڙ ڪنپ چنبڻ لڳي ايتري ۾ دانگي ۾ وڌل ماني مان دونها نڪرڻ شروع ٿي ويا.

"اٽي گهوڙا، ماني سڙي ويئي." هن دانگي مان سڙيل ماني ڪڍي، وري دانگي کُرڙي صاف ڪري ٻي ماني وڌي.

"هي سڙيل ماني رکان ڪتي لاءِ" خيال آيس.

"ڪتو ڪائي آگونو، ماڙهو ڪهڙي لاءِ پچائي هُيم جو ڪتي کي ڏيان." دل چيو. ماني تيار ٿي ٿالهين ۾ به ڍڪجي ويئي. پر هاڻ ڪٺي ڪير؟ لڪاني جو ته ڏس نه اوڙهيار ۾ نه پڙهيار ۾، پنج ڏهه گهڙيون واٽ ڏٺئين. پوءِ الائي ته ڪهڙو پُور پيس جو پاڻ ئي ماني ڪٺي اُٿي.

"اشڪول جي اوريان بيهي سڏ ڪندس ته پاٺي لڪانو ڪٺي ويندو. هونئن به ڪوٽ جي پويان ئي ته اشڪول آهي. ڪهڙو ولات وڃڻو آهي." سوچيائين پر وِک وِک سان دل جي رفتار تيز ۽ قدم ڳرا پئي ٿيندا ويس. ڪوٽ جي

"ها... " هن ڪنڌ لوڏي چيو.
"ڪير به ناهي"
"نا... آئون هيڪ ڪانه لهنديس"
"ته مان ٿيي اچان..."
"نا ڙي.... " هو ڏڪي ويئي.
"پلا ڏينهن جو ايندين"
"ڏسان..."
"ڏس منا! مان ڪي ستاءِ نه. مان پرديسي ماڻهون هنڙي تنهنجي قرب ۾ ڪسجي ويو هان جي تون به ماٺا ڪري مارينديءَ ته پوءِ پلا مان جو هت پيو ڪير آ."
"آئون توکي ڪيئن ٿي ستايان؟"
"پيو چاهي پنج ڇهه مهينا اچي ٿيا اٿئي، پري پري ٿي گهمين، نه اچين نه اچڻ ڏين، ان ڪئون ته زهر ڏيئي ڇڏين ته چگو...."
"الا انين نه چئو، زهر کينَ تنهنجا دشمن" هو اندر ئي اندر تڙپي ويئي.
"پوءِ اچين چو نٿي"
"ايندس..."
"ڪڏهن"
"ڏسان..."
گهر ۾ پٽس ڪنگهيو.
"اٿي گهوڙا ابو جاڳي پيو..." هن ڪانس جي دن تان ٿپ هنيو ۽ تڪڙي پوئتي موٽي پنهنجي هنڌ تي ڪري، چرڪ سبب ساهه پرجي ويو هئس.
"جي ابو هليو اچي ها ته؟"
دودو سنبري بيهي رهيو. چئي لاڙ ويندس، پٽس سمجهائڻ وارو ماءُ جهلڻ واري.
"ابا رول نه ٿي، اڃا پٺوري مان آئي ات ڏينهن مس ٿيا اٿئي. وري لاڙ...؟ پلا ڪير هتي جي ڪندو. پيلي! آئون اچي پوڙهو ٿيو آهيان. متان واهن واٽن جون ڪاٽيون ٿيڻ واريون. هي ڇيڙون، آبتون..." پر دودو ڪو جهليو جهلجي چئي.
"الهوراڻي جي پٽ جي شادي آهي. منهنجو پڳ مٽ يار آهي. اُن جي شادي ۾ جي آئون نه ويس ته هن اڳيان ڪهڙو ڪنڌ ڪئي هلندس. دنيا جُنيون ڪنديم"
چوڪراڻو ضد. ڪجي ته ڇا ڪجي. نيٺ جُمون مجبور ٿي پيو.
"ابا! تنهنجي گهوڙيَ ويهه واڳون، آئون نه پهتس پيلي!..."
پئي ڏينهن دودو خير سان ٿيو لاڙ روانو ته مرشد ڪامل شاهه ڊوري پريان اچي مريدن ۾ منزل ڪئي. همراه دوڙندو آيو. چئي خليفا جمان مرشد ڪچهري لاءِ ڪوٺايو اٿئي. خير جو هلي حاضر ٿي. پريو تُريو راڄ، سڀ پنهنجا پاڻ ۾، سو هيڪلائي جو پئو به ڪونه هو. متان مُرشد جو نياپو. وڃڻو به لازم ٿيو. سو سنبري نهي، ڏيءَ کي سمجهايائين.

"سائين! سچي پڇين ته صوبيدار صاحب ته وڏو وات پٽيو هو پر اهو ته مون بنهه پنهنجو ڄاڻي حساب لڳايو. رولڻ ۾ خرچ ته ٿين ٿا. پوءِ تون وڏيرو چوندين ته هٿ پير ٻڌي ڪٽي ٻه ٽي هزار گهٽ ڪرائبا. باقي ويهين کان گهٽ ته پوءِ به ڪم ڪونه ٿيندو"

جمعدار چيو.

نيٺ گهٽي مَٽا ڪُٽ ميڙ منٿ کان پوءِ پندرهين هزارين ۾ طئه ٿي. ايتري ۾ ماني اچي وئي، اُقراٽا، ڀڳل ڪڪڙ، پلاءُ چانور، کير جي لوٽي، جيسين صاحب ۽ سندس اٺالي ماني کاڌي تيسين همراهن پاسي ۾ احمد آرائين وٽ وڃي جُمين جا ڊِگا ڏيکاري سئودو پڪو ڪيو. سورهين هزارين ۾ جوڙي وڪامي وئي ۽ پئسا جمعدار جي کيسي ۾ پهچي ويا. ڪجهه دير رهاڻ هلي. اوپاريون لهواريون، دنيا، دين زماني جون ڳالهيون. رهاڻ ڳُل ڪري وڏيرو جيپ ۾ چڙهي صبح اچڻ جو چئي ڳوٺ ويو. صوبيدار ۽ ٻيا همراهه آرامي ٿيا.

۽ جن جي ننڊ قتل هئي. اُهي جاڳندا، رڙندا، ۽ ٿڌا ساهه ڀريندا رهيا

صبح ٿيو، صوبيدار صاحب اڃا ڏاڙهي ناهي، ڏندڻ پاٽي ڪري ڪوسي پاڻي سان غسل پئي ڪيو ته وڏيرو عارب به اچي پهتو. عزت جي ماتم جو اڄ ٻيو ڏينهن اُڀريو هو.

ترپل ٻيدا، نج مکڻ، گهاٽي لسي ۽ سيوين جي نيرن ڪري، پوليس عملو تيار ٿيو ته صوبيدار وڏيري سان مخاطب ٿيو.

"وڏيرا: هاڻي ڳالهه ٻڌ"

" جي سائين..." وڏيرو سڄو سارو متوجه ٿي ويو.

مون اڄ تائين جنهن جانچ ۾ دل سان هٿ وڌو آهي، اُها ڪاميابي سان مڪمل ڪئي آهي، ۽ اهو تڏهين ٿيئي ٿو جڏهين منجي ڪم ۾ ڪو رنڊڪ نه وجهي"

"جي ها..."

"ته بس جانچ آئون پنهنجي مرضي سان ڪندس"

"ٻلي سائين! اهو ته پاڻ سُئو"

"ته پوءِ مون کي سڀ کان پهرين چوري جي ماءُ کان پُڇا ڪرڻي آهي. آئون انهي رن کي ٿاڻي تي وٺي ويندس صوبيدار چيو ۽ سڀني همراهن جا هانءَ ڏري پيا، وڏيرو به وائڙو ٿي ويو.

هڪ ته لڄالٽ ٿي، پانهن ويئي، هاڻي رنون به ٿاڻن تي گهلجن، زمين نه جاءِ ڏي ته ڊِري وڃجي.

"سائين! اها بي واجبي آهي" دودي کان رهيو نه ٿيو.

"تون ڪير ٿيندو آهين رنڙي جا پٽ! فرياد ڪري وري جانچ ۾ ٽو رولو اٽڪائين پهرين توکي ٻڌبو" صوبيدار گرم ٿي ويو.

نيٺ وڏو جمعدار، وڏيري عارب ۽ دودي کي ٻاهر وٺي ويو.

"ادا! صاب بنهه سخت ماڻهو آهي، ٿورو گهڻو شڪ پوندس ته صفائي ڪانسواءِ اصل نه ڇڏيندو. هيڏانهن اوهين عزت وارا ماڻهو اڳ ئي گهڻو خوار ٿيا آهيو. هاڻ جي ماني به ڏينهن ٿاڻي تي رهي ته صفا نڪ وڍجي ويندو" جمعدار دودي کي سمجهايو.

"ٻيلي وڏا، هاڻ تون ڪا صلاح ڪر.." وڏيري ٻُڏتر ۾ چيو.

"سائين! تون ڪو صوبيدار کي سمجهاءِ" دودي هٿ ٻڌا.

"ڇاهي..." چاڪر پُڇيو ۽ دودي ٻه ڪنڌ ڦيريو.

"هي هي.. هاڻ ڇا هلي ڪنداسين" پيرو اخبار جو اُهو پنو ڪٽي ٻنهي جي اڳيان رکيو. جنهن تي لالان جو فوٽو 'ڏيان طلب' جي عنوان سان ڇپيل هو.

"اڙي..." چاڪر فوٽو کي ڏيان سان جانچيندي چيو.

دودي پيڻ جو فوٽو ڏٺو، اکين ۾ غيرت جا مچ ٻري پيس. پر انهن شعلن پويان لڙڪن جو مينهن ٻه پرجي آيو هو.

"پڙهه" چاڪر چيو.

"هيٺ لهون پوءِ تا پڙهون. هاڻي هلي ڇا ڪنداسين." هو ٽيئي ڪلينڊر جي "ڇاهي ڇاهي" کي نظر انداز ڪندا هيٺ لهي آيا.

سامهون هوٽل هو. پيرو جي پويان هو ٻه اندر گهڙيا، ۽ ڪرسين تي ويٺا، پيرو اخبار کولي ميز تي وڇائي ايتري ۾ پشگير جڳ پاڻي جو ۽ گلاس کڻي اچي پهتو.

"چانهه کڻي اچ" پيرو چيو.

"آئون ڪونه پيئندس" دودي چيو.

"ٻه چانهه" پيرو چيو.

هاڻي پڙهه..... چاڪر چيو ۽ پيرو پڙهڻ لڳو.

"ڏيان طلب... جناب صدر صاحب، وزيراعظم، وزير اعليٰ... ۽ ٻيا وس وارا عملدار.. آئون مسمات لال خاتون عرف لالان... ڌيءَ جُمون. ويٺل....

هن ليک رستي آگاه ٿي ڪريان ته آءٌ عاقل بالغ وات وڪيل آهيان. منهنجي پيءُ جُمعين ۽ ڀاءُ دودي، ٻه سال اڳ منهنجو سڱ ناني بلاول پُٽ غلام حيدر کي ڏيٽو ڪيو هو ۽ عيوض ۾ پنجاهه هزار روپيه روڪ ورتا هئا. پر جيئن ته منهنجو پيءُ جُمون لالچي ماڻهو آهي. ۽ ڀاءُ دودو لوفر ماڻهو آهي. ان ڪري هنن مون کي وري ٻي هنڌ وڪرو ڪرڻ ٿي چاهيو. جيڪا ڳالهه مون کي قبول نه هئي. ان ڪري منهنجي انڪار تي هو مون کي ماريندا هئا. ۽ ناحق روڪ ناحق بند رکندا هئا. جتان وجهه وٺي آءٌ ٽن ڪپڙن ۾ نڪري پنهنجي مڱيندي بلاول وٽ آيس جنهن سان شريعت موجب حق نڪاح ڪيو اٿم. مون کي نه ڪنهن ڀڄايو آهي نه برغلايو آهي. مون اهڙو قسم نامون جناب ايس. ڊي. ايم صاحب ۽ جناب فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ صاحب جي ڪورٽ ۾ ڏنو آهي. مون کي ۽ منهنجي مڙس کي هاڻي منهنجي پيءُ جُمين، ڀاءُ دودي، ۽ سندن مددگارن علڻ، ميرڻ، چاڪر ۽ وڏيري عارب مان جاني مالي نقصان جو انديشو آهي. اگر هو ڪو ڪوڙو ڪيس يا ڦڏو وغيره ڪن ته ٻه اُهو ڪوڙو سمجهيو وڃي ۽ اسانجو بچاءُ ڪيو وڃي. هي اخبار رڪارڊ تي رکي وڃي. جيئن وقت ضرورت ڪم اچي. سجو نشان مسمات لال خاتون عرف لالان... پيرو ليک پڙهي پورو ڪيو. پيشگير الاٽي ته ڪيڏي مهل چانهه رکي ويو هو جيڪا ٿڌي ٿي ويئي هئي.

"ان جو مطلب ته ماڻي ڪم پڪو ڪرايو آهي. وري نالا ٻه سيني جا لکايا اٿس. ٻي ڏاڙهئي ڪٽڪ سان ته خدا پُڄي" چاڪر ٿڌو شوڪارو ڀريو.

"اي عقل سڀ هن دشمن جا، ٻيو ڇوري ڪا پڙهيل آهي ڇا" پيرو چيو.

"بروبر... علم اها شئي آهي. سڌو وڃي صدر تائين پهتا..... ۽ پاڻ الهه تلهه ٿاڻي جي پوليس کي ڪارائي نلها ويهي رهياسين." چاڪر چيو ۽ دودو چپ چاپ ڪنڌ جهڪائي ويٺو رهيو.

"پوءِ ڪھڙي صلاح؟" پيرو پڇيو.

"ھاڻي ھلڻ اجايو آھي. پھرين ھلي ڳوٺ ھمراھن سان صلاح ڪريون پوءِ..." چاڪر چيو.

"چڱو ڀلا... پر پھرين چانھہ پيئون. مٿو سور ڪان ڦاٽي پيو." پيرو چيو.

"ھي تہ چانھہ صفا ٺري ويئي آھي... ٻي گھراءِ" چاڪر چيو.

"ڇڏ تہ سھي... مرڳو ساھہ ٿو ڪڍين" لالان ھُن جي ڀاڪرن مان پاڻ ڇڏائيندي چيو.

"دل ٿي چوي تہ ھنياءَ ۾ ڀري ڇڏيانءِ" بلاول ٻانھن جو گھيرو ڍرو ڪندي چيو.

"ھيڏي وڏي ڪي ھينئين ۾ ڪيئن رکندي؟" ڪلندي پُڇيائين.

"ھنياءَ ۾ رکيون، ساھہ سان سانڍيون تہ وتانءِ ٿو. اعتبار نٿو اچئي تہ ٻي ڳالھہ آ..." بلاول چيو.

"ڀلا ڳالھہ ٻُڌ! پاڻ ڪيترا ڏينھن ھتي ادي ميرل وٽ رھنداسين... ھُن تي ڪيترو اجان بار ٿينداسين، تون بہ نوڪري تي اجان ڪونہ ٿو وڃين" لالان چيو.

"اھو تہ مان بہ پيو سوچيان، پر ميرل چوي ٿو تہ اجان ڳالھہ ٺري نہ ھوندي. ڳوٺئون خبر چار وٺڻ وڃان پر توکي ھتي اڪيلو بہ تہ نٿو ڇڏي سگھان" بلاول وراڻيو.

"ھت ڪھڙي ھيڪلاڻي آھي. آئون در بند ڪريو ويٺي ھونديس، تون سج لٿي ڪان اڳ وري اچجئين" لالان چيو.

"چڱو... ساجھر ڏسنداسين" بلاول وراڻيو ۽ ٻانھن جو گھيرو وري تنگ ٿيڻ لڳو.

صبح جو بلاول ميرل کي گھر جي پارت ڪري، ھُن جو نصيحتون ھينئين سان ھنڊائي ڳوٺ روانو ٿي ويو ۽ ھو گھر ۾ اڪيلي رھجي ويئي. ھُن جست جو ٿالھہ لوڻ جي ٿيلھي ۽ پاڻي جي ھنڊي ڪٺي اچي چُلھہ جي ڀر ۾ رکيا. اٽي جو ڏٻو ڪنيائين تہ ڏٻو خالي ھو. اٽو ختم ٿي ويو ھو. ٻيو ڏٻو ڪنيائين جنھن ۾ چانور ھئا. چانورن مان ٻُڪ ڀري ٿالھہ ۾ وڌو، ۽ مٿانئس پاڻي جو گلاس ڀري وڌائينس. پاڻي جي مٿاڇري تي ترندڙ چانور آھستي آھستي ھيٺ ٿالھہ جي تر ۾ ويھڻ لڳا. بلاول شام جو ورڻ جي پڪ ڏيئي ويو ھو. ھن بلاول لاءِ بہ پيٽ رکڻ ٿي چاھيو. ڪھڙي خبر اُتان لنگھڻ اچي؟" وري سوچيائين تہ ھو ماءُ پيءُ ڏي ويو آھي، ماءُ بکيو ڪيئن ڇڏيندس. ماءُ جو خيال ايندي ئي سندس نگاھن ۾ ماڻس جي تصوير اُڀري آئي.

ماءُ جيڪا ٩ مھينا پيٽ ۾ کڻي ھلندي آھي. ماءُ جيڪا بيوس ۽ ڀتڪڙي وجود کي ٿڌي ڪوسي ڪان بچائيندي آھي. ماءُ جيڪا وک وک اولاد تان ساھہ صدقو ڪندي آھي.

ماءُ جيڪا ٻار جي وڌندڙ ڄمار جي ھر گھڙي سان گڏ اميدن جا محل جوڙيندي رھندي آھي. بلاول ماءُ سان ملڻ ويو ھو، پر ھوءَ؟... ھوءَ تہ ماءُ ڪان گھڻو پري ھلي آئي ھئي. ھن اُھو رستو ئي ڪونہ ڇڏيو ھو جنھن تان واپس وڃي ماءُ جي جھولي ۾ ڪري پوي. ڇا ھُن جي ماءُ ھن کي معاف ڪري ڇڏيندي؟؟؟..

اوچتو ڪيس پيٽ ۾ ڪنھن چُرندڙ شئي جو احساس ٿيو. ڇڻ ڪو پيٽ ۾ ٺونگا پيو ھڻيس. ھن ڪنڌ جھڪائي پيٽ ڏانھن ڏٺو. اکين ۾ شرم جا پاڇا لھي آيس. پر پوءِ ھو گنڀير ٿي ويئي. سوچڻ لڳي. تہ جي سندس اولاد بہ ائين ئي ھُن جي اميدن تي پاڻي ڦيري ڇڏي تہ ڪيس ڪيترو ڏک ٿيندو؟ ھن جي دل ڏڪڻ لڳي.

ڀت رڌجي ويو. ھن ديڳڙي چُلھہ تان لاٿي. ڏوئي سان چانور ڪڍي ٿالھہ ۾ وڌا. پر ڪاڌائين ڪونہ، ڇھن مھينن ۾ ھي پھريون ڀيرو ھو جو ھُن کي اڪيلو کاڌو ٿي پيو.. ھن پنھنجي بک کي اُجھامندو محسوس ڪيو.

"ڀلي ھو اچي تہ پوءِ گڏجي کائينداسين" سوچيائين. ۽ ڀت ڍڪي رکي ڇڏيائين ھاڻي ھُن وٽ سواءِ سوچڻ جي ٻيو ڪو ڪم ڪونہ ھو. پر ھو سوچ ڪان ڊڄڻ لڳي ھئي. وارن ۾ ڏوڙ وجھندي. راج ڀاڳ آڏو ڪنڌ جھڪائيندي، عزت

"ڇاهي..." چاڪر پُڇيو ۽ دودي ٻـ ڪنڌ ڦيريو.

"هي هي.. هاڻ ڇا هلي ڪنداسين" پيرو اخبار جو اُهو پنو ڪٺي ٻنهي جي اڳيان رکيو. جنهن تي لالان جو فوٽو 'ڏيان طلب' جي عنوان سان ڇپيل هو.

"اڙي..." چاڪر فوٽو کي ڏيان سان جانچيندي چيو.

دودي پيڻ جو فوٽو ڏٺو، اکين ۾ غيرت جا مچ ٻري پيس. پر انهن شعلن پويان لڙڪن جو مينهن بہ پرجي آيو هو.

"پڙهہ" چاڪر چيو.

"هيٺ لهون پوءِ تا پڙهون. هاڻي هلي ڇا ڪنداسين." هو ٽيئي ڪلينڊر جي "ڇاهي ڇاهي" کي نظر انداز ڪندا هيٺ لهي آيا.

سامهون هوٽل هو. پيرو جي پويان هو بہ اندر گهڙيا، ۽ ڪرسين تي ويٺا، پيرو اخبار کولي ميز تي وڇائي ايتري ۾ پشگير جڳ پاڻي جو ۽ گلاس کڻي اچي پهتو.

"چانهہ کڻي اچ" پيرو چيو.

"آئون ڪونہ پيئندس" دودي چيو.

"ٻہ چانهہ" پيرو چيو.

هاڻي پڙهہ..... چاڪر چيو ۽ پيرو پڙهڻ لڳو.

"ڏيان طلب... جناب صدر صاحب، وزيراعظم، وزير اعليٰ... ۽ ٻيا وس وارا عملدار.. آئون مسمات لال خاتون عرف لالان... ڌيءُ جُمون. وينل....

هن ليک رستي آگاهہ ٿي ڪريان تہ آءٌ عاقل بالغ وات وڪيل آهيان. منهنجي پيءُ جُمعين ۽ ڀاءُ دودي، ٻہ سال اڳ منهنجو سڱ نالي بلاول پُٽ غلام حيدر کي ڏيٹو ڪيو هو ۽ عيوض ۾ پنجاهہ هزار روپيہ روڪ ورتا هئا. پر جيئن تہ منهنجو پيءُ جُمون لالچي ماڻهو آهي. ۽ ڀاءُ دودو لوفر ماڻهو آهي. ان ڪري هنن مون کي وري ٻي هنڌ وڪرو ڪرڻ ٿي چاهيو. جيڪا ڳالهہ مون کي قبول نہ هئي. ان ڪري منهنجي انڪار تي هو مون کي ماريندا هئا. ۽ ناحق روڪ ناحق بند رکندا هئا. جتان وجهہ وٺي آءٌ ٽن ڪپڙن ۾ نڪري پنهنجي مڱيندي بلاول وٽ آيس جنهن سان شريعت موجب حق نڪاح ڪيو اٿم. مون کي نہ ڪنهن ڀڄايو آهي نہ ٻرغلايو آهي. مون اهڙو قسم نامون جناب ايس. ڊي. ايم صاحب ۽ جناب فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ صاحب جي ڪورٽ ۾ ڏنو آهي. مون کي ۽ منهنجي مڙس کي هاڻي منهنجي پيءُ جُمين، ڀاءُ دودي، ۽ سندن مددگارن علڻ، ميرڻ، چاڪر ۽ وڏيري عارب مان جاني مالي نقصان جو انديشو آهي. اگر هو ڪو ڪوڙو ڪيس يا ڦڏو وغيره ڪن تہ بہ اُهو ڪوڙو سمجهيو وڃي ۽ اسانجو بچاءُ ڪيو وڃي. هي اخبار رڪارڊ تي رکي وڃي. جيئن وقت ضرورت ڪم اچي. سجو نشان مسمات لال خاتون عرف لالان... پيرو ليک پڙهي پورو ڪيو. پيشگير الائي تہ ڪيڏي مهل چانهہ رکي ويو هو جيڪا ٿڌي ٿي ويئي هئي.

"ان جو مطلب تہ مائي ڪم پڪو ڪرايو آهي. وري نالا بہ سيني جا لکايا اٿس. ٻي ڏاڙهئي ڪٽڪ سان تہ خدا پُڄي" چاڪر ٿڌو شوڪارو ڀريو.

"اي عقل سڀ هن دشمن جا، ٻيو ڇوري ڪا پڙهيل آهي ڇا" پيرو چيو.

"بروبر... علم اها شئي آهي. سڌو وڃي صدر تائين پهتا..... ۽ پاڻ الهہ تلهہ ٿاڻي جي پوليس کي ڪارائي نلها ويهي رهياسين." چاڪر چيو ۽ دودو چپ چاپ ڪنڌ جهڪائي ويٺو رهيو.

"چاهي..." چاڪر پُڇيو ۽ دودي ٻه ڪنڌ ڌُڻيو.

"هي هي.. هاڻ چا هلي ڪنداسين" پيرو اخبار جو اُهو پنو ڪٽي ٻنهي جي اڳيان رکيو. جنهن تي لالان جو فوٽو 'ڏيان طلب' جي عنوان سان ڇپيل هو.

"اڙي..." چاڪر فوٽو کي ڏيان سان جانچيندي چيو.

دودي ڀيڻ جو فوٽو ڏٺو، اکين ۾ غيرت جا مچ ٻري پيس. پر انهن شعلن پويان لڙڪن جو مينهن به پرجي آيو هو.

"پڙهه" چاڪر چيو.

"هيٺ لهون پوءِ تا پڙهون. هاڻي هلي چا ڪنداسين." هو ٽيڪسي ڪلينڊر جي "چاهي چاهي" کي نظر انداز ڪندا هيٺ لهي آيا.

سامهون هوٽل هو. پيرو جي پويان هو به اندر گهڙيا، ۽ ڪرسين تي ويٺا، پيرو اخبار کولي ميز تي وڇائي ايتري ۾ پشگير جڳ پاڻي جو ۽ گلاس کڻي اچي پهتو.

"چانهه کڻي اچ" پيرو چيو.

"آئون ڪونه پيئندس" دودي چيو.

"ٻه چانهه" پيرو چيو.

هاڻي پڙهه..... چاڪر چيو ۽ پيرو پڙهڻ لڳو.

"ڏيان طلب... جناب صدر صاحب، وزيراعظم، وزير اعليٰ... ۽ ٻيا وس وارا عملدار.. آئون مسمات لال خاتون عرف لالان... ڌيءُ جُمون. ويٺل....

هن ليک رستي آگاهه ٿي ڪريان ته آءٌ عاقل بالغ وات وڪيل آهيان. منهنجي پيءُ جُمعين ۽ ڀاءُ دودي، ٻه سال اڳ منهنجو سڱ نالي بلاول پٽ غلام حيدر کي ڏيٿو ڪيو هو ۽ عيوض ۾ پنجاهه هزار روپيه روڪ ورتا هئا. پر جيئن ته منهنجو پيءُ جُمون لالچي ماڻهو آهي. ۽ ڀاءُ دودو لوفر ماڻهو آهي. ان ڪري هنن مون کي وري ٻي هنڌ وڪرو ڪرڻ ٿي چاهيو. جيڪا ڳالهه مون کي قبول نه هئي. ان ڪري منهنجي انڪار تي هو مون کي ماريندا هئا. ۽ ناحق روڪ ناحق بند رکندا هئا. جتان وجهه وٺي آءٌ ٽن ڪپڙن ۾ نڪري پنهنجي مڱيندي بلاول وٽ آيس جنهن سان شريعت موجب حق نڪاح ڪيو اٿم. مون کي نه ڪنهن ڀڄايو آهي نه برغلايو آهي. مون اهڙو قسم نامون جناب ايس. ڊي. ايم صاحب ۽ جناب فرسٽ ڪلاس مئجسٽريٽ صاحب جي ڪورٽ ۾ ڏنو آهي. مون کي ۽ منهنجي مڙس کي هاڻي منهنجي پيءُ جُمين، ڀاءُ دودي، ۽ سندن مددگارن علڻ، ميرڻ، چاڪر ۽ وڏيري عارب مان جاني مالي نقصان جو انديشو آهي. اگر هو ڪو ڪوڙو ڪيس يا ڦڏو وغيره ڪن ته به اُهو ڪوڙو سمجهيو وڃي ۽ اسانجو بچاءُ ڪيو وڃي. هي اخبار رڪارڊ تي رکي وڃي. جيئن وقت ضرورت ڪم اچي. سچو نشان مسمات لال خاتون عرف لالان... پيرو ليک پڙهي پورو ڪيو. پيشگير الائي ته ڪيڏي مهل چانهه رکي ويو هو جيڪا ٿڌي ٿي ويئي هئي.

"ان جو مطلب ته مائي ڪم پڪو ڪرايو آهي. وري نالا به سيني جا لکايا اٿس. ٻي ڏاڙهئي ڪٽڪ سان ته خدا پُڄي" چاڪر ٿڌو شوڪارو ڀريو.

"اي عقل سڀ هن دشمن جا، ٻيو چوري ڪا پڙهيل آهي چا" پيرو چيو.

"بروبر... علم اها شئي آهي. سڌو وڃي صدر تائين پهتا..... ۽ پاڻ الهه تلهه ٿاڻي جي پوليس کي ڪارائي نلها ويهي رهياسين." چاڪر چيو ۽ دودو چپ چاپ ڪنڌ جهڪائي ويٺو رهيو.

سمجهايائين. ٻئي ڏينهن ملڪ ۾ عام موڪل هئي. پر لالان کي ڪهڙي خبر.

صبح سان ئي هو لالان کي وٺي ويجهي شهر جي هاء اسڪول تي پهتو. جتي سندس موڪليل ٻہ ٽي سپاهي اڳ ئي پئي ڦريا. هو لالان کي وٺي سڌو هيڊ ماستر جي آفيس ۾ پهتو جتي هيڊ ماستر اڳ ئي سمجهايل سڻ سان سوٽ پايو نقلي جج بڻيو ويٺو هو. سندس ميز تي ڪيترا ڪتاب پيا هئا.

"جناب جج صاحب هي مائي حاضر آهي. هي پنهنجي مائٽن سان وڃڻ چاهي ٿي. جوابدار بلاول هن کي زوري اغوا ڪيو هو." صوبيدار چيو.

"ها ڇوڪري! اهو صحيح آهي" نقلي جج با رعب آواز ۾ لالان کان پڇيو.

"نہ سائين نہ! مونکي پوليس ماريو آهي. بي عزتو ڪيو آهي. آئون پنهنجي مڙس ۽ پُٽ ڏانهن وينديس. منهنجو وارث منهنجو مڙس بلاول آهي" لالان روئي چيو.

"ڪيئن شريف!؟" نقلي جج مُرڪي صوبيدار کان پڇيو.

"ٺيڪ آهي يار! مونکي بہ اهو ڊپ هو، هل رن... مونکي بہ ٽي چڪر ڏئين."

صوبيدار باهہ ٿي چيو.

۽ ان ئي وقت هن کي جيپ ۾ هٽي وري اچي ٿاڻي تي پهتو. هن کي اندر ۾ باهيون هُيون. جي سچ پچ هُن لالان کي ڪورٽ ۾ پيش ڪيو هجي ها تہ سڄي فلم ڳچي ۾ پئجي وڃي ها. خدا ڪيو تہ هن کي اها اٽڪل ذهن ۾ آئي. ۽ صوبيدار بہ ٿاڻي تي پهچي ساهي ڪانہ کنئي. رڳو نيت ڪٿي لالان جي وارن ۾ هٿ وڌائين.

پوڙهي ستپيرائي. رڙ ڪري اچي ڏيءَ جي مٿان ڪري تہ اُن کي بہ بہ ٽي لڪڻ واهي ڪيڍيائون. ٻہ سپاهي پوڙهي ۽ ڪاڪي جُمين کي گهلي ٻاهر ڇڏي آيا. جتي هُنن جي ڪنن تي لالان جون رڙيون هٿوڙا ٻنجي لڳيون ٿي. ۽ اُها رات لالان تي عذابن جي قهري رات بڻجي ڪڙڪي.

ڪڏهين ڪڏهين قسمت بہ جانٺو هٽي ويندي آهي. ميرل بلاول جي گرفتاري کان پوءِ گهر آيو تہ اندر ۾ باهہ پئي ٻريس. گهر اچڻ کان اڳ هُن ڪجهہ دوستن کان اُن ٿاڻي تي فون ڪرائڻ چاهي جتي بلاول ۽ لالان قيد هئا. پر قسمت سان سندس ٻئي دوست موجود نہ هئا. سندس ڳوٺ مان سندس سام مان سندس يار جي لڄ ڪچي وڃي هئي. ڪٿي قانون جي نالي ۾ ٿي سهي پر اهو تہ هِن ترڪي ئي عيب هو ڪا سام ائين وڃي.

وري بلاول اکين اڳيان ٻڏجي ويو هو. ميرل جو تر هو، شهر هو، هو چاهي ها تہ پوليس سان جهيڙو ڪري بہ بلاول کي ٻڏائڻ کان بچائي وٺي ها پر هن ڏٺو تہ گهٽ ۾ گهٽ ٿاڻي ۾ مائي اڪيلي آهي. متان مائٽن جي چنبي ۾ اچي وڃي. ان ڪري بلاول بہ هُن سان گڏ ٿاڻي ۾ هوندو تہ مائي ڦرندي ڪانہ، سو اها ڳڻ ڪئي هئائين. هونئن بہ هن جو پروگرام اهو هو تہ صبح سان ڪورٽ ۾ سڌو فرياد لالان جي مائٽن ۽ پوليس تي داخل ڪري خرچ ۽ سفارش جي زور سان آرڊر ڪرائي پوليس سان وٺي پهرين تہ وڃي هنن ٻنهي کي آزاد ڪرائيندو ضمانت تي ئي سهي. پوءِ ڏبا ڪيس کي مُنهن، پر جڏهن گهر پهتو تہ ماءُ کي بيمار ڏٺائين. ڇاتي ۾ سُور هلڪو تپ. هڪدم ڊاڪٽر آندائين پر ڪجهہ فرق نہ ٿيو ۽ پوڙهي. آڌي کان اڳ موڪلائي وئي. ۽ ٺهيل پروگرام واريءَ گهر جيئان ڊهي پيو. لڳاتار ٽي ڏينهن هن کي پٺر ڪري وهٽو پيو. ۽ اهي ئي ٽي ڏينهن لالان تي قيامت بنجي ڪڙڪيا هئا. هن اهو سوچيو بہ نہ هو تہ ٿاڻي ۾ عورت سان بہ هيڏا ڪلور ٿي سگهن ٿا. هن جي تر ۾ تہ عورت ڏي اک کڻڻ بہ ڏوهہ هو، عام ماڻهو کان وٺي آفيسر تائين عورت جي عزت ڪندا هئا. رهيو سوال بلاول جو تہ ان تي بہ سختي تڏهين ٿئي ها جڏهن هو چوري واپس نہ ڪري ها. هتي تہ چوري اڳ ئي پوليس هٿ ڪئي هئي. ۽ اهو سچ بہ هو تہ بلاول کي ڪنهن ٻڙڪ بہ نہ ڇني هئي. هو يڪو

لاڪپ ۾ بند هو، ماني هڪ اڌ محل ملندي هيس. يا ايندي ويندي سپاهين جي گارين ۽ چڙٻن جي لذت پئي حاصل ٿيندي هيس.

چوٿين ڏينهن ميرل ڪورٽ ۾ ڪيس داخل ڪري جج سان روبرو مليو. سڀ ڪاغذ پٽ قسم ناما نڪاح نامو ڏيکاريائينس، اخباري اشتهار بہ ڏنائنس. معصوم ٻار جو احوال بہ ٻڌايائينس تہ بينل دوستن جا فون بہ ڪرايائينس. جج سنو ماڻهو هو ان هڪدم واسطيدار ضلعي جي جج سان رابطو قائم ڪيو. ۽ ميرل کي اوڏانهن وڃڻ جو چيو. ميرل بہ اتان ئي ٽيڪسي ڪئي ۽ هڪ دوست کي ساڻ ڪري روانو ٿي ويو.

ڏڪن ۽ دردن کان چُور لالان سباڳي اونداهي ڪوٺڙي ۾ ويٺي هئي ۽ ساڳي ريت همدرد ماسي هُن وٽ همدردي جا ڳوڙها ڳاڙي رهي هئي.

"امان صاب توسان وري چالاڪي ڪري ويو... ڪورٽ بجاءِ توکي ڪنهن ٻي هنڌ وٺي ويو. پر امان اهو بہ ڪو لکيو هو. توکي ڪهڙي ڪبر تہ مئو ججهہ ڪهڙو ٿو ٿيئي. منهنجي بہ مت مُنڊي هئي جو توکي ڪونہ سمجهايم. هنن مُئن موذين جو توتان اعتبار پڇي پيو آهي. سو هي اڄان بہ تنهنجو آزمودو ڪندا. اڄا بہ شت هڪ ٻن ڏاين تي توکي نيندا. دل من جي پڪ ڪري پوءِ سچي پچي ججهہ وٽ وٺي ويندئي. سپاٽي بہ توکي ائين وٺي ويندا ڪنهن نہ ڪنهن جاءِ تي آزمودي لاءِ. هاڻي هيڻن ڪج جو، اتي پئي چئجان تہ سائين برابر مونکي بلاول زوري ڪٽي ويو هو. آئون ماڻئن ڏانهن ويندس. پوءِ جنهن ڏينهن توکي سچي پچي ججهہ وٽ وٺي ويندا تہ آئون اڳواٽ توکي ٻڌائي ڇڏيندس. پوءِ اتي پهچي تون ڦري وڃجئين" ماسي دلداريون ڏيندي سمجهائيندي موٽي ويئي. ۽ لالان بہ پڪو پهہ ڪيو تہ هو ائين ئي ڪندي. هرويرو مارون ڪائڻ مان پلا ڪهڙو فائدو.

۽ ان ئي رات همدرد ماسي اُسر ويل چپ چاپ اچي نازل ٿي.

"امان! آءٌ تڪڙي آهيان رڳو اهو توکي ٻڌائڻ آئي آهيان تہ هي سپاٽي بہ توکي آزمودي خاطر ڪنهن جُڙتو ججهہ وٽ وٺي ويندا. تنهنجي مڙس کي بہ اتي آڻيندا. ڪاڳرن تي بہ ڪوڙيون صحيحون وٺندا. جيئن توکي پڪ ٿئي تہ تون اصل ججهہ وٽ آئين آهين پوءِ جي تو اُتي بہ ڦيرو ڪاڏو تہ هتي وٺي اچي توسان بہ تادي ڪندا تہ تنهنجي مڙس کي بہ ماريندا. هُنن جون صلاحون ٻڌي آئي آهيان. سپاٽي تنهنجي ماڻٽن کي شت گهرائيندا. اصل پڪو آزمودو وٺندا پوءِ پرين اصلي ججهہ وٽ وٺي ويندا پوءِ اتي تو ڦري وڃجئين باقي سپاٽي اٽڪل ڪري پاڻ بچائجان" پوڙهي ماسي پيرائتي ڳالهہ ٻڌائي سمجهايس. پر هن کي سڀ کان وڏ خوشي اهو ٻڌي ٿي تہ بلاول بہ سپاٽي هوندو. وارث گڏ هجي تہ ڊپ ڇا جا؟

"ماسي آءٌ توجي هڪڙي ٿوري بہ نہ پُڄان... سپاٽي آئون آزمودو پورو ڪنديس. هنن کي اعتبار اچي ويندو.... منهنجو ڏٺي بہ ايندو تہ پرين بہ، الله چڱي ڪندو" لالان چيو. ۽ ماسي پويان پير ڪيا. ۽ وڃي صوبيدار شريف کي سچي حقيقت ٻڌايائين ۽ صوبيدار مرڪي پنج سئو جو نوٽ سندس هٿ تي رکي ڇڏيو.

صبح ساڻ هو صوبيدار وٽ حاضر ٿي.

"رن... اڄ توکي وري جج صاحب وٽ پيش ڪرڻو آهي. ڏسون تہ ڪهڙو ٿي بيان ڏئين پلي ڦري وڃجانءِ" صوبيدار وڏي جمعدار کي اک پچي چيو ۽ لالان کي پڪ ٿي تہ اڄ بہ ساڻس چالاڪي ٿا ڪن. پر هن پڪي رٿ ڪئي تہ اڄ هو هنن جي مُنهن ۾ ڏوڙ وجهي پاڻ بلاول کي مار کان بچائيندي ۽ سپاٽي اصلي جج وٽ ڦري هنن جي منصوبي تي پاڻي ڦيري ڇڏيندي، هن دل ئي دل ۾ همدرد ماسي جا ٿورا مڃيا.

اوچتو صوبيدار احمد خان جو ماڻهو صوبيدار شريف کي وٺڻ آيو. چئہ صاحب اوهانجي فون آهي آفيس ۾،

پنهي جي مُنهن تي مُرڪ هئي. هو هاريل بازي کٽي ويا هئا. جُمين وارن جا پئسا ۽ وڏيري جي ڊوڙ ڊڪ صوبيدار شريف جو پڪڙيل ناٽڪ... سڀ سجايا ٿي ويا هئا. جيپ اچ ٽاٽي ڏي ڪاڻ ويئي پر سڌي اچي. لالان جي اباڻي ڳوٺ پهتي ۽ سندن اصلي گهر اڳيان بيٺي. لالان حيران ٿي ويئي.

"جُمان! هي تنهنجي امانت..." صوبيدار شريف ڪلندي چيو.

۽ جُمون صوبيدار جي پيرن تي ڪري پيو. پوئين جيپ مان وڏيرو عارب دودو ۽ ٻيا همراه لٿا. وڏيرو صوبيدار سان پاڪرين پئجي ويو.

"اهو خيال رکجئو ته ڇوڪري جو ڪوبه نالو نه وٺي. هٿ به سنئون نه ڪجئو، وڏيرو پاڻ ضمانت ڏيئي آيو آهي. متان وڏيري جو به سر وڃايو ته پنهنجو به" صوبيدار ڪڙڪ ٿي چيو.

لالان گهر سر، حيران حيران ته هي ڇا ٿي ويو. ڇوٽي ويو؟؟؟ پٺس ٻانهن کان جهلي جيپ مان هيٺ لاٿس ۽ ماٺس سهارو ڏيئي کيس گهر وٺي آئي. هو ايندي ئي گهر جي راڳيل پٽ تي ڪري پئي. ٽپن جا هڙه ڇڙهي ويس. ۽ سندس ذهن هڪ ڀيرو وري به اونده ۾ وڃائجي ويو هو غش ٿي ويئي. پر ڪنهن به سندس پرواه نه ڪئي.

رات جو سڀئي اچي گڏ ٿيا. رڳو چاڪر جي آڪهه ڪانه آئي.

"ادا آن پان جي همت ڪري ڏسي ۾ هاڻي مائي کي گهر راهڻ چڱو ڪينهي. ڪٿي نه ڪٿي بلو ڪري ڪريوس روانو ميرڻ چيو.

"چاڪر جو ڇورو ته صاف جباب ڏيئي ويو. مُرڳو هنن اها ڪُني ماني به ڇڏي ڏني هاڻي ڪو پوڙهو نوڙهو ڳوليو" ڀيرو پٽڪيو.

"ابا اکين ڏٺي مک ڪير ٿو ڳڙڪائي." علڻ چيو.

"هن راڄ ۾ ته اُميد ڪانهي، باقي لاڙ واري مائٽي پُڇايو" جاڙي صلاح ڏني. لالان کي هرڪو ائين پيو ڏسي جڻ ڪا بيماري اچي ڳوٺ ۾ پئي هجي، هرڪو پاسو ڪريو وڃي. سڄي راڄ جي عورتن مردن جُمين جي گهر کان پاسو ٿي ڪيو.

هُن مان قسمت ائين هٿ ڪڍي ويندي اهو ته هُن سوچيو به نه هو، اڄ کيس خبر پئي هئي ته پيار پيار ناهي مڇي جو واپار ٿي ويو آهي. جنهن لاءِ رت جا رشتا ٽوڙيا. در در ڌڪا کاڌا عزت وڃائي. تنهن ئي منهن مقابل بيان ڏيئي کيس ڦاسايو. ٻيو ته ٻيو ننيڙي اشرف ڏانهن به ڪونه ڏنائين. هاڻي هو ڪنهن تي ميار ڏي. ڪنهن تي ڀروسو ڪري.

هُن ميرل جي انهي انديشي کي به رد ڪري ڇڏيو ته متان ڇوڪري سان دوکو نه ٿيو هجي. مٿس تشدد نه ٿيو هجي. هُن ميرل جي اپيل ڪرڻ واري رٿ به نه قبولي ۽ محبت جي موٽ ۾ ملندڙ ڇئن سالن جي سخت پورهئي سان ٽيپ کي اکين تي رکي بنا ميار بنا شڪايت جي جيل هليو ويو. ۽ ويندي ويندي ميرل کي هُن رڳو اشرف جي پارت ڏني.

محبتن جو ادائون به عجب آهن. ڪلاڻ تي اچن ته خوشي جهول ۾ پوري نه ٿيئي، روئارڻ تي اچن ته ماڻهو واتن جي دز بنجيو پوي. يا ڇٽيل پن، لتاڙ ۾، هوائن آڌار.

پنڊرهن ڏينهن اندر لالان جو نڪاح وري اڌڙوٽ نبو سان ٿي ويو. ڪنهن به اهو ڪونه چيو ته نڪاح متان نڪاح نه ٿيندو، ڳوٺ جو مُلان صالح به چُپ رهيو. هن نڪاح ۾ به نه ميندي لڳي نه موڙ ٻڌا. نه ڪنبها ڏڪيا. نه پٺس مٿي تي هٿ ڏنس، باقي ماٺس روئي برابر موڪلايس. دودو ته هُن جي اچڻ واري ڏينهن کان ئي گهر ڪونه آيو هو سو هُن جي وڃڻ پُڇاڻان گهر ۾ گهڙيو. ۽ لالان ٻيءُ کان وڏي نبو سان نڪاح متان نڪاح پڙهائي مقدر تي ماتم ڪندي، پٽ جي

پنهنجا هارايل نيڻ ڪٿي ڇوڪري جي اکين ۾ نهاري ٿو، جنهن ۾ پيار ۽ حجاب جون تتليون اُڏري رهيا هُيا، ٻئي لمحي هو پنهنجا سرديءَ ۾ خشڪ ٿي ويل چَپ، ڇوڪريءَ جي گرم چپن سان ڇُهڻائي ٿو ڇڏي. ڪافي دير تائين هو ٻئي ائين ٿي هڪ ٻئي جي واتن مان ساهه ڪڍندا ٿا رهن ۽ پوءِ هڪ ٻئي جي گڏيل ساهن جي ڌارا کي ٽوڙي ٿا ڇڏين.

ڇوڪري پنهنجي چهري تي وکريل وارن کي مخروطي آڱرين سان هٽائيندي چوي ٿي 'پاڻ شايد وري ائين نه ملون، اڄ اسان کي اهو سڀڪجهه چئي ڇڏڻ گهرجي، جيڪو اسان وقت جي پيٽين ۾ وجهي، دل جي ڪڏ ۾ پوري ڇڏيو هو.اڄ اسان کي خُوب دل کولي کِلڻ گهرجي .... پر ڇو اسان جي وچ ۾ خاموشيءَ جي ڊنڊ اچي وئي آهي، ۽ اسان جي چپن تي ڇو وقت برف جيان ڄمي ويو آهي....؟"

هو ڇوڪريءَ جي هٿ ريکائن کي ڏسندي آهستگيءَ سان ورائي ٿو، "پاڻ پيو ڪري به ڇا ٿا سگهون، اسين وڇوڙي جي روايت جو تقدس به ٽوڙي نه ٿا سگهون." ڇوڪري پنهنجي لهجي ۾ آنت جي مصري ملائيندي چوي ٿي. "پر ڪير ٿو چوي" "اسين هميشه جي لاءِ وڇڙي رهيا آهيون، اسان جي گهرن جون ديوارون ۽ انهن ۾ لڳل دروازا هوا ۾ شامل اسان جي ساهن جي سنيهن کي ته روڪي نه ٿا سگهن.... زماني جون نظرون اسان جي دل جي سجدن جو تعين ته نه ٿيون ڪري سگهن نه؟۽ تو ئي ته پنهنجي هڪ خط ۾ لکيو هيو، 'جدائي، ٻن دلين کي هميشه جي لاءِ ڳنڍيندڙ اُها ڏور آهي، جنهن ۾ پيار ۽ سڪ جا انيڪ ڌاڳا پويل آهن." ڇوڪريءَ جي اکين ۾ اُتلي پيل ڏُک جو سمنڊ، دلاسن جي ڪڪاون ڄڳهن کي لوڙهي ٿو ڇڏي. ۽ هوءَ چهرو ٻئي طرف ڦيري ٿي ڇڏي، هو پنهنجي ڦرڪندڙ هٿن سان، هن جو چهرو سامهون ڪندي چوي ٿو، "خوشي! تون ڪامياب محبوبه ضرور آهين، پر ڪامياب اداڪاري ڪڏهن به ڪري نه ٿي سگهين." ۽ پوءِ خاموش ڪمري ۾ ڇوڪريءَ جي سُڏڪن جو سرگم گونجڻ لڳو. هو ڇوڪريءَ کي پرچائڻ جي ڪوشش ۾ پاڻ به روئي ٿو پري.... سُڏڪن جو سرگم ٻٽو ٿي وڃي ٿو. گهڻي دير تائين اکيون روئنديون ٿيون رهن....."

## پڇاڙيءَ جي پڇاڙي

.....هو اکيون اگهي ڪمري جو بلب آن ٿو ڪري، لمحي لاءِ سندس مٿو ڦري ٿو وڃي، سندس ڪنن ۾ پاڙي ۾ وڄندڙ ڊُهل شرنايُن جا سُڏڪا گونجن ٿا، هو ڪمري ۾ هڪ هارايل نهار وجهي ٿو، جتي آلي وهاڻي کان سواءِ ڪيرنه نه هيو....٦"

مراد قريشي

# صبح جي دريءَ تي رکيل خواب

هن جي ننڊ مان جاڳڻ کان پهرين هن جا اڻکٽ خواب جاڳي ٿا پون. هوءَ خوابن کي سمهاري پاڻ جاڳي ٿي پئي.

سج جي عجيب ڪرڻن کي بنا اجازت پنهنجي بيڊروم ۾ ڏسي هن کي ڪنهن بہ قسم جو عجب نٿو محسوس ٿئي. صبح جا ڪرڻا هن کي صبح ٿي وڃڻ جي ثابتي ٿا ڏين.

هوءَ صبح کان پنهنجي باري ۾ پڇي ٿي پر صبح ڪجهہ بہ نہ ٻڌائڻ جي سگهہ پنهنجي اندر ۾ پيدا ڪندو صرف هن جي نظرن اڳيان انڌيري جيان ڦهلجندو ٿو وڃي. هوءَ اٿي بيڊروم جي درين جي پردن کي هٽائي ٿي. تہ صبح پوري طرح ڪمريءَ کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي ٿو ڇڏي.

روز انين ڏسڻ جي باوجود بہ هن کي اڄوڪو صبح ڪجهہ عجيب ٿو لڳي. هوءَ آئيني اڳيان بيهي ڊريسنگ ٽيبل تان برش کڻي، پنهنجن وارن کي ڏيندي آئيني کان پنهنجي باري ۾ پڇندي ٿي رهي- پر آئينو اکيون بند ٿو ڪندو وڃي، ۽ هن جو عڪس آئيني تي دهندلو ٿو ٿيندو وڃي.

هوءَ پنهنجي مڙس کي ساڳئي حالت ۾ بيڊ تي اونڌو سنتل ٿي ڏسي- باٿ روم ۾ داخل ٿي ٿئي. باٿ روم مان نڪرندي بہ هوءَ پنهنجي مڙس کي ساڳئي حالت ۾ سنتل ٿي ڏسي-!! ڪچن ۾ پهچي چانهہ ٿي رکي، چانهہ جي ڪٽلي ۾ چانهہ جي پاڻي بدلي پاڻ کي وجهي ٿي ڇڏي، ۽ ڪٽلي ۾ پيل ٽهڪندڙ پاڻي جيان پاڻ کي بہ ٽهڪندو ٿي پائنين. هو بہ ڪوپ چانهہ سان ڀري ۽ بسڪٽ پليٽ تي رکي ٽري کڻي بيڊ روم طرف اچڻ لڳي ٿي. پنهنجي مڙس کي ساڳئي بيڊ تي اخبار پڙهندي ڏسي. هن کي هڪ لمحي لاءِ الاءِ بہ ڇو خوشي ٿي ٿئي. پر پوءِ عجيب طرح سان هو هن اجنبي خوشي لاءِ سوچي ٿي. سڀ ڪجهہ هن کي فضول ٿو لڳي.

هوءَ چانهہ جو ڪوپ کڻي دري جي سامهون ٿي بيهي ٿي. سامهون سج پوري جوش سان هن جي اکين ۾ اکيون ملائي هن کي پاڻ طرف سڏيندو ٿو رهي. هوءَ اُڏامندڙ سج کي پاڻ طرف متوجہ ٿي ڪندي رهي. ۽ ڪجهہ وقت کان پوءِ سج کي پنهنجين ٻنهين ڇاتين جي وچ ۾ لهندي ٿي محسوس ڪري، ۽ يڪدم پنهنجي اندر ۾ گرمائش محسوس ڪندي، ڪجهہ ڇرڪي ٿي پئي، ۽ سج کي ساڳئي ريت چمڪندو ڏسي هن کان پنهنجي باري ۾ پڇندي ٿي رهي. پر سج ناڪار ۾ ڪنڌ لوڏي اڃان بہ وڌيڪ جوش ۾ اچي، هُن جي اکين ۾ چڀندو ٿو رهي. هوءَ اکيون بند ٿي ڪري ڇڏي.!!

اکيون کولي ٿي تہ محسوس ٿي ڪري تہ هن جي هٿ ۾ جهليل ڪوپ ۾ پيل چانهہ بہ هن جي وجود جيان ٿڌي ٿي چڪي آ... هوءَ چانهہ جا وڏا وڏا ڍڪ ڀري ڪوپ ٽيبل تي رکي، ڪجهہ دير اتي ائين ئي فضول بيهي بيڊ روم مان ٻاهر ٿي نڪري اچي ۽ پنهنجي مڙس کي ساڳئي ريت اخبار پڙهندي ٿي ڏسي.

””سڀ ڪجهہ ئي تہ ساڳيو آ.“ هوءَ سوچي ٿي. جيڪو اڄ آ! اهو ڪالهہ بہ هيو ۽ سڀاڻي بہ هوندو.

محسوس ٿي ڪري تہ ڪافي وقت کان-شايد ٽن سالن کان هن کي هر موڪل جو ڏينهن وڌيڪ اداس ڪري ڇڏيندو آ. ۽ موڪل کان علاوه ٻيا سمورا ڏينهن هن کي ٻوريت جو آئينو لڳندا آهن. جنهن آئيني ۾ سندس وجود هن کي بلڪل بہ فضول هجڻ جي ثابتي ڏيندو آ- پر هِن پل هن کي ڪوبہ فرق نظر نٿو اچي، نہ ايندڙ ڏينهن ۾ نہ ئي گذرندڙ يا گذريل ڏينهن ۾-!

"ڪالهہ بہ تہ ساڳيو ٿي هيو. اڄ بہ- ۽ سڀاڻي بہ ائين ٿي هوندو....." هوءَ سوچي ٿي.

بيڊ روم جي پرسان ٿي ٿي. وي روم ۾ پهچي- هوءَ ٽي.وي کولي ٿي، پر ڪمري ۾ پيل هر شيءِ کي غور سان ڏسي، انهن کان اجنبي ٿي ٽيندي وڃي. ٽي. وي لائونج جي پرسان ٿي. ڊرائنگ روم ۾ هر سينگاريل شيءِ هن کي فضول هجڻ جو احساس ٿي ڏياري. هوءَ پٽ تي لڳل آئيني ۾ يڪدم پنهنجي عڪس کي سڃاڻي ٿي وڃي ۽ سوچي ٿي.... "ڊرائنگ روم، بيڊ روم ۽ منهنجي هن پوري گهر ۾ پيل سموريون شيون واقعي بہ فضول تہ آهن، بلڪل بہ منهنجي زندگيءَ جيان فضول، ڪهڙي حيثيت آهي انهن جي مون جيان، هيل تائين ڪنهن بہ تہ هنن شين کي نہ ڏٺو آ.... نہ پيار ڪيو آ- ۽ نہ ئي ڪا تعريف ڪئي آ. هيل تائين اسان ٻنهين کان علاوه انهن ڪمرن ۾ ڪير آيو بہ تہ ڪونهي. ڪيڏا نہ اداس لڳندا آهن، اهي سمورا ڪمرا، بلڪل بہ منهنجين سوچن جيان. هن گهر ۾ يا انهن ڪمرن ۾ هيل تائين ڪير بہ تہ ناهي ڪيڏيو، نہ رڙيون ڪيون آهن ڪنهن- ٽي. وي، لائونج ۾ پيل ڪٻٽ بہ تہ سڄو رانديڪن سان ڀريو پيو آ، پر ڪير بہ تہ ناهي جيڪو انهن رانديڪن سان ڪيڏي، انهن سمورن رانديڪن کي ڀڃي، ۽ ٻين رانديڪن جي فرمائش ڪري-!! هوءَ وڌيڪ اداس ٿي وڃي ٿي. ڪٻٽ ۾ پيل سمورن رانديڪن جيان،

ڪچن ۾ ويندي، پنهنجي مڙس کي ٻيهر ساڳئي ريت اخبار پڙهندي ٿي ڏسي. هن کي پڪ آهي تہ معمول جيان هو اڄوڪو موڪل جو سڄو ڏينهن بہ اخبار ۽ ڪتاب پڙهندي گذاريندو. هوءَ تہ هر موڪل جي ڏينهن تي الاءِ ڇا ڇا سوچيندي آهي. تمام گهڻو ڳالهائڻ بہ چاهيندي آ. پر ڳالهائي ڪين سگهندي آ. لفظ هن جو بلڪل ساٿ نہ ڏيندا آهن ۽ خاموشي هن کي ڪجهہ بہ نہ ڳالهائڻ تي مجبور ڪندي آ. هر وقت محسوس ڪندي آ تہ خاموشي هن جي اندر ۾ گهر ڪري ويهي رهي آ. ائين جيئن گهر کي پنهنجي قبضي ۾ ڪري ڇڏيو اٿائين.

هن کي ياد آ. شاديءَ جي پهرين سالگره کان پهرين، هر موڪل جو ڏينهن هن لاءِ ڄڻ عيد جو ڏينهن هوندو هيو. ڪيڏو نہ انتظار ڪندي هئي. پوري هفتي ۾ صرف انهيءَ موڪل جي ڏينهن جو-!! هر موڪل جي ڏينهن تي هو لاسٽ شو لازمي ڏسندا هئا. ۽ ان کان پهرين شام جو شهر جي ڪانہ ڪا تفريح گاهہ سندن آجيان لاءِ منتظر هوندي هئي.

هن کي بلڪل بہ ياد آ. شادي جي پهرين سالگره وارو ڏينهن ڪيڏو نہ عجيب ڏينهن هيو، ٻنهين جو. ۽ ڪيڏي نہ عجيب طرح سان هنن اهو ڏينهن ملهايو هيو. ڪنهن کي بہ تہ شاديءَ جي پهرين سالگره جي دعوت نہ ڏني هئائون، هڪٻئي کان سواءِ-!! ڪيترو نہ خوش هئا ٻئي ان ڏينهن تي- ۽ ڪيڏو نہ پيار ڏنو هو ٻنهين هڪٻئي کي.!؟

هن پل بہ اهوئي پيار محسوس ڪندي، ڪجهہ ڇرڪي ٿي پئي. ۽ انهيءَ پيار کي اڄا بہ وڌيڪ محسوس ٿي ڪرڻ چاهي، پر سندس سوچون اڳتي ٿيون وڌنديون وڃن!!

شادي جي پهرين سالگره کان ڪجهہ وقت پوءِ.

"نہ، نہ فڪر ڪرڻ جا ڪابہ ضرورت ناهي، ڏسو توهان ائين ڪيو ڪنهن گائيناڪلاجسٽ کي ڏيکاريو." !!

(گائيناڪلاجسٽ وٽ.)

"توهان جي چيڪ اپ ۽ توهان جي ٽيسٽن کان پوءِ اهو معلوم ٿيو آهي تہ توهان کي اولاد جي ٿيڻ جا چانس تمام گهٽ آهن، جيڪڏهن اتفاق سان توهان Pregnant ٿيندوءِ بہ تہ ٻار جي بچڻ جا امڪان تمام گهٽ آهن ڇو جو توهان جي رپورٽن مان معلوم ٿو ٿئي، تہ ان ٻار کي لازمي (Erythroblastosis Fetalis) جي بيماري هوندي. ڇاڪاڻ تہ توهان ۽ توهان جي Husband جو بلڊ گروپ Negative ۽ Positive ۾ ٿو اچي. اهڙيءَ صورت ۾ ٻار جي بچڻ جا امڪان تمام گهٽ هوندا آهن." !!

منجهند جي ماني پچائيندي، ڪچن ڪان پنهنجي باري ۾ پچندي ٿي رهي، پر ڪچن ۾ پيل سمورين جاندار سجاتل شين کي خاموش ڏسي، پاڻ بہ خاموش ٿي وجي ٿي. اهڙي خاموشي جو احساس پاڻ سان گڏ پوري گهر ۾ محسوس ٿي ڪندي رهي.

بيڊ روم ۾ اچي ڪجهہ ڳالهائڻ ٿي چاهي.

"پڙ منهنجو ڪتاب مليو؟" هن جو مڙس تازي اخبار بند ڪندي هن کان پڇي ٿو.

"ڪتاب..... جي- نہ-!"

"ڏس توکي ڪالهہ بہ چيو هيم. توکي تہ خبر بہ آهي تہ مون کي پنهنجا ڪتاب سڀ کان وڌيڪ پيارا هوندا آهن ۽ مان ڪڏهن بہ پنهنجي ڪنهن ڪتاب جو وڃائجي وڃڻ برداشت نہ ڪري سگهندو آهيان. مون کي ڪتاب ڪپي پنهنجو."

هو بيڊ تان اٿي ٿو ۽ بيڊ جي سامهون لڳل بوڪ شيلف مان ڪتاب ڪڍي ڏسندو ٿو رهي.

"ڏس هن گهر ۾ پيو ڪير آ. اسان ٻنهين ڪان سواءِ ۽ پيو اسان وٽ ڪوئي اچي بہ تہ نٿو، ڪتاب آخر ڪٿي ڪير ٿو سگهي......؟ اتي ئي ڪٿي پيو هوندو، تون ڳولڻ جي ڪوشش ڪجانءِ پيهر بہ."

هوءَ هاڻي ان ڪتاب لاءِ سوچيندي ٿي رهي، هن کي ڪتابن ڪان سخت نفرت آ. جن ۾ موجود خاموش لفظ پنهنجو جادو ڏيکاري هن جي مڙس کي وندرائيندا رهندا آهن. پر تڏهن بہ هوءَ هينئر انهيءَ ڪتاب لاءِ سوچيندي ٿي رهي. هن کي صرف اهو ياد آ، تہ اج ڪان بہ ڏينهن اڳ هن ساڳيو ڪتاب ڪٿي ڏٺو هيو. پوءِ الاءِ ڪٿي رکي ڇڏيو هئائين. وڌيڪ هن کي ياد ڪونهي. هوءَ چاهيندي بہ وڃائجي ويل ڪتاب لاءِ ڪا بہ يادگيري پنهنجي ذهن ۾ آڻي نٿي سگهي.

منجهند جي ماني وقت ڊائننگ ٽيبل تي بلڪل بہ ويجهو ويهي، جڻ هڪٻئي ڪان شرمائيندا خاموشي سان ماني کائيندا ٿا رهن. خاموشي پوري گهر سان گڏ ٻنهين جي چوگرد چوڪيداري ڪندي ٿي رهي. صرف ٽيبل تي پيل چمچا، پليٽون هڪٻئي سان ڳالهائيندا ٿا رهن ۽ سندن خاموشيءَ تي عجيب طنز مان پليٽن تي لڳي ڪڙڪندا مرڪندا ٿا رهن.



**فيروز**

# هڪ اداس خواب جي پُڇاڙي

روز جيان ڪمري ۾ اچي در جي ڪنڊي چاڙهي پر ۾ ويهي رهيو ۽ ڪيسي مان پنو ڪڍندي چيائين، "تون واحد ماڻهو آهين جنهن کي مان پنهنجا ذاتي خط پڙهائيندو آهيان."

ڪجهه ڏينهن کان هن ڏي عجيب قسم جا خط اچڻ لڳا هئا، رومانس جي مس ۾ ٻُڏل خط، ڪا ڇوڪري هئي جنهن ڏانهس هر روز خط لکڻ پنهنجو معمول بڻائي ڇڏيو هو. مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن به اهڙو خوش ماڻهو نه ڏٺو هو جيترو هو هنن ڏينهن ۾ نظر اچڻ لڳو هو. جيئن ڪو ٻار رانديڪو ڏسي خوشين کي پنهنجي پلڪن ۾ ڇنيڻ لڳندو آهي. تيئن ئي خط پڙهڻ سان سندس اکين منجهارا خوشين جا ڪيئي چنڊ اڀري پوندا هئا. جڻ لفافي ۾ خط نه پر "ڪيڊبري" جون ٽافيون ڀريل هونديون هيون، جنهنجي چوسڻ سان سندس چپن تي مرڪن جا نرم گداز جسم رقص ڪرڻ لڳندا هئا.

ڪنهن ٻئي ته ڇا پر پاڻ به پنهنجي زندگيءَ ۾ ڪڏهن ڪو اتفاقي خواب ڪونه ڏٺو هئائين ته ڪو هن ڏانهن به خوشبو ڀريا خط لکي سگهي ٿو.

هڪ اڳي ئي شڪل شبيهه جو ڪوجهو ٻيو ڪپڙن کي ڪيسا وڃهرائيندوئي نه هيو. ڀلا وڃهرائي به ڇا جي لاءِ... خالي ڪيسن کان ڀلو آهي ته ماڻهو مورڳي ڪپڙن کي ڪيسا وڃهرائي نه.

جيتري قدر سندس شخصيت جي ڳالهه آهي ته ان ۾ اهڙي ڪا به خوبي ڪونه هئي جنهن جي ڪري ڪا ڇوڪري ڪيس پنهنجي پرس ۾ پنهنجي ڪاسميٽڪس سان گڏ ڪٿي هلڻ لاءِ تيار ٿي وڃي، پر منهنجي ان راءِ جي ابتڙ ڇوڪريءَ ڪيس خط ۾ لکيو هو، "ڊيئر جيئن مان زندگيءَ ۾ ڪڏهن به پرس ڪٿڻ ناهيان وساري سگهي. ساڳي ريت تون مون سان هميشه گڏ رهندين مان توکي ننڍڙي آئيني جيان پرس منجهه رکندس ۽ جتي به مون کي وڻندو تومنجهه پنهنجو چهرو ڏسي وٺندم ۽ پنهنجي وارن کي سنواري سگهندم."

مون کان وڌيڪ ڪيس پاڻ کي حيرت هئي ته آخر ڇوڪريءَ سندس اکين ۾ اهڙي ڪهڙي شيءِ ڳولهي لڌي هئي جو انهن جو ذڪر ائين ڪندي هئي جڻ سندس چهري تي اکيون نه پر ڪي ڊائمنڊ لڳل هجن.

جيتري قدر مان هن جي اکين کان واقف آهيان ته اهي مون کي سدائين ان سڪل، ٺوٺ ۽ ڏرا ڏنل چپن جيان لڳنديون هيون جن صدين کان وٺي پاڻيءَ جو ڍڪ نه ڏٺو هجي.

اڪثر مون کي لڳندو آهي نه هو جانٻس جو مريض آهي، پر هن جي چوڻ موجب ته سندس اکيون ساڻي جي ڪري ائين نه هيون بلڪ اها ساواڻ خوابن جي سرد لاشن جي هئي.

هڪ خط ۾ سندس محبوبه لکيو هو ته، "ڊيئر تنهنجو اکيون ايتريون ته خوبصورت آهن جو دل ٿي چوي ته ڪنهن سوناري کي ڏئي ان منجهان مان پنهنجي ڪنن جا ايرينگ ۽ نڪ جي ڦلي ٺهرايان.

البت هاڻي سندس اکين ۾ رونق ٿورو مرڪڻ لڳي هئي، سندس سايون اکيون ڪاريون ٿيڻ لڳيون هيون. جڻ هن پنهنجن نيڻن مان خوابن جي سرد ٿي ويل لاشن کي ڪٿي ڪنهن شمشان گهر ۾ چتا تي چاڙهي ڇڏيو هو. ۽ انهن لاشن جي خاڪ ڪنهن سرمي جيان سندس اکين کي سهڻو بڻائڻ جا جتن ڪري رهي هئي. چيم، "يار تنهنجن نيڻن منجهان خوشبو ٿي اچي."

چيائين، "اها خوشبوءِ خوابن جي سڙيل لاشن جي خاڪ جي آهي."

پنهنجي اکين ڏانهن اکين سان اشارو ڪندي چيائين: "ڏس يار منهنجون اکيون واقعي خوبصورت آهن نه؟"

چيم، "دوست جيڪي اکيون ڪنهن وينگس جو آشيانو هجن اهي هميشه خوبصورت ئي هونديون آهن، پر انهن اکين کي ڏسڻ نه گهرجي، انهن اکين کي چمڻ گهرجي." چيائين، "چمڻ جو حق ته صرف هن کي آهي..........

منهنجي اکين ۾ ڪا باهه ٿي ٻري يار.... دل ٿي چوي هوءَ جلدي پنهنجي چپن جي الاڻ سان اچي ان باهه کي اجهائي."

چيم: "اها باهه ته محبوبه پنهنجي آشياني ۾ ماني پچائڻ لاءِ ٻاري هوندي ڇو ته بورچيخاني کان سواءِ آشيانا نامڪمل هوندا آهن."

هو ٿورو مرڪيو ته اڇي اجري مرڪ سندس ڪارن بادلن جهڙن چپن تي ڪنهن ڪنوڻ جيان ڪلي پئي اها مرڪ جيڪڏهن موناليزا جي چپن تي اُڀري ها ته سندس چپن کي باهه لڳي وڃي ها. هن جي مرڪ مون کي ان ڪري به متاثر ڪيو جو مان زندگيءَ ۾ ڪيس پهريون ڀيرو مرڪندي ڏٺو هو.

چيم: "اهڙو مرڪڻ ڪڏهن کان سکيو آهين؟"

چيائين: "اها مرڪ مان سندس خطن منجهان چورائي آهي.... جيڪي لفظن سان نه پر مرڪن سان ڀريل هوندا آهن."

چوندا آهن ته ماڻهو پنهنجي فطرت کي تبديل ڪري ناهي سگهندو، پر هو سراپا تبديل ٿي ويو هو،وارن جي اسٽائيل کان وٺي پير جي بوٽ ۽ جورابن تائين هن پاڻ ۾تبديلي آڻي ڇڏي هئي. هر خط سان سندس وارن جو اسٽائيل تبديل ٿيڻ لڳو هو، ڇڻ هوءَ هر خط ۾ ڪيس نئون ڪو هيئر اسٽائل اُماڻيندي هجي.

ڳالهائڻ ٻولهائڻ کان وٺي ڪپڙن پهرڻ جو انداز تائين تبديل ٿي ويو هو. اڳ جيڪو هو ڏاڙهي به نه لاهيندو هو جا سندس سڪل منهن تي ائين بيٺي هوندي هئي ڄڻ ڪنهن ڪلراٺي زمين تي ڏڀ ڦٽي پيا هجن، پر هاڻي ڏاڙهي ته ڇا هن کي پنهنجي ڪوٺي جي ٻچ جهڙين مڇن تي به ڪو رحم ڪونه آيو هو.

چيم: "يار تون گهڻو تبديل ٿي ويو آهين."

چائين: "تبديلي زندگيءَ جو نِڪ نيم آهي."

ان رات گهڻي دير تائين ويهڻ کان پوءِ هوا ٿي هليو ويو ۽ پنهنجي پٺيان پنهنجي خطن جي سرهاڻ ڇڏي ويو.

ٻي رات هو وري آيو پر هڪ غير متوقع ۽ عجيب تبديلي سان، سندس وار اهڙا ٻٽيل هئا جنهن کي غالبا ڪوبه هيئر اسٽائيل نه ٿو چئجي سگهجي. سندس منهن ڏسي مون کي سياري واري سنڌو درياءَ جو خالي پيٽ ياد اچي ويو. سندس منهن تي ڪي اوڀرا واڇوڙا پئي ڦريا جنهن ۾ ڪو جن ڀوت ڪونه هو پر اهي اداسيءَ جي واريءَ ۽ خواهشن جي سڪل ڪکن سان ڀريل هئا. سندس منهن تي ايتري ته واري اڏامي رهي هئي جو مون کي لڳو ته منهنجي ڪمري جي هرهڪ شئي تي ان اداس واريءَ جا تهه چڙهي ويا آهن،ايتري قدر جو اها واري منهنجي وات منجهه به ڪرڪر ڪرڻ لڳي تڏهن ڪانئس پڇيم:"

"خير ته آهي دنيا کي واري سان پورڻ جو خيال آيو اٿئي ڇا." چيائين: "دنيا کي ڪُونه ٿو پوريان پنهنجو پاڻ کي پورڻ جي پيو ڪوشش ڪيان."

چيم: "ڇو ٿو پاڻ کي پورين.... توکي قبر جي اونداهيءَ کان ڀوُ ناهي ٿيندو."

قبر جي گهرائي جيڏو گهرو ساهه کڻندي چيائين: "قبر جي اونداهي کان وڌيڪ ڊيڄاريندڙ اونداهي ته هتي

آهي. . . . مان تہ روشنين ڏي وڃڻ ٿو چاهيان. . . . روشنين ڏي.... مون کي سندس خيال جهٽڪو ڏني ڪڍيو.

چيمر: "يار ڪهڙيون ڳالهيون پيو ڪرين. . . . خط لکندڙ ڏي تہ خير آهي نہ!؟"

منجهيل ساهہ کڻندي چيائين: "لکندڙ ۽ پڙهندڙ منجهان وڌيڪ عذاب ڪير پوڳيندو آهي. ؟"

چيمر: "دوست، لکڻ وڏو عذاب ڏيندڙ عمل آهي."

چيائين: نہ-"پڙهڻ وڌيڪ پيڙا ڏيندڙ عمل آهي، لکندڙ پنهنجي لکٽي لکڻ کانپوءِ صرف هڪ دفعو پڙهندو آهي جا بہ ڪيس شڪار ٿي ويل شينهن جيان لڳندي آهي، جڏهن تہ پڙهندڙ کي اگر ڪا شيءِ وڻي وئي تہ پوءِ هو ان شيءِ کي سڄي زندگي پيو پڙهندو آهي ۽ سڄي عمر پيو عذاب پوڳيندو آهي."

چيمر: " مقصد جي ڳالهہ ڪر يار هي ڪهڙو پيو ابتو فلسفو ڳالهائين."

ڏکندڙ هٿن سان خط کي ٽيبل تي منهنجي نگاهن آڏو کولي ڇڏيائين، جنهن تي هي اکر پکڙيل هئا، "ڊيئر، مون کي يقين آهي تہ تون اهو ٻڌي روئندين نہ، تہ منهنجي شادي ڪنهن ٻئي سان طئي ڪئي وئي آهي، منهنجي ٿيندڙ ور جو آمريڪا ۾ تمام وڏو بزنس آهي، ۽ مان بہ شادي کان پوءِ آمريڪا هلي ويندس ۽ لائف انجواءِ ڪندس زندگي خدا ماڻڻ لاءِ . ڏني آهي تہ پوءِ ڇو پلا ان کي ڪنهن جي ياد ۾ گهاري ڳاري ڇڏجي. ڊيئر تون بہ مون کي وساري ڇڏجانءِ ۽ پنهنجي لائف کي انجواءِ ڪجان. فقط تنهنجي (محبوبہ)."

خبر ناهي تہ اُن وقت لفظن مان مس اڏامي وئي هئي يا منهنجي اکين آڏو کي بادلن جهڙا پردا اچي ويا هئا، جو سڀ اکر ڏنڌلا ٿي ويا هئا، مان هڪ اچاتري نظر سندس چهري تي اچلائي. . . . سندس چپن تي اٽلکي مرڪ سڏڪا پري رهي هئي.

چيائين: "هن صحيح لکيو آهي- مان روئندس ڪونہ . . . . مان خودڪشي ڪري ڇڏيندس."

مان يقينن ان وقت شاڪ ۾ هليو ويس ۽ جيسين مان شاڪ منجهان نڪران هو ڪمري مان تيز هوا جي جهوٽي جيان نڪري ويو ۽ پنيان در هڪ وڏي رڙ ڪري مات جي عميق منجهہ ٻڏي ويو، مان سندس پنيان لڳڻ جي ڪوشش ڪئي،پر باهر اينتري تہ اونداهہ هئي جو مان پنهنجو پاڻ کي ئي نہ پئي ڏسي سگهيم.

صبح جو هاسٽل ۾ سندس لاش ايمبولنس تي ڪچي آيو، پوءِ هو قبر جي اکين ۾ پنهنجي وصيت جي ابتڙ پنهنجي خطن کان سواءِ دفنايو ويو ڇو تہ خطن کي ساٿس گڏ پورڻ تي ڳوٺ جي ڪيترن ئي مذهبي ماڻهن اعتراض ڪيو هو.

گهڻا ڏينهن پوءِ مون کي سندس ڊائري ملي هئي. جنهن مون کي ٻڌايو تہ هن جي زندگي ۾ اهڙي ڪنهن بہ ڇوڪريءَ جو وجود نہ هيو. جيڪا هن کي خط لکي ها.

مون کان وڌيڪ سندس ڊائري حيران هئي تہ آخر هن خودڪشي ڇوڪري ڇڏي. ؟

ٿيو مان گاڏي روڊ جي ڪناري بيماري چڙي آهي.

چرڪي گاڏي اسٽارٽ ڪيم. گاڏيءَ جي پاسي واري شيشي مان خاموشي سان ان ڊير کي پنيان رهندڙ فاصلي ۾ گم ٿيندي ڏسندو رهيم اوسين جيسين ان کي ڏسڻ ممڪن نه رهيو.

باقي جو سفر اسان ٻنهي ماٺ ۾ طئي ڪيو. ان لاءِ به جو ان ڳالهه تي اسان وٽ چوڻ لاءِ ڪجهه نه هيو. ۽ جيڪو چئي سگهجي پيو اهو چوڻ ٻڌڻ لاءِ اسان تيار نه هئاسين.

ان ڪتي جي موت تي هوءَ رُني ضرور هوندي پر منهنجي آڏو نه.

ان ۾ روئڻ جي ڪهڙي ڳالهه آهي. منهنجي سمجهه ۾ نه آيو.

هيءَ، ڳالهه هجي نه هجي روئڻ جو ٿي لڳي. هي به ڪي روئڻ جا ڏينهن آهن؟ ائين روئي ڏيڻ هن جي عادت آهي يا هن جي دل ڀريان ڪان ئي ڏکايل آهي، ڪو غم آهي جيڪو هن جي اندر پيريل آهي ۽ هلڪي ڌڏڪي تي هن جي نيڻن مان ڇلڪڻ لڳي ٿو. ڪهڙو غم؟ اها ڳالهه ڪهڙي هوندي جنهن جو غم ايڏو گهرو آهي جو شادي کي چار مهينا ٿيا اٿس ۽ هن کي روئڻ اچي ٿو وڃي. اهڙو ڪو ڏک اٿس ته هن مون کي ڇو نه ٻڌايو. ٻڌائڻ نه چاهيو هوندائين.... منهنجي تواني ڀيهر ڪر ڪڻڻ لڳي. نه ٿي ٻڌائي ته نه ٻڌائي. پر اعتماد جي به ته ڳالهه هوندي آهي. شادي جي چئن مهينن ۾ هن اعتماد لائق نه ڄاتو. پنهنجي ڳالهه دل ۾ ئي رکيائين ته پوءِ اڳتي ڇا ٿيندو.

توائي جي جڳهه افسوس والاري، جنهن تي مان روئي به سگهيم ٿي جيڪڏهن ان افسوس ۾ بيزاري شامل نه هجي ها.

مون کي سڌ نه آهي اها بيزاري، افسوس ڪنهن تي هيم. هن تي، پنهنجي پاڻ تي يا اسان ٻنهي تي جن کي پنهنجيون پنهنجيون ڪيفيتون وٺي گڏ رهڻو هو.

هن جون ڪي عادتون اهڙيون هيون جيڪي منهنجي لاءِ عجيب هيون ،پر هوءَ انهن کي بدلائڻ لاءِ تيار نه هئي ان جو اندازو مون کي شادي کان پوءِ ٿي چڪو هو بلڪ ان ڏينهن ئي ٿي ويو هو جڏهن مان منهن ڌوئڻ لاءِ غسلخاني ۾ ويم ته ٽوال ابتي پاسي ٽنگيل هو. منهنجو مطلب آهي ته اهو حصو جيڪو ڪونٽرو هوندو آهي اندرين پاسي هو. مان ته ان پاسي کان منهن اگهڻ جو عادي هيس. مان ٽوال جو ٻاهر وارو حصو اندر طرف ڪري ڇڏيو ۽ ان سان منهن اگهي ٻاهر اچي ويم.

پر ان کان پوءِ روز صبح جو ٽوال ابتي پاسي ٽنگيل مليم، منهنجي هر هر سڌي ٽنگڻ جي باوجود. هڪ خاموش ۽ مستحڪم ارادي سان هوءَ ٽوال کي پنهنجي مرضي موجب ٽنگي ڇڏيندي هئي منهنجي سمجهه ۾ نٿو اچي ته ٽوال جي ان حصي سان ڪو ڪيئن ٿو منهن اگهي سگهي جنهن تي بج نه هجي. ڇا اها ڳالهه صرف هن جي عادت هئي يا ٽوال کي ابتو ڪري ٽنگڻ ۾ هن جي اندر ۾ پيريل منهنجي خلاف مزاحمت به شامل هئي، هوءَ ٽوال کي ابتو ڪري ٽنگيندي هئي ۽ مان خاموشي سان ان کي سبتو ڪري ڇڏيندو هوس. ان جنگ ۾ اسان ٻنهي هڪ لفظ به ادا نه ڪيو.

غسلخاني ۾ ٽوال کان علاوه ڪپڙا به ٽنگيل رهندا آهن ،مون کي ان ۾ سهنجائي محسوس ٿيندي آهي ته ڪپڙا لاهي اتي ٽنگي ڇڏيان ۽ جڏهن به بدلائڻا پون ته اتي جو اتي لاهي پائي ڇڏيان پر هوءَ اهي سمورا ڪپڙا ويڙهي الماري ۾ رکي ڇڏيندي آهي ۽ مون کي ائين لڳندو آهي ته غسلخاني جي ڏنل وائيسل، واسطي واري سجاڳپ ختم ٿي چڪي هجي. هن کي پاڻ کي جڏهن ڪپڙا بدلائڻا هوندا آهن ته غسلخاني جي بجاءِ ڪمري ۾ بدلائيندي آهي. ۽ هوءَ ويهي قميص بدلاهيندي آهي، ڪمري ۾ ايئن ئي ويڙهجي سيڙهجي ڀرين هڪ ڪپڙو پوءِ ٻيو پائي ڇڏيندي آهي. جڏهن ٽوڪيو مانس ته شڪي ٿي وٺي ۽ خفت سبب ڪلڻ لڳي.

هن جوننديڻ هيئين وچولي گهراڻي ۾ گذريو آهي، اهي ان وقت جون عادتون آهن. دل ۾ خيال ڪيم. مون کي اهڙي گهراڻي جي ڇوڪريءَ سان شادي ڪرڻ کان اڳ ان جي مونجهارن جي باري ۾ سوچڻ کپندو هو.

ضروري ناهي ته اهو ٿوري جڳهه ۾ گذارو ڪرڻ جو نتيجو هجي اوچتو مون کي خيال آيو ته هوءَ مون کان پنهنجو بدن لڪائي رهي آهي.

هن جي عجيب عادت آهي، هوننئن ته ڪلاڪن جا ڪلاڪ ماٺ وينو رهوندو پر جڏهن به گاڏيءَ ۾ نڪرندو ته هڪ هڪ ڳالهه ٻڌائڻ لڳندو. سڄو ڏينهن دفتر وارن سان جيڪي شڪايتون رهيون هوندس، هتان هُتان جون پرائيون ڳالهيون، پيو ڪجهه نه ته شهر جي جن عمارتن جي سامهون کان گذري رهيو هوندو آهي، ان جي تفصيل يا وري راهگيرن جي باري ۾ ڪمينٽري ڪندو ويندو، هن جي شڪل هيئنئن آهي، هن کي ڏسي فلاڻو ياد ايندو آهي. اينترين ڳالهيون، اينترين ڳالهيون ڪندو جو بس.

هلندي هلندي اشارو ڪري مون کي ضرور ٻڌائيندو آهي، هو ڏس سامهون کان ٽين گاڏي، جا هن طرف اچي رهي آهي. ان ۾ جيڪو صاحب ويٺل آهي سو ماسي نجمه جو نياڻو آهي بينڪ ۾ ڪم ڪندو آهي، حسن اسڪوائر وٽ فليٽ آهي هن جو، وڏي ترقي ڪئي آهي انهن ماڻهن، نه ته ڇاهيو هنن وٽ؟ هو مون کي هڪ هڪ تفصيل اهڙي ريت ٻڌائيندو ٿو وڃي جڻ ڪنهن خاص ڳالهه ۾ شريڪ ڪندو هجي. ۽ جيڪڏهن هن کي اهو لڳي ته غور سان نه ٻڌي رهي آهيان ته پوءِ چڙي پوندو آهي.

مون کي اهو سڀ ياد رکڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي هئي، پر هو هڪ هڪ ڳالهه ٻڌائيندو هو، " منظور ماما پنهنجي پوٽي جو عقيقو ڪيو هو پرسال، ماسي نجمه کي سڏ ڏيڻ لاءِ فون ڪيائين ته نجمه ماسي پاڻمٿي وات ڦاڙي چيو ته منهنجي ڌيءَ ۽ ڄاڻي کي به سڏايو. پر هن هڪ ٽڪ جواب ڏنو ته صرف وڏن کي سڏ ڏنو ويو آهي، پرڻيل ڌيءَ ته غير خاندان جي ٿي وئي ڪنهن ڪنهن کي سڏيان. نه نه ڪري به اينترا ماڻهو ٿي ويا آهن دراصل اسان جو ڪٽنب ڦهليل گهڻو آهي..."

مان ماٺ ميٺ ۾ ٻڌندي رهيس ساجد ڳالهائيندو رهيو. منهنجي سمجهه ۾ نه آيو ته هو نجمه ماسي جي رويي کي درست چئي رهيو آهي يا منظور ماما جي ڳالهه کي ۽ مون کي ڇا ڪرڻو آهي؟ انهن ٻنهي روين مان ڪنهن هڪ کي درست قرارڏيڻو آهي يا انهن ماڻهن جيڪو ڪجهه پنهنجي وقت ۾ ڪيو هو ان جي باري ۾ فيصلو ڏيڻو آهي. ڪجهه نه سمجهيم ان ڪري چپ رهيم. ساجد مون ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ چڙي پيو. هن جي چهري تي خفت جا اهي آثار چٽا ٿي پيا جيڪي ساوڻ جي بادلن جيان پرجي ايندا آهن. چپ چُپ رهندا آهن ۽ نيٺ گرجي پوندا آهن.

۽ پوءِ هو رستاپڇي منهنجو امتحان وٺندو هو. "هيءَ واٽر پمپ چونڪ آهي هتان کان چاچا اڪرم وارن جي گهر جو رستو ساڄي طرف کان ايندو آهي يا کابي کان؟ ۽ سبزي منڊي کان چاچا انور وارن ڏانهن ويندڙ ڪهڙي ڳلي آهي"؟

"سلمان وارن جي گهر وڃڻ لاءِ گلبرگ ٽائي کان پوءِ ڪهڙو موڙ آهي؟ اجان ڪجهه ڏينهن اڳ ته توکي ٻڌايو هيم. سمجهين چو نٿي ؟ تون منهنجي ڳالهه ڌيان سان چو نه ٿي ٻڌين؟ تنهنجو ڌيان چو ٿو ورهايل رُهي؟ تنهنجوڌيان ڪاڏي ٿو رهي؟" .......... ۽ سڄي ڳالهه هڪ وار وري برهمي تي ختم ٿيندي هئي. منهنجن نيڻن ۾ لڙڪ پرجيو اچن ته وڏيڪ ڪاوڙجڻ ٿي لڳو. هڪ اڌ دفعو ڪيس سمجهايم به ته ڪالج کان پوءِ ڪاڏي اچڻ وڃڻ جي عادت نه رهي. جتي به ويس امان سان يا پاءُ سان وڃڻ ٿيو، ڪو گڏ وني وڃڻ وارو هوندو هو ان لاءِ رستا ياد رکڻ جي ضرورت ئي محسوس نه ٿيندي هئي. پر جي رستو ياد به رهي ته ڪهڙو وري ڪٿي وڃڻ ممڪن هو.

پر هو منهنجي ڳالهہ ٻڌي ئي ڪونہ ،ناراض ٿيو وڃي ڪڏهن تہ چئي تفريح جي طور تي منهنجو امتحان وٺندو هجي، اهو ٻڌاءِ تہ مان پاپوش نگر واري گهر ۾ ڪهڙي سن ۾ رهندو هوس؟ سلطاني ڏاڏي اسان جي ڪير هئي؟ شاهده آپا جي مڙس جو نالو ڇا آهي؟ خبر ناهي! تون خاندانيات جي امتحان ۾ ناپاس ٿي چڪي آهين، خبر ناهي جو ڇا مطلب؟ ڇا هن جي ان ڳالهہ جا هڪ کان وڌيڪ مطلب نٿا نڪرن؟ ڇا هو واقعي مذاق ڪري رهيو آهي؟ يا هن امتحان ۾ ناپاس ٿي مان سچ پچ هن کي مايوس ڪيو آهي.

ڪيترائي ڀيرا هن ،سڙڪ جي ڪناري بيٺل ڇوڪرين طرف اشارو ڪيو. " هوءَ جا بس اسٽاپ کان ٿوري فاصلي تي بيٺل آهي ڪاري وڳي ۾ ۽ تکي لپ اسٽڪ لڳايل ـ نظر آيئي؟" هن جي چوڻ تي غور ڪندي هيس "اِها غلط ڪم لاءِ بيٺل اٿئي. ڪا گاڏي اچي بيهندي ۽ اها ان ۾ ويهي راهي ٿي ويندي" .

هن جي چپن جون ڪنڊون اهڙن موقعن تي هميشيه مرڪ سان گڏ ڦهلجي وينديون آهن. اسان ڪٿي بہ وڃڻ لاءِ نڪرندا هئاسين تہ هو سڙڪ ڪناري بيٺل تيار ۽ سجيل سنوريل، پرس لوڏيندڙ يا ڪنهن جو اوسيئڙو ڪندڙ عورت تي اچاتري نظر ڊوڙائي وٺندو هو. مان ٿيڏي اک سان هن ڏانهن ڏسي وٺندي هيس ۽ انهن مان ڪنهن نہ ڪنهن ڇوڪري جي باري ۾ هو ضرور چوندو هو تہ هن کي ڏسين ٿي. اها انهن مان اٿئي يا اها ان ڪم لاءِ نڪتل اٿئي. اهڙن موقعن تي منهنجو ذهن هڪ ئي سوال تي اچي بيهي رهندو هو.

ان ڏينهن بہ اهوئي ٿيو هو. ساجد کي وڳا وٺڻا هئا، طارق روڊ کان نڪري اسان بهادر آباد آياسين.

۽ هي جو هيترا سارا ريڊي ميڊ ڪپڙن جا دڪان کلي ويا آهن انهن ۾ هڪ هڪ ڪري ڇپندا رهياسين، پر ساجد کي پنهنجي پسند جو بليزر ڪوٽ نہ مليو. دڪاندار هن جي ڳالهہ ٻڌندي ئي ڪنڌ لوڏي ٿي ڇڏيو. "اهڙا ڪوٽ اڄ ڪلهہ نٿا هلن ڊبل بريسٽ جو فيشن آهي اهي ڏسڻ چاهيو تہ ڏسي وٺو. نہ سائين اڄڪلهہ اچن ئي اهي ٿا." مان دڪاندار کي جواب ڏنو، "اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي،..... هاڻي سڀني دڪانن تي ساڳيو شيون پريل آهن" .

ساجد جي چهري تي ڪاوڙ جا آثار چٽا ٿيڻ لڳا جن کي هاڻي مان سڃاڻڻ لڳي هيس. "واپس هلون" هن کي چيم. ٻنهين سان جڳ مڳ ڪندڙ دوڪان مان ٻاهر نڪري آياسين ۽ اڳيان هلڻ لڳاسين تہ جيئن سڙڪ پار ڪري ان طرف وڃون جتي گاڏي بيهاري آيا هئاسين.

اسان هڪ پاسي بيٺا هئاسين ۽ سڙڪ اسان آڏو هلي رهي هئي. ٽريفڪ جو ريلو رڪيو نٿي. مان پٺيان ڏٺو دوڪان جي شيشي مان پلاسٽڪ جو پتلو ڪپڙي جو اشتهار بڻيو بيٺو هو. هن جا نيڻ جن جو رنگ نيرو ڪانچ ڪري ڇڏيو ويو هو، سي پنڊ پهڻ هيون پر انهن ۾ هڪ ڪشش محسوس ٿي رهي هئي. مان ان طرف نہ نهاريو جتي ساجد اشارو ڪري رهيو هو. پوءِ هن مون کي ٺونٺ هنئين تہ مان ڇرڪي پيس.

"وري گم ٿي وئينءَ؟ هوءَ جا سامهون بيٺل آهي..." فوٽ پاٿ کان هيٺ ٿورو اڳيان اڪيلي ڇوڪري بيٺل هئي. هن جي پٺيان هڪ اسڪوٽر بيٺل هو جنهن تي ويٺل اڌڙوٽ ڄمار جو شخص هن جي توجهہ حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو پر ڇوڪريءَ جي تاثر مان معلوم ٿي ٿيو تہ هوءَ ان طرف نہ ڏسندي. جيڪڏهن ساجد ڏيان نہ ڏياري ها تہ ان مختصر واقعي طرف نظر بہ نہ وڃي ها.

"هڪ عورت هئي ڪوثر نالي واري. جا هڪ ڀيري اسان جي گهر "آيا" جي نوڪري سانگي آئي بہ هئي. هيءَ ان جي ڌيءَ آهي، هوءَ، ها اهائي." ساجد اکين سان اشارو ڪيو.

"ڪمال آ، اوهان کي سمورا ماڻهو پنهنجي پاڙي جائي لڳندا آهن" مون چيو.

"نہ اها ڳالهہ ناهي." ساجد جي چهري تي چڙ بکڻ لڳي. "اسان ان عورت کي ان لاءِ نہ رکيو هو جو ماڻهو

# تبصرا

## مذهب جو فلسفو



مولانا عبيد الله سنڌي ويجھڙائي واري زماني ۾ ننڍي کنڊ جي عالمن ۾ نهايت بلند مرتبي وارو عالم، قرآن جو انقلابي شارح ۽ اهل دل بزرگ ٿي گذريو آهي، جنهن پنهنجي سموري زندگي قرآن فهمي، ديني علمن ۽ فنن جي مطالعي، مسلمانن جي سياسي ۽ علمي برتري کي حاصل ڪرڻ ۽ قرآن جي انقلابي پيغام کي دنيا جي کنڊ ڪڙڇ ۾ پهچائڻ لاءِ وقف ڪري ڇڏي. الله پاڪ کيس ننڍي هوندي کان ئي اهڙين اعليٰ خوبين ۽ بي شمار وصفن سان نوازيو هو، جيڪي هڪ ئي وقت ڪنهن انسان ۾ گهٽ نظر اچن ٿيون. سموري برصغير هند و پاڪ تي انگريزي راڄ جڏهن مڪمل طرح مسلط ٿي چڪو هو ۽ سموري قوم ذهني ۽ تهذيبي طور تي مفلوج ٿي چڪي هئي. اهڙي نازڪ دور ۾ الله پاڪ سک گهراڻي مان مولانا عبيد الله سنڌيءَ جهڙي روشن خيال، انسان دوست ۽ تنگ نظريءَ کان بيزار شخص کي عمر جي ابتدائي حصي ۾ اسلام قبول ڪرڻ جي سعادت عطا ڪري، اسلام جي اصل روح ۽ انقلابي تعليم کي پوري دنيا ۾ روشناس ڪرائڻ جو ذريعو بنايو. مولانا سنڌيءَ جي سموري زندگيءَ جو جڏهن مطالعو ڪجي ٿو ته اسان کي سندس زندگيءَ جا ٻه پهلو نمايان نظرن اچن ٿا. هڪ علمي ۽ ٻيو عملي. علمي لحاظ کان مولانا سنڌي قرآن پاڪ کي عالمگير انسانيت جي ڀلائي جو سرچشمو قرار ڏئي، ان جي پيغام کي عام ڪرڻ لاءِ مظلوم قومن ۽ طبقن کي جدوجهد جو حوصلو ڏيندي نظر اچي ٿو. سندس سموري زندگي اهڙن انقلابي منصوبن جي تيار ڪرڻ ۾ گذري. پاڻ جنهن فڪر ۽ نظريي کي علمي حوالي سان صحيح سمجهيائين، ان کي نه صرف ٻين انسانن تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪيائين بلڪ پنهنجي عملي زندگيءَ ۾ به انهيءَ فڪر ۽ نظريي مطابق ڀرپور عمل ڪري ڏيکاريائين.

مولانا عبيد الله جي تحرير ۽ تقرير جو سمورو محور قرآن پاڪ ئي رهيو آهي. پاڻ جڏهن به ڪنهن موضوع تي بحث ڪيو اٿس ، خواهه اهو موضوع سائنسي هجي يا سياسي، تهذيبي هجي يا تمدني، تاريخي هجي يا جاگرافيائي، ان جو تعلق روح سان هجي يا موجوده دور جي حالتن سان، مولانا سنڌيءَ قرآني نقطه نگاهه کان ان جي اصليت کي اهڙي ته سهڻي نموني وانڪو ڪيو آهي، جنهن جو مثال ڪانئس اڳ جي عالمن جي تحريرن ۾ گهٽ نظر اچي ٿو. اهوئي سبب آهي جو سندس تفسيري انداز سندس همعصر ۽ قديم عالمن جو تفسيرن کان مختلف آهي، قديم تفسيرن ۾ آيتن جي شان نزول ۽ اسرائيلي قصن تي تمام گهڻي اڪتفا ڪئي وئي آهي. ۽ ائين محسوس ٿئي ٿو ته قرآن پاڪ شايد مخصوص حالتن پٽاندر نازل ٿيو آهي. ان جي برعڪس مولانا سنڌيءَ جو نظريو الڳ آهي. پاڻ قرآن پاڪ کي صرف

مسلمانن جو مذهبي ڪتاب سمجهي شرح نہ ڪئي آهي بلڪ ان کي تمام انسانيت جي لاءِ انقلابي فڪر ۽ جدوجهد جو بنياد قرار ڏنو آهي. سندس تقريري تحريرون اهڙي قسم جي علمي بحث ۽ نڪتن سان ڀرپور آهن. پنهنجن تحريرن ۾ نہ صرف فلسفي، سائنس، سياست، تهذيب، تمدن ۽ روحانيت وغيره کي قرآني مسئلن جي سمجهڻ جو رستو ٻڌائي ٿو، بلڪ قرآني نقطہ نگاهہ کان انهن جي اصل حقيقت کي پرکڻ جو اهم ذريعو پڻ قرآن پاڪ کي ئي قرار ڏئي ٿو. موجوده زماني ۾ جيڪي مختلف حالتون ۽ رجحان پيدا ٿي رهيا آهن، انهن سڀني ڳالهين جي سلسلي ۾ قرآن پاڪ کي ئي رهبر ۽ رهنما ثابت ڪندي اهو واضح ڪيو اٿائين تہ قرآن پاڪ ئي انساني هدايت ۽ رهنمائي جو عالمگير رستو آهي ۽ سموري انسانيت هر دور ۽ هر زماني ۾ صرف قرآن پاڪ کان ئي رهنمائي ۽ فلاح حاصل ڪري سگهي ٿي.

تبصري هيٺ آيل ڪتاب "مذهب جو فلسفو" پڻ مولانا سنڌي جي مختلف تحريرن ۽ تقريرن جو مجموعو آهي، جن کي اڄ کان پنجاهہ يا سٺ سال اڳ قلمبند ڪيو ويو هو. ان وقت جي حالتن جو جيڪڏهن موجوده حالتن سان موازنو ڪجي ٿو تہ صورتحال بدستور ساڳئي محسوس ٿئي ٿي. قومي غلامي، سماجي ابتري ۽ مذهبي گروهہ بنديون اهي ساڳيون ئي قائم آهن، جيڪي ان وقت موجود هيون. بلڪ هن وقت تہ اهي سموريون خرابيون هڪ ناسور جي شڪل اختيار ڪري چڪيون آهن. فڪري لحاظ کان اهڙيون تحريڪون ۽ شعوري ڪوششون وجود ۾ اچي ويون آهن، جنهن جي ڪري اڄ جو مسلمان خاص طرح نوجوان نسل لامذهبيت جي اُوڙاهہ جي ور چڙهندو ٿو وڃي. مذهب کي مدي خارج قرار ڏئي، نوجوان نسل کي ان کان پري رکڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي تہ جيئن ڪين ذهني طور چڙواڳ بنائي قومي۽ عوامي مسئلن کان وانجهيل رکيو وڃي. عين اهڙي وقت ۾ جڏهن اسان جي معاشرتي حالت انتهائي حد تائين خراب هجي، سياسي استحڪام بي معنيٰ ٿي وڃي، اخلاق ۽ ڪردار اٿلي ٿي وڃي، ايمان جو فقدان هجي ۽ بلند مقصد جو جذبو ختم ٿي وڃي، اهڙين حالتن ۾ مولانا سنڌيءَ جون تحريرون اسان لاءِ مشعل راهہ جي حيثيت رکن ٿيون ۽ انهن جي اشاعت جي اڄ بہ ايتري ئي ضرورت آهي، جيتري اڄ کان پنجاهہ سال اڳ هئي. سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي جي روح روان محترم نور احمد ميمڻ ڪيريون لهڻيون، جنهن هن قومي ۽ مذهبي ضرورت کي محسوس ڪندي، مولانا عبيدالله جي تحريرن جي موجوده تقاضائن کي سامهون رکندي، چونڊ ڪري، مختلف علم دوست شخصن کان آسان ۽ عام فهم سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرائي شايع ڪرايو آهي.

ڪتاب ۾ آيل مواد جو جيتريقدر تعلق آهي تہ ان ۾ شروعاتي ست مضمون مولانا عبيدالله سنڌي جي شاگرد ۽ جلاوطنيءَ دوران همسفر ساٿي پروفيسر محمد سرور جي مرتب ڪيل ڪتاب "مولانا سنڌي ـ تعليمات ۽ سياسي افڪار" تان ترجمو ڪيا ويا آهن، جن ۾ انساني وحدت، خداپرستي انسان دوستي، جهادِ انقلاب، تصوف، "اسلامي تصوف ۽ تمدن" جي عنوان سان تحريرن کي ڏنو ويو آهي. مولانا سنڌيءَ انهن سمورين ڳالهين جي مذهبي ڪٽرپڻي کان هٽي ڪري اصل خداپرست ۽ انسان دوست فڪر جي بنياد تي تشريح ڪئي آهي، ان سلسلي ۾ قومن جي ڪمال ۽ زوال جي ارتقائي مرحلن تي روشني وجهندي مذهب جو اهڙو تہ عالمگير تصور پيش ڪيو اٿائين جنهن ۾ غلط فهمين پيدا ٿيڻ جي گنجائش باقي نہ ٿي رهي، دراصل مولانا سنڌي مٿين عنوان جي نسبت سان پيش ايندڙ حقيقتن کي نهايت واضح ۽ پيرائتي نموني، اهڙو تہ دلڪش انداز ۾ پيش ڪيو آهي، جو پڙهڻ دوران ذهن ۾ مذهب متعلق جيڪي سوال اڀرن ٿا تن جا جواب پڻ خودبخود سامهون ايندا رهن ٿا. ڪتاب جي ٻئي حصي ۾ دين، ايمان ۽ عمل، قرآن پاڪ جي انقلابي تعليم۽ اسلام ۽ اجتماعيت جهڙن موضوعن کي شامل ڪيوويو آهي. انهن موضوعن تي روشني وجهندي، مولانا سنڌي اسلام کي هڪ ڪامل دين جي حيثيت ۾ مذهبي ظابطي جي انتهائي منزل ثابت ڪيو آهي. ان لحاظ کان ڪتاب جو نالو "مذهب جو فلسفو" پڻ نهايت ئي موزون تجويز ڪيو ويو آهي. بهرحال مولانا سنڌي جي تحريرن جو هي مجموعو مذهب کي طبعي تقاضائن مطابق سمجهڻ ۾ معين ۽ مددگار ثئي ٿو ۽ اهو صاف طرح سان واضح ٿئي

لوتہ مذهبي ڇڙواڳي دراصل ترقي جو ذريعو نہ بلڪ تنزل جو سبب بنجي ٿي.

آخر ۾ آئون هڪ دفعو وري ڪتاب جي سهڙيندڙ نوراحمد ميمڻ ۽ ترجمو ڪندڙ دوستن محترم رحميداد "استاد راهي" ۽ محترم محمد انس راڄپر کي مبارڪباد پيش ڪريان ٿوجن جي ڪاوشن سان هيءُ ڪتاب سٺي سرورق سان، سفيد اڇي ڪاغذ تي معقول قيمت تي ڇپجي پڌرو ٿي چڪو آهي. اميد تہ سنڌ جو باشعور نوجوان ڪتاب جو مطالعو ڪري، پنهنجو پاڻ کي نہ صرف ذهني انتشار کان محفوظ رکي سگهندو بلڪ پنهنجي صلاحيتن کي صحيح رخ ۾ استعمال ڪري آئنده جي نوجوان جي رهبري ۽ رهنمائي جي ذميداري کي پڻ احسن طريقي سان نباهي سگهندو.

- ڊاڪٽر عبدالرزاق گهانگهرو

* * *

## "ٻول اسانجي ٻارن جا"

سنڌي ٻاراڻي ادب جو اهو وڏو الميو رهيو آهي تہ ان کي لاڳيتو لکندڙ اديب نہ مليا آهن. ڪو وقت هوندو هو جو سنڌيءَ ۾ ٻاراڻو ادب ڪثرت سان لکيو ويندو هو، ڪيترائي نوجوان شاعر ان دور جي ٻاراڻي ادب جي پيداوار آهن جن ۾ ادل سومرو، نصير مرزا، نياز پنهور، اياز گل، تاج جويو، وسيم سومرو، عرفان مهدي (مرحوم) ظفر عباسي ۽ ڪجهہ ٻيا شامل آهن. جن سنڌي ٻاراڻي ادب کي شاعري، ڪهاڻيءَ سان مالا مال ڪيو. منهنجي خيال ۾ سنڌيءَ ۾ سرجندڙ ٻاراڻي ادب ان دور ۾ جيڪو ١٩٧٨ع کان ١٩٨٣ع تي اچي ختم ٿئي ٿو، جيڪا ترقي ڪئي آهي. سا هاڻ نہ ڪري سگهيو آهي ۽ اُهو دور ٻاراڻي ادب جو سونهري دور هو. ايئن بہ ناهي تہ ان دور کان پوءِ ٻاراڻو ادب اسري ناهي سگهيو. پر ان جي لکجڻ جي رفتار ۾ شديد گهٽتائي ضرور ٿي آهي. پر ڪي شاعر اڃا بہ ٻاراڻي ادب ۾ پيدا ٿيل کوٽ کي محسوس ڪن ٿا. ۽ ٻارن لاءِ لکن ٿا.

تازو آصف منياٽوي جي ٻارن جي شاعريءَ جو مجموعو " ٻول اسان جي ٻارن جا" سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊو جام پاران شايع ٿي مارڪيٽ ۾ پهتو آهي. آصف منياٽوي بہ ان ئي ٿهيءَ جو شاعر آهي جنهن جو ذڪر مون مٿي ڪيو آهي. هن ٻارن جي جذبن ۽ احساسن کي محسوس ڪيو آهي. ان جو ثبوت سندس ٻارن جي شاعري جو مجموعو " ٻول اسان جي ٻارن جا" آهي. اڪثر وڏا شاعر اهو چوندا آهن تہ ٻارن لاءِ لکڻ ڏاڍو ڏکيو عمل آهي. پر ان راءِ ۾ جيتري صداقت نظر اچي ٿي، ان کان وڌيڪ اسان جي سينئر ليکڪن جو ٻاراڻي ادب سان غير سنجيدگيءَ وارو رويو بہ صاف نظر اچي ٿو. اصل ۾ زندگيءَ جي وهنوار ۾ بنيادي ۽ اهم نقطو ڪنهن ڪم سان دلچسپي يا لڳاءُ آهي. اسان جا احترام لائق سينئر ليکڪ پنهنجين ادبي مصروفيتن مان ڪي پل جيڪڏهن ٻاراڻي ادب کي بہ ڏين تہ اسان جي ٻاراڻي ادب ۾ معياري ادب جي کوٽ گهڻي ڀاڱي پوري ٿي وڃي. جنهن جو هڪ ننڍڙو ثبوت آصف جو هيءُ مجموعو آهي.

هن مجموعي ۾ نهايت خوبصورت ٻاراڻا نظم شامل آهن. جن جي سامهون نيٺن کي وڻندڙ اسڪيچز ڪتاب کي هيڪاري خوبصورت بڻائي ڇڏيو آهي.

مجموعي ۾ شامل نظمن جا موضوع ديس سان محبت، ٻڌي، ٻولي سان پيار، ڌرتيءَ سان ازليءَ رشتي جو احساسُ. هڪ ٻئي سان الفت جو درس آهن. نظمن جي ٻولي بلڪل ٻاراڻي ذهن وٽان آهي. جيڪا شاعر کي هڪ

ڪامياب ٻارن جو اديب ثابت ڪري ٿي. آصف نظمن ۾ نيٺ ادبي- ڏکي ٻولي استعمال ڪرڻ کان ڪناره ڪشي ڪئي آهي ۽ نهايت سادي سولي ٻوليءَ ۾ نظم لکيا اٿس. جيئن ٻارن کي پڙهڻ ۾ سولائي ٿي.

توڙي جو آصف جي نظمن جا موضوع ساڳيائي آهن جن تي ٻين شاعرن گهڻو ڪجهه ٻارن لاءِ لکيو آهي. پر آصف جو لهجو کيس ٻين کان منفرد بنائي ٿو.

هي پوپٽ، گلڙن، جهڙا پيارا نظم پڙهڻ وٽان آهن. جن ۾ هڪ خوبصورت نظم چنڊ مامو آهي جنهن ۾ ڪيڏي نه احساس جي سندرتا آهي.

ٻهراڙيءَ جا ٻار گڏيا، گڏجي رانديون خوب ڪندا،
چنڊ ورڻ جي جڏهن ڪئي، ٻارن گڏجي ڳالهه چئي،
تون جي ماما واپس ويندين، اسان ٻنا تون هيڪل ٿيندين
پوءِ ته لڳندو توکي پوءُ، چنڊ ماما ترسي پؤ

ان کان سواءِ آصف جا نظم "ديس جا ٻار" "ٻالڪ ٻڌي" "منهنجو گهر" "مٽي هاٿو ٻار" ٻارن جي ڳالهه "ساٿي پنهنجو"، ڏاڍا پيارا نظم آهن چوهٺ صفن تي پڪڙيل ڪمپيوٽرائزڊ ڇپائي سان سجيل ٻارن جي شاعري جي هن مجموعي جي قيمت ويهه روپيه آهي.

**- جاويد سوز هالائي**

* * *



# سرجڻهار صدين جا

## ڊاڪٽر نجم عباسيءَ جو يادگار انٽرويو

نصير مرزا

سنڌي ٻوليءَ جي نامياري ڪهاڻيڪار ڊاڪٽر نجم عباسيءَ کان "پارس" جي لاءِ انٽرويو وٺڻ لاءِ طئي ٿيل وقت کان ٿوري دير سان جڏهن سندس گاڏي کاتہ واري ڪلينڪ جي آڏو اچي رڪشا مان لٿس، تہ شام ٿي چڪي هئي ۽ چوڌاري اونده ڦهلجي چڪي هئي ۽ اسٽريٽ لائٽس روشن ٿي چڪيون هيون. مان جلدي جلدي ڪلينڪ جا ڏاڪا چڙهي اندر داخل ٿيس تہ ڊاڪٽر صاحب جي ڪرسي خالي هئي ۽ هو پاڻ زناني چيمبر ۾ مريضائن کي چڪاسي رهيو هو. مان چپ چاپ ڪرسي ريڙهي ويهي رهيس. ڊاڪٽر صاحب جيستائين چيمبر مان ٻاهر اچي، مان بحيثيت ڪهاڻيڪار جي ڊاڪٽر نجم عباسي جي تعارف جو پهريون ڊرافٽ لکڻ تو شروع ڪيان. ڊاڪٽر صاحب ١٨ آڪٽوبر ١٩٢٧ع جي ڪنهن وقت پنهنجي زندگيءَ جا پهريان پساهہ خانواهڻ جي هوائن ۾ کنيا ۽ جڏهن ١٩۴۴ع ۾ هو صرف سترهن سالن جو ڇپرو نوجوان هو تہ هُن پنهنجي زندگيءَ جي پهرين ڪهاڻي "قلب اندر ڪعبو"لکي، جيڪا پوءِ ١٩۴٦ع ۾ مهراڻ جي آڪٽوبر واري پرچي ۾ ڇپي هئي ۽ ان کان پوءِ هن جي شهرت جو سورج خانواهڻ مان اُڀرندو سڄيءَ سنڌ تي ڪرڻا ڦهلائيندو پکڙجندو ويو. هن کي پهريون پٽ تہ الائي ڪهڙي سن ۾ ڄائو، پر سندس پهريون ڪتاب "طوفان جي تمنا" جي نالي سان جڏهن ڇپجي پڌرو ٿيو تہ ڇپجڻ سان ئي آئوٽ آف اسٽاڪ ٿي ويو ۽ سندس اُن ڪتاب کي نہ فقط سنڌ الاجي انعام سان نوازيو ۾ گڏوگڏ رائيٽرس گلڊ پڻ سندس اِن ڪتاب کي بهترين ڪهاڻين جي مجموعي جو ايوارڊ ڏنو ۽ اڄ ڊاڪٽر نجم عباسي بنا ڪنهن وڏاءَ جي سنڌي ٻوليءَ جو اهو واحد ڪهاڻيڪار آهي، جيڪو پڙهندڙن ۾ نہ فقط بيحد هر واسي آهي، پر سڀ کان وڌيڪ پڙهيو ويندڙ ڪهاڻيڪار پڻ آهي.

"طوفان جي تمنا" مجموعي ۾ سهيڙيل سماجي موضوعن تي لکيل ڪهاڻين کان پوءِ هن باقاعده سنڌ جي حالتن جو جائزو وٺي، نهايت ذميداري سان، پنهنجن ڪهاڻين ۾ سياسي موضوع انٽرڊيوس ڪيا ۽ اڄ حالت اها آهي جو سندس ڪهاڻين جو اهو Locale نہ فقط عام پڙهندڙ لاءِ پر گڏو گڏ ادب جي تاريخ ۾ بہ سندس سڃاڻپ بڻجي چڪو آهي. فني سطح تي وري سادي سودي ٽريٽمينٽ هن جي فن جي انفراديت ۽ هن جي ڪهاڻين جي سڃاڻپ بڻجي چڪي آهي ۽ ان ڏس ۾ سنڌي ادب جي تاريخ ۾ جڏهن بہ ۽ جنهن بہ هن جي ادبي خدمتن جو ورق لکيو تہ هن کي اهو ضرور لکڻو پوندو تہ سنڌ ۾ قومي جاڳرتا ۽ سجاڳي آڻڻ لاءِ ڪهاڻيڪار جي حيثيت سان جيترو ورڪ ڊاڪٽر نجم عباسي ڪيو آهي، سو شايد ئي ڪنهن ٻئي ڪهاڻيڪار ڪيو هوندو.

مان ايستائين لکي چڪس تہ اوچتو ڊاڪٽر صاحب زناني چيمبر مان نڪري ظاهر ٿيو، تڏهن مان اٿي بيٺس. ڊاڪٽر صاحب سان هينڊ شيڪ ڪندي، اوچتو منهنجي نظر سامهون ديوار تي لڳل اُن تختي تي وڃيو ٿي پيئي، جنهن تي لکيل هو: "پراڻا واقفڪار نئين سر واقفيت ڪرائين -مهرباني!"

تڏهن مان ساڻس هينڊ شيڪ ڪندي ڪيس پنهنجو نالو ٻڌايان ٿو... نصير مرزا... ان طرح پنهنجو تعارف ڪرائڻ تي ڊاڪٽر نجم عباسي مُرڪي ٿو پوي. شايد ڊاڪٽر صاحب مرڪي ديوار تي لڳل اُن جملي جي

وضاحت ڪرڻ ٿو چاهي، پر مان اُن ڪان ڪن لاٽار ڪندي ڪانئس انٽرويو شروع ڪرڻ جي اجازت ٿو گهران. تڏهن ڊاڪٽر صاحب مرڪي وراڻي ٿو، ها! ها! چوندو چوندو... بلڪل شروع ڪريو.

مون پڇيو، ڊاڪٽر صاحب توهان شايد خانواهڻ ضلع نواب شاهه ۾ جنم ورتو هو، ان وقت بابت ڪي ادبي خبرون ٻڌايو؟

ڊاڪٽر صاحب وراڻيو: اڪ ڪلندي ئي ڪتاب مون گهر ۾ موجود ڏٺا هئا. منهنجو ڀيءُ سنڌي ماستر هو ۽ اسان جي گهر ۾ ان حوالي سان ڪتابن جو چڱو ذخيرو موجود هو. گهر کان ٻاهر، ڳوٺ جا هندو ماستر ڪتاب ۽ رسالا گهرائيندا هئا ۽ "ڪهاڻي" ۽ "سُندر ساهتيه" نالي سان رسالا هر مهيني خانواهڻ پهچندا هئا ۽ اهو زمانو آهي، ۳۹-۱۹۳۸ جو... ڪتابن جي سنگت ۽ استادن جي همت ڏيارڻ تي مان ڪتاب تيزيءَ سان پڙهندو ويس ۽ نيٺ ۱۹۴۱ع ڌاري منهنجي مطالعي ۽ مشاهدي مون کي قلم کڻڻ تي مجبور ڪيو.

سوال: پنهنجي ڳوٺ، گهر ۽ گهٽين بابت ڪي ساروڻيون؟

ڊاڪٽر صاحب: جيئن ٻيا ڳوٺ هوندا آهن ۽ ڳوٺن ۾ گهرن جو چار پڪڙيل هوندو آهي، اسان جو گهر به ائين ئي هو. عام گهٽين وانگر گهٽي هئي، اُن ۾ اسان جو گهر هو. ڊاڪٽري پڙهڻ کان پوءِ جڏهن مان حيدرآباد هليو آيس ته اهو گهر، ڳوٺ جا وڻ ٻوٽا، گهٽيون، ديوارون، لوڙها، پيڻ پاڻر سڀ ڪي پٺيان رهجي ويا ۽ اصل ۾ چاهي ته هاڻي اُهي سڀ شيون اوئين ناهن، جيئن آءٌ انهن کي ڇڏي آيو هئس. زماني جا سياويڪ ڦيرا گهيرا خانواهڻ تي به پيا آهن جڏهن اسين اُهي ساڳيا ناهيون رهيا، تڏهن ٻيو ڪجهه پوءِ ساڳيو ڇو رهي آخر؟...

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي جواب کي سوال تي آڻي ختم ڪيو ته ان کان اڳ جو مان ڪو جواب ڏيان، دروازي مان هڪ مريض اندر داخل ٿيو ۽ چپ چاپ ڊاڪٽر صاحب جي پرسان اسٽول تي ٿي ويٺو. ڊاڪٽر صاحب، تپ ڏسڻي کن ۾ وجهي، هن کي وڏا ساهه کڻايا ۽ پوءِ ڪانئس نالو پڇيو. هن پنهنجو نالو ايترو ته آهسته ٻڌايو جو مون کونه ٻڌو. صرف ڊاڪٽر صاحب جو آواز ٻڌم، چيائين هي پرچو وٺو ۽ ڪمپائونڊر کان دوا وٺو. هاڻي مريض زور سان پڇيو، سُئي به لڳندي ڇا؟ ڊاڪٽر صاحب وراڻيو ها! سُئي به لڳندي ۽ پوءِ اٿي ڊاڪٽر صاحب سُئي پري ۽ جڏهن اُها هڻي ته مون ڪنڌ ڦيري ڇڏيو. ڇو ته مان سُئي لڳندي ڪنهن کي ڏسي ڪونه سگهندو آهيان.

ڊاڪٽر صاحب سُئي هڻي ورتي ته مون ڪانئس پڇيو: "ڊاڪٽر صاحب، توهان ڊاڪٽر آهيو ۽ ڪهاڻيڪار به، ڇا توهان کي پنهنجي جنم وٺڻ جو جواز معلوم ٿي ويو آهي ۽ مطمئن آهيو ته جنهن ڪم لاءِ اوهان دنيا ۾ موڪليا ويا آهيو، اُهو اوهان هٿان ٿي رهيو آهي؟"

ڊاڪٽر صاحب منهنجي سوال تي گنڀير ٿي ويو. وراڻيائين، اهو ڪٿي ٿو سمجهه ۾ اچي ته ماڻهو ڇو پيدا ٿيو آهي. حياتيءَ جو مقصد ڇا آهي؟ ها، البته اديب جي حيثيت ۾، مان پنهنجي زندگيءَ جو واضح مقصد سمجهان ٿو ۽ پنهنجي لکڻين کي پنهنجو با معنيٰ ورڪ سمجهان ٿو ۽ مطمئن آهيان ته پنهنجي حياتيءَ جو جواز موجود آهي. باقي منهنجي هٿان جيڪو ڪم ٿي رهيو آهي، ان جي ڪَٿ ته ڪو ٻيو ڪري ٻڌائي. باقي مان ته پنهنجي ذهن، سمجهه ۽ ساڃاهه آهر آئيندي جي روشنيءَ جي تلاش ۾ آهيان ۽ ان ڏس ۾ پنهنجي سنڌ جي حوالي سان قومي جاڳرتا ۽ غير طبقاتي سماج جي خوشحاليءَ لاءِ جيڪو پاڻ پتوڙيان پيو ۽ ان بامقصد ڪم لاءِ جيڪي هٿ پير هڻندو رهان ٿو آخري ساهن تائين ان لاءِ جاکوڙ ڪندو رهندس.

سوال: پيشي جي لحاظ کان ته اوهين ڊاڪٽر آهيو ۽ اهو اوهان جو هڪ لحاظ کان روزگار آهي. اديب بڻجڻ جي پٺيان اوهان جا ڪهڙا ارادا ۽ خواهشون لڪل آهن؟

ڊاڪٽر صاحب: منهن ۾ ته ڪي امنگ، اڌما ۽ جذبا اندر ۾ اٿڻ لڳا ۽ اُهي پڌرا ڪرڻ لاءِ لکڻ شروع ڪيم. پوءِ خواهش ٿي ته هي جو ڪجهه لکان پيو، اُهو ڇپجڻ گهرجي. جڏهن ڇپجڻ شروع ٿيس ته شهرت جي خواهش ٿي ۽ جتي ڪٿي، جنهن تنهن رسالي ۽ اخبار ۾ پنهنجي نالي ڇپائڻ جو شوق رهيو. پوءِ جڏهن زندگيءَ سان ڀرپور ۽ باشعور دوستن جي سنگت نصيب ٿي ۽ مارڪسي فلسفي جي مطالعي ڪري رسول بخش پليجي جي صحبت نصيب ٿي ته پنهنجي لکڻين کي مقصدي بنائڻ جي ڪوشش ڪيم. شروع ۾ مون گهڻو ڪري رڳو سماجي براين تي لکيو، پر پوءِ جيئن جيئن شعور وڌندو ويو ته سنڌ ۾ سماجي ۽ سياسي انقلاب قومي جاڳرتا ۽ غير طبقاتي سماج پيدا ڪرڻ لاءِ مون پنهنجي لکڻين ۾ جدوجهد ڪئي ۽ منهنجي لکڻ جو مرڪزي مقصد ئي پوءِ سماج بدلائڻ جو ٿي ويو. هاڻي سنڌي سماج ۾ انقلاب آڻڻ لاءِ ئي لکان ٿو ۽ پنهنجي ان لکڻ کي مان سنڌيت جو جذبو سڏيندو آهيان.

سوال: ترقي پسند ڪهاڻي، جيڪا ورهاڱي کان هن زماني تائين لکجي رهي آهي، توهان سمجهو ٿا ته ان جي لکڻ سان سماج ۾ ڪي صحتمند تبديليون پيدا ٿيون آهن؟

ڊاڪٽر صاحب: تبديلي بلڪل آئي آهي. ڊاڪٽر صاحب نهايت اعتماد سان جواب ڏيندي چيو. مان ته ائين به چوندس ته قومي احساس، قومي جذبو ۽ سياسي سجاڳي جيڪا هن ماحول ۾ موجود آهي، اها صرف ۽ صرف سنڌ جي ترقي پسند ليکڪن پيدا ڪئي آهي. سجاڳي پيدا ڪرڻ جي ڏس ۾، اسان وٽ سياست جي ميدان ۾ جهڙو ڪر ڪجهه به ڪونه ٿيو آهي ۽ ماضيءَ جو ته اسان وٽ ڪو وڏو سماجي ڪارڪن به موجود ڪونهي. مان سمجهان ٿو ته سنڌ ۾ جيڪا سياسي سجاڳي ۽ نظرياتي شعور آهي، ان ۾ صرف ترقي پسند ڪهاڻيءَ جو ئي هٿ آهي ۽ ان ڏس ۾ سنڌي سياستدان کان وڌيڪ، بلڪ گهڻو وڌيڪ اثر سنڌي ساهتڪارن ۽ ڪهاڻيڪارن جو آهي. خاص ڪري سنڌ جي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جو حوالو ڏيندس، جتان جا شاگرد سنڌي ادب پڙهي پوءِ سجاڳ ٿيا آهن.

سوال: اوهان کي موجوده وقت ۾ "عوامي ڪهاڻيڪار" جي لقب سان ياد ڪيو وڃي ٿو. ان حوالي سان اوهان جي پهچ ڪهڙي طبقي جي پڙهندڙن تائين آهي ۽ اوهان جا خاص پڙهندڙ ڪير آهن؟

ڊاڪٽر صاحب: منهنجا خاص پڙهندڙ شاگرد، هاري، مزدور، ڪلارڪ ۽ هيٺين وچين ڪلاس جا ماڻهو آهن ۽ سچ پچو ته مان لکان به انهن لاءِ ئي ٿو. منهنجي پهچ به اهڙن ئي ماڻهن تائين آهي، جيڪي گهٽ پڙهيل طبقي سان واسطو رکن ٿا. مون کي اهو ڏسي اطمينان به ٿيندو آهي ته اُهي ئي ماڻهو منهنجي لکڻين ۾ دلچسپي وٺن ٿا ۽ متاثر ٿين به ٿا. مزي جهڙي ڳالهه ٻڌايانوَ ته ڪن ڳوٺن ۾ منهنجون ڪهاڻيون ڪچهرين ۾ هڪ ٻئي کي پڙهي ٻڌايون وينديون آهن ۽ هڪ اطلاع مطابق ڪيسٽ ڪري ٻين ڳوٺن ۾ به وڃي ٻڌايون وينديون آهن.

سوال: شروع ۾ مثال طور "دعا ۽ تاڙيون"، "طوفان جي تمنا" وغيره جهڙيون سماجي ڪهاڻيون لکڻ کان پوءِ اوهان ۱۹۷۰ع واري دؤر کان عوامي رنگ ڍنگ جون جيڪي ڪهاڻيون شروع ڪيون آهن، انهن ڏانهن اوهان جو لاڙو ڪهڙي سبب جي ڪري ٿيو؟

ڊاڪٽر صاحب: ماحول ۾ تبديلي آئي ته تبديل ٿيڻو پيو. خاص ڪري ون يونٽ ٽٽڻ کان پوءِ جيڪا افراتفري آئي، سنڌ جي سياسي ۽ سماجي حالتن ۾ ڇڪتاڻ پيدا ٿي ته اُن جو اثر منهنجي لکڻين ۽ جذبن تي به پيو. بس اهڙين حالتن ۾ ڌيان سماجي مسئلن جي فريم مان نڪري سياسي مسئلن ڏانهن ڇڪجي ويو ۽ ضرورت محسوس ٿي ته سماجي اوڻاين تي لکڻ سان گڏوگڏ جاڳرتا پريو ۽ سياسي شعور پيدا ڪرڻ وارو ادب به سرجڻ گهرجي. ان

دؤران حالتن جو جائزو وٺڻ سان گڏوگڏ مون ساڳئي وقت مارڪسزم جو بہ ڪافي اڀياس ڪيو. مارڪس سان گڏ اينگلس، مائوزي تنگ، هوچي منھہ، چي گويرا، ڪاسترو ۽ ٻين ڪامريڊن کي ڪافي پڙهيم ۽ انهن جي اثر هيٺ پنهنجي سماج جو جائزو وٺي، ڪھاڻين ۾ مسئلا ۽ انهن جا حل ڳولي ماڻهن آڏو ڪيدي ظاهر ڪيم.

سوال: نقاد اوهان جي ڪهاڻي لاءِ جيڪا راءِ رکن ٿا، اوهان انهن سان ڪيتري قدر سهمت آهيو؟

ڊاڪٽر صاحب: نقادن مون تي گھٽ لکڻ جي تڪليف ڪانہ ڪئي آهي. ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي ۽ قاضي خادم مون تي ڪجھہ تفصيل سان لکيو آهي، باقي نقادن کي ڇڏي ڪري، منهنجي پڙهندڙن منهنجي ڏاڍي همت افزائي ڪئي آهي. هنن جا ڪافي خط مون کي پهچندا رهندا آهن. هو گھڻو ڪري منهنجي لکڻين جون نہ فقط خوبيون ٻڌائيندا آهن، پر ان سان گڏ ڪي اوڻايون بہ لکندا آهن. انهن خطن مان لکڻ جو اتساهہ حاصل ڪندو آهيان ۽ رهنمائي پڻ. ان ڪري ئي مان اٺيترن سالن کان پنهنجو لکڻ جاري رکي سگھيو آهيان. ڪي پڙهندڙ پنهنجي خطن ۾ ڏاڍا گل ڦل، سنڌ جو نقشو ۽ ڪئليگرافيءَ جا بهترين نمونا وڏيءَ محنت سان ڇٽي موڪليندا آهن. ڪي پڙهندڙ سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان پري پري کان مون سان ملڻ ۽ آٽوگراف ۽ ٻيو ڪجھہ لکرائڻ لاءِ بہ ايندا رهندا آهن. منهنجا پڙهندڙ گھڻو ڪري منهنجي سنئين سڌي ٻولي، سمجھہ ۾ ايندڙ پلاٽ، قومي ۽ انقلابي موضوع پسند ڪندا آهن ۽ مان انهن ئي پڙهندڙن لاءِ لکندو آهيان ۽ دراصل اُهي ئي منهنجي لاءِ وڏا ۽ معتبر نقاد پڻ آهن.

سوال: ڇگو ڀلا، اوهان جي ڪلينڪ تي سنڌ جو نقشو، ان ۾ ڳاڙهاڻ، اوهان جو آذرپائي ۽ الوداع وقت تي "جيئي سنڌ" چوڻ، اهو ڇا اوهان جو پوز آهي يا جذباتي سطح تي اوهين اهو سڀ ڪجھہ چئو ٿا؟

ڊاڪٽر صاحب: سنڌ جي نقشي ۾ ڳاڙهي دل دراصل منهنجي ئي دل آهي ۽ ان ۾ رت جي موجودگي ۽ حرارت زندگي جي علامت آهي، ۽ اهڃاڻ آهي ان ڳالھہ جو تہ جيستائين دل ۾ رت ۽ حرارت موجود آهي، منهنجي دل سنڌ ۽ ان جي سرهائي جي جاکوڙ لاءِ ڌڙڪندي رهندي. جيڪڏهن ڪو منهنجي ان دعويٰ کي پوز ٿو سمجھي تہ سدا خوشي سان. باقي آذرپائيءَ ۽ الوداعي وقت منهنجي "جيئي سنڌ" چوڻ جو پس منظر هي آهي تہ ون يونٽ جي ڏينهن ۾ مون کي خيال ٿيو تہ هڪ سنڌيءَ کي ٻئي سنڌيءَ سان ملڻ وقت سنڌيءَ ۾ ڪيئن ڪيڪارڻ کپي. نتيجي ۾ مون کي "جيئي سنڌ" واري ڪيڪار ئي موزون لڳي. ان تي پوءِ مون هڪڙو مضمون بہ لکيو هو، جو مرحيات عبدالحق عالماڻي پنهنجي هڪ پبليڪيشن ۾ شايع ڪيو هو، اها ڪيڪار جذباتي بہ آهي، تاريخي بہ ۽ سماجي، سياسي بہ ۽ ان کي تهذيبي ڪيڪار بہ چئي سگھجي ٿو.

سوال: اوهان جي ناول "پيار ڪهاڻي" تي اعتراض اُٿيو آهي تہ اهو جنس تي وڌيڪ ۽ سماجي مسئلي تي گھٽ زور ڏئي ٿو ۽ منجھس ٿيل ڳالهيون بہ ڇشڪي واري انداز سان ٿيل آهن. ڇا ائين آهي ڇا؟

ڊاڪٽر صاحب: جنسيات، سيڪس ۽ پيار انسان جو بنيادي جذبو ۽ ضرورت آهي. تنهن هوندي کان اِهو جنسياتي ۽ نفسياتي ادب مون مطالعي جي لحاظ کان پٺتي پڙهيو آهي. ان وقت تہ شايد مطالعي سان گڏ ڇشڪو بہ ملندو هو، پر ميڊيڪل ۾ وري عضون جي فلاسافي ۽ انهن جي اينا ٽامي ڏسڻ ۽ مشاهدي ڪرڻ جو موقعو مليو ۽ مون سوچيو تہ ان موضوع تي ضرور لکندس. هاڻي هي جو ناول پيار ڪهاڻي لکيو اٿم، اُهو منهنجي اڀياسي ۽ تخليقي جذبن ۽ پيار جي احساسن جو نچوڙ آهي. مون جڏهن هي ڪتاب لکيو پئي تہ مون ڪيترائي پنهنجا اندر لائين ٿيل ڪتاب کوليا. ڊائرين مان ڪوٽيشنس ڪٽي، وڏن وڏن فلاسافرن جا نظريا پڙهي، پوءِ پلاننگ سان هي ناول لکيو اٿم. هن ناول ۾، پيار بابت منهنجا احساس، جذبا، امنگون، حسرتون ۽ ناڪاميون بيشڪ آهن، پر مون ڇاڻي واڻي جنسياتي جذبا اڀارڻ ۽ ڇشڪي ونرائڻ لاءِ هن ناول ۾ ڪٿي بہ ولگر ڳالهيون ڪونہ لکيون آهن.

سو اِن حوالي سان مان اوهان جي يا ڪنهن ٻئي جي اٿاريل سوال کي مڃڻ لاءِ بلڪل تيار ناهيان تہ هي ناول محض چشڪي ونرائڻ لاءِ لکيو ويو آهي.

★ ★ ★

س: سائين، توهان پنهنجي خانواهڻ واري زندگيءَ جي باري ۾ ڪجھ ٻڌايو؟

ڊاڪٽر: چار درجا سنڌي خانواهڻ پرائمري اسڪول ۾ پڙهيم. سيڪنڊري تعليم جيئن شروع ٿي تہ انهيءَ وقت اسان کي نواب شاھ وڃڻو پيو. انهيءَ جو سبب اهو هو جو خانواهڻ يا ڪنڊياري ۾ هاءِ اسڪول ڪونہ هوندو هو.

س: سائين، مختلف ذاتين جا ماڻهو عباسي سڏائيندا آهن، جن ۾ ڪلهوڙن جي اڪثريت آهي. توهان مهرباني ڪري اهو ٻڌائيندا تہ توهان جي اصل ذات ڪهڙي آهي؟

ڊاڪٽر: منهنجي اصل ذات ڪنيڙو آهي. مان هينئر پاڻ کي ڪنيڙو سڏائڻ بهتر ٿو سمجهان، ڇاڪاڻ تہ ڪنيڙو اصل سنڌي لفظ آهي ۽ سهڻو لفظ آهي. ڇاهي تہ اسان سنڌي ماڻهن کي عربن جي پيٽ ۾ گهٽ هجڻ جو احساس پئي رهيو آهي، انهيءَ ڪري اسان جي وڏن عربن سان نسبت کي ملائيندي عباسي سڏائڻ شروع ڪيو. حالانڪ منهنجو والد ڪنيڙو سڏائيندو هو، پر منهنجو مامو ۽ وڏو سئوٽ ڪرنل مشتاق، عباسي سڏائڻ لڳا. اهڙيءَ طرح اسان جيڪي انهن جي پويان هئاسين، انهن بہ عباسي سڏائڻ شروع ڪيو. پر جڏهن ڪان آءٌ باشعور ٿيو آهيان، تڏهن ڪان ڇاهيان ٿو تہ جيڪر ڪنيڙو سڏايان، پر عباسي لفظ سان منهنجو نالو مشهور ٿي ويو آهي، انهي ڪري عباسي ئي سڏايان ٿو.

س: سائين، جيئن تہ توهان جي اصل ذات ڪنيڙو هئي. هاڻي توهان اسان کي پنهنجي ڪنيڙو جي باري ۾ ڪجھ ٻڌايو تہ ان جو پس منظر ڇا آهي ۽ اها ڪيئن وجود ۾ آئي؟

ڊاڪٽر: ڪنيڙو لاءِ چوندا آهن تہ اسان جا وڏا جنهن پير جا مريد هئا، ان کي اسان جو ڪو وڏو ڪير پهچائڻ ويندو هو اسان جي ڳوٺ ۽ پير صاحب جي درگاھ هڪ ٻئي کان ڪافي مفاصلي تي هئا. هڪ ڏينهن ڇا ٿيو تہ تمام گهڻو مينهن وسڻ جي باوجود اسان جو اهو وڏو، جيڪو پير صاحبن کي کير پهچائيندو هو، پير صاحبن تائين کير کڻي پهتو تہ انتي ان کي چيو ويو تہ هيتري مينهن ۾ بہ تون هتي کير کڻي پهچي ويو آهين! تون تہ ڪو ڪنيڙو آهين! اهڙيءَ طرح ان ڏينهن کان پوءِ اسان جو اهو وڏو ڪنيڙو سڏجڻ لڳو. هاڻي ان ڳالھ جي هتي وضاحت ڪري ڇڏيان تہ اسان جي ان وڏي کي ڪنيڙو ڪنب سان نسبت ڏيندي ڪوٺيو ويو هو، ڇو تہ ڪنب واري شيءِ اڏامڻ ڪري جلدي پهچي سگهندي آهي. اسان ڪنيڙا خانواهڻ ۾ تہ ڪافي گهٽ آهيون، پر خيرپور، سکر ۽ بهاولپور ضلعي ۾ ڪنيڙن جا ڪافي ڳوٺ آهن.

س: جيئن توهان پڙهيو بہ شهر نوابشاھ ۾ آهي ۽ ان کان پوءِ توهان حيدرآباد ۾ ئي رهيا آهيو، مطلب تہ توهان جو گهڻو وقت شهرن ۾ گذريو آهي. پر ان جي باوجود توهان جي لکڻين ۾ نج ٻهراڙين جي جهلڪ نظر ايندي آهي ۽ بلڪل اهو ماحول جيڪو صفا ٻهراڙيءَ جو هوندو آهي، ان جو ڪهڙو سبب آهي؟

ڊاڪٽر: جيئن تہ مون ٻهراڙيءَ سان واسطو بلڪل ئي نہ ٽوڙيو آهي. موڪلن ۾ مان هميشہ ننڍي هوندي کان ئي ڳوٺ ويندو هوس ۽ اهي ڏينهن ٻهراڙيءَ جي ماحول ۾ گهاريندو هئس. توهان جي انهيءَ سوال تي مون کي هڪڙي ڳالھ ياد اچي ٿي تہ پهرين ڪماڻي آءٌ ڪراچيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي آفيس ۾ کڻي ويو هوس، تہ جتي ڪاڪو لالچند امر ڏنومل، ٺماهي "مهراڻ" جو ايڊيٽر هوندو هو. اها ڳالھ پاڪستان کان اڳ جي آهي. انهيءَ

---

• هي سوال ڊاڪٽر نجم عباسي کان، مرتضيٰ سيال ۽ گل ڪونڌر جي ورتل انٽرويو تان کنيا ويا آهن- نصير

وقت آءٌ شلوار قميص ۾ هئس تہ مون گھٽتائي جو احساس پئي محسوس ڪيو. مون اني آفيس جي ورانڊي ۾ چڪر لڳايو تہ ڏٺم تہ ڪاڪو لالچند پنهنجي آفيس ۾ ويٺو آهي ۽ مون کي ان ڏي اندر وڃڻ جي همت نہ ٿي. ان وقت بہ ٽي چٽا ٻيا بہ ويٺا هئا ۽ اهڙيءَ طرح مان بورڊ جي آفيس مان ڪاڪي لالچند سان ملڻ کان سواءِ ئي واپس موٽي آيس. وري ٻئي ڏينهن ان جي آفيس ۾ ويس تہ هو اڪيلو ويٺو هو، پوءِ مان ان ڏي اندر هليو ويس. مان جيئن ئي ڪاڪي لالچند جي آفيس ۾ اندر گهڙيس، هن هڪدم اٿي مون سان هٿ ملايو. هن جي انهيءَ قدم سان منهنجي گھڻي همٿ افزائي ٿي. پوءِ مون کان پڇيائين تہ پٽ ڪيئن آيو آهين. ڪاڪو لالچند ان وقت گهٽ ۾ گهٽ پنجهٺ يا سٺر سالن جو هو. هن جي پڇڻ تي چيومانس تہ سائين مون ڪهاڻي لکي آهي، مهراڻ لاءِ جيڪڏهن موزون هجي تہ وٺو ۽ شايع ڪجو. ان تي مون کي چيائين تہ تون ويهہ مان هينئر واندو آهيان. ڪهاڻي پڙهي توکي ٻڌايان ٿو تہ موزون آهي يا نہ. اهڙيءَ طرح هن ان ئي وقت اها ڪهاڻي پڙهي ۽ چيو تہ ڪهاڻي ڪجهہ فني ڪچاين جي باوجود نهايت ئي موزون آهي، چو تہ تنهنجي لکيل ٻولي ڏاڍي سٺي آهي، ۾ هڪڙي ڳالهہ آءٌ توکي چوان ٿو تہ ڀهراڙيءَ جا ڇوڪرا جڏهن شروع شروع ۾ ڪراچي ۾ ايندا آهن تہ هو صحيح سنڌي ٻولي ڳالهائيندا آهن، ۾ ڪجهہ وقت شهر ۾ رهڻ کان پوءِ انهن جي ٻولي بگڙي ويندي آهي. تون هميشہ اهو خيال ڪجانءِ تہ پنهنجي اها ٻولي قائم رکندو اچين. تنهن ڪري مون کي ڪاڪي جي ڪيل اها نصيحت هميشہ ياد رهي آهي ۽ هونءَ بہ آءٌ ڪوشش ڪري ڀهراڙيءَ جا سنڌي لفظ استعمال ڪندو آهيان.

س: سائين، توهان پيشي جي لحاظ کان ڊاڪٽر آهيو. ڀريان توهان کي سرڪاري نوڪري بہ هئي. توهان اها نوڪري ڇڏي ڏني، ان جو ڪو خاص سبب هو؟

ڊاڪٽر: ڇاهي تہ نوڪري ۾ تمام گهڻيون پابنديون آهن ۽ مان جيئن تہ اسڪالرشپ هولڊر هوس، انهيءَ ڪري مون لاءِ اهو ضروري هو تہ مان گهٽ ۾ گهٽ پنج سال سرڪاري نوڪري ڪريان. اهڙيءَ طرح مان ڇهہ سال نوڪري ڪرڻ کان پوءِ استعيفا ڏئي ڇڏي. وڌيڪ توهان کي مان اهو بہ ٻڌائي ڇڏيان تہ ان وقت سرڪاري نوڪريءَ ۾ بدليون تمام جلدي جلدي ٿينديون هيون ۽ اها ڳالهہ منهنجي لاءِ تمام تڪليف واري هئي. انهيءَ دوران مون شادي بہ ڪري ڇڏي هئي ۽ ٻارڙا بہ ٿي چڪا هئا، انهيءَ ڪري منهنجي لاءِ گهر ڇڏڻ ڏاڍي ڏکي ڳالهہ ٿي پئي هئي.

س: جڏهن توهان استعيفا ڏني تہ اهو ڪهڙو سن هو؟

ڊاڪٽر: ١٩٥٩ع.

س: ان جو مطلب تہ اهو ون يونٽ جو دور هو تہ ڇا توهان جي بدلي اوپر پاڪستان تہ نہ ٿي هئي؟

ڊاڪٽر: جي نہ، اوپر پاڪستان تہ نہ ٿي هئي، ۾ منهنجي پوسٽنگ جڏهن نئي ۾ هئي تہ اختياري وارن منهنجي بدلي پنجگور (بلوچستان) ڪري ڇڏي، جنهن جو مون ان وقت تائين نالو بہ نہ ٻڌو هو. اجا نئي مان رليو ئي نہ ٿيو هئس تہ مون کي پنجگور مان ئي منهنجي دوست، جيڪو پڻ ڊاڪٽر هو، تار ڪئي تہ تون اجا پنجگور ڏانهن نہ اچجان، ڇو تہ هيڏي اچڻ وارا رستا برف پوڻ ڪري بند آهن. پوءِ مون پنهنجي دوست جي اها تار ڪٺي وڃي اختياريءَ وارن کي ڏيکاري ۽ پنهنجي بدليءَ جو حڪم معطل ڪرايم.

س: سائين، توهان جي پوري زندگي تمام گهڻن تجربن سان ڀريل هوندي. جيئن تہ هر ماڻهو کي زندگيءَ ۾ گهڻين ئي ڳالهين سان واسطو پوي ٿو ۽ هڪ ليکڪ جي حيثيت سان توهان شين کي وڌيڪ سهڻي نموني ۾ گهرائيءَ سان نظر مان ڪڍيو هوندو. توهان کي زندگيءَ ۾ ڏکيو ڪم ڪهڙو لڳو؟

ڊاڪٽر: بس مون کي زندگيءَ ۾ نوڪري ڪرڻ ئي تمام ڏکي لڳي.

س: جيئن تہ هڪ اديب تمام حساس شخص ٿيندو آهي، هاڻي توهان ٻڌايو تہ ان شخص جي ان حساسيت جو سندس ازدواجي زندگيءَ تي ڪو اثر پوي ٿو يا نہ؟

ڊاڪٽر: جي ها، ان ڳالهہ جو اثر ان جي ازدواجي زندگي تي پوي ٿو. ڇو تہ ان شخص ۽ ان جي گهر واريءَ جي ذهني لاڙن ۾ ڪجهہ فرق ٿئي ٿو.

س: سائين، توهان جو مقصد اهو آهي تہ جيئن تہ ان اديب جي گهر واري خود اديب نہ آهي، ان ڪري انهن جي ذهني لاڙن ۾ فرق ٿئي ٿو؟

ڊاڪٽر: مان توهان کي پنهنجو مثال ٻڌايان ٿو جيئن تہ منهنجي گهر واري منهنجي هم خيال نہ هئي، هاڻي ڇاهو تہ شاديءَ کان اڳ مون ڇوڪري کي ڏٺو ڪونہ، ان سان مليو ڪونہ هوس. ڇوڪري وڏي آفيسر جي ڌيءَ هئي ۽ شهري هئي. آءٌ ٻهراڙيءَ جو ۽ هڪ غريب ماستر جو پٽ هئس. جڏهن اسان جي شادي ٿي وئي تہ پوءِ هڪ ٻئي کي ڏٺوسين، تہ اسان جي خيالن ۾ تمام وڏو فرق هو. انهيءَ فرق جي ڪري اسان جي درميان ڪافي جهيڙا بہ ٿيا ۽ ان دوران ۾ ٽي ٻار هڪ ڇوڪرو ۽ ٻہ ڇوڪريون بہ ٿيا. نيٺ اسان جي ذهني لاڙن ۾ فرق هجڻ جو نتيجو طلاق جي صورت ۾ نڪتو ۽ منهنجي لاءِ شادي هڪ الميو ثابت ٿي.

س: جيئن تہ توهان جي شادي پنهنجي خاندان کان ٻاهر ٿي هئي، تہ ڇا اسان انهي شاديءَ کي لوَ ميريج چئي سگهون ٿا؟

ڊاڪٽر: جي نہ، منهنجي شادي پيار جي شادي نہ هئي، پر ارينج ميريج هئي، پر تنهن هوندي بہ ان جو انجام صحيح نہ ٿيو.

س: سائين، توهان پلا ان کان پوءِ ٻي شادي ڪئي؟

ڊاڪٽر: جي نہ. مون ٻي شادي نہ ڪئي، ان جو سبب اهو هو جو منهنجا ٻار مون سان رهيا. انهن جي ماءُ ٻي شادي وجي ڪئي. پر مان ٻارن تي ماٽيجي ماءُ آڻڻ نہ چاهي، ڇو تہ ماٽيجي ماءُ جو ڪردار بين الاقوامي سطح تي خراب رهيو آهي. حالانڪ منهنجي عمر ان وقت پنجيتاليهہ سال هئي ۽ مان شادي ڪري پئي سگهيس. مرد تہ سٺ سالن جي عمر ۾ بہ شاديون ڪن ٿا.

س: سائين، عام طور تي اهو ڏٺو ويو آهي تہ ڪافي اهڙيون شاديون بہ ناڪام وڃن ٿيون، جيڪي عورت ۽ مرد جي پسند سان ٿينديون آهن. توهان اهو ٻڌايو تہ ان جو ڪو سماجي سبب آهي يا نفسياتي پهلو آهي؟

ڊاڪٽر: سائين ان ڳالهہ جا سماجي سبب تہ گهٽيئي آهن، جن مان خاص سبب اهو آهي تہ انهن جي پاڻ ۾ انڊراسٽينڊنگ قائم رهي نہ ٿي سگهي. منهنجي شادي حالانڪ لو ميريج نہ هئي پر ان شادي مان منهنجو پيءُ ۽ مان ڏاڍو خوش ٿيا هئاسين، ڇو تہ هڪ آفيسر پنهنجي ڌيءَ هڪ غريب ماستر جي پٽ کي ڏني هئي، پر اڳتي هلي اها شادي ناڪام ٿي وئي.

س: سائين، هڪ اها ڳالهہ آهي تہ جڏهن ماڻهو جي انڊر اسٽينڊنگ نٿي رهي تہ پوءِ هو شخصيت ۾ ڪا کوٽ محسوس ڪري ٿو. جيڪ.ن ڪري ٿو تہ پوءِ توهان ان جي پورائي لاءِ ڇا ڪيو؟

ڊاڪٽر: جي ها، انڊر اسٽينڊنگ نہ هئڻ ڪري ماڻهو شخصيت ۾ کوٽ محسوس ڪري ٿو. مون ان ڳالهہ کي محسوس ڪندي پنهنجي طبيعت کي ڦيرائڻ جي ڪافي ڪوشش ڪئي، تہ مان هن جي مطابق هلان، ڇو تہ مان هڪ باشعور ماڻهو هئس، پر گهڻي ڪوشش جي باوجود بہ قصو نهي نہ سگهيو ۽ ويهن سالن جو عرصو ائين جهيڙي واري ماحول ۾ گذري ويو، جنهن جو انجام وڃي طلاق تي پهتو..

س: سائين، توهان جو هڪ ناول آهي "پيار ڪمائي،" ان ۾ ائين محسوس ٿئي ٿو جڻ تہ اهو توهان جي زندگيءَ جو

عڪس هجي، جو ته ان ۾ ڊاڪٽري پيشي سان لاڳاپيل شيون ۽ سماجي مسئلن جو تسلسل ڪجھه اهڙي ني نموني سان پيش ٿيل آهي.

ڊاڪٽر: هڪ ڪهاڻيڪار يا ناول نويس جڏهن ڪا ڪهاڻي يا ناول لکندو آهي ته اها پنهنجي زندگيءَ مان ڪڍندو آهي. واقعو هن سان پاڻ سان ٿيل هوندو آهي يا هن جي ڪنهن واسطي واري سان يا اهو واقعو هن ڪنهن کان ٻڌو هوندو آهي، بهرحال اها حقيقت ضرور هوندي آهي. پوءِ ان حقيقت کي مڪمل ڪرڻ لاءِ يا ناول جو رنگ ڏيڻ لاءِ ڪجهه ڪردار ۽ ڳالهيون وڌيڪ شامل ڪرڻيون پونديون آهن. هاڻي هن ناول ۾ ڪجهه حصو منهنجي ذاتي زندگيءَ جو به آهي. پر بين جو به آهي. جنهن لاءِ توهان ائين چئي سگهو ٿا ته اهو منهنجي مشاهدي مان ورتل آهي. مون کي دوست چوندا آهن ته مون پنهنجي آتم ڪٿا لک، ته آءٌ انهن کي چوندو آهيان ته آتم ڪٿا ۾ ماڻهو سمورو سچ نه لکندا آهن. هو پنهنجي زندگيءَ جون سٺيون ڳالهيون يا خوبيون ته صحيح لکي ويندا آهن پر پنهنجي ڪچين ڳالهين يا اوڻاين تي ڪافي حد تائين پردو وجهي ويندا آهن. انهيءَ ڪري توهان جيڪڏهن منهنجي زندگيءَ جي باري ۾ ڄاڻڻ چاهيو ٿا ته پوءِ منهنجون لکيل ڪهاڻيون ۽ ناول پڙهو.

س: ماضيءَ ۾ توهان پنهنجي پرائيويٽ ڪلينڪ هلائيندا رهيا هئا، هاڻي ڪجهه وقت کان اها ڪلينڪ توهان بند ڪري ڇڏي آهي، ان جو سبب توهان جي طبيعت جي ناسازي هو يا حيدرآباد جا لساني جهيڙا؟

ڊاڪٽر: ڪلينڪ بند ڪرڻ جو سبب منهنجي طبيعت جي ناسازي آهي، جو ته فالج جو حملو ٿيڻ ڪري منهنجي فزيڪل پوزيشن اهڙي نه آهي جو مان پنهنجي پريڪٽس جاري رکي سگهان.

س: سائين، توهان دهشتگردن هٿان حيدرآباد وارو گهر ڦرجي وڃڻ کان پوءِ ڪجهه وقت سکر ۾ وڃي رهيا هئا، هاڻي وري حيدرآباد ۾ رهو ٿا، انهيءَ جو سبب توهان جو حيدرآباد سان دلي لڳاءُ آهي يا ڪو ٻيو؟

ڊاڪٽر: مان حيدرآباد مان نڪرڻ کان پوءِ ڪجهه وقت ڪراچيءَ ۾ پنهنجي پٽ "نديم" وٽ رهيس. پوءِ سکر ۾ ۽ هاڻي وري حيدرآباد ۾. چوته ڪجهه گهرو حالات اهڙا آهن جو هتي مون کي وڌيڪ سهوليت محسوس ٿئي ٿي ۽ ڪجهه اهو به آهي ته مان حيدرآباد ۾ چاليهه سال رهيو آهيان، انهيءَ ڪري منهنجو حيدرآباد سان دلي لڳاءُ آهي.

س: سائين، سنڌي ادب ۾ توهان جي هڪ نمائنده حيثيت آهي، توهان مهرباني ڪري اهو ٻڌائيندا ته توهان جي اولاد مان ڪو لکي ٿو؟

ڊاڪٽر: مون کي اهو تمام گهڻي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته منهنجي اولاد کي ادب سان ڪابه دلچسپي ڪانهي. مان ته اهو سوچيندو هئس ته مون وٽ هيترا ڪتاب آهن، انهن کي ڪير سنڀاليندو جو ته جنهن ماڻهوءَ کي ڪتابن جو شوق نه آهي انهيءَ لاءِ ڪتاب بي معنيٰ آهن.

س: سائين توهان جي ننڍيءَ ڪڪي (ڪونج) ته شايد ڪجهه ڪهاڻيون لکيون آهن؟

ڊاڪٽر: ها انهيءَ به ٽي ڪهاڻيون لکيون هن ۽ اجا به چوندي آهي ته مان ڪهاڻيون لکان ٿي. پر هوءَ باقاعده ليکڪا جي حيثيت سان سامهون اچي نه سگهي آهي ۽ ان کي اينترو پڙهڻ جو شوق به ڪونه آهي.

س: سائين ڀلا توهان جي خاندان مان ڪو ٻيو لکي ٿو؟

ڊاڪٽر: جي ها، منهنجي خاندان مان به چوڪرا جيڪي منهنجا ڀاڻيجا آهن، جن مان هڪ جو نالو سرمد عباسي ۽ ٻئي جو اسلم عباسي آهي، اهي لکن به ٿا ۽ انهن کي ڪتاب پڙهڻ جو شوق به آهي.

س: سائين، توهان جو پنهنجي زندگي ۾ گهڻين ئي شخصيتن سان واسطو پيو هوندو، توهان مهرباني ڪري اهو ٻڌائيندا ته توهان کي سڀ کان وڌيڪ ڪهڙي شخصيت متاثر ڪيو؟

ڊاڪٽر: مان پنهنجي زندگيءَ ۾ محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي شخصيت کان گهڻو متاثر ٿيو آهيان، جو ته اهو ڪامريڊ

ماڻهو هو ۽ ان جا خيالات ترقي پسند هئا. هن سان ڏاڍيون ڪچهريون ٿينديون هيون ۽ هن جون لکڻيون پڙهندو هئس ۽ حقيقت ۾ مون ۾ جيڪو ذهني انقلاب آيو سو محمد عثمان ڏيپلائيءَ جي لکڻين آندو.

★ ★ ★

سوال: ڪو ڪتاب، جيڪو توهان جي زندگي ۾ فئوريٽ رهيو هجي؟

ج: ڪتاب جيڪي مون کي پسند آهن زندگي ۾، اهي صرف ٻه آهن. ڊاڪٽر سڪندر مغل جو ارتقائي ڪهاڻي ۽ ٻيو ٻه انهيءَ جو ٿي لکيل آهي. اهي بيماري دوران ٻه پڙهندو آهيان.

سوال: سائين توهان پنهنجين ڪهاڻين کي ڪيترين سيٽنگس ۾ لکندا آهيو. هڪڙي سٽنگ ۾ لکندا آهيو يا ان کي مختلف سٽنگس ۾ لکندا آهيو؟

ج: مختلف سٽنگس ۾. چاڪاڻ جو ڪهاڻي ننڍي هوندي آهي ته هڪڙي سٽنگ ۾ ۽ ڪنهن ڪنهن ڪهاڻيءَ کي ته ٻه ٽي ڏينهن ٻه لڳي ويندا آهن. هاڻ ته لکڻ ۾ تڪليف ٿي رهي، انهيءَ ڪري چار پنج ڏينهن ٻه لڳي ويندا آهن. انهيءَ وچ ۾ خيال ٻه ڪي وسري ويندا آهن، پر بهرحال ڪهاڻي ڪنهن نه ڪنهن نموني لکي وٺندو آهيان.

سوال: پنهنجي ڪهاڻي کي توهان ري رائيٽ ڪندا آهيو؟

ج: نه، ري رائيٽ نه ڪندو آهيان. اڄ تائين مون ڪا ٻه ڪهاڻي ري رائيٽ نه ڪئي آهي.

سوال: موسيقيءَ جو اوهان کي شوق آهي؟

ج: نه سائين بلڪل نه، ائين ٻڌندو آهيان، سنڌي راڳ. باقي نه.

سوال: پلا توهان کي ڪو فنڪار پسند ڪونهي؟

ج: پسند جي فنڪاره روبينه آهي.

سوال: توهان سفر ڪٿي ڪيا آهن؟

ج: انگلينڊ جو سفر ڪيو آهي، بس.

سوال: وطن سٺو لڳو يا انگلينڊ؟

ج: پنهنجو وطن سٺو لڳو.

سوال: شاعرن ۾ سائين اوهان کي ڪو شاعر پسند آهي؟

ج: نه سائين، شاعري مون کي پسند ئي ڪونه اچي، شاعري مان پڙهندو ٻه ڪونه آهيان.

سوال: انهيءَ جو ڪو خاص سبب آهي جو شاعري توهان کي پسند ڪونهي؟

ج: بس سائين مون پنهنجي ادبي زندگي شاعري سان شروع ڪئي هئي. اسڪول ۾ مشاعرا ٿيندا هئا، اتي مون شعر ناهڻ شروع ڪيو. روايتي شعر گل ۽ بلبل جا ٻه ناهيم، پر جڏهن مئٽرڪ پاس ڪيم ته شعر مون کان ڇڏائجي ويو.

سوال: سائين توهان کي ذاتي طور تي ڪهاڻي پسند آهي يا ناول؟

ج: ڪهاڻيون پسند آهن.

سوال: پنهنجا همعصر ڪهاڻيڪار توهان ڪنهن کي ٿا سمجهو، ڪي نالا آهن توهان جي همعصرن جا؟

ج: امر جليل، نسيم ڪرل، طارق اشرف.

سوال: سائين توهان جن همعصرن جي ڳالهه ڪئي آهي، انهن مان ڪو پسند آهي؟

ج: امر جليل.

سوال: پسند جي ڳالهه لئي آهي ته توهان کي ڪهڙي قسم جا ماڻهو پسند آهن؟

---

• هي ڪجهه سوال ڊاڪٽر نجم عباسيءَ کان محمود مغل ئي. وي انٽرويو ۾ پڇيا هئا - نصير

ج: خاموش طبيعت جا ماڻهو مون کي وڌيڪ پسند آهن.

سوال: ڪتابن جي باري ۾ سوال تہ توهان جا هيستائين ڪيترا ڪتاب ڇپجي چڪا آهن؟

ج: منهنجا ڪل ٣٠ ڪتاب ڇپجي چڪا آهن، جن مان ڪي مضمونن جا، ڪي ناول آهن. ١٦ ڪهاڻين جا آهن، ڪي ترجما آهن.

سوال: توهان جي ڪتابن تي توهان کي ڪهڙا انعام يا ايوارڊس مليا آهن؟

ج: مون کي پنهنجي پهرئين ڪتاب تي بہ ايوارڊ مليا هئا. هڪڙو سنڌ يونيورسٽي طرفان ٻيو پاڪستان رائيٽرس گلڊ طرفان ۽ ٻي هڪڙي ڪهاڻي تي بہ انڊيا مان مون کي انعام مليو هو ۽ ٻيا بہ ايوارڊ مليا هئا، پر هينئر ياد ناهن.

★ ★ ★

سوال: ڪلينڪ جي ديوار سان ڪارنر تي آمهون سامهون اسٽورس، رنگا رنگ دوائون، ان ڪان اڳيان اسٽيشن روڊ ۽ زندگي اڄڪلهہ ميڊيڪل اسٽورس تي رکيل دوائن وانگر ڪيڏي نہ رنگين ۽ رستي تي هلندڙ گاڏين وانگر ڪيڏي نہ تيز رفتار آهي. (مون دل ۾ سوچيو ۽ ڪانٽس پڇيم) ڊاڪٽر صاحب اوهان جي ڪهاڻي، نئين زماني جي نون قدرن ۽ ٽريندس سان ڪيتري قدر ساٿ ڏئي سگهي آهي؟

منهنجي سوال تي ڊاڪٽر صاحب گنڀير ٿي ويو. وراڻيائين، وقت بيشڪ تيز رفتاريءَ سان وجي اڳتي وڌندو، پر اسين ڪٿي آهيون؟ حالتن اسان سان ڪهڙا نہ هاجا ڪيا آهن، ڪهڙا ڪهڙا نہ ويل وهايا آهن، ۽ اسان هاڻي تاريخ جي ڪهڙي دور ۾ آهيون. ان سموري صورتحال جو جائزو وٺو ۽ پوءِ منهنجي ڪهاڻين کي پرکيو. ٻيو عرض تہ ٽيڪنيڪ ۾ جيڪي نوان لاڙا آيا آهن، مون وٽ انهن کان وڌيڪ مواد جي اهميت آهي ۽ ان ڏس ۾ مون پاڻ کي هميشہ سوڀارو محسوس ڪيو آهي تہ مان جيڪو ڪجهہ لکان پيو اهو ماڻهن تائين ڪميونيڪيٽ بہ ٿي رهيو آهي ۽ جڏهن پڙهندڙن وٽان ان جو ثبوت ملندو آهي تہ پڪ ٿيندي اٿم تہ نوان لاڙا ۽ فنائتا ڍنگ اختيار نہ ڪرڻ جي باوجود منهنجي ڪهاڻي "هر واسي" آهي ۽ ماڻهو ان کي سمجهي ان مان اتساهہ بہ حاصل ڪري رهيا آهن.

سوال: موجوده دور ۾ توڻي پنهنجي همعصرن ۾ اوهان سڀني کان وڌيڪ لکيو آهي، ڪڏهن ائين سوچيو اٿوَ تہ گهڻو ٿيو، دٽس آل! هاڻي ريسٽ ڪرڻ گهرجي؟

ڊاڪٽر صاحب: ريسٽ جو تہ سوال ئي پيدا ڪونہ ٿو ٿئي. لکڻ مون وٽ محض هابي يا وندر تہ ڪونهي جو ٿڪجي ۽ ورچي پوان. لکڻ کي تہ مون ذميواري جي معنيٰ ۾ ڪنيو آهي ۽ اڃا تہ پاڻ خواهش اٿم تہ جيڪر وڌيڪ لکان، پر اڄ ڪان وڌيڪ وقت روزگار کي بہ ڏيڻو ٿو پوي، ان ڪري ڏک اٿم تہ پنهنجي خواهش پٽاندڙ اڃا بہ گهڻو لکڻ کان قاصر آهيان.

سوال: اوهان جا هيل تائين (٣٠) ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿي ويا آهن. سچ ٻڌايو، اوهان کي پنهنجا لکيل ڪتاب وڌيڪ وڻندا آهن يا پنهنجا ٻار؟

ڊاڪٽر صاحب: ٻار ۽ ڪتاب ٻئي منهنجون تخليقون آهن. ٻئي پيارا آهن، پر ٻار وڌيڪ پيارا اٿم، ڇو تہ اهي تخليق سان گڏ انسان بہ تہ آهن.

موڪلائڻ کان اڳ مان ڊاڪٽر صاحب کان آخري سوال پڇان ٿو تہ زندگي جيڪا گذاري چڪا آهيو يا گذاريو پيا، ڇا ٿا محسوس ڪريو ان جي باري ۾؟

ڊاڪٽر صاحب: زندگي ڏاڍي پياري شئي آهي. دل چاهي ٿي تہ هڪ دفعو وري بہ نئين سنئين ملي، جيئن جيڪي اوڻايون رهجي ويون آهن، انهن کي ختم ڪري وڌيڪ خوشگوار زندگي گذاري سگهجي. باقي هنن حالتن ۾ قومي ۽ طبقاتي ظلم ڏسي دل ڪڙهندي ۽ دماغ اُپامندو آهي. بس اهائي پيڙا زندگي کي با معنيٰ خوشحال ۽ آزاد بنائڻ لاءِ اتساهيندي آهي ۽ مون کي قلم کڻڻ تي مجبور ڪندي آهي.

**تنوير جوڻيجو**

# اڻجاتل شهر جو نقشو

## (شبنم گل جي ڪهاڻين جي مجموعي بابت مطالعاتي ويهڪ)

شبنم گل ڪنهن تعارف جي محتاج ناهي. هڪ طرف هوءَ خوبصورت ڪهاڻيڪاره آهي ته ٻئي طرف حساس شاعره، ساڳئي وقت منفرد ڊرامه نگار به.

"اڻجاتل شهر جو نقشو" سندس ڪهاڻين جو مجموعو آهي. جنهن جو مهورت تازو محترم محمد ابراهيم جويي فناز هوٽل ۾، چند اديب دوست سائين جي موجودگيءَ ۾ ڪيو.

شبنم هڪ طرف عورت آهي ۽ عورت جي مسئلن جي نشاندهي ’ن پنهنجي ڪهاڻين ۾ ڪئي آهي ته ٻئي طرف شبنم جي وابستگي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد سان به رهي آهي.



محمد ابراهيم جويو ڪهاڻي ڪتاب "اڻجاتل شهر جو نقشو" جو مهورت ڪري رهيو آهي.

هونئن ته عورت جي مسئلن جي نشاندهي گهڻين ئي عورت ليکڪائن ڪئي آهي. پر شبنم، جنهن عورت جو ذڪر ڪري ٿي اها روايتن ۾ قيد نه آهي، پر گهر جي چوديواريءَ کان ٻاهر نڪتل آهي. هوءَ يونيورسٽيءَ ۾ به وڃي ٿي، سيمنار به اٽينڊ ڪري ٿي، نوڪرين کي به منهن ڏئي ٿي، دنيا کي ڏسي ٿي، مڙدن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي هلي ٿي ۽ انهي ٻاهرين دنيا جا مسئلا، جنهنجا خواب، بند گهرن جي عورتن ڏٺا، شبنم پنهنجي قلم وسيلي بيان ڪري ٿي.

شبنم، عورت جي ڪهڙن پهلوئن کي اجاگر ڪيو آهي؟ اهو ذڪر پوءِ ... هن وقت احوال ان غير روايتي گڏجاڻيءَ جو جيڪا، "اڻجاتل شهر جو نقشو" جي مهورت جي سلسلي ۾ منعقد ڪئي وئي.

نہ ڪا اسٽيج آهي نہ ماڻهن جي بي پناھ رش آهي نہ وري ڪو اجايو سجايو گوڙ گهمسان آهي. ڪجھ اديب دوست ساٿي آهن... جن کي آءُ سڃاڻي سگهي آهيان. اهي آهن.

مانواري آپا رشيده حجاب، مانواري خيرالنساءَ جعفري، محترمہ نذير ناز، محترمہ زبيده ميتلو، محترمہ عطيہ دائود ، محترمہ دلشاد مرزا، محترمہ سحر رضوي، محترمہ سنيتا ، عربيا نور، صائمہ....

۽ مڙد حضرات ۾ شامل آهن محترم ابراهيم جويو، محترم ولي رام ولڀ، مانوارو مراد علي مرزا، پروفيسر عبدالغني شيخ صاحب، محترم امير علي قادري، نصير مرزا، طارق عالم، جامي چانڊيو، تاج جويو، اياز لطيف پليجو ۽ ٻيا.

شروعات چانهن جي پياليءَ سان ۽ آغاز شبنم جي گهوٽ، ڀاءُ اشتياق انصاريءَ جي پليڪار سان جنهن ۾ پنهنجائپ آهي، قرب آهي ۽ گڏجاڻي ڪوٺائڻ جو مطلب ۽ مقصد بيان ٿيل آهي.

ڀاءُ اشتياق چئي ٿو:

"گڏجاڻي ڪوٺائڻ جو مقصد آهي، ڪهاڻيڪار کي ڪهاڻيءَ جي فن بابت سکيا ۽ تربيت ڏيڻ ... بنيادي طور آءُ رانديگر آهيان راند جي ميدان ۾ رانديگر ڪيترو بہ سينئر ڇو نہ هجي، پر جديد لاڙن ۽ رجحانن کان واقفيت لاءِ ڪوچز هوندا آهن، جيڪي رانديگر کي جديد کان جديد واقفيت فراهم ڪندا آهن. پر ڪهاڻيءَ ۾ هن قسم جي ڪاروايت ڪانهي. انهي سلسلي ۾ هن گڏجاڻيءَ جو اهتمام ڪيو اٿئون تہ جتي گڏ ٿي، نئين فڪر نئين سوچ ۽ نون ويچارن بابت، ڪهاڻيڪار کي روشناس ڪرائجي."

گڏجاڻيءَ جي باقاعدي شروعات ٿيڻ کان اڳ ٻن منٽن جي خاموشي اختيار ڪئي وئي مشهور صحافي رضيہ ڀٽيءَ جي وفات تي.

ڊاڪٽر اسحاق انصاري ساٿين جي تعارف جو ڪم سر انجام ڏئي رهيو آهي.

۽ ساڳئي وقت "اڻجاتل شهر جو نقشو" جو تعارف بہ ڪرائي رهيو آهي. ٽائيٽل کان وٺي ڪهاڻين جي Contents تائين "شبنم جي هِن مجموعي ۾ شامل، ٻارنهن ڪهاڻين مان ڏهہ ڪهاڻيون عورتن سان لاڳاپيل آهن. شبنم جي ڪهاڻين ۾ ڏکن جا رنگ غالب آهن. عورتن جي اندر جي اڌمن ۽ ڪيفيتن جو بي پناھ اظهار آهي." هيءَ راءِ اسحاق انصاريءَ جي آهي ۽ هاڻي گروپ ڊسڪشن شروع ٿئي ٿو. گوري ولڀ چواڻي: "شبنم جون ڪهاڻيون، تاثراتي ڪهاڻيون آهن. ڪردار جيترا جاڳندا اسان سان گڏ هلندڙ گهمندڙ آهن. شبنم پنهنجين ڪهاڻين ۾ ٻن ذرين کي هڪ ٻئي سان برسرپيڪار ڏيکاريو آهي. هڪڙي ذر عورت آهي تہ ٻي ذر آهي سماج."

عطيہ دائود هميشه پنهنجي راءِ جو اظهار نهايت ڀرپور نموني ۾ ڪندي آهي. پاڻ کي Feminist قرار ڏيندي عطيہ چوي ٿي تہ: "شبنم بہ آزاديءَ نسوان جي قائل آهي پنهنجين لکڻين ۾ عورت جي مسئلن جي ڀرپور نشاندهي ڪئي اٿئين."

مانواري آپا رشيده حجاب پنهنجي خيالن جو اظهار، پنهنجي مِٺي لهجي ۾ هن ريت ڪري ٿي: "بنيادي طرح هر انسان پنهنجو پاڻ سان پيار ڪندو آهي اهوئي سبب هوندو آهي جو هر ڪهاڻيڪار جي لکڻين ۾ پنهنجي وجود جي جهلڪ نمايان هوندي آهي. جيئن تہ انسان بنيادي طرح ساڳيو آهي ان ڪري مسئلا بہ ساڳيا آهن.البت پيشڪش جو انداز ضرور بدليو آهي. شبنم جي ڪهاڻين ۾ بہ اُهي ساڳيائي ڪردار آهن جيڪي اڄ کان اڳ لکندڙ خواتين جي ڪهاڻين ۾ هئا. نازان جو ڪردار ثميره وٽ بہ هئو. ڪهاڻي سائنس جو ڪو ڪتاب ڪونهي، ڪهاڻي جذبن ۽ اڌمن جو اظهار آهي، ۽ جذبا ۽ اڌما سمونڊ هوندا آهن جن کي قيد ڪري نٿو سگهجي."



۱۴ مارچ ۱۹۹٦ع تي فتاز هوٽل ۾ ڪوئيل شبنم گل جي ڪهاڻي ڪتابي "اڻجاتل شهر جو نقشو" جي مطالعاتي ويهڪ جي موقعي تي ڪتاب جي ليکڪا، اشتياق انصاري، محمد ابراهيم جويو، مراد علي مرزا، نصير مرزا، تاج جويو، جامي چانڊيو، پروفيسر امير علي قادري، اسحاق انصاري، اياز لطيف پليجو، مشتاق شابراڻي، آپا رشيده حجاب، خيرالنساء جعفري، تنوير جوڻيجو، عطيہ داؤد، زبيده ميتلو، گوري ولي، ناظم پنهور، سنيتا گانڌي ۽ سحر رضوي.

مشهور شاعره زبيده ميتلو.... گھڻي وقت کان پوءِ منظر عام تي آئي آهيءِ پنهنجي هن ظاهرائپ جو ڪريڊٽ شبنم کي ڏني ٿي: "مون شبنم جون سموريون ڪهاڻيون هڪ ئي ويهڪ ۾ ويهي پڙهيون آهن."

سحر رضوي، عورتن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪندڙ سياسي ڪارڪن، عورتن لاءِ شبنم جي لکيل ڪوشش کي ساراهيندي، عورتن جي حقن جي ڳالهه ڪري ٿي.

خيرالنساءِ جعفري پنهنجي بي ساخته، ذومعني ۽ خوبصورت جملن سبب، مقبوليت جا سڀئي رڪارڊ ٽوڙي چڪي آهي، حسب دستور ننڍڙا ۽ خوبصورت جملا سندس خيالن جو نتيجو آهن: "ڪنهن به شئي جي وڻڻ لاءِ ڪو سبب ضروري ناهي هوندو، شبنم جو انتساب، شبنم جو پيش لفظ، شبنم جون ڪهاڻيون مونکي وڻيون، بناسبب جي".

طارق عالم ابڙو به خوبصورت جملن جو مالڪ آهي. طارق چئي ٿو: "مان بنيادي طور ڪهاڻيڪار آهيان مون شبنم کي پڙهيو آهي ۽ هن موقعي تي سندس ڪهاڻين کي ڊائسيڪشن هال ۾ ڪٽي وڃي وڍ ڪٽ ڪرڻ جو ڪو به ارادو ڪونه ٿو رکان. ليکڪ يا ليکڪ هوندو آهي يا ناهي هوندو. شبنم ڪهاڻيڪار آهي ۽ سندس ڪهاڻيون دل کي ڇهندڙ ۽ وڻندڙ آهن."

نصير مرزا جو قلم جيترو تيز ۽ پرتاثير، اوترو ئي سندس گفتگو ۽ انداز بيان به پر تاثير. نصير نهايت پرپور ۽ جامع انداز ۾ عورتن جي ادبي تاريخ جي باري ۾ ٻڌايو ۽ چيو ته اڄ جي دور جي تقاضا ڪهاڻيءَ جو Formate ۽ Content آهي جنهن تي هر ليکڪ کي ڌيان ڏيڻ گهرجي".

جامي چانڊيو نوجوان اديب محقق صحافي ۽ دهڻ پڙهيو نوجوان / پنهنجي راءِ جو اظهار ڪندي چوي ٿو: "جيڪڏهن ڪو اديب يا ليکڪ چاهي ته سندس لکڻي عالمي معيارن ۽ فن جي اصولن تي پوري لهي ته ان لاءِ کيس عالمي ادب جي اصولن ۽ معيارن کي Fallow ڪرڻو پوندو"

ابراهيم جويو صاحب پنهنجي خيالن جو اظهار هنن لفظن ۾ ڪيو: "اديب جڏهن لکي ته کيس سوچ ڪرڻ گهرجي ته هو لکي ڪهڙي ڪلاس يا طبقي لاءِ ٿو ۽ انهن کي آڏو رکندي ئي اهڙي ٻولي استعمال ڪرڻ گهرجي." جويو صاحب شبنم کي صلاح ڏني ته انگريزي لفظن بدران سنڌي ٻوليءَ جو سولو استعمال پنهنجين ڪهاڻين ۾ ڪري ته بهتر رهندو"

ولي رام ولڀ صاحب پنهنجن خيالن جو اظهار نه رڳو محفل ۾ ڪيو پر ڪتابي صفحن تي به سندس اکر نقش آهن: "هي ڪهاڻيون سنڌي سماج جي وچئين ۽ هيٺين وچئين طبقي جو عڪس پيش ڪن ٿيون جيڪي ڪيترن ئي Gaps جي باوجود نهايت سانتيڪيون ننڍي پيماني واريون گهرائيءَ سان محسوس ڪري لکيل آهن. ڪهاڻين ۾ احساساتي ۽ تاثراتي جذبن جو ڀرپور اظهار آهي. ڪردارن جي گفتگو ۽ سوچ جو انداز فيلسوفاڻو، روحانيت ڀريو ۽ دل کي ڇهندڙ آهي."

ولي رام ولڀ صاحب جي گفتگوءَ کانپوءِ مراد علي مرزا صاحب سڄي گفتگوءَ کي آخري شڪل ڏيندي سهيڙيو.

۽ هينئر ... وارو شبنم جو ... لهجي جو ميناج ـ لفظن جي چونڊ جو حسن . گفتگوءَ جو ڏيرج ۽ سندس شخصيت جو اهو روپ، ڪهاڻيڪاره شبنم، ڊرامه نگار شبنم ۽ شاعره شبنم کان گهڻو متيرو آهي.

سندس انداز بيان جو جادو هر دل ۽ ذهن تي حاوي آهي، سحر اندازيءَ واري ڪيفيت آهي.

شبنم پنهنجي خيالن جو اظهار ڪري رهي آهي:

"منهنجين ڪهاڻين جا موضوع معاشرتي مسئلن ۽ فرد جي بدلجندڙ نفسياتي روين جي چوڌاري ڦرن ٿا. خاص ڪري فرد جي داخلي مسئلن ڪي مون احساس جي اک سان منفرد انداز ۾ ڏٺو آهي. مون زندگيءَ جي چهري تان رونق جا خوشنما نقاب لاهي، تنها لمحن جي حسن کي دل جي گهراين سان محسوس ڪيو آهي، اهوئي سبب آهي جو منهنجين ڪهاڻين ۾ صبح جي تازگيءَ بدران سج لهندڙ سمي جي اداسي آهي. منهنجين تحريرن ۾ Pessimism جي جيڪا جهلڪ آهي. ان کي مان هڪ اهڙي تعميري علامت سمجهندي آهيان، جيڪا فڪر تي جمود طاري ڪرڻ بدران ان کي سدائين متحرڪ رکندي آهي.

مون پنهنجي تحريرن وسيلي ڪڏهن بہ مخصوص سوچ يا مخصوص نظريي جي پرچار ناهي ڪئي. پر ائين ضرور آهي تہ هڪ منتشر سوچ رکندڙ معاشري ۾ رهندي، مون پنهنجي چوڌاري اهڙو ماحول ڏسڻ جي خواهش ضرور ڪئي آهي. جتي سيني کي جيئڻ، مرضيءَ سان ساهہ کڻڻ ۽ خواب ڏسڻ جي هڪ جيتري آزادي هجي."

شبنم جي سحرانگيز گفتگو ماحول ۾ مات جو مانداڻ پري ڇڏيو. ان گهڙي مون کي نصير مرزا جو هڪڙو بيو جملو ياد اچي ٿو جيڪو هن شبنم کي مخاطب ٿيندي ادا ڪيو هو.

"پنهنجيءَ گفتگو جهڙيون ئي خوبصورت ڪهاڻيون بہ تخليق ڪيو نہ."



ڪهاڻين جي مجموعي "اڻڄاتل شهر جو نقشو" جي ٽائيٽل جو عڪس

**انيس انصاري**

# مثالي شخص / مثالي عالم

ساڻس رڳي واقفيت نہ پر محبت هئي، ڪنهن حد تائين عقيدت پڻ، طبيعت ني اهڙي هيس، منن ٻولن سان ماڻهو جو من موهي وجهندو هو. وقت ٻوقت جڏهن دل تي بار پوندو هو تہ لنگهي ويندو هيم وٽس. اٽندو هيس تہ ذهن تان بار ۽ دل تان غبار دور ٿي ويا ويندا هئا. هو خوشيون ونڊيندڙ ۽ ڏک دور ڪندڙ انسان هيو. رب مرهيس.

ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ سان نہ رڳو علم ادب جي ناتي پر پاڙيسري هئڻ ڪري بہ ويجهائپ هئي. ڪجهہ وقت هڪ آفيس (روينيوڪاتي) ۾ بہ گڏ ڪم ڪيو هيوسي. سڏ ۾ سڏ ڏيڻ جي اميد منهنجي ٻين کان وڌ مرحوم ۾ هوندي هئي.

ڊاڪٽر صاحب گهڻ پهلو شخصيت جو حامل هو. نہ رڳو تحقيقي ڪم ۾ پڙ هو پر تخليقي ڪم ۾ بہ گهڻو مٿاهون هو. سندس مضمونن ۽ ڪتابن ۾ گوناگون موضوع موجود آهن. ڇپيل مواد تہ سندس ڪافي آهي پر اڻ ڇپيل مواد بہ وٽس ڪافي موجود هيو. نہ رڳو سنڌيءَ ۾ پر اردوءَ ۾ بہ ڪافي ڪتابن جو مصنف هو. لسانيات تي سندس اردو ڪتاب جو سنڌيءَ ۾ مون ترجمون ڪيو آهي. تحقيقي ڪم سان گڏ تنقيد جو بہ وڏو ماهر هيو. سندس قلم مان تبصرا، تعارف ۽ خاڪا بہ نڪتا. اعزاز جي علم ۽ ادب ۾ ڪيس ملياسي اڪيچار آهن. سندس قابليت ڪري حڪومت بہ کيس "تمغہ امتياز" سان نوازيو.

ڊاڪٽر صاحب جي اوطاق ۾ هميشه رونق لڳل هوندي هئي. ڪٿان ڪٿان جا ماڻهو جن ۾ اديبن ۽ شاعرن سان گڏ ضرورت مند پڻ هوندا هئا ڪهي وٽس ايندا هئا. هر هڪ سان محبت سان پيش ايندو هوپنهنجن سان بہ اهڙو تہ پراون سان بہ اهڙو. دستر خوان جو بہ ڪشادو هو. ٻاهريان تہ نهيو پر مقامي ماڻهن کي بہ ماني وقت ڪارائڻ سواءِ ڪين ڇڏيندو هو. سياري ۾ چانهہ ۽ اونهاري ۾ شربت هر هڪ آئي وئي کي سڪ مان پيش ڪندو هو. طعام سان گڏ قيام جو بندوبست پڻ وٽس هو. ٻاهريان ماڻهو رات اڪثر وٽس گذاريندا هئا.

مصروفيتن (ماڻهن سان ملڻ، سندن خاطر تواضع ڪرڻ، گهرجائن جون گهرجون پوريون ڪرڻ، ضرورت مندن سان آفيسرن وٽ پير پري وڃڻ. مجلس، مذاڪرن ۽ مشاعرن ۾ بهرو وٺڻ وغيره) مان پتو نہ آهي ڪهڙي وقت فراغت حاصل ڪري مطالعو ڪندو يا لکندو هو. سندس ڇپيل مواد مان ائين معلوم ٿئي ٿو تہ ننڊ جو وقفو مختصر ڪري بچيل وقت ۾ تحقيق ۽ تخليق جو ڪم ڪندو هو.

تحقيقي ڪم ۾ مطالع سان گڏ مشاهدي جي ضرورت بہ ڪڏهن پيش ايندي آهي. مطالع لاءِ تہ ڊاڪٽر صاحب جي لئبرري ئي ڪافي هئي. سندس ذاتي لئبرريءَ ۾ ڪيئي قيمتي ڪتاب موجود آهن جي هر موضوع ۽ صنف تي مشتمل آهن. انهن مان نہ رڳو پاڻ فائدو حاصل ڪندو هو پر ٻيا بہ گهڻو ڪجهہ حاصل ڪندا هئا. ڪنهن ڪتاب لاءِ پڇا ڪبي هئي تہ بنا جهجهڪ ڪنهن نہ ڪنهن دريءَ جو طاق کولي جنهن ڪتاب ۾ هٿ وجهندو هو اهوئي گهربل ڪتاب هوندو هو. پنهنجي لئبرري کان علاوہ ضرورت وقت دوستن يا مقامي لئبررين مان بہ مواد هٿ ڪندو هو. مشاهدي لاءِ سر زمين تي وڃي روبرو ڇيزن کي ڏسندو هو. لاڙڪاڻي جي هسٽاريڪل سوسائٽي پاران شهر، پسگردائي ۽ دور دور هنڌن تي وڃي دڙن، پڙن ۽ تاريخي آثارن بابت تحقيقات ڪري، فوٽو ڪڍائي مفصل رپورٽ پيش ڪئي هئائين. ٻن مضمونن خاطر اچ شريف، بهاولپور جا ڪي آثار، ريتي جا اهڃاڻ ۽ روهڙي جي ڀريان ٽر جو مون سان گڏ مشاهدو ڪيائين.

عالم هيوءَ علم جو قدردان، پڇا ڪرڻ تي علم ۽ ادب جي سلسلي ۾ صلاح بہ سٺي ڏيندو هو. سندس رايو بنا

رد ۽ رعايت جي هوندو هو. حق ۽ سچ چوڻ ۾ ڪيٻائيندو ڪين هو، بعد ۾ وزنائتا مشورا ڏئي مواد کي وٽندڙ بنائڻ ۾ مدد پڻ ڪندو هو. ٻئي جي چڱي چيز جي دل کولي تعريف ڪندو هو.

ڊاڪٽر عبدالمجيد اڌاوت جي ڪم جي به چڱي ڄاڻ رکندو هيو. پنهنجن جاين جڳهن جا نقشا پاڻ تيار ڪيا هئائين. مٽيريل جي چوند به پاڻ ڪندو هو. اوساري وقت پاڻ بيهي ڪاريگرن کي همٿائيندو ۽ ماني پاڻيءَ جو خيال رکندو هو. ٿوري جڳهه ۾ گهڻي سهولت واري اڌاوت ۾ ماهر هو اها ڄاڻ ڪيس اوورسيئر جي ٽريننگ ۽ نوڪري دوران حاصل ٿي. انهيءَ سبب ڪري دوست واقف ڪار جاءِ ٺهرائڻ وقت ساڻس صلاح مشورو ڪندا هئا.

مرحوم سخي به ڏاڍو هو اڙيي جي ڪم ڪرڻ ۾ اڳڀرو هوندو هو. هڙئون وڙئون ممڪن طريقي سان ضرورت مند جي حاجت روائي ڪرڻ ۾ ڪين ڪيٻائيندو هو. حضور شرم به ڏاڍو هو. ڏيڻ بعد ڪڏهن به زبان تي ڪين آڻيندو هو. اهو اڳلي جي ايمان تي ڇڏيندو هو ۽ ڏسندو هو ته هو ڪيتري پاڻيءَ ۾ آهي.

نوڪريءَ جو عرصو محنت ۽ ايمانداريءَ سان ڪم ڪيائين، ڪجهه وقت روينيو ۾ رهيو. بعد ۾ اوورسيئر جي ٽريننگ وٺي ان ڪاتي ۾ ويو. اورچ ته هيوئي، امتحان پاس ڪري تعليم ڪاتي ۾ گهڙيو، جتي بي. ايچ ڊي ڪيائين. جنهن هنڌ به نوڪري ڪيائين ي پنهنجي شرافت، محنت ۽ ديانت جي ساک ڇڏيائين. ڪجهه ڪتاب سيڪنڊري ۽ متاهن درجن لاءِ گائيڊ طور لکيائين. سندس ڪي ڪتاب درسي طور پڙهايا پڻ ويندا هئا. سندس ڪتاب CSS جي نصاب تي پڻ پڙهڻ لاءِ سفارش ٿيل ڪتابن ۾ آهي. پاڻ ڊاڪٽريٽ جي لاءِ گائيڊ پڻ هيو. ان گس جي پانڌيئڙن کي سٺي دڳ لائيندو هو. سندس صلاح ۽ مشوره ڪافي وزنائتا ۽ وڙائتا هوندا هئا. منجهانئس گهڻن ماڻهن فيض پرايو.

ڏاڍو همدرد انسان هو. قضا الاهي منهنجي جنگهه ڀڃي پيئي. پلنگ جي پائي سان مهينا ٻڌل رهيم. پندرهن منٽ به هڪ هنڌ قرار نه ڪندڙ انسان جو مهينا سنئين ڪنڌي پلنگ سان ٻڌو پيو هجي ان جي ذهني ۽ جسماني اذيت جو ڪاٿو لڳڻ جوڳي نه آهي. پر ان دوران دوستن جي موجودگي ذهني آسودگي ۽ جسماني ڪرب ۾ ڪمي آڻيندي هئي.روزانو پيرو ڪرڻ وارن ۾ ڊاڪٽر مرحوم به شامل هو. نه رڳو ايترو پر منهنجي ونلر ۽ وقت گذارڻ لاءِ منهنجي پسند جا ڪتاب پڻ مهيا ڪري ڏيندو هو. هڪ رات جو ڏاڍو پريشان ٿيس. وقت به ٻارهن وڄڻ جي ويجهو هو. اهڙو ڊاڪٽر نه پئي سجهيو جو سڏ ورائي. ميمڻ صاحب کي ٽيليفون ڪيم. چيومانس " بي گاهه وقت آهي، ڪنهن ڊاڪٽر ۾ اميد نه آهي ته اچي. تڪليف ۾ آهيان. ڪجهه ڪيو." پنجن منٽن ۾ ڊاڪٽر (جو سندس نياٽوآهي) سميت اچي پهتو. هڪ دوست جي موجودگي ۽ ٻيو سٺي ڊاڪٽر جو نسخوا ذهني ۽ جسماني عذاب مان نجات ملي. نه في ئي قبول ڪيائون ۽ نه ٻي جا وقت تي تڪليف جي معذرت:

دوست آن باشد کہ گیرد دست دوست

در پریشان حالی و درماندگی.

مرحوم ۾ در گذر ڪرڻ جو مادو گهڻو هوندو هو. مخالفن سان به ملڻ وقت محبت سان پيش ايندو هو. هڪ تنقيدنگار جنهن سندس تخليقن تي ڀرپور تنقيد ڪئي آهي، جڏهن بيمار ٿيو ته مون سان گڏ هلي سندس طبع پرسي ڪيائي. اڳئين به جنهن جي مخالفت علمي تنقيد تائين محدود هئي سو ساڻس محبت سان مليو. سندس (تنقيد نگاري) فون ٿين ني ڊاڪٽر صاحب مرحوم شهر کان ٻاهر وڃي سندس تڪفين ۽ تدفين ۾ شريڪ ٿيو هو. ٻنهي ڄاڻن جي وچ ۾ جا وڇوٽي هئي سا هئي علمي تنقيد، الله تعاليٰ مرحومين جي روح کي راحت پهچائي آمين.

مذهب سان مرحوم جو دلي لڳاءُ هو، ان ڪري حج ۽ عمرا ڪيائين. ان ڏس ۾ سندس مطالعو به وسيع هو. تصوف جو اونهو مطالعو ڪيو هئائين. سهڻي مکيه سلسلن جي ڄاڻ هيس. ان موضوع تي متعدد مضمون به لکيائين.

اصولي طور موحد هيو پر سندس اعتقاد ۾ بي جا سختي ڪانه هئي. هر مذهب جي پوئلڳ سان رواداري رکندو هو. اختلافي مسئلن ۾ الجهڻ پسند ڪين ڪندو هو.

نماز ۽ روزي جو پابند هو. پوئين وقت ۾ ڪجهه بيمار زياده رهڻ لڳو هو. رمضان جي ڏينهن ۾ منهنجو وٽس وڃڻ ٿيو. افسوس سان اظهار ڪيائين ته ڊاڪٽرن ڪيس روزي رکڻ کان منع ڪئي آهي.

حضور پاڪ ﷺ سان انتها درجي جي محبت ۽ عقيدت هوندي هيس. سندن شان ۾ نعتن ۽ مولودن جو ذخيرو گڏ ڪري ڇپايائين. سندس فوت ٿيڻ کان ٻه ڏينهن اڳ وٽس ويو هيس. سيرت پاڪ جو مطالعو ڪري رهيو هيو. سيرت تي متعدد ڪتاب سنڌي، اردو ۽ انگريزيءَ ۾ ڏيکاريائين ۽ ٻڌايائين ته ڪافي مطالعو ڪري چڪو آهيان ۽ خيال آهي ته سيرت پاڪ تي هڪ جامع ڪتاب لکان. ان خواهش جي هو تڪميل نه ڪري سگهيو، پر الله تعاليٰ نيتن جو پارکو آهي. مون کي قوي اميد آهي ته ان نيت جو اجر ڪيس اوس ملندو.

اذان جي آواز تي لبيڪ چوندي همايون وانگر ڏاڪڻ تان ترڪيو، جو سندس اصلي ماڳ تي وڃڻ جو سبب بڻيو.



## بابر منير قاضي

# هُوجي هنئا هِت.....

۱۱ سيپٽمبر ۱۹۳۱ع مطابق ۲۷ رمضان المبارڪ ۱۳۵۰هہ جمعي ڏينهن هڪ اهڙي هستيءَ شڪارپور کان ٽي ميل پري سند واهہ تي اڏيل ڳوٺ "ماڙي" ۾ جنم ورتو، جنهن اڳتي هلي سنڌي علم، ادب ۽ تاريخ ۾ پنهنجو نمايان ڪردار ادا ڪيو، اها هستي عبدالمجيد ميمڻ (پوءِ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي) جي هئي.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جي والد جو نالو حاجي غلام حسين هو، سندس خاندان جو ڌنڌو ڪپڙو اُڻڻ ۽ ڪاروبار ڪرڻ هو، هي اهوئي عظيم پيشو آهي، جنهن جي لاءِ شاهہ لطيف ڪجھ هن طرح چيو آهي:

هلو هلو ڪورئين نازڪ جنين جو نينهن،
ڳنڍين سارو ڏينهن، ڇنڻ مور نہ سڪيا.

ميمڻ صاحب شروعاتي تعليم ماڙي ۾ حاصل ڪئي. ۱۹۴۲ع ۾ ٻوڏ اچڻ ڪري سندس خاندان لڏي شڪارپور ۾ آيو. ميمڻ صاحب کي شڪارپور ۾ ئي مولوي فضل الله جي مدرسي ۾ وهاريو ويو، جتان عربي ۽ فارسيءَ جي ابتدائي تعليم حاصل ڪيائين .ٿوري عرصي کان پوءِ کيس مدرسي مان اٿاري پرائمري اسڪول شڪارپور ۾ وهاريو ويو، جتان ڪامياب ٿي نڪتو. انگريزي تعليم لاءِ شڪارپور جي پرائيوٽ اسڪول ۾ کيس داخل ڪيو ويو، اهو اسڪول شڪارپور جي هندن طرفان هلايو ٿي ويو، ۱۹۴۸ع ۾ وري سندس خاندان لاڙڪاڻي لڏي آيو، جتان ۱۹۵۲ع ۾ ميمڻ صاحب مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. ۱۹۵۴ع ۾ ميمڻ صاحب سول انجنيئرنگ ۾ ڊپلوما سکر مان پاس ڪيو، ٿورن ڏينهن کان پوءِ قدرت خدا جي کيس روينيو ۾ ڪلارڪي جي پوسٽ ملي، ان دوران پاڻ بي.اي پاس ڪيائون. بعد ۾ ڪلارڪي جي نوڪري ڇڏي پي.ڊبليو. ڊي ۾ اووسيئر مقرر ٿيو. ان عرصي دوران پاڻ ايم.اي ( اسلامڪ ڪلچر)، ايم.اي (مذاهب عالم جو تقابلي جائزو) ۽ ايل.ايل.بي جون ڊگريون حاصل ڪيون. ۱۹۶۲-۶۳ع ۾ پاڻ اها نوڪري بہ ڇڏي اسلاميہ ڪاليج سکر ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. ان ليڪچراري دوران ميمڻ صاحب ڪاليج جي پرنسپل شيخ عبدالرزاق راز سان ملي ڪاليج ۾ علمي ، ادبي ۽ ثقافتي تقريبات جو بنياد وڌو. يوم لطيف، يوم سچل،۽ يوم بيدل هر سال منعقد ڪرائيندا هئا. ان کان علاوه مشاعره ۽ مختلف موضوعن تي مذاڪره پڻ ڪرايا هئائون. هڪ ادبي سوسائٽي بنام "سنڌي ادبي سوسائٽي" پڻ قائم ڪئي هئائون، جنهن ذريعي ڪتاب شايع ڪرائڻ شروع ڪيائون، ان سوسائٽيءَ طرفان ميمڻ صاحب جا بہ ڪيترائي ڪتاب شايع ٿيا هئا. بعد ۾ هڪ ٻيو ادارو "لطيف اڪيڊمي" پڻ قائم ڪيائين، جنهن طرفان ميمڻ صاحب "پارس" نالي هڪ ڪتابي سلسلو پڻ شروع ڪيو.

۱۹۷۲ع ۾ جڏهن پرائيوٽ ڪاليج نيشنلائيزڊ ٿيا، تڏهن محڪمي تعليم ڪانئس مختلف ڪاليجن ۾ پرنسپال طور خدمتون حاصل ڪيون. انهن ڪاليجن جا نالا بالترتيب هن ريت آهن: گورنمينٽ شاهہ عبداللطيف ڪاليج شڪارپور، گورنمينٽ شاهہ عبداللطيف ڪاليج قمبر علي خان، گورنمينٽ ڪاليج خيرپور ميرس، گورنمينٽ ڪاليج رتو ديرو ۽ گورنمينٽ ڪامرس ڪاليج لاڙڪاڻو شامل آهن، جتان ۱۹۹۱ع ۾ رٽائرڊ ڪيائين.

انهن تدريسي خدمتن دوران ۱۹۷۴ع ۾ ميمڻ صاحب "بيان العارفين جي تدفين" تي تحقيقي مقالو لکي، سنڌ يونيورسٽيءَ مان پي.ايچ.ڊي جي ڊگري حاصل ڪيائين، ان ڊگريءَ جو گائيڊ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي جن هئا. بعد ۾ ميمڻ صاحب کي بہ يونيورسٽيءَ طرفان پي.ايچ.ڊي لاءِ گائيڊ مقرر ڪيو ويو هو.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ صاحب ١٩٥٣ع کان باقاعدي لکڻ جي شروعات ڪئي. ان زماني ۾ الوحيد ۽ نئين زندگيءَ ۾ سندس ليک شايع ٿيندا هئا، پوءِ مختلف رسالن ۽ اخبارن ۾ ليک لکڻ لڳو. پاڻ سنڌ جي تاريخ، سنڌي ادب، سنڌي ادبي شخصيات ۽ سنڌي ثقافت تي ڪيترائي مضمون، مقالا، ڪتاب لکيائين. سندس لکيل ڪتابن جو وچور هن ريت آهي.

(١) ڏور (لوڪ ادب-١٩٦١ع) (٢) تاريخ قوم هڪڙا (تحقيق - ١٩٦٢ع) (٣) ماڻڪ موتي لعل جلد پهريون (مضامين- ١٩٦٢ع) (٤) ڪريم جو ڪلام (تحقيق و تنقيد - ١٩٦٢ع) (٥) تذڪره شعراءِ سکر (تحقيق و تنقيد - ١٩٦٣ع) (٦) ماڻڪ موتي لعل جلد ٻيو (مضامين - ١٩٦٥ع) (٧) تذڪره شهباز (شخصيات - ١٩٦٥ع) (٨) ذڪر اشرف (شخصيات - ١٩٦٦ع) (٩) ديس ديس جون ڪهاڻيون (ترتيب - ١٩٦٦ع) (١٠) فڪر لطيف (شخصيات - ١٩٦٧ع) (١١) قيمتي ڪهاڻيون (ترتيب - ١٩٦٩ع) (١٢) ملا نصير الدين جا لطيفا (مزاحيہ ادب - ١٩٦٩ع) (١٣) پرک ۽ پروڙ (اخلاقيات - (١٩٧١ع) (١٤) فڪر بيدل (شخصيات - ١٩٧١ع) (١٥) سنڌي علم دب، اصول ۽ اهڃاڻ (تنقيد - ١٩٧١ع) (١٦) جوتيون جواهرن جون (لوڪ ادب - ١٩٧٢ع) (١٧) سنڌي ادب جو اريخي جائزو (تحقيق ۽ تنقيد - ١٩٧٢ع) (١٨) اسلاميات (نصاب - ١٩٧٢ع) (١٩) اقتصاديات براءِ فرسٽ ايئر رٽس (نصاب - ١٩٧٢ع) (٢٠) اقتصاديات براءِ انٽر آرٽس (نصاب - ١٩٧٢ع) (٢١)رتيءَ جي رهاڻ (مضامين - ١٩٧٢ع) (٢٢) اسلامڪ ڪلچر (نصاب - ١٩٧٢ع) (٢٣) اسلام ۽ ان جي ڄاڻ (مذهبيات - ١٩٧٢ع) (٢٤) سُر هر (لطيفيات - ١٩٧٣ع) (٢٥) سُر سارنگ (لطيفيات - ١٩٧٣ع) (٢٦) سندهي ادب کي مختصر تاريخ (تحقيق ۽ تنقيد - ١٩٧٦ع) (٢٧) لطيف جو پيغام (لطيفيات - ١٩٧٨ع) (٢٨) سوانح قلندر (شخصيات - ١٩٧٨ع) (٢٩) سچل جو سنيهو (سخصيات - ١٩٨٠ع) (٣٠) سنڌيءَ ۾ نعتيہ شاعري (تحقيق - ١٩٨٠ع) (٣١) شهري حياتي ۽ ڳوٺ (ٻاراڻو ادب - ١٩٨١ع) (٣٢) پورهيي جو مان (ٻاراڻو ادب - ١٩٨١ع) (٣٣) شڪارپور، ماضي ۽ حال (ترتيب - ١٩٨٤ع) (٣٤) سيرت النبي ﷺ (ٻاراڻو ادب - ١٩٨٤ع) (٣٥) سنڌي نصاب - نائين ڏهين ڪلاس لاءِ (نصاب - ١٩٨٥ع) (٣٦) لاڙڪاڻو ساهہ سيباڻو (ترتيب - ١٩٨٥ع) (٣٧) سنڌي ثقافت تي اسلامي اثرات (تحقيق - ١٩٨٩ع) (٣٨) سنڌي شرح قصيده برده (مرتب - ١٩٨٩ع) (٣٩) سنڌي گرامر ۽ ڪمپوزيشن (نصاب - ١٩٩٠ع) (٤٠) لطيفي لات (لطيفيات - ١٩٩١ع) (٤١) نگارشات سندهہ (تحقيق - ١٩٩٣ع) (٤٢) شڪارپور جي ٻولي (لسانيات - ١٩٩٣ع) (٤٣) لسانيات پاڪستان (لسانيات - ١٩٩٤ع) (٤٤) گمڙيون گهاريم جن سين (يادگيريون - ١٩٩٤ع) (٤٥) پاڪستان مين صوفيانہ تحريڪين (تحقيق و تنقيد - ١٩٩٤ع) (٤٦) تاريخ جا وکريل ورق (تحقيق - ١٩٩٥ع) (٤٧) ڪلام بشير (شخصيات - ١٩٩٦ع).

ڊاڪٽر صاحب جا ويهہ کن اڻ ڇپيل ڪتاب بہ لکيل آهن، جن ۾ "ڪلام غلام محمد ٻگائي، "فيض دريا شاهہ" ، "ميمڻ قوم جي تاريخ" ، "بيان العارفين جي تدوين" ، "تاريخي مقالا" ، "پڪا ۽ پيرون" ۽ ٻيا ڪيترائي ڪتاب سندن وارثن وٽ موجود آهن.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي نہ صرف ڪيترن ئي علمي، ادبي ۽ ثقافتي ادارن جو باني هو، بلڪ سندس علمي ۽ ادبي ڄاڻ سبب ڪيس ڪيترن ئي ادارن جو ميمبر پڻ مقرر ڪيو ويوهو، انهن ادارن ۾ سنڌي ادبي بورڊ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ڄامر شورو، قومي نصاب ڪميٽي، صوبائي نصاب ڪميٽي، سنڌي ادبي سوسائٽي (باني ميمبر)، بزم طالب المولىٰ، بزم شهباز، لطيف ادبي اڪيڊمي (باني ميمبر)، سنڌي ساهت سوسائٽي، پاڪستان قومي هجره ڪاميٽي، سنڌي ادبي اڪيڊمي (باني ميمبر) ۽ ماهوار السنڌ وغيره شامل آهن. انهن ادبي سوسائٽين کان علاوه

ميمڻ صاحب هيٺين علمي، ادبي، ثقافتي ۽ تعليمي ڪانفرنس، سيمينارن ۽ تقريبن ۾ پڻ شريڪ ٿيندو هو، جهڙوڪ سنڌي ادبي ڪانفرنس، شهباز ادبي ڪانفرنس، شاهه لطيف ادبي ڪانفرنس، سچل ادبي ڪانفرنس، شاهه لطيف ڪانفرنس (سکر، نئون ديرو ۽ شڪارپور)، سچل سمينار، پاڪستان هسٽري ڪانفرنس، اهل قلم ڪانفرنس، تنظيم فڪر و نظر ۽ ٻيون شامل آهن.

ڊاڪٽر صاحب وٽ پنهنجي لئبرري پڻ هئي. جيڪا موصوف ١٩٤٧ع کان قائم ڪئي هئي. هن وقت هن لئبرريءَ ۾ ١٩ هزار ڪتاب موجود آهن، تاريخ، ادب، ثقافت، مذهب، فلسفي ۽ سائنس تي سنڌي، اردو، انگريزي، عربي، فارسي، پشتو، پنجابي ۽ سرائڪي زبانن ۾ وٽس ڪتابن جو وڏو ذخيرو هو. چيو وڃي ٿو ته هيءَ لئبرري لاڙڪاڻي ڊويزن جي واحد لئبرري آهي، جنهن ۾ ٻارهين صدي، ارڙهين صدي ۽ اٺويهين صديءَ جا اڻ لڀ ۽ بيش بها ڪتاب محفوظ آهن. مختلف دورن ۾ شايع ٿيل رسالا پڻ هن لئبرريءَ ۾ موجود آهن - ڪيترن ئي علم و ادب جي اڃايلن هتان پنهنجي اڃ اجهائي آهي.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالجيد سنڌي جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي خدمتن جي مڃتا طور حڪومت پاڪستان طرفان کيس ٢٣ مارچ ١٩٨٣ع ۾ "تمغہ امتياز" سان نوازيو ويو. ١٩٩١ع ۾ کيس نائين ۽ ڏهين ڪلاس جي سنڌي ڪتاب کي "بهترين ٽيڪسٽ بڪ" قرار ڏيندي کيس وفاقي وزارت تعليم ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ طرفان پڻ انعام ڏنو ويو.

ڊاڪٽر صاحب کي ٩ فيبروري ١٩٩٦ع ۾ گهرجي ڏاڪڻ تان ڪرڻ سبب مٿي ۾ ڌڪ لڳا هئا، جنهن کان پوءِ کين سول اسپتال لاڙڪاڻي ۾ آندو ويو، مگر ان اسپتال ۾ نيورو سرجري جي سهولت نه هجڻ سبب کيس ڪراچيءَ نيو ويو، پر پاڻ جا نبر نه ٿي سگهيو ۽ ١١ فئبروري ١٩٩٦ع تي آچر ڏينهن وفات ڪري ويو. سندس عمر ٦٥ ورهيه هئي. کيس سومر ڏينهن سوين عزيزن، دوستن ۽ شاگردن جي موجودگيءَ ۾ شيخ زيد اسپتال لڳ قبرستان ۾ سپرد خاڪ ڪيو ويو- بقول لطيف رحہ جي:

هُو جي هئا هت، تہ هتن هُوند حق ٿيو،
مٿيون، مُورت، مَت، ماڻ وسريون، ڪي لهان.

# ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي جي وفات تي عالمن ۽ علم دوستن جا موڪليل ويچار

ڊاڪٽر صاحب سان منهنجي آخري ملاقات ٢٤. ١٢. ١٩٩٥ع تي جيڪب آباد ۾ "هارس اينڊ ڪيٽل شو" جي موقعي تي سڏايل ادبي ڪانفرنس ۾ ٿي. افسوس جو هاڻ ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب سان ڪاٻه ملاقات ۽ رهاڻ نه ٿي سگهندي، ڇاڪاڻ ته هاڻ ڊاڪٽر صاحب پنهنجي دوستن ۽ احبابن کان هميشه لاءِ موڪلائي اوڏانهن ويو آهي، جتان ڪوبه واپس نه موٽيو آهي.

الله تعاليٰ کيس جوار رحمت ۾ جاءِ ڏئي. (آمين.) ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي هڪ سڄاڻ، مڃڙو ۽ هردلعزيز محقق هو. سنڌ جي تاريخ ۽ ادب تي هن گهڻو ڪجهه لکيو آهي. ايئن ڪٿي چئجي ته هن سڄي زندگي سنڌ تي ئي لکيو. سنڌ جي تاريخ، ادب، سوانح، شاعري، زبان ۽ تصوف تي مرڻ گهڙي تائين لکندو رهيو. گهڻو ڪجهه سنڌي ۾ لکيائين. اگر اردو ۾ لکيائين به سهي ته اهو به سنڌ متعلق لکيائين. سنڌ متعلق مٿين موضوعن تي سندس لکيل مختلف تحقيقي ڪتاب، مضمون ۽ مقالا اسان لاءِ قيمتي سرمايو آهن. تنهنڪري اسان کي گهرجي ته انهي قيمتي مواد جي حفاظت ڪريون ۽ سنڀاليون. ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ جا ڪيترائي ڇپيل ڪتاب هن وقت ناياب آهن. انهن کي هٿ ڪري دوباره ڇپائڻ گهرجي ۽ سندس اُهي قيمتي مقالا ۽ مضمون جيڪي اجا تائين مختلف رسالن جي زينت بڻيل آهن ۽ ڪتابي صورت ۾ نه آيا آهن، تن کي سهيڙي ڪتابي صورت ۾ آڻڻ گهرجي. —

**محمد پنهل ڏهر**

• • •

ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌيءَ زندگي جون پنجهٺ بهارون ڏٺيون، سندس وڃڻ جي ويل ته ڪانه هئي، پر موت هڪ اهڙو خزان جو تيز جُهوٽو آهي، جو ڪنهن به گل کي، ڪنهن به وقت پنهنجي شاخ کان الڳ ڪري وجهندو آهي! اڄ ڊاڪٽر عبدالمجيد اسان کان جدا ٿي ويو آهي، پر اهو سچ آهي ته سندس ادبي خدمتن جي مَهڪَ اسان کي اهو باوَرُ ڪرائي ٿي، ته ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي زنده آهي.

**- ڊاڪٽر شاهنواز سوڍر**

• • •

ڊاڪٽر ميمڻ صاحب جو شمار سنڌ جي اهڙن اورچ اديبن ۾ ٿئي ٿو جن پنهنجي زندگي ادب جي خدمت لاءِ ارپي ڇڏڻ جي جذبي سان ڪم ڪيو. ادب جي حوالي سان سندس شخصيت گهڻ رخي هئي. هن صاحب هڪ ئي وقت تاريخ، تحقيق ۽ تنقيد جهڙن مشڪل موضوعن کي احسن طريقي سان نڀايو. ان کان علاوه شعر فهمي ۾ به کيس ملڪو حاصل هو. ڊاڪٽر صاحب جي ادبي شهرت جو چوبول پوري ملڪ تائين پهتل هو. هن پنهنجي ڄاڻ جي ڪاڻ مان موتين جي ونڊ ڪرڻ ۾ ڪڏهن به ڪنجوسي نه ڪئي.

**ڊاڪٽر بشير احمد شاد-**

• • •

ڊاڪٽر ميمڻ عدالمجيد سنڌي صاحب جي دلي خواهش اها هئي ته پاڻ تعليم ڪاتي ۾ استاد جو مقدس پيشو

اختيار ڪري علم ۽ تعليم کي فروغ ڏجي. قدرت سندن آرزو بر ثواب ڪئي ۽ پاڻ ١٩٦١ع ۾ اسلاميه ڪاليج سکر ۾ ليڪچرار مقرر ٿيو. پاڻ پنهجي فطري لاڙن موجب پاڙهڻ سان گڏ پڙهڻ جو سلسلو به جاري رکندو آيو ۽ ١٩٦٣ع ۾ ايل.ايل.بي جي سند حاصل ڪيائون. سن ١٩٦٥ع ۾ ايم.اي. اسلامڪ ڪلچر ۽ ايم. اي. رليجن (مذاهبِ عالم جو تقابلي مطالعو) جا امتحان پاس ڪيائين.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي صاحب سن ١٩٧٤ع ۾ "سنڌ يونيورسٽي" مان "بيان العارفين سنڌي جي ترتيب ۽ اپٽار" جي عنوان هيٺ تحقيقي مقالو لکي پي. ايچ . ڊي جي اعليٰ سند حاصل ڪئي. ڊاڪٽوريٽ جي ان تحقيقي مقالي لکڻ لاءِ سندس رهبري ۽ رهنمائي سنڌ جي مشهور عالم علامه غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب ڪئي. سندس تحقيقي مقالي جو انتخاب سن ١٩٧٦ع ۾ اداره "سنڌي ادبي اڪيڊمي لاڙڪاڻو" پاران "ڪريم جو ڪلام" جي نالي سان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو. سندس ان تحقيقي ڪارنامي کي سنڌ ۽ هند جي مڃيل محققن ۽ دانشورن خوب ساراهيو.

ڊاڪٽر صاحب جي علمي ذوق جي اپياس مان معلوم ٿئي ٿو ته، پاڻ ننڍپڻ کان ئي ان ذوق ۽ شوق سان واڳيل رهيو. شاگرديءَ جي زماني ۾ ئي قصن ۽ ڪهاڻين جا ڪتاب پڙهندو هو. سندس مطالعو نه رڳو قصن ۽ ڪهاڻين تائين محدود رهيو، پر ان اينتري وسعت اختيار ڪئي، جو علمي، ادبي، اخلاقي ۽ اسلامي ڪتابن جا ڪوٽ سندس ڳوڙهي اپياس هيٺ رهيا. گهڻي مطالعي ۽ مشاهدي سبب سندس مزاج جو اهڙو عالم ٿيو جو آخر قلم هٿ ۾ کڻي پاڻ به ڪتاب تصنيف ڪندو رهيو. سن ١٩٥١-١٩٥٢ع کان پاڻ لکڻ شروع ڪيائين. پهريائين روزانه اخبار "الوحيد" ۽ ماهوار رسالي "نئين زندگي" ۾ سندس قلمي ۽ علمي ڪاوشون شايع ٿينديون رهيون. ان کان علاوه سنڌ مان شايع ٿيندڙ هر رسالي، اخبار، ميگزين ۽ اشاعتي سلسلن ۾ سندس مقالا ۽ مضمون شايع ٿيندا رهيا. سندس لاتعداد مضمونن ۽ مقالن کان علاوه ڪيترائي ڪتاب شايع ٿي منظر عام تي آيا آهن. جن کي علمي حلقن مان بي حد مڃتا ملي آهي.

**- انور فگار هڪڙو**

• • •

هن دنيا جهان جو ڪم ڪاروبار ته پيو هلندو رهندو پر هڪ ڳُڻوان ماڻهوءَ جي اُٿي وڃڻ جي ڪري ان جي خوبين جي خوشبوءِ جي ڪوٽ ضرور محسوس ٿيندي آهي ۽ ڊاڪٽر صاحب جي وفات جي ڪري به ائين ضرور ٿيندو ته لاڙڪاڻي توڙي سنڌ جون ادبي محفلون هڪ سباجهڙي لهجي جي خوشبوءِ کان خالي ٿي وينديون.

ڊاڪٽر ميمڻ صاحب سان جيڪو ويجهو رهيو هوندو ۽ جنهن سندس جيءَ ۾ جهاتي پائي ڏٺو هوندو، انهيءَ ضرور سندس پنهنجائپ واري سُرهاڻ جي سڳنڌ کي محسوس ڪيو هوندو.

ڊاڪٽر صاحب هڪ سادڙو ۽ سباجهڙو سنڌ ماءُ جو سپوت هو. جنهن سنڌي ادب جي تحقيقي گلشن جي آبياري ڪرڻ سان گڏ پيار ۽ پاٻوهه جا گل به پوکيا. اهوئي سبب آهي جو سندس دوستن محبتين ۽ ساٿس عقيدت رکندڙن جو حلقو ڪافي وسيع آهي.

ادبي خدمتن سان گڏ سندس تعليمي خدمتن جو وچور به ڪافي وسيع آهي، جتي سندس سيڪڙي کان وڌيڪ لکيل ادبي ڪتاب، سندس ادبي حيثيت جي ثابتي پيش ڪن ٿا، اتي سندس پرتاثير نظر هيٺ تعليم حاصل ڪري، علم، ادب ۽ تعليم کان علاوه ٻين شعبن ۾ اعليٰ عهدن تي فائز سندس شاگرد، سندس اعليٰ استاد هئڻ جي عظمت جو پڻ ثبوت آهن.

**- مقصود گل**

• • •

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي تعليم جي فروغ لاءِ پڻ خوب پاڻ پتوڙيو. خاص ڪري ڇوڪرين ڪي تعليم ڏيارڻ جي حق ۾ ته ايترو اڳتي هو جو خود پنهنجي ٻن نياڻين "رضيه" ۽ "نجمه" کي پڙهائڻ تان ڪيس برادريءَ جي ناراضگي به قبول ڪرڻي پئي ۽ پوءِ به "نجمه صاحبه" کي ڊاڪٽرياڻي بنائي لاڙڪاڻي جي اسپتال ۾ آنڊائين، جتي خود سندس مخالفت ڪندڙ اڄ هن جي علاج جا محتاج آهن. اهڙيءَ طرح پنهنجي پٽ "عبدالوحيد" جي پڙهائي تي به اوتروئي ڌيان ڏنائين، جنهن پڻ دل جي بيمارين واري شعبي ۾ ڊاڪٽري مهارت حاصل ڪري ورتي آهي ۽ اهو به اڄ پنهنجي پيءُ جي انهن مخالفت جي ڪٽ لڳل دلين جو علاج ڪرڻ ۾ مصروف آهي. تحقيق ۽ تخليق جي شعبي کان سواءِ تصنيف جي ڪم ۾ به ڊاڪٽر صاحب ٨٠ ـ کان مٿي ڪتاب ڇپايا آهن جيڪي جدا جدا موضوعن تي مشتمل آهن. سندس مقالن جو ته ڪو شمارئي ڪونهي.

جڏهن ته ڊاڪٽر صاحب، سنڌيءَ کان سواءِ اردوءَ ۾ به پاڪستان ۽ نظريه پاڪستان لاءِ خوب ڪشالا ڪاٽيا.

## ـ ڊاڪٽر حيدر سنڌي

• • •

ڊاڪٽر عبدالمجيد سنڌي سادو سودو مٺڙو ۽ ٻاجهارو عالم هو. هٺ وڏائي ۽ انانيت کان گهڻو مٿيرو رهي خدمت ڪيائين، هو منهنجي سن يا ڏهي جو ته نه هو پر ننڍن سان شفقت واري حوالي سان، مون کي پائيندو هو ان جو ٻيو سبب شايد هي به هو ته منهنجو ادبي ڪم جيڪو به هو، تنهن کي هن پسند ڪيو هو.

ڊاڪٽر صاحب منهنجي پيءُ ۽ استاد سردار علي شاه ذاڪر جو دوست هو. پر هن جي ادبي لڏي سان ادبي ٽڪراءَ ۾ شامل نه هو. هن وچٿرائي اختيار ڪئي هئي ۽ ان لائين تي ڪم ڪندو رهيو. اها وچٿرائي هن جي تحريرن ۾ به نمايان آهي جيڪا جذباتي لکتن کي پسند ڪندڙن لاءِ گهڻي ڪشش واري نه آهي پر سنجيدي سوچ کي اپيل ڪري ٿي.

مون هڪ ڏينهن ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي تي، هن جي علمي ادبي ڪم تي، سندس روبرو جارحاڻي تنقيد ڪئي ته هو ٻڌندو ۽ مرڪندو رهيو ۽ آخر ۾ چيائين انهي تنقيد جو هڪ پاڳو مناسب آهي ۽ ٻيو گهٽ ڄاڻ هجڻ جي ڪري وجود ۾ آيو آهي. ان موقعي تي هن وڏيڪ مطالعي ۽ غور فڪر ڪرڻ جي صلاح ڏنم اهڙي سهپ ٿورن عالمن ۾ هوندي آهي.

مان سمجهان ٿو ته ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد ۽ ٻين ڊاڪٽرن توڻي انهن ذات ڏٺين جو ڪم/ پورهيو تڏهن پنهنجو تسلسل قائم رکي سگهندو جڏهن تحقيق جو سلسلو جاري رهندو ۽ ڇنڊڇاڻ جنهن جو اڪيلو طريقو تنقيد آهي. جيڪي اجا پهرين مرحلي مان پئي گذري.

## ـ امير بخاري

• • •

ڊاڪٽر صاحب سان منهنجي پهرين ملاقات مير رحيمداد خان مولائي شيدائي وٽ ٿي، ٻي ملاقات سکر جي شاهي بازار ۾ ٿي ته مون کي ساڻ وٺي آيو ۽ جڳهه ڏيکاريائين پوءِ مان مهيني ۾ هڪ به دفعا ڊاڪٽر صاحب سان ملڻ

جيڪي گهڙا پريا، انهن جو مثال ملڻ مشڪل آهي. سندس اوچتي جدائي تي هر هڪ دل رت جا ڳوڙها ڳاڙي رهي آهي. پاڻ نهايت ملنسار، ڪلمک، مهمانواز، شفيق ۽ آئي جو آدرڀاءُ ڪرڻ وارو هو. سدائين مُرڪندو هو، سچ پچ اهڙا املهہ ماڻڪ ۽ عالم صدين پڄاڻان ئي پيدا ٿيندا آهن.

حديث مبارڪ آهي تہ: "مَوتُ العَالِمِ مَوتُ العَالَمِ" (هڪ عالم جو موت ساري جڳ جو موت آهي.) آخر ۾ ڏٺي در دعاڳو آهيان تہ مرحوم و مغفور کي الله تعاليٰ پنهنجي جوار رحمت ۾ جاءِ ڏئي ۽ جنت الفردوس عطا فرمائي ۽ ان سان گڏ پوئيرن کي صبر جي توفيق عطا فرمائي (آمين ثم آمين)

## ـ منظور احمد سولنگي

• • •

بي انتها شريف، حليم ۽ خاموش طبع جا مالڪ، اجائي ڳالهہ ٻولهہ کان پرهيز، نجو علمي بحث. ادبي محاذ کان معتبر. حق گو ۽ مجتهد طبع جا مالڪ هئا. سفر ۾ خوش مزاج، سنڌ جي ڪيترن ئي قديم آثارن تي ساڻس گڏ پيرين پنڌ هلڻ ٿيو ۽ مون هميشه منجهن ذوق ۽ شوق ڏٺو. اهڙي ئي هڪڙي شام مون ۽ والد محترم (معمور يوسفاڻي) ساڻن گڏ "چتوڙي" جي قبرستان ۾ گذاري، جتي "گامون سچار" جي تربت تي پاڻ بہ دفعا فاتح پڙهيائون ۽ پنهنجي ادبي اک سان "گامڻ فقير" سان ڳجهہ ڳرهيندا هجن.

سنڌي ادب ۾ تحقيق جي سلسلي ۾ سندن نالو برک ۽ معتبر طريقي سان ورتو ويندو. سندن ڪتاب "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو" انهي سلسلي جو گواهہ آهي ۽ پڻ سندن گهر ۾ موجود لائبرري انهيءَ ڳالهہ جي ساکي آهي.

سنڌ جي ذرتي سان سندن عقيدت تہ سندن نالي مان ظاهر آهي. انهي ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ سندن وفات سان سنڌي ادب جو هڪ اهم مورچو هڪ جانباز سپاهي کان خالي ٿي ويو.

## ـ ڊاڪٽر اسد جمال پلي

• • •

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد صاحب هڪ وڏو تاريخدان، وڏو جاگرافيدان ۽ وڏو عالم هو، پر ان کان بہ وڌيڪ هو هڪ وڏو انسان دوست هو، جنهن وٽ اڻ مٽي محبت هئي. نوجوانن سان پيار ڪرڻ ۽ انهن کي همٿائڻ، ميمڻ صاحب جو خاص شيوو هو. سنڌ جي نئين ٽهيءَ مان هُن جون وڏيون اميدون وابستہ هيون. هُن سڄي عمر محبت ونڊي ۽ ورڇي.

ڊاڪٽر ميمڻ صاحب سنڌي علم ۽ ادب لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪرڻ پئي چاهيو. هُن جا ڪيترائي تحقيقي ڪم اڌورا رهجي ويا. هن شاهہ جي رسالي تي هڪ نئين انداز سان ڪم ڪرڻ پئي چاهيوءِ سنڌي لغت بہ نئين نموني تيار ڪرڻ جو ارادو هئس ۽ ڪيترن ئي نون موضوعن تي لکڻ جي خواهش هئي. ويجهڙائي واري دور ۾ جديد ادب تي ڪم ڪرڻ جو خيال هئس، ان لاءِ هن شيخ اياز کي پڙهڻ شروع ڪيو هو. سندس پويان ڪيتروئي علمي مواد ڇڏيل آهي، خاص ڪري سنڌي بيت بابت هڪ ذخيم ڪتاب، سنڌالاجي وٽ ڇپائيءَ لاءِ ڏنل آهي ۽ ڪجهہ ٻيا ڪتاب بہ اشاعتي ادارن وٽ ڏنل آهن ڊاڪٽر ميمڻ صاحب کي سنڌ سان ڏاڍو پيار هو. هن سنڌ جو چپو چپو گهميو. سنڌي ٻوليءَ سان، سنڌي ثقافت سان بيحد لڳاءُ هئس، هن تحقيقي ڪم لاءِ خوب جستجو ڪئي. عمر جي آخري حصي ۾ بہ هن اها جستجو جاري رکي. ڏٺو وڃي تہ هن پنهنجي زندگي ڏاڍي سڦل گذاري.

مون کي فخر آهي تہ، مان ميمڻ صاحب جي ويجهو رهندڙن مان هئس. لاڙڪاڻي ۾ ميمڻ صاحب ۽ انيس

انصاري جن ٿي هيا، جن وٽ مان تمام گهڻو ويندو هوس ۽ ٻنهي بزرگن سان خوب رهاڻيون ليندڻيون هيون. سائين انيس انصاري صاحب سان اهائي نياز مندي برقرار آهي، پر ميمڻ صاحب پنهنجو وارو وڃائي ويو. اڄ هن جي ياد هن جون ڳالهيون جيءَ جهوري ڇڏيون وڃن.

ـــ امام راشدي



**يعقوب علي زرداري**

# مها راڳي ڦوٽي زرداري جي موت تي تعزيتي نوٽ

## ’پکڻ ڇوڙي جي هليا، شال ورن وڻجارا‘



گذريل سانوڻ جي رات پني جڏهن سُر ساموندي مان مٿيون ڪلام ڳائڻ لڳو ته حاضرين مجلس جهومي اٿيا. هو مڪمل طرح پنهنجن ٻڌندڙن تي غالب اچي چڪو هو. جيڪي راڳ هلندي وجد ۾ اچي جهومي رهيا هئا. طبلي جي ٿاپ ۽ هارمونيم ۽ فدل جي گڏيل ڌن ماحول تي ڇائنجي رهي هئي. خود راڳي پنهنجي سوز ۽ آواز جي جادو ۾ مدهوش ٿيندو پئي ويو، هلڪي ڦلڪي موسيقي ۾ نيم ڪلاسيڪل رنگ گڏڻ جو فن ڪيس ڪيترن ئي فنڪارن کان مٿيرو ڪري رهيو هو. ان رات هن پنهنجي فن جو ڀرپور مظاهرو ڪيو هو، هر ڪافيءَ جي پڄاڻي تي حاضرين مجلس بي اختيار واه واه چئي ڪيس داد ڏيئي رهيا هئا. ڦوٽي زرداري ان رات صبح ٿيڻ تائين پنهنجي فن جو مظاهرو ڪيو. آسا، ڪاموڏ، تلنگ، ڪوهياري، ڀيروي، پهاڙي ۽ ٻيون ڪيترين ئي راڳڻيون هڪ هڪ ڪندي ڳائيندو رهيو. راڳو شروع ڪرڻ کان اڳ خاص طرح سان مون ڏي مخاطب ٿيندي هڪ اعليٰ فنڪار سان پيٽ ڪرڻ جو چيو هئائين ۽ جڏهن:

آءُ راڻا ره رات.... چئي بس ڪيائين ته بي اختيار واهه واهه ڪندي مون اٿي وجي ڪيس ڀاڪر پائي داد ڏنو. واقعي ڦوٽي زرداري راڳي ڪي خوب ڳايو. طالب المولیٰ جو ڪلام هر محفل ۾ ڳائيندو هو. ان رات پڻ.

محتسب مستي نه ڪڙ اچ مان به ٻي موٽيو آهيان
هن مٺل دنيا اندر مس مس ته جي موٽيو آهيان

ڳائي ٻڌايائين ۽ پڻ اعجاز جو ڪلام جنهن جا ٻول مٿئين ڪلام جي ابتڙ هئا ساڳي طرز تي ڳائي خوب داد حاصل ڪيائين.

ساز ۽ آواز جا شوقين مون سان ان ڳالهه تي سهمت ٿيندا ته بلا شڪ ڦوٽو زرداري پنهنجي وقت جو هڪ غير تڪراري بهترين فنڪار هو. سنڌي موسيقي ۾ نيم ڪلاسيڪل رنگ پرڻ جو به ماهر هو. هلڪي ڦلڪي موسيقي تي ته ڪيس ملڪو هو. هاڻي هو پکڻ ڇوڙي هڪ اهڙي سفر تي راهي ٿي ويو جتان ڪو به واپس ڪونه ايندو آهي. پر سُر

ساموندي جي ڳايل اها ڪافي منهنجي ڪنن جي پردن سان سچي عمر ٽڪرائيندي رهندي ۽ آئون ان مان پُر سوز لطف حاصل ڪندو رهندس. ان ئي رات هن ڪجهه دوستن جي بيوفائين ۽ ڪلچر کاتي جي ڪرتا ڌرتائن جي غير منصفاڻه روين جون شڪايتون پڻ ڪيون. ڪيس اهڙي عمل سندس دل کي جهوري وڌو هو. ان رات مون کيس دلداري ڏيندي چيو هو ته سندس شڪايتون ڪلچر کاتي وارن تائين پهچايون ويندون. مون کي ان وقت ذرو به گمان ڪين هو ته منهنجي اڳيان ڦوٽي زرداري جي اها آخري محفل هوندي. هو اجا چاليهه بهارون مس ڏسي چڪو هو. پر موت جي فرشتي اسان کان اهو املهه راڳي هڪ جهٽڪي ۾ ڦري ورتو ۽ اسين سواءِ افسوس جي ڪجهه به نه ڪري سگهاسين. اجا ڪالهه ئي ته هن جي بيمار هئڻ جي خبر ڪنهن مقامي اخبار ۾ پڙهي هيم جنهن ۾ سندس علاج لاءِ ولايت موڪلڻ جي اپيل ٿيل هئي. هاڻ نه رهيو هو پاڻ ۽ نه سندس ڪي شڪايتون. البته هڪ عام شهريءَ جي ناتي اسين ان ڳالهه کان هميشه شرمسار رهنداسين ته اسان ان املهه فنڪار جو سندس زندگيءَ ۾ ڪو قدر نه ڪيو ۽ نه ئي سندس بيماريءَ دؤران ڪا مناسب مدد ڪري سگهياسين. يقينن اهو موت فقط ڦوٽي زرداري جو ڪونه آهي. پر اهو هڪ قومي فنڪار جو موت آهي. ڇا اسين هميشه بي حس قوم جيان پنهنجي فنڪارن جا لاش ئي ڍوئيندا رهنداسين؟ اجا ڪجهه ڏينهن اڳ پرائيڊ آف پرفارمنس جو ايوارڊ وصول ڪندڙ مها سنڌي فنڪار نور محمد لاشاري به ته سول اسپتال جي ڪنهن وارڊ ۾ بي يار مددگار پيو رهيو. شاباس هجي ڊاڪٽر ڪامل راڄپر کي جنهن جي واهر سبب کيس سروسز اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو ۽ مفت علاج جو اعلان ڪيو ويو.

ڦوٽو ته هميشه لاءِ اسان کان ڌار ٿي ويو پر سندس روح ائين ئي چوندو هوندو ته:

جيت جيت کي عمر گنوائي، هڻ تي هار فقيرا،

جيتے دا ملهه ايک قصيرا، هاري دا ملهه سؤ هيرا.

ڦوٽي کي شايد اها خبر ڪانه هئي ته استاد بخاري سندس لاءِ ئي ته اهو چيو هو ته:

جڏهن توسان نينهن جو ناتو چنو هو

تڏهن دور آڪاش ڪيڏو رنو هو

جڏهن جيءَ جهورڻ آيون جدايون

الائي ڇو اوهان جون اکيون ياد آيون.

ڦوٽي جون اکيون صدين تائين فن جي دنيا سان وابسته افراد جي ذهنن تان ميسارجي ڪونه سگهنديون. بلاشبه هو سنڌ جو هڪ امر راڳي هو، جنهن لاءِ استاد بخاري بوليو هو ته:

اسان کي زمانو وساري نه سگهندو

اها ڳالهه بي ته لڙڪ هاري نه سگهندو

جيئڻ ڪاڻ جڳ ۾ ڪونتر ڪسن ٿا

انهن کي ڪڏهن موت ماري نه سگهندو.

ڦوٽي به پنهنجي مٺڙ آواز ۽ لازوال فن سان پاڻ کي امر ڪري ڇڏيو. هاڻ ڪنهن کي همٿ جو کيس وساري ويهي، سماج وارا ڀلي مستيون ڪن پر هو ڪين مات ڏيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو سنڌي موسيقي جا عاشق هاڻ ڦوٽي کي اڳيان ويهاري ساڻس مجلس ڪري ڪونه سگهندا پر سندس ڳايل ۽ رڪارڊ ٿيل موسيقي سندن ڪنن تي پوندي رهندي ورنه ثاقب انجان جي مصداق:

اب کي برس بهر سوکها ساون

ساجن تم بن کيسا ساون

اپنے گائون کي يادين کيا کيا
جھولے پنگھٽ برکھا ساون
درد کي بوٽے من مين جاگے
جب بھر اسا نے لکھا ساون
تب تب برپا اگني بھڙکے
جب جب ٽوٽ کے برسا ساون
تم نہ آئے اب کے برس بھر
اب کے برس بھر آيا ساون
درشن پيالے نينا رم جھم
ايسا انوکھا ديکھا ساون
انجان اجڙا اجڙا من ھے
سوني رُت ھے سونا ساون

ڦوٽو زرداري بين عام فنڪارن جيان هڪ غريب خاندان جو چشم و چراغ هو. فن جي دنيا ۾ هن جيڪو مقام حاصل ڪيو اهو سندس محنت جوئي نتيجو هو. ٻالڪ جنيءَ ۾ مصري فقير جا ڳايل ڪلام دلچسپيءَ سان ٻڌندو هو، مصري فقير سٺ واري ڍاڪي ۾ سنڌي موسيقي جي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ڇانئجي چڪو هو، سندس تعلق سرهاري شهر سان هو جيڪو ڦوٽي زرداري جي جنم ڀومي ڳوٺ عالم خان زرداري کان اٽڪل پنجن ڪلوميٽرن جي پنڌ تي آهي، مصري فقير جنهن به محفل ۾ ڳائڻ لاءِ ايندو هو. ته ڦوٽو زرداري پري کان لڪي اچي کيس ٻڌندو هو ۽ سندس فني مهارت جو ڳوڙهو اڀياس ڪندو هو. پوءِ پنهنجي آستاني تي وڃي راتين جون راتيون رياض ڪندو هو. توڙي جو هو مصري فقير جو باقاعدہ شاگرد ڪونہ هو پر سندس ڳائڻ جو انداز مصري فقير جهڙوئي هو. راڳ جي باقاعده تعليم هن عبد علي فقير کان ورتي، سندس پيءُ ۽ ماءُ ان ڌنڌي کان روڪيندا هئا. پر ڦوٽو راڳ ۽ آواز جي دنيا ۾ رنگجي ريٽو ٿي ويو هو ۽ بزرگن جي روڪ جي پرواه نہ ڪندي رياض جاري رکيو ۽ نيٺ وڃي اعليٰ درجي تي پهتو. غربت جي ڪري ڪڏهن تہ گهر ۾ ڪجهہ بہ ڪونہ پڇندو هو تڏهن بکئي پيٽ ئي سمهي پوندو هو يا وري سندس ڀسوٽ عرض محمد ڪاڏي لاءِ ڪجهہ ماني ڏيو ۽ کير جي لپ آڻي اڳيان رکندو هوس. غالب جي مصداق:

ھم سے کھل جاؤ بہ وقت مئے پرستي ايک دن
ورنہ ھم چھيڑين گے عذر مستي ايک دن

.......

قرض کي پيتے تھے ، ليکن سمجھتے تھے کہ ھان
رنگ لائيگي ھماري فاقہ مستي ايک دن

بالآخر سندس فاقہ مستي رنگ لاتو ۽ هو هميشہ اسان کان جدا ٿي ويو، نہ هاڻ کيس ڪلچر وارا ڪو نقصان ٿا رسائي سگهن ۽ نہ حڪومت جو ڪو ڪارندو سندس مدد ڪري ٿو سگهي. سندس معصوم ۽ يتيم ٻارن ۽ بيوهہ گهر واري کان علاوه ڪنهن جو بہ نقصان ڪونہ ٿيو، خدا انهن جو بہ حامي ۽ ناصر آهي، ڇا ڪلچر وارا هنن معصوم ۽ بي زبان ٻارن لاءِ ڪجهہ ڪري سگهندا ؟ ان سوال جو جواب ڦوٽو زرداري پنهنجي شڪايت ۾ اڳيئي ڏيئي چڪو آهي.

●

# مهربان لکندڙن لاءِ ڪجهہ گذارشون

(١) پنهنجون تخليقون موڪلڻ وقت "مهراڻ" جي معيار ۽ روايتن کي خيال ۾ رکڻ کپي ۽ اهو جاڻائڻ لازمي آهي تہ اهي اڻڇپيل آهن ۽ ڇپجڻ لاءِ ڪنهن اخبار يا رسالي کي نہ موڪليل آهن.

(٢) ترجمي جي صورت ۾، جنهن مواد ترجمو ڪيو وڃي، ان اصل جي صاف فوٽو ڪاپي ساڻ موڪلڻ بيحد ضروري آهي. ان طرح ضروري حوالا پڻ ڇنڊڇاڻ سان جاڻائڻ لازم آهن، جي آخر ۾ اچن.

(٣) مواد ۾ پيش ڪيل راين، تجويزن، نتيجن ۽ علمي ۽ فڪري زاوين جي سموري ذميواري مانوارن ليکڪن جي هوندي. سندن راين کي "سنڌي ادبي بورڊ" جي راءِ نہ سمجهڻ کپي.

(٤) اهو ضروري ڪونهي تہ ڪوبہ مواد بروقت شايع ٿي وڃي يا ضرور ڇپجي. اشاعت جي باري ۾ ايڊيٽر جو فيصلو آخري سمجهيو ويندو. نہ ڇپجڻ جي حالت ۾، سبب جاڻائڻ لاءِ ايڊيٽر پابند نہ رهندو.

(٥) ايڊيٽر کي مواد ۾ درستين ۽ ڦيرڦار ڪرڻ جو اختيار آهي. البت ان ڳالهہ جو خيال رکيو ويندو تہ جيئن مواد جو اصل مفهوم قائم رهي.

(٦) فوٽو اسٽيٽ صورت ۾ مواد ڪنهن بہ صورت ۾ قبول ڪونہ ڪيو ويندو. ان طرح ڪاغذ جي ٻنهي پاسن تي لکت پسند ڪانہ ڪئي ويندي.

(٧) مواد، صاف سُٺن اکرن ۾، مس سان، فل اسڪيپ ڪاغذ تي لکيل هئڻ گهرجي. آخر ۾ پنهنجي ائڊريس جاڻائڻ نہ وسارجي، فون نمبر هجي تہ اهو بہ لکجي.

(٨) پنهنجي مواد جو نقل پاڻ وٽ ضرور رکڻ کپي. ادارو آيل مواد موٽائڻ لاءِ پابند نہ رهندو.

(٩) تڙ تڪڙ ۾ رَهڙي موڪليل مواد جي ڪري هڪ طرف غلطين جو امڪان رهي ٿو تہ ٻئي طرف درستين لاءِ ڪافي وقت ڏيڻو پوي ٿو. جيتري قدر ٿي سگهي، اطمينان ڪجي تہ مواد آخري طرح صاف ۽ واضح، مڪمل ۽ صحيح آهي. -- ادارو

PC
Pearl-Continental Hotel

لاڙڪاڻو - سنڌ
۳-۱۲-۱۹۸۵ع

پيارا ناشاد

السلام عليڪم

اوهان جا ٻه خط پهتل آهن. يادگيريءَ لاءِ وڏي مهرباني.
آءٌ اسلام آباد کان ٽيو ڏينهن واپس آيو آهيان. اتي اوهان جي ڳوٺ ڪماڪيمپ ۾ اوهان کي نه ڏسي ماٺ سي ٿي. مونکي آپ جي معلوم هو، ته اوهان جو نالو لسٽ ۾ شامل آهي. رباني صاحب سان ملاقات ٿي هئي ۽ اوهان جو ذڪر به نڪتو هو.

۲- اوهان جي تجويز نهايت مناسب آهي. مونکي آپ به ڄاڻ سڻيو هو، ته خلافت تحريڪ جي سلسلي ۾ هڪ شيءِ اوهان ڏانهن موڪلي ڏيان. مون وٽ خلافت جا مبلغن جي طرفان ڇپايل هڪ ڪتابڙو آهي، جنهن ۾ ٽي خط آهن. هڪ مفصل خط آهي، جيڪو خلافت تحريڪ جي سلسلي ۾ انگريز حڪومت کي لکيل آهي، جنهن تي برصغير پاڪ و هند جي خلافت تحريڪ جي رهنمائن جون صحيحون آهن. انهن ۾ سنڌ جي ليڊرن جون به صحيحون آهن. انهن خطن جو آپ ۾ ڪنهن به ذڪر نه ڪيو آهي. خود منهنجي مقالي ۾ به ڪونهي. ڇاڪاڻ جو اهو ڪتابڙو مون تازو پنهنجي ڪتابن مان لڌو آهي. خيال ڪيو هو مون ته اهو خط ترجمو ڪري، تعارف سان مضمون جي صورت ۾ اوهان ڏانهن موڪلي ڏيان.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌيءَ جا هٿ اکر